
سماج ۽ ادب جو سفر
[مضمون، ڪهاڻيون، ڊراما ۽ شاعري]
ليکڪ
سرور منگي
مرتب
عيسيٰ ميمڻ

# سماج ۽ ادب جو سفر

(مضمون، ڪهاڻيون، ڊرامو ۽ شاعري)

**ليکڪ : سرور منگي**

---

**مرتب : عيسيٰ ميمڻ**

سرسوتي ساهت گهر ـ ڏوڪري

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


كتاب جو نالو : **سماج ۽ ادب جو سفر!**
(مضمون، ڪهاڻيون، ڊراما ۽ شاعري)

ليکڪ : سرور منگي

مرتب : عيسيٰ ميمڻ

ڇاپو : پهريون، سال 2014ع

ڳاڻيٽو : هڪ هزار

ڇپائيندڙ : سرسوتي ساهت گهر ــ ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو

هي ڪتاب ناميارِي ڪالمسٽ ۽ دانشور محترم سڪندر علي هليي
جي خاص تعاون سان شايع ڪجي ٿو.

## مُلهه : 222 روپيه

**ڪتاب گهرائڻ لاءِ:**

عيسيٰ ميمڻ



معرفت ڪاڻياواڙ بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو
E_mail: essa.memon1985@gmail.com
رابطي لاءِ: 03337553879


(هي ڪتاب علي بخش پنهڻ ۽ مجيب الرحمان ميراڻيءَ سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران ڪراچي مان ڇپرائي
ڏوڪريءَ مان پڌرو ڪيو)

## ارپنا:

آءُ هي ڪتاب ارپيان ٿو
ڏوڪري تعلقي جي ڪردارن
صحافت جي وڏي نالي "**هدايت منگي**"،
سنڌي ٻوليءَ جي وڏي پائي جي شاعر "**خير محمد چنا**"،
قومي فڪر جي واڌ و يجهه ۾
اهم ڪردار ادا ڪندڙ رسالي
"پورب" جي سرواڻ "**سارنگ ماڇي**"،
سگهڙن جي سر تاج استاد محمد ملوڪ عباسي
جي استاد "**محمد مريد جت**"،
سچل جي پارکو، اديب ۽ محقق "**پروفيسر موهن لعل پريمي**"
کي، جن جي ڇوٽي پورب ۾ اڄان پڌري ٿيٽي آهي.

**عيسيٰ ميمڻ**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (326) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”سماج ۽ ادب جو سفر“**شاعر ۽ ليکڪ **سرور منگيءَ** جي تخليقن جهڙوڪ مضمونن، ڪهاڻين، ڊرامي، شخصيتن تي لکيل پروفائيلن ۽ سندس شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن جو مرتب عيسىٰ ميمڻ آهي. سڪندر علي هُليو لکي ٿو:

”سرور منگي پٺائيءَ جي سُر کاهوڙيءَ جي کاهوڙڪي ڪير جو جديد ڪردار هيو، جو جو اسان هن کي معاشي تنگدستيءَ ۽ سماجي ناهمواريءَ جي ڏيڻ ۾ هوندي به ڪڏهن دل شڪسته نه ڏٺو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ جسماني ڪمزوريءَ جي جنجال هن کي نبل ضرور ڪري ڇڏيو هيو پر هن جي جذبي ۾ پوءِ به ڪو جهول نه آيو هيو ۽ اهائي هن آدرشي ڪردار جي ڪاميابي آهي. ڪاش! اسان وٽ اهڙا ڪردار ۽ همه گير ڪردار پيدا ٿي سگهن. پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مڻ مِٽيءَ جي هينان مدفون سائين سرور جو روح اڄ هن ننڍڙي ڪتابي پيتا ڪانپوءِ يقينن مسرور ٿيو هوندو، ڪيس قبرستان جي اردگرد دور تائين سرنهن جي کيتن ۾ پيلن گلن جهڙي سرهائي ضرور ٿي هوندي.“

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪريءَ** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون عيسىٰ ميمڻ صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ :

**اداري پاران**

**ليکڪ جو مختصر تعارف ۽ تصويرون**

**مهاڳ (ڀٽائيءَ جي ڪاهوڙڪي ڪير جو جديد ڪردار:**

**سرور منگي) سڪندر علي هليو**

**منهنجو سائين سرور منگي احمد علي (لالو) سولنگي**

**جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسوروئي نينهن جو علي بخش پنهور**

**هڪ نه وسرندڙ شخصيت: سرور منگي امتياز ٻگهيو**

**مرتب پاران (سماج ۽ ادب جو سنگم: سرور منگي) عيسيٰ ميمڻ**

## مضمونَ

## فڪري ۽ تحقيقي مضمون:

**ادب تهذيب ۽ تمدن جي علامت**

**ٻاراڻو ادب ڇو؟ ٻارن لاءِ ادب ڇو نه**

**ايڪويهين صدي: جي آجيان لاءِ سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ محققن ڪي ادبي اپيل.**

**ايڪويهين صدي، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي**

**حقيقت جو پردو**

**ڀڏرا ٽيندا پول**

**مان پاڳل آهيان**

**ڪوڙ**

**ڪافي ۽ وائيءَ ۾ فرق**

**سچاڻو ته مان ڪير آهيان؟**

**چانهه ـ Tea**

**وانگار جو سماجي ڪارج**

## (علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي شخصيتون)

**شاهه عبداللطيف ڀٽائي** ـ دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ هر دؤر جو شاعر.

**شيخ اياز:** سنڌ جو سدا حيات شاعر

**نارائڻ شيام:** سنڌ ۽ هند جو فطري شاعر
**علي احمد بروهي:** شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتون
**محمد علي پٺاڻ:** شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتون.
**ناظم منگي:** سچ سونهن ۽ محبتن جو شاعر
**غلام حسين عرف موريل زهراڻي (جت):** هڪ گمنام ۽ تاريخساز شخصيت.
نيو ملينيم. مان ۽ جويو
لطيف آفاقي شاعر
مان ۽ منهنجي ماءُ

## (ڪهاڻيون)

پيئي ڪانہ پرک
ايڪسيڊنٽ
چلڊرين ڊي
برسات
بابا خرچي ڏي

## (ڊرامو)

پاچولا

## (شاعري)

بيت
وايون
ڪافي
غزل
گيت
آزاد نظم

# اداري پاران

اسان جي اداري ”سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري“ کي اڃان ٻه سال به مڪمل نه ٿيا آهن. ان عرصي ۾ اسان جو هي سائين سرور منگي جو ڪتاب ”سماج ۽ ادب جو سفر“ ڇهون ڪتاب آهي، جيڪو اوهان تائين پهچايو آهي. اسان جي اها ڪوشش آهي ته اسان ناياب ۽ املهه ماڻڪ اوهان تائين پهچايون. ان ڏس ۾ اسان ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ اسان ڪيترو ڪامياب ٿيا آهيون اهو فيصلو اوهان ئي بهتر ڪري سگهو ٿا. اسان اداري کي ڪاروباري انداز ۾ ڪٽي وڃڻ بجاءِ علمي، ادبي ۽ فڪري انداز ۾ ڪم ڪرڻ گهرون ٿا. جنهن لاءِ مواد جي چونڊ ڪرڻ وقت منافعي بجاءِ سماجي ڪارج کي نظر ۾ رکڻ کي اسان هميشه ترجيح پئي ڏني آهي.

سائين سرور منگي جو مواد گڏ ڪرڻ ۾ جيڪا تڪليف ۽ دشواري پهتي آهي اهو اندازو ڪتاب جو مرتب عيسيٰ ميمڻ ئي ڀلي ڀت ٻڌائي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته سائين سرور منگي جي وفات کان پوءِ ۽ ان کان اڳ مواد رولڙي جو تمام گهڻو شڪار رهيو آهي. انهن دوستن تائين رسد ڪرڻ ۽ مواد جي هڪ هڪ مضمون، ڪهاڻي، ڊرامي ۽ شاعري گڏ ڪرڻ ۾ تمام گهڻي تڪليف پهتي آهي. اها تڪليف اسان جي ساب تڏهن پوندي جڏهن سائين سرور منگيءَ جو تخليقي سفر ۽ عملي ڪردار وسيع تر عوام تائين پهچندو. اسان کي اميد آهي ته اسان جو ايندڙ نسل سائين سرور منگي جهڙي آئيڊيل ڪردار کي پنهنجي زندگيءَ جو سونهون بڻائيندو.

جن سائين اداري سان مواد ۽ ڪتاب جي ڏس ۾ ڀرپور سهڪار ڪيو. ادارو انهن جو تهه دل سان شڪريو ادا ڪري ٿو.

اوهان جا رايا ۽ صلاحون اسان جي رهنمائي لاءِ بنياد فراهم ڪن ٿيون. اميد ته اسان کي پنهنجن راين ۽ صلاحن جي اڳ جيان نوازش ڪندا رهندا.

**ادارو**

**سرسوتي ساهت گهر۔ڏوڪري**

**ضلعو لاڙڪاڻو.**

**تاريخ: 25۔ جنوري 2013ع.**

# سرور منگي: مختصر تعارف

| | |
|---|---|
| نالو | : غلام سرور منگي |
| ولد | : رضا محمد منگي |
| ادبي نانءُ | : سرور منگي |
| جنم جي تاريخ | : 21_ جنوري 1952ع |
| جنم جو هنڌ | : ڳوٺ نئين گڏ، تعلقو ڏوڪري (هاڻي تعلقو باقراڻي ضلعو لاڙڪاڻو) |
| ڀائر | : ٻه ڀائر 1. امجد منگي ۽ 2. حسين بخش منگي |
| ڀينر | : هڪ ڀيڻ |
| تعليم | : پرائمري تعليم گڏ ۾، مئٽرڪ راڏڻ ۾. |
| عوامي سڃاڻپ | : سماج سڌارڪ، استاد. |
| ادبي سڃاڻپ | : شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ محقق |
| ڪرت | : حجامت |
| لکڻ جي شروعات | : نظم سان ڪئي (ويهن سالن جي عمر ۾) |
| لکڻ جو اتساهه | : امر جليل ۽ آغا سليم کان متاثر ٿي لکڻ شروع ڪيو. |
| وفات جي تاريخ | : 6_ مارچ 2001ع |
| آخري آرامگاهه | : نئين گڏ اباڻي قبرستان ۾. |

## سڪندر علي هليو

(مهاڳ)

# پٺائيءَ جي ڪاهوڙڪي ڪير جو
# جديد ڪردار: سرور منگي

اُها اُٺويهه سؤ ستاسي جي سياري جي موسم جي هُئي جڏهن مان ستين ڪلاس جو شاگرد هيس ۽ گورنمينٽ مڊل اسڪول خير محمد آريجا تعلقو ڏوڪري ۾ زيرِ تعليم هُيس ۽ پهريون دفعو گل ڦل رسالي پڙهڻ ڪانپوءِ اُن ۾ ڪجهه لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. پنهنجي ان وقت جي ڪچي ۽ ڦڪي لکڻيءَ ۾ رسالي جي ماهوار مقالي جي مقابلي ۾ حصو وٺڻ جو جنون جاڳيو هيو. تڏهن پهريون دفعو پنهنجي وڏي سؤٽ سائين زاهد حسين جي معرفت سائين سرور منگيءَ جو اول نالو پوءِ تعريف ۽ بعد ۾ رهنمائي نصيب ٿي هئي ۽ پهرئين ئي لکڻيءَ ۾ مان اول نمبر ڪنيو هيو ۽ منهنجي لکڻي گل ڦل ۾ شايع ٿي هئي ۽ انعام طور "پوري چوڪري خدا جي ڳولا ۾" ڪتاب تڏهوڪي ايڊيٽر اڪبر جسڪاڻيءَ ۽ گل ڦل سٽ پاران مون کي پنهنجي ڳوٺ محمد عيسيٰ هليو جي ايڊريس تي اُماڻيو ويو هيو. گل ڦل ۾ لکڻي ڇا ڇپي ۽ ڪتاب ڇا مليو منهنجا خيال سوچ ۽ پير زمين تي نه رهيا. ايتري ننڍي عمر ۾ ايتري وڏي پذيرائي مون کي هن ڪڙم قبيلي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ٿورو گهڻو حصيدار بڻائي ڇڏيو ۽ اڄ پنجويهن سالن ڪانپوءِ جڏهن مان پنهنجي اُن پهرئين ادبي اُستاد، گهڻي پاڳي گمنام اديب ۽ هڪ اعليٰ انسان لاءِ جڏهن سندس گمنام لکڻين واري ڪتاب "سماج ۽ ادب جو سفر" جي مهاڳ جو سِٽون لکي رهيو آهيان ته لڳي ٿو ڄڻ مان اڄان به هڪ ننڍڙو گل ڦل جو شوقيه ۽ مقالي بازيءَ وارو نئون قلمڪار آهيان ۽ منهنجي هن ڪچي ۽ ڦڪي لکڻيءَ کي سائين سرور جهڙو في البديع مبلغ عالم ۽ اُستاد ايڊٽ ڪندو. جيتوڻيڪ مون کي اِها پڪ آهي ته سائين سرور پنهنجي ڳوٺ جي قبرستان ۾ ان کي قلم سان ايڊٽ ڪري سنواري نه سگهندو پر سندس تخيلاتي سگهه ۽ رهنمائي مڻ مِٽيءَ جي هيٺان ابدي سڪون ۾ سُتل هڪ اُستاد ۽ اديب جو روح پنهنجي شعوري ۽ آواگوني آشڪاريت سان منهنجي رهنمائي ضرور ڪندو ۽ باقي نظرثاني وارو ڪم اُهو نوجوان دانشور ۽ سياسي سوچ ۽ عمل سان پرپور "عيسيٰ ميمڻ" ڪندو جنهن جو هاڻي قلمي نالو "مسيح ڪالاڻي" آهي ڪندو. هو سائينءَ جي مسودي گڏ ڪرڻ کان وٺي مون کي ڪافي وقت کان ستائيندو رهيو آهي ته سائين سرور تي مان ڪجهه لکان ته جيئن اسان ان کي ڪتابي شڪل ڏئي ڇپائي سگهون. منهنجي هميشه جيان سستي، مون کي عيسيٰ آڏو هميشه شرمندو ڪندي رهي آهي ۽ مٿان وري اُستاد خالد چانڊيو جون ستائيندڙ فون ڪالون ۽ هن پاران هميشه جيان مثبت ۽ همٿائيندڙ تجويزون ۽ رهنمائي منهنجي سستيءَ کي نيٺ اڄ ڪُٺائي رکيو آهي ۽ مان پنهنجي محبوب شهر لاڙڪاڻي مان جڏهن هي لائينون لکي رهيو آهيان ته وري هڪ دفعو پيهر سيارو آهي ۽ سائين سرور منگيءَ جي سارَ آهي. منهنجون هي سِٽون ان اعليٰ انسان، اديب ۽ اُستاد لاءِ ٿورڙيون ئي سهي پر جذباتي پيتا آهن ڇو جو هن سان منهنجو تعلق هميشه اهڙو ئي رهيو آهي.

سنڌ جي ادبي کيتر ۾ سائين سرور هڪ اهڙو گمنام ڪردار هيو جنهن جي باري ۾ لکڻ وقت اِهو اهم

نہ آهي تہ هو ڪڏهن پيدا ٿيو ۽ وفات ڪيائين پر جيترو وقت بہ زنده رهيو هميشہ اسان هن کي حاصلات جي هلچل ۾ محو رقص جيان محو جدوجهد ۾ ڏٺو ۽ ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ ۽ ڪري ڏيکارڻ جي جذبي ۾ سرشار ڏٺو پوءِ اُهو "ٿورا ڪٽا ٿالهيءَ ۾" جو مثال ئي ڇونہ هيو. هڪ اهڙو ڪردار جيڪو بازار ادبي دنيا ۾ ناپيد ئي آهي ۽ هڪ اهڙو استاد جيڪو بظاهر ڪو سرڪاري استاد نہ هيو پر واقعي بہ علم ۽ فهم جو اُستاد هيو ۽ هڪ اهڙو انسان جيڪو روسي ناولن جي ڪردارن جهڙو رول ماڊل هيو. هو بظاهر تہ گمنام ۽ گوشہ نشينيءَ ۾ رهيو پر هن جو سارو سلسلو ۽ سفر اسان روان دوان ڏٺو. ساغر صديقي ۽ جون ايليا جهڙي زندگي گذاريندڙ سائين سرور جون لکڻيون ۽ تخليقون ماڻهو پنهنجي کيسي ۾ کڻي ويندي اسان ڏٺا ۽ هو پنهنجي نالي سان ڇپائڻ ۽ ناماچاريءَ کان بي پرواهہ رهيو. اڄ هِتان هُتان جيڪي لکڻيون اوهان جي هٿن ۾ آهن، اهو هن جي ادبي ۽ تخليقي ڪيچ جو شايد هڪ ڪٽو آهن ۽ توهان سيني کي عرض هوندو تہ جيڪڏهن اوهان وٽ بہ هن جي ڪا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل تخليق آهي تہ ڏياري موڪليو تہ جيئن ايندڙ ڪنهن ڪتابي سلسلي ۾ ڇپائي سگهجي.

دليپ ڪمار جي نقش ۽ اسٽائيل جهڙو سائين سرور چانهہ ۽ سگريٽن جو چين سموڪر تہ هيو ئي پر هو تخيل ۽ فهم جو پڻ وڏو سموڪر هيو ۽ سندس ڪم گهٽي پاڳي وڏي ڪچ ڪانپوءِ تحليل ٿيندو دونهين جيان وقت جي ويرن ۾ حل ٿيل آهي. هن کي ديوداس سان تشبيهہ بہ نٽي ڏئي سگهجي ٿو جو ديوداس کي اسان فلم ۾ پاروتي لاءِ پار پار ٿيندي ڏٺو پر سائينءَ کي اسان علم، عقل، فهم ۽ فراست لاءِ تار تار ٿيندي ڏٺو. هن ناچيز جهڙا بيپناهہ شاگرد تيار ڪيا پر ادبي مارڪيٽنگ کي ڪنڌ ورائي ڪڏهن بہ نہ نهاريو. هو مقالي جو بادشاهہ هيو ۽ اسان هن کي هڪ ساهيءَ ۾ ڪابہ لکڻي شروع ڪندي ۽ ختم ڪندي ڏٺي ۽ ڪڏهن بہ اها فيئر ڪندي يا نظرثاني ڪندي نہ ڏٺو. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي ڪمال ڪاريگري گهٽ ڏٺي آهي.

هو پٺائيءَ جي سُر ڪاهوڙيءَ جي ڪاهوڙڪي ڪير جو جديد ڪردار هيو ڇو جو اسان هن کي معاشي تنگدستيءَ ۽ سماجي ناهمواريءَ جي ڏٻڻ ۾ هوندي بہ ڪڏهن دل شڪستہ نہ ڏٺو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ جسماني ڪمزوريءَ جي جنجال هن کي نبل ضرور ڪري ڇڏيو هيو پر هن جي جذبي ۾ پوءِ بہ ڪو جهول نہ آيو هيو ۽ اها ئي هن آدرشي ڪردار جي ڪاميابي آهي. ڪاش! اسان وٽ اهڙا ڪردار ۽ همہ گير ڪردار پيدا ٿي سگهن. پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مٺ مِٽيءَ جي هيٺان مدفون سائين سرور جو روح اڄ هن ننڍڙي ڪتابي ڇپتا کانپوءِ يقينن مسرور ٿيو هوندو. ڪيس قبرستان جي اردگرد دور تائين سرنهن جي کيتن ۾ پيلن گلن جهڙي سرهائي ضرور ٿي هوندي.

**سڪندر علي هُليو**

**لاڙڪاڻو.**

**تاريخ: 1 ـ جنوري 2013ع.**

احمد علي ”لالو“ سولنگي

# منهنجو سائين ”سرور منگي“

**سائينءَ جو تعارف:** سائين اديب، دانشور ۽ شاعر هيو ۽ سماجي ورڪر ايترو جو اسانجي اوسي پاسي جي هر ماڻهوءَ جي سائين تمام گهڻي ضرورت هيو. مزدور، هاري ۽ هر طبقي جي ماڻهن لاءِ هن جون خدمتون تمام گهڻيون هيون. جڏهن به مزدور پنهنجي ملڪ کان ٻئي ملڪ ڪمائڻ وڃن ته ان زماني ۾ نه موبائيل ۽ نه ڪائي فون هوندي هئي ته ماڻهو پنهنجي عزيزن جو حال احوال وٺڻ لاءِ سائين سرور منگيءَ وٽ ايندا هئا خط لکرائڻ، سائين ايڏو ته بهترين انداز ۾ خط لکندو هيو جو ديس کان ٻاهر ويٺل کي ڪڏهن اهو احساس نه ٿيندو هو ته اسين پنهنجي وطن ۽ گهر کان ٻاهر آهيون. اسان جي ٿَرَ جي اڻ پڙهيل ماڻهن کي جڏهن به شناختي ڪارڊ جو مسئلو ٿيندو هيو ته سائين وٽ اچي پنهنجو مسئلو بيان ڪندا هئا ۽ سائين هنن کي نه رڳو مسئلو حل ڪرائي ڏيندو هو پر اهڙي نموني هنن جي رهنمائي به ڪندو هو جو هنن جا سڀ کُٽڪا مري ويندا هئا. سائينءَ جي پيدائش ان ڳوٺ ۾ ٿي جتان جون وڏيون زميندار يون هيون، ان ڳوٺ ۾ سائين نوجوانن کي ۽ گهر گهر وڃي انهن جي والدين کي سمجهاڻي ڏيندو هيو ته پنهنجي اولاد کي پڙهايو ۽ هنن جو گلن جهڙو نسل سنواريو ۽ سڌاريو.

سائين تمام گهڻن رخن جي شخصيت هيو. سائين پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻو مطالعو ڪيو ۽ پوري دنيا جي علمن کان واقفيت رکندو هيو. ڇا ته سائين جو انداز هيو. جڏهن شاگردن جا اسٽيج پروگرام ڪرائيندو هيو. اسڪول ۾ 100 شاگرد هڪ موضوع، لفظن ۽ دليلن جي ادائگي الڳ الڳ. سائين ذات نه پر ڏانوَ ڏٺي هيو. هڪ دفعي سائين مونکي تقرير لکي ڏني ”سيرت النبي ﷺ“ تي، تقرير ته هن وقت مونکي ياد نه آهي پر ان تقرير جو هڪ شعر ياد آهي:

**خدا آهي محمد جو محمد جي خدائي آ،**
**زمين آسمان تي، محمد جي رسائي آ.**

انهيءَ هڪ موضوع تي 100 شاگردن کي تقريرون لکي ڏنائين، موضوع ساڳيو پر لفظ ۽ دليل مختلف، خيال مختلف. اها سائين جي ڏاهپ هئي ۽ سائين ايڏي وڏي قابليت جو مالڪ هيو. ايڏو ته بهترين انداز ۾ بيان ڪندو هيو جو اسين مست مگن ٿي ويندا هياسين. سياستدانن کان ڪا شڪايت هوندي هئي سائينءَ کي ته رڳو ان معاملي کان اسانکي آگاهه ڪندو هيو پر سائين شاعري سان به اندازِ بيان ڪندو هيو جيئن هڪ دفعي هن شعر سان اسانکي آگاهه ڪيو هئائين:

**گردش ۾ سيني ستارن لٽيو آ.**
**طلسم جي ڍارن ۽ ڦارن لٽيو آ.**
**رکي آس دل ۾ بهارن جي آيس،**
**مگر بيوفا ٿي بهارن لٽيو آ.**

مون هڪ دفعي سائينءَ کان به سوال ڪيا: 1. ”توهان نوڪري ڇو نه ڪئي؟ جڏهن ته توهان کي تعليم به گهڻي هئي ۽ توهان جي زماني ۾ نوڪريون به گهڻيون هيون؟“ ته سائين وراڻيو ته، ”مان به نوڪريون ڪيون پر ڇڏي ڏنيون.“ مان ورجائي پڇيو ته ”ڇو؟“ چيائين ته، ”مان پنهنجي سنڌي قوم لاءِ ڪجهه ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ ان جو بهتر حل اهو آهي ته مان پڙهايان ۽ پوءِ سائين پنهنجي غريبي آڌار تي هڪ پراڻي تڏي تي وڻ جي ڇانوَ ڪچيءَ جي ڇوڏاري ڊنگرن جو لوڙهو ٻيرن هيٺان 100 کان مٿي ٻار ٻن شفٽن ۾ پڙهائڻ شروع ڪيا. سائين انهن ٻارن کي پڙهائيندو به هيو ۽ ڪين ڪچيءَ جي پنن مان ٿهيل ونجڻو به هٽندو هيو. انهن ٻارن کي سائينءَ وٽ شاگردن جي پڙهڻ جي عمر 10 سالن کان وٺي 30 سالن تائين هوندي هئي. انهن مان هڪ شاگرد مان به هيس. وري مون سائين کان ٻيو سوال ڪيو ته ”سائين توهان پلا شادي ڇو نه ڪئي؟“ توهان شادي ڪيو ها توهانجو نسل پيدا ٿئي ها، اسان وڏي فخر سان چئون ها ته هي سائين سرور جي اولاد آهي.“ ته سائين جواب ڏيندي چيو ته، ”تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ جڏهن مون پنهنجي پيءُ جو نالو ڪيس ٻڌايو ته وري ٻيو سوال ڪيائين ته ”تنهنجي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟“ ۽ جڏهن مون ڪيس پنهنجي ڏاڏي جو نالو ٻڌايو ته وري سائين چيو ته ”تنهنجي ڏاڏي جي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟“ ته آئون ٻڌائي ڪونه سگهيس ته سائين مرڪندي چيو ته ”شادي ۽ خاندان بس ڏاڏي تي ختم، ان ڪري مون شادي نه ڪئي ته مان پنهنجي شاديءَ کان وڌيڪ ترجيح پنهنجي شاگردن کي ڏني ۽ جڏهن منهنجا شاگرد قابل ٿي پنهنجن شاگردن کي پڙهائيندا ته منهنجو نالو کڻندا، ائين پيڙهي در پيڙهي منهنجو نالو هميشه روشن رهندو ۽ مان ان فيصلي تي مطمئن آهيان.“

هڪ دفعي آئون ڪنهن جي عشق ۾ ڏاڍو مجبور ٿي ويس، ڏاڍي پريشانيءَ وچان سائينءَ سان سور اورڻ ويس ۽ چيومانس ته، ”سائين مان پنهنجي محبوب لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو آهي؟“ ۽ جڏهن ڏنل تحفا ۽ ڪيل انتظار سائين کي ٻڌايم ته سائين ڪلندي هڪ لطيفو شعر جي انداز ۾ مون لئه بيان ڪيو:

**اڪيون ڏرا ٿي ويون اسان جون،**
**مجبور محروم دليون اسان جون.**
**بچيا جي ڳوڙها کسڻ ٿا چاهيو**
**چئو ايجا ڇا چوڻ ٿا چاهيو؟**

اهو عشق آ، اها عشق جي اونهائي آ جيڪا هميشه دل جهوريندي آهي. پر حوصلو ڪر ته هڪ توکي ڳالهه سمجهايان. عشق تنهنجي دل ۽ دماغ تي هڪ چار جوڙي ويو آهي، ايئن جيئن ڪنهن تانيئڙي جو چار هوندو آهي پر همٿ ڪر حوصلو ڪر، ان چار کي توڙڻ لاءِ ڏاند جا سڱ پاءِ ۽ ان چار کي توڙي، مروڙي، ڦاڙي، چيري ڇڏ. ڇو ته توکي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آ.“

جن جذبن سان سائينءَ مونکي سمجهايو تہ مون تان وڏو بار هٽي ويو ۽ مون سوچيو تہ مان زماني جو هڪ انسان آهيان ۽ مونکي اجايو لوڙڻ ۽ لوچڻ نہ کپي. پوءِ آءٌ هلڪو ڦلڪو ٿيس ۽ پاڻ کي تازو بہ محسوس ڪيم، جڻ تہ مون هڪ زندگيءَ جي آزادي ماڻي هجي! ۽ اڄ جڏهن سائين اسان جي وچ ۾ موجود نہ آهي تہ هي زندگي ڪيڏي اڪيلي ۽ اڪيلي ۽ اپاڻڪي ياسجي ٿي، ڪاش ڪوئي ڄاڻي سگهي!!!؟

**

علي بخش پنهور

# ”جوڳيءَ تي جَڙاءُ ۽ نسوروئي نينهن جو“

لهندڙ سج پڇيو ته، ”آهي ڪو جيڪو مون ڪانپوءِ هن اونداهين جهان کي روشن ڪري؟“ ڏور ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ ٽمڪندڙ ڏيئي وراڻيو ”آئون ڪوشش ڪندس.“

سائين سرور منگي، ٽئگور جي انهيءَ ڏيئي وانگر وڏيرڪي اونداهين سماج ۾ علم جي جوت جلائي ۽ جهالت جي خاتمي لاءِ لاٽ روشن ڪئي، جنهن جا جرڪندڙ ڪرڻا اڄ سڄي سنڌ کي منور ڪري رهيا آهن. ڊاڪٽر مارٽن چيو آهي ته، ”دنيا جي جن عظيم انسانن دنيا کي جهالت ۽ وحشت مان ڪڍي علم ۽ تهذيب جي روشنيءَ ۾ آندو آهي ۽ جن هستين دنيا کي ذلت جي کاهيءَ مان ڪڍي عظمت جي آسمان تي رسايو آهي، اهي ئي باعزم انسان آهن.“ اهڙي طرح اسان جڏهن سائين سرور منگيءَ کي ڏسون ٿا ته هو هڪ باعزم ديومالائي ڪردار محسوس ٿئي ٿو جيڪو ڪڏهن به ورچي نه وينو ٿڪاڻ ته ڪيس خبر هئي ته، ”هيو هاريندو ڪير ڪاهوڙڪي ڪير ريءَ.“ هن پنهنجي سڄي حياتي تخليقي پورهيو ۽ سماجي ڪم ڪندي گذاري.

تعليم واري شعبي سان لاڳاپيل هئڻ ناتي مون کي چڱيءَ پر خبر آهي ته هر مهيني جي پهرين تاريخن ۾ پگهار جي نالي ۾ پئسن جا جهول ڀري ويندڙ ڪيترائي استاد يا ته اسڪولن جو منهن ئي نٿا ڏسن ۽ جي اسڪول اچن ٿا ته هڪ پيرڊ به پڙهائڻ جي تڪليف گوارا نٿا ڪن. ٻئي پاسي سائين سرور منگي هو جنهن پنهنجي اڌ ڊٺل جهوپڙيءَ کي آدرشي درسگاهه بڻائي ڇڏيو ۽ وڻن جي ڇانوَ ۾ بنا معاوضي جي سوين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ذهنن جي زمين کيڙي ان ۾ علم جو ٻج ڇٽيندو ۽ شعور جي آبياري ڪندو رهيو.

ڏوڪري تعلقي ۾ سائين سرور منگيءَ ڪانپوءِ هن وانگر اڪيلي سر سماجي ڪم ڪندڙ ٻيو شخص به آهي جنهن جو نالو ته محمد رمضان ساريو آهي پر سڀ ننڍا، وڏا، مايون توڙي مرد کيس ماما رمضان ڪري سڏيندا آهن. مامو رمضان اهو شخص آهي جنهن ٻارڙن خاص طور تي نياڻين جي تعليم لاءِ پنهنجو گهر به اسڪول لاءِ دان ڪري ڇڏيو آهي.

دنيا جي روزاني واري وهنوار ۾ اڪثريت انهن ماڻهن جي آهي جيڪي ”مال“ ميڙڻ واري ڏنڌي خفي ۾ مصروف رهندا آهن. پر ٿورا ئي سهي ڪي ماڻهو مال ميڙڻ بدران عزت ۽ محبتون ميڙيندا آهن. اهڙن ئي ماڻهن منجهه سائين سرور به شامل هو. ڪيس ايترين ته محبتون پلئه پيون جو سن واري سيد وانگر سائين لفظ سنڌس نالي جو حصو بڻجي ويو.

سائين سرور منگي ٻيتائيءَ جي رامڪليءَ جو اهو جوڳي هو جنهن جو ڪلهي ڦاٽل ڪنجرو ۽ مٿو اگهاڙو رهيو. هن ٻن ڏينهن جي سڪل ماني پاٽيءَ ۾ پسائي به ڪاڏي پر ڪڏهن به ڪنهن جي آڏو هٿ نه ٽنگيو. زندگيءَ کان ڪا شڪايت نه ڪئي ۽ ايتري تنگ حالي به سندس چهري تان ڪڏهن مرڪ کسي نه سگهي.

**”جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسوروئي نينهن جو.“**

انور پيرزادي لکيو آهي ته، ”دنيا ۾ هر ماڻهو صبح کان شام تائين جيڪا هڻ هڻان ڪري ٿو ان جو هڪ مقصد ته هن جي پيٽ جو دوزخ پرڻ هوندو آهي، ٻچا پالڻا هوندا آهن. گهر گهاٽ جو ٻلو ڪرڻو هوندو آهي، زماني سان منهن ڏيڻو هوندو آهي ۽ اهڙي طرح روزاني زندگيءَ جي جياپي جي هڪ ڏينهن واري جنگ جوٽي ويندي آهي. پر ڪي ماڻهو انهيءَ ذاتي زندگيءَ واري جنگ وڙهڻ مان فارغ ٿي ٻئي به ڪنهن محاذ تي مقابلو ڪرڻ جي همت رکندا آهن.اهو ٻيو مورچو سماجي جنگ جو ڪيڏارو هوندو آهي.“ اهڙيءَ طرح سائين سرور منگي به سماجي ڪيڏاري جي اها جنگ علم ۽ قلم جي هٿيارن سان وڙهي ۽ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين کي علم جي هٿيارن سان مسلح ڪري کين مختلف شعبن واري عملي زندگيءَ جي ميدان مارڻ وارو هنر سيکاريو.

سائين سرور منگيءَ جو ڪردار ان ڪري به مثالي ۽ انوکو هو ڇاڪاڻ ته هو فقط اڻٿڪ سماجي ورڪر ئي نه هو پر خوبصورت شاعر، سنو ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ مضمون نويس به هو. هن جي ڊرامي ۽ ڪهاڻين جا ڪردار سندس علائقي جا جيئرا جاڳندڙ ماڻهو ۽ انهن جا مسئلا هوندا هئا جيڪي انتهائي خوبصورتيءَ ۽ تخليقي انداز سان هن چِٽيا آهن. هن جي شاعراڻي ٻولي ۽ لهجو به وڻندڙ اهي ته سندس شاعريءَ ۾ رواني ۽ موسيقيت به زبردست آهي. جنهن کان متاثر ٿيڻ کان ماڻهو رهجي نه ٿو سگهي.

❊❊

# امتياز ٻگهيو

# هڪ نه وسرندڙ شخصيت: سرور منگي

منهنجو ماضي ڪجهه تلخ ۽ ڪجهه حسين لمحن جو سنگم آهي. ماضي مونکان بنه وسريو نه آهي ۽ اچانڪ سوچيندي هڪ پل لاءِ يادگيريون ذهن جي سطح تي تري آيون....! منهنجو ذهن انساني تاريخ جي نه ڪٽندڙ سلسلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي، مختلف ۽ غير معمولي شخصيتن جي ڪردارن ۾ گم ٿي ويو. انهن ڪردارن ۾ جن دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيو. انهن ڪردارن ۾ جن اميد جو هڪ نئون سج طلوع ڪيو. اميدن ۽ حوصلن جا عَلَمَ بلند ڪيا. انسانيت کي نئين سري سان جيئاريو. پيار محبت ۽ پروسي کي هڪ نئون روپ ڏنو.

اهڙن ڪردارن سان دنيا ڀري پئي آهي، جن پنهنجي عقل، فهم ۽ سچائي سان دنيا ۽ دنيا وارن لاءِ پنهنجي زندگي ارپي ڇڏي. جڏهن ته انهن شخصيتن پنهنجو پاڻ کي سمجهي ورتو هو. تڏهن ته پنهنجي نفس سان جنگ ڪندي، سماجي تبديلي لاءِ پنهنجي زندگي ارپي ڇڏي. اهڙن مهان ۽ معتبر شخصيتن سمجهي ورتو هو ته دلي خوشي ۽ ذهني سڪون انفرادي نه پر اجتماعي هوندو آهي. جڏهن قوم جو هر فرد شعوريافته هوندو، جڏهن قوم جو هر فرد معاشي مسئلن کان آجو هوندو، جڏهن قوم جو هر فرد سماج ۾ موجود فرسوده رسمن مان آجو هوندو، تڏهن ئي اها قوم ترقي جي بلندين تي پهچي سگهي ٿي. اهڙن ماڻهن جي رهنمائي ۽ رهبري قومن کي آئٽ ۽ نئون حوصولو ڏيندي آهي.

اهڙن ڪامياب ۽ قوم جو حقيقي درد رکندڙ ماڻهن مان هڪ، منهنجو استاد ۽ سماج سڌارڪ، سائين سرور منگي به آهي. جنهن پنهنجي زندگيءَ جو آرام ڦٽائي قوم جي معمارن کي تعليم جي زيور سان مالا مال ڪيو ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين علم جي لاٽ سان غريب ۽ بي پهچ شاگردن جي ذهنن کي روشن ڪندو رهيو. اهڙي طرح هن هڪ اجتماعي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي.

سائين سرور منگي جسماني طور تمام گهڻو ڪمزور، پر پنهنجي ارادي ۾ جبل کان به وڏيڪ اٽل نظر آيو. سائين پنهنجي زندگي قوم جي معمارن کي تربيت ڏيندي گذاري ڇڏي. سائين وڏي اميد ۽ همٿ جا مالڪ هئا. سائين کي سرڪاري نوڪري يا خانداني ملڪيت نه هجڻ باوجود هميشه ضبط ۾ ڏٺو. غصو ۽ ڪروڌ ڪرڻ سائين جي مزاج ۾ شامل ئي نه هيو. سائين سرور منگي صاحب سڄو ڏينهن مختلف ماڻهن سان ميل جول رهندي هئي. سندس ڪچهري ۾ سگهڙ، اديب، شاعر، سياسي ڪارڪن ۽ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهو شامل هوندا هئا. ڇاڪاڻ ته سائين بهترين اديب ۽ شاعر پڻ هئا. سائين جي ڪچهريءَ جو موضوع اڪثر ڪري سنڌ ۽ سنڌي نوجوان جو ماضي، حال ۽ مستقبل هوندوهو. سائين اڪثر چوندو هو ته، ”تعليم ئي واحد ذريعو آهي جنهن سان اسان سنڌي نوجوانن ۾ شعور پيدا ٿيندو ۽ شعور اسانجي معاشري جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن کي تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.“

سائين زندگي جي گهرائين ۽ ان جي پيچيدگين کي پلي پت سمجهي ورتو هو. تنهنڪري پاڻ ڳوٺ ۽ تر وارن ماڻهن جي زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ لاءِ رهبر ۽ سونهين جو ڪردار ادا ڪيو. سائين جي ڏنل تعليم ۽ ڪارآمد صلاحن جو نتيجو اهو نڪتو جو اڄ ڪيترائي شاگرد ۽ شاگردياڻيون زندگيءَ جي ڪاميابين جو لطف حاصل ڪري رهيا آهن.

سائين سرور منگي پنهنجي زندگيءَ جو ڳچ عرصو پنهنجي گهر جي اڳيان تڏي تي ويهي گذاريو. سائين حقيقي معنيٰ ۾ تبديلي پسند هو. سندس مذهب انسانيت هو. سائين وڏو ڏاهو هو تنهنڪري قوم جي نبض تپاس ڪندي سمجهي ورتو هئائين ته هن قوم جي ترقيءَ جو واحد حل علم ۾ سمايل آهي.

سائين پنهنجي دوست حاجي خان سومرو سان گڏجي هڪ سرڪل جو بنياد رکيو. جنهن جو نالو "سلطان الاولياء اسٽڊي ۽ ڊبيٽنگ سرڪل" هو. هن سرڪل تحت غير نصابي سرگرميون ( Co Calcular Activities) ڪرايون وينديون هيون. شاگردن جا چٽاپيٽي جا مقابلا ڪرايا ويندا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ تقريري پروگرام پڻ منعقد ڪيا ويندا هئا, جنهن جو مقصد گهڻ رخو هوندو هيو. هڪ ته شاگردن ۾ جاڻ وڌندي هئي بيو ته شاگردن کي ننڍي عمر ۾ اسٽيج تي اچڻ ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويندو هو ته جيئن شاگردن ۾ خوداعتمادي پيدا ٿئي. شاگردن ۾ دلچسپي ۽ شوق پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا انعام ۽ ٽرافيون پڻ ڏنيون وينديون هيون. اهڙي طريقي سان هن سرڪل مان سکيا ورتل شاگردن, اسڪولن, ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ وڏي اعتماد سان مقابلن ۾ حصو ورتو ۽ سٺا نمبر کٽي پنهنجو ۽ پنهنجي استاد سرور منگي صاحب جو نالو روشن ڪيو.

سائين وڏو خوددار قسم جو ماڻهو هو. پوري زندگي غربت ۽ افلاس ۾ پيڙهبو رهيو پر ڪڏهن به مائٽن ۽ دوستن اڳيان هٿ ٽنگي مالي سهائتا جي گهر نه ڪئي هئي. سائين کي ڦقڙن جي تڪليف هجڻ باوجود غربت جي اها نوبت هئي جو پوري زندگي ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کان علاج نه ڪرائي سگهيو.

سائين جي ڳوٺ ۽ تر وارن سان ايتري ته قربت ٿي وئي هئي جو ڪراچي مان سندس دوست انور پيرزادي, ستار پيرزادي, مير محمد پيرزادي طرفان مليل نوڪري جي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ آخري گهڙي تائين ويڙهيچن سان وچن نڀايائين.

مان هينئر زندگيءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ آهيان. زندگي کي ڏاڍو ويجهو کان ڏٺو آهي, زندگي ڪجهه تلخ ۽ ڪجهه بهتر تجربن سان ڀري پئي آهي. سائين جهڙي رهبر هستي هوندي زندگيءَ ۾ ڪجهه ناعقلي ۽ ناسمجهي واريون غلطيون سرزد ٿيون آهن. اڄ به سائين جي سٺن شاگردن جي لسٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ غلطين کي سڌارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان. ڪجهه مهينا پهريان ڳوٺ جي دوستن سان گڏجي سائين جي نالي پنيان هڪ مفت ڪوچنگ سينٽر جو آغاز ڪيو آهي, جنهن جو مقصد سائين جي شروع ڪيل مشن کي اڳتي وڌائڻ آهي. هن سينٽر ۾ 4۔ استاد ڪم ڪري رهيا آهن ۽ 120 شاگرد داخل آهن. هي سينٽر نه صرف نئين گڏ پر پير وارن ڳوٺن جي غريب ٻارن لاءِ معياري تعليم مهيا ڪري ڏيڻ جو سونهري موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي.

اهڙي طرح مان ۽ منهنجن دوستن زندگيءَ کي نئين معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽

سائين جي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي روشن مستقبل واري ڏٺل خواب جي تعبير ۾ مصروفِ عمل آهيون. سائين هينئر بہ اسانجي دلين ۾ وسي ٿو. فنا ڪندڙ موت سائين جي اڳيان شڪست کائي ويو آهي ۽ سائين هميشہ لاءِ امر بڻجي ويو آهي.

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.
(شاهہ)

## مرتب پاران

# سماج ۽ ادب جو لازوال ستارو
# "سرور منگي"

سماج ۾ فرد بنيادي ايڪي جي حيثيت رکي ٿو. سماج جيترو تهذيب يافته هوندو، فرد جو سفر به ان ڏارا ۾ رهندو. سماجي تبديلي انساني سوچ، فڪر ۽ روين تي گهرا اثر ڇڏي ٿي. اهو الڳ سوال آهي ته سماج ۾ فرد جو ڪردار پڻ اهم آهي، جيترو سماج فرد تي اثر ڇڏي ٿو ذري گهٽ فرد پڻ سماج تي اوترا ئي اثر پون ٿا. سماج ۾ فرد جو مجموعي طور تي ٽن رخن ۾ ڪردار جڙي ٿو.

1). فرد سماج کي ترقيءَ طرف گامزن ڪري سگهي ٿو.

2). فرد سماجي ترقي کي روڪي سگهي ٿو.

3). يا فرد سماج کي تباهيءَ طرف ڌڪي سگهي ٿو.

سماج ۾ ٽنهي رخن ۾ فردن جو ڪردار رهي ٿو. جيڪي فرد سماج کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا يا سماجي تبديليءَ ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪن ٿا، تاريخ ۾ روشنيءَ جا دروازا به انهن لاءِ ئي کُلن ٿا. هوئنئن به سماج م جيئڻ جا ٻه رستا هجن ٿا، هڪ ته سماج جيئن آهي تيئن ئي ان ۾ رهڻ جو حوصلو پيدا ڪجي. ٻيو رستو آهي سماج کي تبديل ڪري ان کي پنهنجي نظريي ۽ خيال مطابق جوڙي، زندگي جو سفر شروع ڪجي. پويون رستون انتهائي ڪٺن آهي، جنهن ڪري سماج جي اڪثريت ان رستي کان فراريت اختيار ڪري ٿي پر سماج ۾ اهڙا فرد تمام ٿورا آهن جيڪي ڪٺن رستن تي هلڻ جو پاڻ کي عادي بڻائن ٿا. جن پيغمبر صفت انسانن اهڙي رستي جي چونڊ ڪري زندگي گذاري آهي انهن ۾ ڏوڪري تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ گُڏَ ۾ جنم وٺندڙ سرور منگي جو نالو تمام مٿي بيهي ٿو.

21- جنوري 1952ع ۾ هن دنيا ۾ اک کوليندڙ سرور منگي لاءِ ڪنهن نه ٿي ڄاتو ته هو پنهنجي شهر ۾ موسيٰ جهڙو ڪردار بڻجي ابرندو. جنهن کي زندگيءَ جون خوبصورتيون، زندگي جي بهارن، جي آس ۾ قربان ڪرڻيون پونديون.

ان ڳادي جي ڪک ۾ ويهي ڪيئن سرور منگي زندگيءَ جو 49 بهارون گذاريون، ان جو ادراڪ سرور منگي کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه نه ٿو ڪري سگهي. هن پنهنجي تعليم صرف پنجين درجي تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪئي پر پوءِ مائٽن جي اصرار تي ننڍپڻ ۾ ئي حجامت جي ڪرت سان لڳي ويو. زندگيءَ جو ڳپل حصو راڌڻ ۾ حجامت جي ڪرت سان ئي رهيو هو ۽ راڌڻ ۾ ئي مئٽرڪ تائين مس تعليم حاصل ڪري سگهيو هو پر انهن سمورن خفن باوجود به هن جو لڳاءُ ادبي ۽ سياسي ڪتابن ڏانهن جنون جي حد تائين رهيو. هن پنهنجو مطالعو وسيع ڪيو هو. جيتوڻيڪ ڪتابن جي

اٽاٽ ۽ وقت جي فقدان هن جي شعوري سفر ۾ ڏاوڻ وڌا هئا پر هن هزار مشڪلاتن باوجود بہ پنهنجو سفر جيئڻ جو تيئڻ جاري رکيو هو.

هن جي زندگي جو وڏو حصو جيتوڻيڪ راڄڻ ۾ گذاريو پر هن جي نينهن جو ناتو ساڳيو ئي ڳوٺ سان رهيو هو. جنهن ڪري اسي جي ڏهاڪي ۾ پنهنجا سمورا آسرا لاهي ڳوٺ جي گاديءَ ۾ ڪپ ڪوڙي ويهي رهيو. هن ان وقت شدت سان محسوس ڪيو هو تہ وڏيرا شاهي ڇوڙ وانگر سماج جي رت پياڪ آهي ۽ وڏيراشاهي پنهنجي جياپي لاءِ اهو ضرور سمجهي ٿي تہ سماج ڪي تعليم جهڙي روشنيءَ کان پري رکجي ڇاڪاڻ تہ سماج جيترو شعوري طور تي پستي جهڙي حالت ۾ هوندو اوترو ئي ان تي پنهنجي بالادستي گهڻي وقت تائين قائم رکي سگهبي. ان ڪري تر جا اسڪول اڪثر بند ۽ استاد صاحبان وڏيرن جي حاضري کي پنهنجي ڊيوٽي پٽي سمجهيو. تڏهن هن مرد قلندر تعليم جو ڏيئو روشن ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌو. شروعات وٽن ۽ لوڙهن جي ڇانوَ ۾ تڏا وڇائي انهن تي ويهي ٻارن کي تعيلم ڏني. جيڪا تعليم بہ وقت جي فرعونن کي ناگوار پئي گذري جنهن لاءِ بہ هن کي تمام گهڻين اذيتن مان گذرڻو پيو. هي نہ صرف پنهنجي ڳوٺ پر تر جي ٻين علائقن ۾ علم جي ڏياٽي ڪٽي نڪري پيو. ڏسندي ڏسندي تر جون نياڻيون ۽ ٻيا ٻار علم سان روشناس ٿيڻ لڳا. اسڪول جيڪي وڏيرن جون اوطاقون بڻيل هئا. انهن ۾ پيرين اگهاڙي ٻارڙا تعليم وٺڻ لاءِ نڪري پيا. جتي هن ايجوڪيشنل سوسائٽي ناهي ڊبيٽنگ سرڪل قائم ڪيا. ٻارن کي پڙهائيو بہ مفت، معاوضو هرگز نہ ورتو. صبح کان وٺي شام تائين ڏندو اهو ئي ڪبو پنهنجي ذات ڇا آهي؟ اهو تہ ياد ئي نہ رهيو. تڏي تي ويهي سڄو ڏينهن ڇانهہ جي ڪپ تي ٻارن کي تعليم ڏيڻ سو بہ بنا معاوضي، اهو ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي، شايد اسان آسائش پسند ماڻهو اهو سمجهي نہ سگهنداسين. ڪيترن ئي ٻارن کي قسم ناما ڏئي تعليم پرائڻ جو وچن وٺندڙ سرور منگي، مون کي تہ سچ پچ پروميٿيس ديوتا لڳندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سرور منگي جي ٻاريل ڏياٽيءَ مان روشني حاصل ڪندڙ سڪندر علي هليو ، لالي ماڇي، زاهد هليو، امتياز ٻگهيو، نصير ميراڻي ۽ افروز ٻگهيو سميت اڄ ڳوٺ ۽ ان جي آسپاس سوين نہ پر هزارين ماڻهو سرور منگي جي چشمي مان سيراب ٿيل آهن.

هن شادي بہ صرف ان ڪاز ۾ رنڊڪ سمجهندي نہ ڪئي تہ ڪٿي منهنجو مشن اڌ ۾ نہ رهجي وڃي. هر پڙهندڙ ٻار کي پنهنجي اولاد کان بہ وڌيڪ عزيز ۽ ويجهو رکندو هو. چوندو هو تہ هن منهنجي پوکيل فصل مان سڄي قوم لاڀ حاصل ڪندي. اڄ انهن مان ڪيترائي وڏين وڏين نوڪرين ۾ آهن تہ ڪي زندگي جي وڏي ڪارج ۾ مشغول آهن. ڪيتريون نياڻيون نوڪريون ڪري رهيون آهن تہ ڪي زندگي جي اعليٰ ڪاز تي پهتيون آهن. اڄ جڏهن سائين سرور منگي نہ آهي تہ ان جو ڪيل پورهيو ڪيترن ئي نسلن لاءِ روشني مثل هميشہ رهنمائي ڪندو رهندو.

سائين سرور منگيءَ جو علمي ۽ ادبي پورهيو گهٽ ۽ سماجي پورهيو وڌيڪ آهي. هن جو علمي ۽ ادبي ڪم بہ سماجي ڪمن جي ڪري گهڻو متاثر ٿيو. سائين سرور منگي جو هي ڪتاب جڏهن سهيڙي رهيو هيس تڏهن سائين سرور منگيءَ جا مضمون، ڪهاڻيون، ڊرامو ۽ شاعري پڙهي محسوس ٿيو تہ سائين سرور منگي جي اندر هڪ وڏو تخليقڪار ويٺل هو. جيڪو سماج جي اڌڙ جي خفن

سبب پنهنجو گهڻو حق ادب سان ادا نہ ڪري سگهيو. پر جيترو تخليقي پورهيو سائين سرور منگيءَ جو هٿ آيو آهي اهو ڪنهن بہ طرح سنڌي ادب جي شاهڪار ادب کان گهٽ نہ آهي. سندس ڪهاڻين ۽ ڊرامي ۾ سماج جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جيڪا قلم مان اپٽار ٿي آهي اها سنڌ جي تاريخ جو وڏو عڪس پيش ڪري ٿي. خاص ڪري جاگيرداري سماج ۾ سنڌي ماڻهن سان جيڪا ويڌن آهي ان کي سرور منگي جي نثر مان پسي سگهجي ٿو. سندس شاعري ۾ فراق، وصال کان وڌيڪ سماج ۾ ظلم ۽ بربريت جا اولڙا ۽ ظلم خلاف ويڙهہ جا سبق ترقي پسندي ۽ آزاد سنڌ اڏڻ جو درس ملي ٿو. مضمون نگاري ۾ تہ ڪمال درجي جي مهارت نظر اچي ٿي. سندس قلمي پنڌ تمام مٿي درجي تي بيٺل نظر اچي ٿو. وڌيڪ ان جو فيصلو پڙهندڙ پليءَ پٽ ڪري سگهن ٿا.

جڏهن 6. مارچ 2001ع تي سائين سرور منگي ٽي.بي جهڙي موذي مرض کان زندگيءَ جي جنگ هارائي اسان کان الڳ ٿيو هو ان کان ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري سائين سرور منگي سان رهاڻ رچائڻ جو فيصلو ڪيو هو پر سائين سرور منگي جي طبيعت جي ناسازيءَ سبب اهو خواب اسان جو اڌورو رهجي ويو. ان وقت سنگت ڏوڪريءَ جو سيڪريٽري مان هيس. تنهن کان پوءِ اهو جلدي فيصلو ڪيوسين تہ سائين سرور منگيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ چاليهي جو پروگرام ادبي سنگت کي ڪرڻ کپي. ان ڏس ۾ چاليهي جو پروگرام سائنس ڪاليج ڏوڪري ۾ ڪيوسين جنهن جي صدارت بہ هن ڪتاب جي مهاڳ لکندڙ ناليواري تجزيانگار سڪندر علي هُليي ڪئي هئي. جنهن ان وقت ئي چيو هو تہ "سائين سرور منگي جو ڪتاب اچڻ کپي." پر وقت جي ستم ظريفي چئجي يا حالتن جو جبر جو اهو ڪم ٻارهن سالن ڪانپوءِ ٻيهر پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو. جيتوڻيڪ سائين سرور منگيءَ جي پهرين ورسي بہ 2002ع ۾ ادبي سنگت ڏوڪري پاران منهنجي سيڪريٽري شپ جي دؤر ۾ ٿي هئي. جنهن ۾ ناليواري شاعر اياز گل، سرڪش سنڌي، سرمد چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. پر ان کان پوءِ ادبي سنگت کي جيڪو حصو سرور منگي لاءِ ادا ڪرڻ گهرجي ها اهو ادا نہ ڪري سگهي. هاڻي ٻارهن سالن جي ڊگهي عرصي ڪانپوءِ جن دوستن هن ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ جو زور رکيو انهن ۾ ڪامريڊ حيدر جوڻو، علي بخش پناڻ کي وساري نہ ٿو سگهجي. جن بار بار اصرار ڪيو ۽ آخرڪار محدود وسيلن هوندي هي ڪم پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهتو آهي. هي ڪم سائين سرور منگي سان پنهنجي محبت جي هڪ ننڍڙي پيتا آهي. اسان کي اميد آهي تہ اسان جو موجوده ۽ ايندڙ نسل سائين سرور منگي جي ڪردار کي سونهون بڻائي ضرور سفر ڪندو.

ڪتاب جي ڏس ۾ جن دوستن مالي مدد ڪئي اهي انهن ۾ خاص طرح ساڃاهہ وند دانشور سڪندر علي هليو جا ٿورا آهن. جنهن انتهائي پرخلوص ۽ محبت واري جذبي سان اسان جو هٿ ونڊايو ۽ خاص ڪري هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو. مواد ڏيڻ جي سلسلي ۾ قربان ٻگهيو ۽ نثار شاهين کي نہ ٿو وساري سگهجي، جن ڀرپور سهڪار ڪيو ۽ ان ساٿيءَ جا بہ ٿورا جنهن نالو ظاهر نہ ڪرڻ جي شرط تي سائين سرور منگيءَ جو اهم مواد اسان جي حوالي ڪيو. مون کي خوشي آهي تہ سماج ۾ اهڙا گمنام ڪردار بہ آهن جيڪي بنا نالي جي سماج جي اندر تبديليءَ لاءِ ڪوشان آهن.

ڪتاب جي پروف ريڊنگ لاءِ عزيز منگي ۽ علي بخش پناڻ جا بہ احسان ياد رهندا. سنڌ جي

ناليواري ليکڪ خالد چانڊيو جا بہ وڏا وڙ جيڪو وک وک تي بهتر صلاحون ڏيندو رهيو.

مان اميد ڪريان ٿو اوهان پڙهندڙ ساٿي هن پورهيي کي قدر جي نگاهہ سان ضرور ڏسندؤ. پاڻ کي اڃان بہ سنڌ جي گمنام ڪردارن تي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي، زندگي رهي تہ اوهان جي هٿن تائين، انهن ڪردارن کي بہ جلد پهچائبو.

**عيسيٰ ميمڻ**

**ڏوڪري**

**30۔ جنوري 2013ع**

# مضمون

# فڪري مضمون

# ادب تهذيب ۽ تمدن جي علامت آ

ادبي ۽ نظامِ فڪر جي لحاظ کان اڄ سموري دنيا انتشار، منتشري، نفسا نفسي، ڇڪ ڇڪان، سواءِ ڪنهن مقصد ۽ منزل جي تعين ۽ سواءِ خبر هئڻ جي ايڪويهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ واري آهي. اتي اهو جائزو وٺڻو پوندو، اهو احتساب ڪرڻو پوندو تہ ويهين صديءَ اسان کي ڇا ڏنو؟ اسان کان ڇا ورتو؟، ايڪويهين صديءَ ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان کان ڪهڙي تقاضا ڪري سگهجي ٿي؟ ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو واقعو هي آهي تہ سرمائيداري نظام، سوشلزم ۽ ڪميونزم کي شڪست ڏئي پنهنجي نظام ۽ هڪ هٽيءَ جي حاڪميت کي برقرار رکيو. ايڪويهين صديءَ ۾ يقينن ان جا اثرات ۽ نتيجا نمايان هوندا.

ادب، اخبار جي رپورٽ ناهي، پر ادب انسانيت جي ضمير جو اهو پنيت ۽ آواز آهي جنهن جو پڙاڏو مغرب ۽ مشرق ۾ بہ ٻڌو ۽ محسوس ڪيو ٿو وڃي.

دنيا ۾ جيڪي بہ ناانصافيون، سازشون ۽ سفاڪيون ٿين ٿيون، ادب ئي انهن تان پردو چاڪ ڪري انهن جي نشاندهي ڪري ٿو. ادب، انساني زندگيءَ جي سمورن رخن ۽ پاسن جي ترجماني ۽ نمائندگي ڪري ٿو. پوءِ اهي سياسي هجن يا سماجي، معاشي هجن يا معاشرتي، فطري هجن يا جمالياتي، تاريخي هجن يا تمدني، جذباتي هجن يا ڪيفيتي، انهن سڀني جي اپٽار ادب جي ذريعي ئي ٿئي ٿي. ادب ۾ زندگيءَ جا سمورا ڪتاب اڇي وڃن ٿا.

اهو ڪم اخبار نہ بلڪ ادب ئي ڪري سگهي ٿو. ادب ئي انساني شعور ۽ فڪر کي جنم ڏئي ٿو. نہ صرف جنم ڏئي ٿو پر ان جي واڌ ويجهہ بہ ڪري ٿو.

**

# ٻاراڻو ادب ڇو؟ ـ ٻارن لاءِ ادب ڇونه؟

ادب لاءِ ائين چوڻ، ادب سان ناانصافي ٿيندي ته ”ٻاراڻو ادب“ جڏهن اسين ٻاراڻو ادب چئون ٿا ته پوءِ اسانکي ”جواڻو ادب“، ”ٻڍاڻو ادب“. وري جنس جي لحاظ کان ”مرداڻو ادب“ ۽ ”عورتاڻو ادب“ به چوڻو پوندو. اصل حقيقت ۾ ادب، ادب ئي هوندو آهي. ان کي عمر ۽ جنس جي آڌار تي الڳ نٿو ڪري سگهجي.

ادب اهو آهي، جيڪو انسان جي مختلف وقت، حالتن، ڪيفيتن، عمر جي حد ۽ فطري تقاضائن مطابق انهن جي سمورن احساسن ۽ جذبن، اخلاقي، سماجي، معاشي، تهذيبي ۽ تمدني قدرن ۽ معيارن جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندو آهي. ان لاءِ ادب لاءِ ”علم آداب“ لفظ ئي وڌيڪ مناسب ۽ اثرائتو لفظ آهي. ادب، زندگيءَ جو اهڙو آئينو يا تفسير هجي ٿو. جنهن ۾ هر انسان پنهنجي هوبهو تصوير پسي سگهندو آهي. ادب، هر عمر جي انسان جي گهرجن ۽ تقاضائن کي پورو ڪندڙ پيغامِ جام آهي.

عمرانيات جي اصول مطابق ٻار کي بنيادي شعور ۽ بنيادي تعليم ۽ تربيت ڄمڻ هنڌن کان ملي ٿي، پهريون ادارو سندس گهر ۽ گهر جو ماحول هجي ٿو. جتي هو پلجي ۽ نپجي ٿو. ڳ، ڱ ۽ ڄ ڃ ڪندي ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اسان کي اها به خبر هجڻ گهرجي ته ٻار هميشه نقل ڪري ئي سيکجهه سکندو آهي. تنهنڪري گهر جو ماحول صاف سٿرو، ڪٽ پٽ ۽ ڪروڌ کان آجو هجي. گهر ۾ صحت ۽ صفائيءَ جو چڱو انتظام هجي. ڇاڪاڻ ته جسماني صحت جو اثر انسان جي ذهني، تخليقي ۽ دماغي عقل تي هجي ٿو. صحتمند جسم هوندو ته سوچ، جيڪا انسان جي دماغ مان ڦٽي ٿي سا مثبت ۽ سنجيده قسم جي پيدا ٿيندي. اها ڳالهه به ياد رکڻ جهڙي آهي ته انسان جيڪو به عمل ڪندو آهي، اهو ان جي سوچ جي نتيجي مطابق هوندو آهي. سوچ منفي هوندي، سوچ جهالت واري هوندي ته عمل به ته اهڙو ئي ٿيندو نه ....!؟ ان کان علاوه والدين يا مائٽن جو ٻارن ڏانهن رويو نهايت شفيق ۽ دانشمنديءَ وارو دوستاڻي قسم جو هئڻ کپي جيئن ٻارن ۾ خوف ۽ احساس ڪمتريءَ جي ڪيفيت پيدا نه ٿي سگهي ۽ هُو پنهنجي حواسن کي ڀرپور نموني سان استعمال ۾ آڻي سگهن. جا وَهِي هنن جي حواسن جي ترقيءَ واري هوندي آهي.

ٻار لاءِ ٻي وڏي تربيتگاهه اسڪول آهي جتي هن جي اخلاقي، تهذيبي، تعليمي ۽ ذهني نشونما هجي ٿي. جڏهن ٻار اسڪول ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان وقت ٻار جو ذهن هڪ اڇي ۽ ڪوري ڪاغذ مثل هوندو آهي. پوءِ جهڙا اکر استاد ان پاڪ ۽ صاف ڪاغذ تي لکڻ چاهيندو ته ٻار جي ذهن تي به اهي ئي اکر نقش ٿي ويندا. ٻارن لاءِ اهڙ اصطلاح ته ”ٻار ۽ مُڇَ جو وار“ هڪجهڙا آهن، جيڏانهن ورائجن، اوڏانهن ورندا. ان جي معنيٰ اِها ٿي ته هنن کي پنهنجي مرضيءَ تي جيئن به مهتجي، مروتجي، ڪپجي، ڏنگو ڦڏو ڪجي، جيئن به ڪجي انهن جي ذهن کي ڪچلجي ۽ ڇيڇلائجي،

ڇڄجي ۽ ڇچرجي، اهو اختيار انهن جي وڏن کي آهي، يعني ٻار جو ڪوبہ اختيار نہ آهي. هن کي ڪابہ مرضي ۽ اختيار ڇڻ آهي ئي ڪونہ!! هن کي احساس آهن نہ جذبا!! ٻيو اصطلاح آهي تہ ”مارَ آهي سنوارَ.“ افسوس آهي، جو اهي اصطلاح ٻارن جي ذهني، تهذيبي، علمي ۽ شعوري اوسر لاءِ ڪيڏا نہ هاڃيڪار، بي مقصد، واهيات ۽ غير فطري ٿا لڳن. جڏهن تہ ٻار قدرت جو انمول تحفو آهن، اهي قوم جون امانتون آهن. اهي ٻار قدرت طرفان نوان نڪور نظريا ۽ خيال پاڻ سان گڏ ڪٺي ايندا آهن. انهن لاءِ اهڙا اصطلاح ڪتب آڻڻ فطري اصولن جي بلڪل خلاف آهي. اهي اصطلاح ماڻهن کي جاهل بنائڻ ۽ انساني عقل ۽ سمجهہ کي پوئتي ڌڪڻ ۽ ماڻهن کي گهڻو وقت غلام ۽ تابعدار بڻائي رکڻ لاءِ هٿرادو گهڙيا ويا آهن.

سائين منهنجا! انهن بنيادي ڳالهين کي نظر ۾ رکندي والدين ۽ استادن جي اها قومي، اخلاقي، علمي، ادبي، انساني ۽ تمدني ذميواري آهي تہ هو ٻارن کي گهر ۽ اسڪول ۾ سازگار ۽ شعوري ماحول مهيا ڪري ڏين. هنن مٿان زبردستي پنهنجون مرضيون مڙهڻ جون ڪوششون، ۽ پنهنجي وڏ ماڻهائپ ۽ اَنا واري بالادستي قائم ڪرڻ جي ڪوشش هرگز نہ ڪن. ائين ڪرڻ سان ٻار پنهنجون اندر ۾ لڪل صلاحيتون نروار ڪري انهن کي استعمال ۾ آڻي سگهندا.

(Adoptability) يعني ”ماحول مطابق پاڻ کي هيرائڻ ۽ هنڊائڻ.“ واري اصول تحت حياتيءَ ارتقا پئي ڪئي آهي ۽ پنهنجي وجود کي برقرار رکيو آهي. اهو بنيادي اصول نہ فقط حياتيءَ سان بلڪ انسان جي حال چال، عمل ۽ رد عمل، فڪر ۽ فهم سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. يعني ”جهڙي صحبت تهڙو اثر.“ يا ”ڪارو گڏجي ڪمري سان، رنگ نہ مٽائي بلڪ عادت ضرور مٽائي.“ يا ”جهڙو ديس، تهڙو ويس.“ وغيره. تنهنڪري انهن کي گهرجي تہ ٻارن سان ڪڏهن بہ ڪاوڙ ۽ غصي وارو رويو اختيار نہ ڪن. هنن لاءِ ڪڏهن بہ بخيل ۽ لاپرواه نہ ٿين. ڇاڪاڻ تہ ان عمر ۾ ٻار جا حواس ارتقائي مرحلن مان گذري رهيا هوندا آهن، ٻار کي هر قسم جي مت ڀيد، نفرتن، ريتن ۽ روايتن جي پابندين کان پري رکڻ گهرجي.

ڪنهن بہ ترقي يافتہ، تخليقي ۽ سگهاري ادب جي سرجڻ جو مدار ٻوليءَ جي ذريعي ٿئي ٿو. ٻولي، احساسن، جذبن، خيالن جي اظهار جو بنيادي ذريعو آهي. تنهن ڪري ٻارن کي شروعات ۾ ئي خالص ٻولي ۽ ٻوليءَ جا صحيح اچار، اصطلاح ۽ اصلوڪا لفظ سيکارڻ گهرجن تہ جيئن ٻار ارتقائي مرحلن ۾ انهن جي خصوصيت ۽ مفهوم کي جذب ڪري صحيح ٻولي لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهن. ايئن ڪرڻ سان ٻولي بہ نج حالت ۾ برقرار رهي سگهي ٿي.

ٻارن سان رات جي وقت دوستاڻي ماحول ۾ سندن ذهني سطح مطابق ڪچهريون ڪرڻ ڪپن. کين علم، ادب، ۽ ڏاهپ جون ڳالهيون ٻڌائجن. ڳالهہ ٻڌائڻ جو ڍنگ بلڪل سنجيده نہ بلڪ دلچسپ هئڻ گهرجي. اهڙيون ڳالهيون ٻارن کي هرگز نہ ٻڌائجن، جن مان هو بيزار ٿي پون يا سندن دلچسپي يا

تجسس کان خالي ۾ مٺيريون هجن. هميشہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌائڻ ڪپن جو ٻار وڏي دلچسپي، شوق، غور ۾ ڌيان سان اهي ڳالهيون ٻڌي ۾ سندن ذهن ۾ مختلف قسمن جا سوال اڀرڻ لڳن.

جن کي سمجهڻ لاءِ هو اسان کان سوال ڪري پنهنجي ارتقا واري عمل کي تيز ڪري سگهن. ٻارن جي نفسيات مطابق جا ڳالهہ ٻارن کي سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي، يا سمجهائڻ وارو ايترو نا اهل ۽ بي صلاحيت هوندو آهي جو هو انهن ٻارن کي انهن جي ئي ذهني معيار مطابق سمجهائي نہ سگهندو. هُو فقط پنهنجي ڳالهہ تي ضد ڏئي بيهندو آهي ۽ ڪيس ذهني تعليم جي اصول ۽ اهميت جي ڪابہ ڄاڻ نہ هوندي آهي. اهڙين حالتن ۾ ٻار ان کان نفرت ۽ بيزاري ڪرڻ لڳندا.

حقيقت هيءَ آهي تہ ننڍين ٻارن کي جڏهن اهي سمجهہ سارا ٿين ٿا تہ هنن جي پهريائين محض تربيت هئڻ گهرجي. پوءِ جيئن وڏو ٿئي ٿو تيئن ڪيس بنيادي شعور واريون ڳالهيون سمجهائجن. فطرت جون جيڪي شيون آهن، تن جي اصليت، اهميت ۽ خصوصيت بابت تاريخي، ارتقائي ۽ سائنسي بنيادن تي ڪين آگاهي ڏجي تہ جيئن ٻار اڳتي هلي گمراهہ، ڪٽر ذهن، ڏند ڪٿائن ۽ قدامت پسند روايتن جا غلام نہ بڻجي سگهن. ٻارن کي علم ادب جي پليٽ فارم تان پرک جي اهڙي ڪسوٽي مهيا ڪئي وڃي جو هُو اڳتي هلي سچ، ڪوڙ نيڪي، بَدي، ڀلي ۽ بُري جي تميز خود ڪري سگهن.

ادب جي وسيلي ٻارن ۾ همت ۽ حوصلو وڌندو آهي. انهن ۾ سهپ ۽ سنجيدگي پيدا ٿئي ٿي. انهن جي عمل ۽ ڪردار کي مثبت ۽ مهذب بنائڻ لاءِ ادب ئي اثرائتو ۽ بهتر ذريعو هوندو آهي. ادب ٻارن جي اخلاق، سيرت، نفس جي تهذيب، ذهن ۽ شخصيت جي تعمير ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪندو آهي. جنهن جو مدار وري اسان جي ماهر استادن، اديبن، دانشورن، محققن ۽ شاعرن تي آهي تہ هو ڪهڙي معيار ۽ سطح جو ادب ٻارن لاءِ تخليق ڪري ترتيب ڏين ٿا.

ٻارن لاءِ ادب ترتيب ۽ تخليق ڏيڻ ۽ رچنائون رچڻ وقت مٿين ذڪر ڪيل ٻارن جي رجحانن، معيارن، حالتن، ڪيفيتن ۽ احساسن کي نظر ۾ ضرور رکيو وڃي. ائين ڪرڻ سان هڪ طرف ٻارن جا حواس تيزيءَ سان حرڪت ڪندا تہ ٻئي طرف ٻارن جو شعور پختو ٿيندو ويندو.

**

# ”ايڪويهين صديءَ جي آجيان لاءِ سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ محققن ڪي ادبي اپيل“

سنڌ ڌرتي،جنهن جي مِٽي مردم خيز آهي، هيءَ سرزمين اديبن، عالمن، صوفين، سالڪن،دانشورن، سپورنجهن، سورمن، شاعرن، مفڪرن، محققن ۽ تاريخدانن جي امن ۽ خير، سچ ۽ سونهن جي سرزمين آهي. مان پنهنجي سنڌ جي اديبن، عالمن، شاعرن، دانشورن، محققن ۽ تاريخدانن جي خدمت اقدس ۾ انتهائي ادب ۽ احترام سان هڪ ادبي اپيل پيش ڪريان ٿو. اميد ته ان تي نهايت سنجيدگيءَ سان غور ويچار ڪيو ويندو.

سائين منهنجا! اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته فطري طور تي هر چيز ۾ داخلي ۽ خارجي تبديليون اينديون رهن ٿيون. تاريخ جو اهو سفر اڳتي وڌندو رهندو. پوئتي فقط ان جا منظر ۽ ياد رهندي آهي. تاريخ پوئتي موٽڻ جو نه، بلڪ اڳتي وڌڻ جو عمل آهي. اهو سڀڪجهه ”حال“ ئي هوندو آهي،جنهن مان ماضي به جڙندو آهي ۽ آئندي لاءِ اميدون ۽ امڪان پيدا ٿيندا آهن. اڄ جيڪو ”حال“ آهي، سو ”سڀاڻي“ ماضي ٿيندو. اڄ جو ”سڀاڻي“، جيڪو ”مستقبل“ آهي، سو سڀاڻي وري ”حال“ ٿيندو. ماضيءَ کي حال جي پٺمان ۾ نٿو ماپي سگهجي.

جيئن لطيف فرمايو ته:

”ڪنين ماضي مَنَ ۾، ڪنين استقبال،
حيف تنين جي حال، جن وڃائيو حال کي.“

هر دؤر ۾ انسان تاريخ جي مطالعي ۾ دلچسپي پئي ورتي آهي. اها تاريخ ئي آهي، جيڪا ڪيس ماضيءَ جي ڏورانهين سرحدن ۾ وٺي وڃي انساني معاشرن ۽ تهذيبن جو سير ڪرائي ٿي. تاريخ جو مقصد هي آهي ته ان جي مدد سان ماضيءَ جي واقعات کي صحيح سمجهڻ جي سگهه پيدا ٿئي ٿي. انسان ۾ اهڙو تاريخي شعور اجاگر ٿئي ٿو ته انهن تاريخي واقعن ۽ حادثن جي گهرائيءَ ۾ هڪ منصوبو آهي ۽ ان جي پسمنظر ۾ ڪي قانون آهن، جيڪي دنيا کي برابر تبديل ڪري رهيا آهن.

انسان جڏهن پنهنجي خاندان بابت ڪجهه معلوم ڪرڻ چاهيندو آهي ته هُو ”حال“ کان ماضيءَ جي طرف موٽندو آهي. پر اجتماعي، قومي يا معاشرن جي تاريخ جو مطالعو ائين ”حال“ کان ماضيءَ جي طرف نه ٿيندو آهي، بلڪ ”ماضيءَ“ کان ”حال“ جي طرف ٿيندو آهي. انسان ان پوائنٽ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جتان ان جي تاريخ شروع ٿئي ٿي. ماضيءَ جون يادداشتون، آثار (عمارتون)، نوادرات، شيون، نظريا ۽ افڪار تمدن جي تسلسل لاءِ نهايت ضروري آهن. ان طرح ڪنهن به معاشري جي تمدن جي قدامت، تهذيب ۽ ارتقا جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.ان لاءِ ائين

چيو ويندو آهي تہ جنهن قوم جي تاريخ گم ٿي ويندي آهي تہ هوءَ پاڻ کي بي سهارو ۽ اڪيلو محسوس ڪندي آهي. اگر انسان پنهنجي ماضيءَ کان ڪٽجي وڃي تہ اهو جاهل ٿي پوندو. ڇاڪاڻ تہ هر علم کي پنهنجي پنهنجي تاريخ آهي. مثلاً: فزڪس، ڪميسٽري ۽ بائلاجي وغيره. اسان جي تاريخي سرمائي هر دور ۾ پنهنجي ”تمام گهٽ“ هئڻ جي شڪايت پئي ڪئي آهي. اها شڪايت بلڪل درست ۽ جائز آهي. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ماضيءَ ۾ ٿيل هرهڪ واقعو موجود آهي ۽ بيان ٿيل نہ آهي.

ڪهڙا واقعا وڏيڪ اهم ۽ تاريخساز آهن؟ ان جو مدار وري تاريخدان جي انداز فڪر، نظريات، روين ۽ مرضيءَ تي هوندو آهي. اسان تاريخ ۾ اهڙن واقعن کي پڑهڻ جا عادي ٿي ويا آهيون، جيڪي سنسني خيز ۽ ڊرامائي انداز وارا هجن. انهن واقعن لاءِ ظاهر ۾ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ اهي تاريخساز ۽ تاريخ جي وهڪري کي بلڪل موڙڻ وارا آهن. ان ڪري تاريخدان عام طور تي اهڙن واقعن ۽ حقيقتن کي قلمبند ڪرڻ کان اڪيون بند ڪري ڇڏيندو آهي. يا انهن جي اهميت کي گهٽائي پيش ڪندو آهي، جن ذهني طور تي معاشري کي خاموشيءَ سان متاثر ڪيو ۽ خاموشيءَ سان سماج، تهذيب ۽ تمدن ۾ تبديليون آنديون.

اسان انهن نظريات، اڪفار ۽ خيالن جي سمنڊ جي اندرين تهن ۾ خاموشيءَ سان وهندا رهن ٿا، انهن کي نظرانداز ڪري مٿاڇري تي طوفانن جي قيامت خيز تباهيءَ ۽ ڪيفيت کي ڏسندا آهيون. تاريخ بابت مون ڪجھ اڻل حقيقتون ان ڪري پيش ڪيون تہ جيئن اسان جو تاريخ جي علم جي ناواقفيت سبب ماضيءَ سان جيڪو جنون جي حد تائين لڳاءُ ٿي چڪو آهي، ان جي اهميت ۽ بنيادي سبب جي معلومات ٿي سگهي.

سائين منهنجا، ڪوبہ تحقيقي ميدان هجي، يا تخليقي فارم هجي تہ ان کي صحيح سمجهڻ لاءِ سڀ کان اول ادب جي معنيٰ ۽ مفهوم، مقصد ۽ منشا، گهرجن ۽ تقاضائن کي سمجهڻ پهريون شرط آهي. ڇو تہ جيستائين اسان کي ادب جي اهميت ۽ افاديت، فڪري ۽ فطري تقاضائن، انساني ڪيفيت ۽ ضرورتن جي ڄاڻ نہ پوندي، تيستائين اسان سماج ۾ ان جو صحيح ڪارج ۽ استعمال ڪري ڪونہ سگهنداسين. نتيجو اهو نڪرندو جو بيماريءَ جي غلط تشخيص سبب صحيح دوا جو استعمال ڪونہ ٿيندو تہ مرض گهٽجڻ بجاءِ وڌندو ئي ويندو.

اسان لاءِ هڪ آزار اهو ٿيو جو ان ۾ سهل پسندي، سهپ ۽ سنجيدگيءَ جي کوٽ، محنت کان عار، ادب جي ڪنهن بہ صنف جي فني فڪري، مضمون ۽ موضوع جي معلومات جي کوٽ وغيره جهڙا عنصر گهر ڪري چڪا آهن، جن اسان جي خيال جي اڏام، فڪر جي گهرائيءَ، غور ۽ فڪر جي عادت کي هڪ جاءِ تي بيهاري ڇڏيو آهي. ادب ۾ اهو بيهڻ يا بيهڻ جهڙا رويا نهايت مايوس ڪن آهن. ٻيو ويل وري هي ٿيو جو اسان عظيم عظيم اچارڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. تاريخ کي اڳتي ڏسڻ

بجاءِ پوئتي ڏسون ٿا. اسان چئون ٿا ته اسان جي قوم عظيم ـ اسان جو علم ادب عظيم، ٻولي ۽ تهذيب عظيم، تاريخ ۽ تمدن عظيم آهي. ٻيو ٻلي کي ڪجھ به چوي، پر اسان عظيم ضرور آهيون دنيا ٻلي زهري ۽ مريخ تي پهچي، نيون نيون ايجادون ۽ کوجنائون ڪري، تحقيقون ۽ تجربا ڪري پنهنجي تاريخ جي سفر کي آسان ۽ شاندار بڻائي، پر اسين ڪجھ نه ڪنداسين، ڇو ته اسان عظيم آهيون! خبر ناهي ته اها پوئتي موٽڻ واري سوچ اسان کي ڪهڙي طرف وٺي هلندي ۽ هلندي هلندي ڪٿي دنگ ڪندي! يا بيٺل پاڻيءَ جي ڍُٻي جيان سينوارجي بيهي رهندي. تڏهن ته اسان جي سالڪن، دانشورن ۽ سپورنجهن اسان جا پِرڪارَ ڏسي سِهَڙ ۽ ڪڇونءَ جي گوءِ واري نصيحت پِري آڪاٽي جوڙي، جنهن ۾ سهڙ کي به اسان وانگر پنهنجي عظمت تي غرور ۽ گهمنڊ هو. هُو ان فوقيت ۾ ننڊ ڪرڻ لڳو. هوڏانهن ويچارو ڪمزور ڪڇون جيڪو نهايت ڍلو جانور آهي، سو مسلسل ڪوشش ۽ جدوجهد ڪندو رهيو. جنهن سهڙ کي نيٺ شڪست ڏئي عزم ۽ استقلال جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪري ڇڏيو.

حقيقت ۾ اسين جڏهن ماضيءَ جي شان شوڪت ۾ پاڻ کي گم ڪري خوشي محسوس ٿا ڪريون، تڏهن حقيقت ۾ اسين پاڻ کي خوشفهمي، غير حقيقي سچ ۽ خود فريبيءَ جي زنجيرن ۾ وڪوڙي ٿا ڇڏيون.

ماضيءَ جي پوڄا اهي قومون ڪنديون آهن، جيڪي تاريخ جي علم ۽ ڄاڻ کان ناواقف هونديون آهن. جيئن جيئن انسان عملي طور تي ڪمزور ۽ ناڪاره ٿي ويندو آهي، تيئن تيئن ان جو ماضيءَ سان ورجاءُ ۽ لڳاءُ وڌندو ويندو آهي. نه فقط ايترو، پر انسان ”حال“ جي مسئلن ۽ مونجهارن کان گهبرائجي ماضيءَ جي اٽڪاٽيءَ ۾ پناهه وٺڻ چاهيندو آهي. جتي ماضيءَ جون خاميون ۽ مسئلا اسان جي سامهون اچي اسان کي پريشان ڪونه ٿا ڪن. ان سبب ڪري اسين ”حال“ جي دنيا کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري ڪتجي وڃون ٿا. تاريخي لحاظ کان جيڪي معاشرا زوال جي حالت ۾ هوندا آهن ته اهڙن معاشرن جو تعلق ماضيءَ سان جنون جي حد تائين وڌي ويندو آهي. اهي ماضيءَ جي عظمت ۾ پاڻ کي وساري ڇڏڻ چاهيندا آهن. سنڌ مٿان مختلف دورن ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، تاتارين، مغلن ۽ انگريزن جون ڪاهون ٿينديون پئي رهيون آهن. انهن ٻاهرين قومن اسان جي اصل تاريخ، تمدن، ٻولي، ادب ۽ سماجي زندگيءَ تي پڻ گهرو اثر ڇڏيو. اڄ جيڪڏهن دنيا جي رفتار جي پيش نظر پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي (جنهن کي جديد دور ۾ ”احتساب“ چئجي ٿو) نهايت سنجيدگيءَ ۽ صداقت سان پنهنجي ڪريل رفتار جو منصفانه جائزو وٺون ته اسين اٽڪل صديءَ کان به پوئتي بيٺل نظر ايندا سون. ان وٿيءَ کي پرڻ لاءِ اسان کي پنهنجا رويا تبديل ڪري، حقيقتن کي تسليم ڪري تيزيءَ سان جدوجهد ڪري وکون وڌائڻيون پونديون. ذاتيات، جذبات ۽ انسانيت کان بلڪل بالاتر رهي سوچ جي سرحدن کي وسيع ڪري آئيندي لاءِ راهه هموار ڪرڻي پوندي.

جيئن لاکيڻي لطيف فرمايو آهي تہ:

ڪتڻ جي ڪانہ ڪيئي، سُتينءَ ساهي هَڏُ،
جِتِ سرتيون ڪنديئي سَڏُ، ات سڪندينءَ سينگار لئہ.

تنهنڪري ويهين صديءَ جي ڪيل تجربن، اڀياس، مشاهدن، تحقيق ۽ نتيجن جي روشنيءَ ۾ نتيجا اخذ ڪري ايڪويهين صديءَ لاءِ پاڻ کي ڀرپور نمونى تيار ڪري، اوچي ڳاٽ تي، سرخرو بڻجي تحقيق ۽ تجربن جي تحفن سان ان جو استقبال ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اڄ دنيا ۾ زندگيءَ جا سمورا شعبا نئين سر تحقيق ۽ تجربن لاءِ بيقرار آهن. فطري تقاضائن ۽ تبديلين مطابق نوان نوان لاڙا ۽ مفروضا وجود ۾ پيا اچن. نوان فارم ۽ اسٽائيل پنهنجي جاءِ پيا والارين.

علم ادب ۽ ٻوليءَ ۾ نت نوان ۽ بدلجندڙ حالتن جو پورائو ڪندڙ تجربا ۽ مشاهدا پيا ٿين، جيڪي موجوده اليڪٽرانڪ، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ واري دور جون گهرجون پوريون ڪري سگهن. ڇاڪاڻ تہ هر دور جي گهرجن ۽ تقاضائن جي نوعيت الڳ الڳ ٿئي ٿي. پر افسوس جو اسان هڪ صدي يعني سڄو سارو هڪ سؤ سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ ڪڏهن پنهنجو احتساب نہ ڪيو آهي. ڪڏهن بہ پنهنجي سنڌي ڏاهن، مفڪرن، دانشورن، شاعرن، اديبن، تاريخدانن، محققن، لسانيات جي ماهرن جي گڏيل ڪانفرنس يا سيمينار ڪوٺائي، علم، ادب، ٻولي ۽ تاريخ جي ماپن، معيارن ۽ تقاضائن تي پورو لهڻ بابت غور ويچار ڪري سيني رخن کان انهن جو جائزو نہ ورتو آهي تہ اسان جو ادب، اسان جي مٺڙي ٻولي، اسان جي تاريخ، اسان جي تحقيق موجوده دور ۾ ڪهڙي معيار تي بيٺل آهي ۽ ان کي ڪهڙي معيار تي آڻڻ گهرجي. هن وقت عالمي تناظر ۾ انسان جا اهم مسئلا ۽ ضرورتون ڪهڙا آهن. افسوس جو اهڙن اهم مسئلن تي ڪڏهن بہ اجتماعي غور نہ ٿيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اسين عظيم آهيون.

ايڪويهين صدي ڪڙو ڪڙڪائي رهي آهي، دنيا جي قومن نئين صديءَ جي آجيان لاءِ پاڻ کي هر لحاظ کان هر شعبي ۾ مڪمل تيار ڪيو آهي، جنهن جا عملي نتيجا اسين پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون. ان وقت اسان جي حيثيت ۽ سڃاڻپ ڪهڙي هوندي؟ انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي لاکيڻي لطيف فرمايو تہ:

سي تون ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نہ ٿئين، پوري پوري سينءَ،
ڪنڌ ڪٽنديءَ ڪيئن، اڳڻ عجيبن جي.

ادب قومن جو اهڙو سرمايو آهي جنهن لاءِ جناب ”ميڪلن“ صاحب چيو هو تہ ”قدرت انسان ۾ جن سرمدي شين کي امانت رکيو آهي، تن جي اظهار کي ئي ادب چئجي ٿو.“

جناب ”هيگل“ جو خيال آهي تہ ”ادب هڪ تاريخ آهي، جنهن مان ڪنهن ملڪ يا قوم جي وقت بوقت بدلجندڙ تمدن جون تصويرون ڏسي سگهجن ٿيون. ادب، قومن جي عروج ۽ زوال جو آئينو ضرور آهي.“

جناب ”ڪوسائن“ ادب جي پيدائش بابت لکي ٿو تہ:

رڳو فطرت جي خوبين جي تقليد ۽ خوبصورت منظرن جي ڏسڻ جي خوشي لطيف فن جي پيدائش جو اصل سرچشمو نہ آهن، بلڪ پهريائين انسان جو دماغ انهن جو مطالعو ڪري ٿو پوءِ انهن جي ترجماني ڪرڻ جي خواهش سببان ادب جي ابتدا ٿئي ٿي. يعني ڪنهن شيءِ جي ڏسڻ کانپوءِ ان بابت جيڪي خيال اسان جي دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿين ٿا، انهن کي بلڪل سهڻي ۽ شاندار لفظن ۾ قلمبند ڪرڻ مان ادب پيدا ٿئي ٿو.

سائين منهنجا! دنيا جي ترقي يافتہ ٻولين ۾ بدلجندڙ حالتن مطابق تجربا ڪري ان کي جديد ترين زاوين تي بيهاريو ويو. انهن ۾ وسعت ۽ تيز رفتاري پيدا ڪئي وئي تہ جيئن ٻولي، سائنسي ۽ ٽيڪنالوجيءَ واري ڊوڙ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻولي، جيڪا پنهنجي اندر بيشمار خاصيتون رکندڙ قديم ترين ٻولي آهي، ان جي نشونما ڏانهن ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو ويو. اگر ڪجھ لکيو بہ ويو تہ محض ٻوليءَ جي قدامت ۽ انفراديت تي لکيو ويو تہ سنڌي ٻلي ڪيتري قديم آهي. ان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خاصيتون ۽ صلاحيتون آهن. سنڌي ٻولي ڪهڙين ٻولين مان نڪتل آهي. يا سنڌي ٻوليءَ مان ٻيون ڪهڙيون ۽ ڪيتريون قديم زبانون ڦٽيون ۽ نڪتيون آهن. باقي ٻوليءَ کي سائنسي بنيادن تي جديد معيارن تي بيهارڻ لاءِ ڪا بہ سنجيده ڪوشش، تحقيق ۽ تجديد نہ ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ اگر ڪنهن مهربان محقق ۽ دانشور ڪو آواز بلند بہ ڪيو تہ ان کي پوڳ يا فضول ڳالھ ڄاڻندي ڳڻ لاتار ڪري ان اهم مسئلي ڏانهن ڪنهن بہ توجہ نہ ڏنو.

ان لاءِ مون ادنيٰ ۽ عاجز جي پنهنجي محترم محققن، دانشورن، شاعرن، اديبن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن کي اپيل آهي تہ سائين، ايڪويهين صديءَ جي اچڻ کان اڳ ٻوليءَ جي الفابيٽ جي نئين سر تحقيق ۽ تجديد لاءِ لسانيات جي ماهرن، اديبن ۽ دانشورن، مصورن ۽ محققن جي هڪ بااختيار ٻوليءَ جي ڪاميٽي قائم ڪئي وڃي، جيڪا مختلف مسئلن ۽ سوالن کي سامهون رکي ويهين صديءَ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ ٻوليءَ بابت سمورن پاسن جو نهايت سنجيدگيءَ سان بغور جائزو وٺي پنهنجي سفارش پيش ڪري. جائزي وٺڻ وقت ٻين معاملن کان علاوه هيٺين نقطن کي پڻ پيش نظر رکيو وڃي.

نئين الفابيٽ سان اسان جي موجوده نسل ۽ ايندڙ نسلن جي وچ ۾ جيڪو خال پيدا ٿيندو ۽ جيڪا اوپرائپ محسوس ٿيندي ان کي ڪهڙي طرح توازن ۾ برقرار رکي سگهبو.

موجوده صورتخطيءَ ۾ جيڪو لکيل مواد آهي، ان کي ڪهڙيءَ طرح محفوظ رکي سگهبو. جيڪو صدين جي محنت، جدوجهد ۽ قربانين جي نتيجي ۾ تمدن ۽ تهذيب جو اصل سرمايو آهي.

نئين الفابيٽ جي پيمائش ڪيتري وسيع ۽ جديد هوندي. اها ڪيتريقدر جديد سائنسي، لساني ۽ سماجي ڪارج موجب تيز رفتاريءَ سان هلي سگهندي.

اها ڪيتريقدر عام ماڻهن جي لساني لهجي ۽ مزاج مطابق هوندي. ان ۾ جاذبيت جي خاصيت ڪيتري حد تائين هوندي ۽ ان جو ڦهلاءُ ڪيترو هوندو.

ان نئين الفابيٽ جي فني ۽ سائنسي نوعيت ۽ ان جو طريقہ ڪار ڪهڙو هوندو. جيڪو هرهڪ لاءِ قابل قبول هجي.

سائين منهنجا، ادب ۽ زندگي هڪ ٻئي سان لازم ۽ ملزوم آهن. اهي هڪٻئي کان ڪنهن بہ صورت ۾ الڳ ڪري نٿا سگهجن. ادب ۾ زندگيءَ جا سمورا ڪتاب اچي وڃن ٿا. زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ ادب کي ”سپر پاور“ جي حيثيت حاصل آهي.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب ۾ بہ تبديلي آئي. ان ۾ جديد لاڙا ۽ اسٽائيل پيد اٿيا. ان کي جديد عالمي معيار مطابق بنائڻ جون ڀرپور ڪوششون ٿيون. تجربا ۽ مشاهدا ڪيا ويا. ”سنڌي ادبي سنگت“ وجود ۾ آئي، جيڪا نهايت منظم مستحڪم ۽ نج ادبي سنگت آهي. هن تمام وڏا وڏا قداور، سگهارا ۽ عظيم شاعر، اديب، دانشور، محقق، نقاد، ليکڪ پيدا ڪيا. دنيا جو جديد ادب ۽ شاعري هن ئي متعارف ڪرايا. نہ فقط ايترو پر انهن صنفن کي پنهنجي سنڌي مزاج مطابق سنڌي قالب ۾ سمائڻ جا ڪامياب تجربا بہ ڪيا. پر چوندا آهن تہ چڱيءَ شيءِ کي هميشہ چڪ لڳندي آهي. سو هن عظيم ادبي اداري کي بہ ڪا نظر لڳي وئي. هڪ طرف سهل پسندي ۽ اَڻ سهائيءَ جو رجحان، ٻيو وري پنهنجي خيالن کي حرف آخر سمجهڻ. اصلاحي ۽ تعميري تنقيد جي کوٽ، تنقيد جو معيار شخصيتن جي ”پسند“ ۽ ”ناپسند“ ۽ ذاتي ڪردار ڪشيءَ تي وڃي بيٺل. جيڪو جنهن کي وڻي ٿو تہ ”اُن جي جوڻءَ بہ اُٺَ کان وڏي“ پر جيڪو جنهن کي ذاتي طور تي نٿو وڻي تہ ان جو هاٿي بہ نظر نٿو اچي. نثر تي تمام گهٽ ۽ نظم تي تمام گهڻي پيهہ. انهن مڙني عنصرن ان جي ادبي اوسر ۽ ترقي کي تمام پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. ڪوبہ خاص تخليقي ۽ تحقيقي ڪم نہ ٿيو آهي. رڳو هڪ ٻئي جي پيرن ڪڍڻ لاءِ سندرو ٻڌيون بيٺا آهيون. شل ائين نہ ٿئي جو اتي وڃي بيهون، جتان جديد سنڌي ادب جي باني مرزا قليچ بيگ شروعات ڪئي هئي....!

مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي منهنجي هڪ تجويز آهي تہ تمام جلد سنڌ جي ممتاز اديبن، دانشورن، محققن، شاعرن، تاريخدانن، مصورن، صحافين ۽ نقادن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي هڪ ڀرپور

ڪانفرنس يا سيمينار ڪوٺايو وڃي، جنهن ۾ ان ڳالهه جو جائزو ورتو وڃي تہ موجوده سائنس ۽ ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ سرد جنگ جي خاتمي بعد واري صورتحال ۾ تاريخ ساز تبديلين جي پيش نظر ايڪويهين صديءَ لاءِ ادب جو معيار ڪهڙو هئڻ گهرجي ۽ تقاضائون ڪهڙيون آهن. ان سيمينار ۾ ادب جي مختلف صنفن تي الڳ الڳ ڀرپور بحث ڪيو وڃي. ان بعد ٽي مختلف با اختيار ڪاميٽيون جوڙيون وڃن. هڪ تاريخ جي علم بابت تاريخ جي ماهرن ۽ محققن جي جيڪا سنڌ ۾ علم تاريخ جي اوسر بابت پنهنجي رپورٽ ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪري.

ٻي برک دانشورن، اديبن ۽ شاعرن جي ڪاميٽي جوڙي وڃي، جيڪا ادب ۾ نثر ۽ نظم جي سمورين صنفن جو جائزو وٺي. هن کي جديد تقاضائن مطابق بنائڻ لاءِ ايندڙ اجلاس ۾ ان جي جامع رپورٽ پيش ڪري.

ٽين ٻوليءَ جي ماهرن ۽ محققن جي ڪاميٽي جوڙي وڃي جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان. اها ڪاميٽي پڻ طئي ٿيل ايندڙ اجلاس۾ رپورٽ پيش ڪري. اهو تاريخ ساز ڪم سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادبي بورڊ يا ٻيو ڪو اشاعتي ادارو سرنجام ڏئي، اهم ايوارڊ کٽي سگهي ٿو. اگر منهنجي ان ادبي اپيل ۽ تجويزن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪري ان تي عمل ڪيو ويو تہ اسين ايڪويهين صديءَ جي آجيان وقت ضرور ڪو جديد تاريخ ساز تحفو پيش ڪري سگهنداسين ۽ سرتين جي سٿَ ۾ اسان جو ڳاٽ اوچو هوندو.

**

# ”ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي“

سترهين صديءَ جي اڌ وارو دور دنيا ۾ ٻن زمانن جي ميلاپ وارو دور هو. هن دور ۾ دنيا نون خيالن ۽ نظرين جي روشنائيءَ سان جڳمڳائڻ واري هئي. دنيا ۾ ريتن، روايتن ۽ ڏند ڪٿائن وارو گهاڙو رستو يڪسر بدلجي رهيو هو. دنيا يڪسر نئين ٿي رهي هئي. زندگيءَ جا سمورا شعبا تحقيق ۽ تجديد، حرارت ۽ تبديليءَ لاءِ بيقرار هئا. ڏند ڪٿائن ۽ روايتن جي جاءِ تي عقل پنهنجا پير کوڙي رهيو هو. شين کي هاڻي عقل جي ذريعي تجربن، مشاهدن، خصوصيتن ۽ نتيجن جي آڌار تي پرکيو ويو ۽ انهن جي اصل حقيقت، خاصيت، ڪيفيت، اهميت ۽ افاديت کي معلوم ڪيو ويو. هن دور ۾ ئي سج جي بدران ڌرتيءَ کي گردش ڪندي قرار ڏنو ويو. هن ئي دور ۾ عالم، اديب، دانشور، شاعر، محقق، نقاد، سائنسدان ۽ فلسفي قطارن جيان پيدا ٿيا. جن نون نظرين ۽ تصورن جا معيار ۽ مينار قائم ڪيا. هن دور ۾ جرمنيءَ ۾ گوئٽي پيدا ٿيو. فرانس ۾ روسو ۽ والٽيئر پيدا ٿيا. هيگل، هيوم، نٽشي ۽ شيلي صاحب جهڙا فلسفي پيدا ٿيا. جن دنيا کي جنجهوڙي ڇڏيو. هن ئي دور ۾ جناب ”نيوٽن“ جا حيرت انگيز ڪشش ثقل جا عالمگير قاعدا وجود ۾ اچي تصديق ۽ تسليم ٿي چڪا هئا. يورپ ۾ سائنسي، مفروضا وجود ۾ آيا. يورپ ۾ پريس جي ڇپائي شروع ٿي وئي، جنهن سبب هو پنهنجو وڏي پئماني تي ڦهلاءُ ڪري سگهيا.

هيڏانهن سنڌ ۾ تنهن وقت قدامت پسندي، ڪٽرپڻي جو دور هو. پر پوءِ به ان تبديليءَ جو اثر سنڌ تي پڻ نمايان نظر اچي ٿو. ان دور ۾ سنڌو درياءَ پنهنجو رخ بدلائي رهيو هو. ”ڪلاچيءَ“ جي ڪُنَ ”ڪراچيءَ“ جي صورت اختيار ڪئي هئي. عين ان وقت سرزمين سنڌ جي ڪک مان سنڌ ۾ دنيا جو وڏي ۾ وڏي ۽ آفاقي شاعر شاهه لطيف، معاشي مساوات جو علمبردار، شاهه عنايت شهيد، امن ۽ محبت، اخوت ۽ مساوات جو علمبردار، خواجه محمد زمان، سلطان الاولياء لواريءَ وارو پيدا ٿيا.

سنڌ تي مختلف دؤرن ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، تاتارين، مغلن ۽ انگريزن جون ڪاهون ٿينديون پئي رهيون. انهن ٻاهرين قومن اسان جي اصل تاريخ، تمدن، ٻولي، علم ادب ۽ سماجي زندگيءَ تي گهرو اثر ڇڏيو. جنهن جا باقيات هر شعبي ۾ اڄان تائين ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ ۾ اچن ٿا. اڄ جيڪڏهن دنيا جي رفتار جي پيش نظر پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي نهايت سنجيدگي ۽ صداقت سان پنهنجي ڪيل رفتار جو جائزو ورتو وڃي ته اسين اٽڪل صدي کن پوئتي بيٺل نظر ايندا سين. ان وِٿيءَ کي پورڻ لاءِ اسان کي پنهنجا رويا تبديل ڪري، حقيقتن کي تسليم ڪري تيزيءَ سان محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي پوندي. ذاتيات، جذبات ۽ انانيت کان بلڪل مٿانهون ٿي، سوچ جي سرحدن کي وسيع ڪري آئندي لاءِ سوچڻو پوندو. ان لاءِ ويهين صديءَ جي ڪيل ڪارنامن، تجربن، مشاهدن ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ نتيجا اخذ ڪري ايڪويهين صديءَ لاءِ پاڻ کي اوچي ڳاٽ ٿي،

سرخرو ٿيڻ جي سامهون اچي ان جو استقبال ڪرڻ گهرجي. جيئن لطيف فرمايو ته:

ڇڄُ مَ قطاران، ساٿ ڇڙهندو لَڪِئين،
مچڻ ٿئين پُٺان، وڳ واٽ ئي نه لهين.

اهڙي طرح خواجه محمد زمان سلطان الاولياء جن فرمايو ته:

اُسُر اُپِن ڏانهن، مچڻ رهين رُجَ ۾،
جُزي جائز ناهه، ڪُلَ ريءَ ڪتڻ ڏينهڙا.

سنڌ جي مشهور اديب، شاعر، محقق، مترجم ۽ ماهر لسانيات مرزا قليچ بيگ نه فقط سنڌي ادب کي جديد معيارن تي بيهاريو بلڪ 457 عالمي شهرت يافته ڪتابن جو دنيا جي مشهوري مختلف زبانن تان پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ۽ تصنيف ڪري سنڌي ادب کي مالا مال ڪري ڇڏيو. ادب ۽ زندگيءَ جو ڪو به اهڙو پهلو نه رهيو. جنهن تي مرزا قليچ بيگ نه لکيو هجي. اهو ئي سبب آهي جو کيس جديد سنڌي ادب جو باني ڪوٺيو وڃي ٿو.

دنيا جي ترقي يافته ٻولين ۾ بدلجندڙ حالتن ۽ تقاضائن موجب نت نوان تجربا ڪري انهن کي وسيع ۽ جديد ترين زاوين تي بيهاريو ويو. انهن ۾ وسعت ۽ تيز رفتاري پيدا ڪئي وئي ته جيئن ٻولي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ڊوڙ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي. ليڪن سنڌي ٻوليءَ ڏانهن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو. اگر ڪجهه لکيو ويو ته سنڌي ٻوليءَ جي فقط قدامت ۽ انفراديت تي لکيو ويو ته سنڌي ٻولي ڪيتري قديم آهي. ان ۾ ڪهڙيون صلاحيتون آهن. سنڌي ٻولي ڪهڙين زبانن مان ڦاٽل آهي، يا سنڌي زبان مان ڪهڙيون ۽ ڪيتريون قديم زبانون ڦٽل ۽ نڪتل آهن. باقي ٻوليءَ کي وقت تقاضائن مطابق وسعت ڏيڻ ۽ جديد معيارن تي بيهارڻ ۽ صورتخطيءَ جي لاءِ ڪا خاص تحقيق ۽ تجديد نه ڪئي وئي.

اسان وٽ ڪيستائين محترم سائين غلام علي الانه صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، آگرو صاحب، علي احمد بروهي صاحب، پروفيسر جتوئي صاحب، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب، سراج صاحب، حليم بروهي صاحب، مير محمد پيرزادو صاحب وغيره جن موجود هوندا، جنجو پنهنجو جيجل ٻوليءَ لاءِ هنياءُ ڏکي ٿو.

تازو ئي محترم حليم بروهي صاحب اخبار ذريعي ٻوليءَ بابت پنهنجي هڪ مضمون ۾ سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ يا خط متاثڻ وري تجويز پيش ڪري هڪ نئين سوچ واري ڳالهه ڪئي آهي. ان

تي تمام گھڻو ۽ گرماگرم اخباري بحث شروع ٿيو. ڪِن دوستن ۽ ماهرن حليم صاحب جي سوچ جي تائيد ۾ لکيو ته ڪِن دوستن ان جي مخالفت ۾ لکيو. حليم صاحب جي تائيد يا مخالفت ۾ آءٌ لکڻ نٿو چاهيان، ڇو ته ان تي الڳ لکڻ جي ضرورت آهي. البت ايترو چوندس ته حليم بروهيءَ جي ٻوليءَ بابت لکيل مضمون ڀيو نه ٿي سهي، پر ٻوليءَ جي ماهرن ۽ ادبي حلقن ۾ جيڪو جمود طاري هو ان کي متحرڪ ۽ سرگرم ضرور ڪيو آهي. ان لاءِ محض اخباري بحث مسئلي جو ڪو پائدار ۽ جامع حل نه آهي. ان لاءِ مون ادني جي هڪ ننڍڙي تجويز آهي ته اڪيويهين صديءَ کان اڳ ٻوليءَ جي الفابيٽ جي نئين سر تحقيق ۽ تجديد لاءِ لسانيات جي ماهرن ۽ محققن جي هڪ بااختيار ڪاميٽي قائم ڪئي وڃي، جيڪا مختلف مسئلن ۽ سوالن ۽ وقتي تقاضائن کي سامهون رکي ويهين صديءَ جي تجربن، مشاهدن، نتيجن ۽ اثرن جي بنياد تي ٻوليءَ بابت سمورن رخن ۽ پهلوئن جو نهايت سنجيدگي ۽ غيرجانبداريءَ سان بغور جائزو ورتو وڃي. جائزي وٺڻ وقت ٻين معاملن کان علاوه هيٺين مسئلن کي پڻ پيش نظر رکيو وڃي.

نئين الفابيٽ سان اسان جي موجوده نسل ۽ ايندڙ نسلن جي وچ ۾ جيڪو خال پيدا ٿيندو ۽ جيڪا اوپرائپ محسوس ٿيندي ان کي ڪهڙي طرح توازن ۾ برقرار رکي سگهبو.

موجوده صورتخطيءَ ۾ جيڪو لکيل مواد آهي، ان کي ڪهڙيءَ طرح محفوظ رکي سگهبو جيڪو صدين جي محنت، جدوجهد ۽ قربانين جي نتيجي ۾ تمدن ۽ تهذيب جو اصل سرمايو آهي.

نئين الفابيٽ جي پيمائش ڪيتري وسيع ۽ جديد هوندي، اها ڪيتريقدر جديد سائنسي، لساني ۽ سماجي ڪارج موجب تيز رفتاريءَ سان هلي سگهندي.

اها ڪيتريقدر عام ماڻهن جي لساني لهجي ۽ مزاج مطابق هوندي.

ان جو ڦهلاءُ ڪيترو هوندو ۽ ان ۾ جاذبيت جي خاصيت ڪيتري حد تائين هوندي.

ان نئين الفابيٽ جي فني ۽ سائنسي نوعيت ۽ ان جو طريقه ڪار ڪهڙو هوندو، جيڪو هرهڪ لاءِ قابل قبول هجي.

مٿين اهم نڪتن کي نظر ۾ رکندي ان جي هر مسئلي تي بحث مباحثو ڪري تنهن کانپوءِ هڪ مڪمل ۽ جامع رپورٽ اتفاق راءِ سان پيش ڪئي وڃي.

ٻيو اهم بحث جيڪو اخبارن جو موضوع بڻيل آهي، اهو آهي ته سنڌي ادب متعلق، هڪڙن جو چوڻ آهي ته ادب جي هاڻي ڪابه اهميت ۽ افاديت نه رهي آهي. ادب ناڪاره بڻجي چڪو آهي. هاڻي صحافت ئي سيڪجهه آهي، جتان ماڻهو هر ڳالهه ڪليءَ طرح سان سڌي سنئين ڪري سگهي ٿو. ٻين جو خيال آهي ته ادب زنده آهي. ادب هر دور ۾ مزاحمت پئي ڪئي آهي. ادب ۽ زندگي لازم ملزوم آهن. ادب زندگيءَ جو تفسير ۽ ترجمان آهي. ادب ۾ زندگيءَ جا سمورا ڪتاب اچي وڃن ٿا. ادب ۽ زندگي هڪٻئي کان الڳ ڪري نٿا سگهجن. ان موضوع تي پڻ الڳ جامع طور تي منطقي

دليلن سان لکي سگهجي ٿو. هتي آءُ ان موضوع تي نٿو لکان.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب ۾ بہ تبديلي آئي. ان ۾ جديد لاڙا ۽ اسٽائيل پيدا ٿيا. ان کي جديد عالمي معيار مطابق بنائڻ جون ڀرپور ڪوششون، تجربا ۽ مشاهدا ڪيا ويا. سنڌي ادبي سنگت وجود ۾ آئي. جيڪا نهايت منظم ۽ مستحڪم نج ادبي سنگت هئي. سنڌي ادبي سنگت تمام وڏا وڏا قداور، سگهارا ۽ عظيم شاعر، اديب، دانشور ۽ محقق پيدا ڪيا. هي هڪ بااختيار ادبي ادارو هو. جنهن ۾ تنقيدي ڪلاس هلايا ويندا هئا. دنيا جي جديد ادب ۽ شاعريءَ کي هن ئي متعارف ڪرايو. نہ فقط ايترو بلڪ انهن صنفن کي پنهنجي سنڌي مزاج مطابق پنهنجي سنڌي قالب ۾ پڻ سمائڻ جا ڪامياب تجربا ڪيا. سنڌي ادبي سنگت کي ايشيا کنڊ جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم هجڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي. پر چوندا آهن تہ ”چڱي شيءِ کي هميشہ چَڪُ لڳندي آهي.“ سو هن عظيم ادبي اداري کي بہ ڪنهن ناظروءَ جي نظر ڪائي وڌو.

هڪ طرف سهل پسنديءَ جو رجحان، پيو اَڻ سَهائي ۽ سهپ جو فقدان، مطالعي ۽ مشاهدي کانپوءِ راتورات وڏي اديب ۽ شاعر بنجڻ جي خام خيالي ۽ خود فريبي، محنت کان عار پنهنجي خيالن کي حرف آخر سمجهڻ، اصلاحي ۽ تعميري تنقيد جي کوٽ، تنقيد جو معيار شخصيتن جي ”پسند ۽ ناپسند“ ۽ ذاتي ڪردار ڪشتي تي وڃي بيٺل جيڪو جنهن کي وڻي ٿو ان جي جوڻ بہ اُتَ کان وڏي، پر جيڪو ذاتي طور تي جنهن کي نٿو وڻي ان جو هاٿي بہ نظر نٿو اچي. نثر تي تمام گهٽ ۽ نظم تي تمام گهڻي پيهہ. انهن مڙني عنصرن جي ڪري ادبي اوسر ۽ ترقيءَ کي تمام پوئتي ڌڪي ڇڏيو. ڪوبہ تخليقي ۽ تحقيقي ڪم نہ ٿي سگهيو. ادب ۾ اديبن جي گروهي ڇڪتاڻ وڌڻ لڳي. هاڻي رڳو ائين وينا چئون تہ سنڌي ٻولي عظيم آهي. شاهوڪار آهي. ترقي يافتہ زبانن مان هڪ آهي. مڃئون ٿا برابر آهي، سنڌي ادب عظيم آهي، جديد آهي، عالمي معيار مطابق آهي. مڃئون ٿا تہ ائين بہ آهي. دنيا جي ڪنهن بہ وڏي اديب، دانشورن ليکڪ جي مقابلي ۾ سنڌ جو ڪوبہ اديب، ليکڪ يا دانشور فخر سان پيش ڪري سگهجي ٿو. مڃيوسين تہ ائين بہ برابر آهي. سنڌ جا ليکڪ ۽ دانشور دنيا جي ڪنهن بہ اديب يا ليکڪ کان گهٽ ڪينهن.

هاڻي اسان جڏهن عملي ميدان ۾ ڪابہ کيپ نہ ڪٽئون، ڪوبہ ادبي ڪارنامو سرانجام نہ ڏيون، رڳو هڪٻئي جي پيرن ڪيڻ لاءِ سندرو ٻڌيون بيٺا هجون. رڳو الفاظن ۾ وينا چئون تہ ”اسان عظيم آهيون، عظيم آهيون.“ عظيم آهيون تہ اها محض خوشفهمي، خودفريبي ۽ کوکلائپ کانسواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. اهڙيءَ روش سان ڪٿي سِهَڙَ ۽ ڳچونءَ واري ڪار نہ ٿئي، شل ائين نہ ٿئي جو اتي وڃي بيهون، جتان مرزا قليچ بيگ شروعات ڪئي هئي.

اسان وٽ ڪيستائين محترم محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، شمشيرالحيدري، ولي رام ولڀ، تنوير عباسي، الطاف شيخ، غلام نبي مغل، مير محمد پيرزادو، حميد سنڌي، آغا سليم، امر جليل،

تاجل بيوس وغيره جن هوندا جيڪي هميشہ آئيندي تي نظر اکي پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن. اهي ماڻهو پنهجي اندر مطالعي، تجربن ۽ مشاهدن جا سمونڊ سمايو ويٺا آهن. انهن پنهنجيون سموريون عمريون ادب جي خدمت ۾ اوسر لاءِ وقف ڪري روشن راهون تلاش ڪيون. انهن لاءِ لطيف سائين فرمايو تہ:

تانسين ساڻن اور، جانسين آهن اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ پاڻ متانئن گهور،
ويا جي هنگلور، ڪَرَمَ ملنديئي ڪاپڙي.

پر جي اسان انهن جي تجربن، مشاهدن ۽ نتيجن مان فائدو نہ ورتي سگهياسين تہ پوءِ وري لطيف جي چواڻي تہ:

پاڙي ويچ هئامِ، تان مون مور نہ پڇيا،
تيلاهون پيامِ، موريسر اکين ۾.

مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي منهنجي هڪ تجويز آهي تہ سنڌ جي برک اديبن، دانشورن، ليکڪن ۽ شاعرن جي هڪ بااختيار ڪاميٽي جوڙي وڃي، جيڪا ويهين صديءَ جي ڪيل تجربن ۽ نتيجن جي روشنيءَ ۾ ان ڳالهہ جو جائزو وٺي تہ موجوده سائنس ۽ ڪمپيوٽر جي تيز رفتار دنيا ۾ سرد جنگ جي خاتمي ۽ تاريخي تبديلين جي پيش نظر ايڪويهين صديءَ لاءِ ادب جو معيار ڪهڙو ۽ ڪيترو وسيع هئڻ گهرجي جيڪو انسان جي وقت حالتن ۽ تقاضائن جو ڀرپور پورائو ڪري سگهجي. ان بااختيار ڪاميٽيءَ ۾ ادب ۽ زندگيءَ متعلق نثر ۽ نظم جي سمورين صنفن تي ڀرپور تحقيقي بحث ڪري هڪ جديد، جامع ۽ مڪمل تحقيقي رپورٽ تيار ڪئي وڃي.
جيڪڏهن مون ادنيٰ انسان جي مٿين تجويزن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪري انهن تي عمل ڪيو ويو تہ اسين ايڪويهين صديءَ جي آجيان وقت ڪونہ ڪو جديد تحفو پيش ڪري دنيا ۾ پاڻ کي باوقار ۽ سرخرو ثابت ڪري سگهنداسين ۽ فخر سان چئي سگهنداسين تہ اسين ڪنهن کان بہ پوئتي ڪين آهيون.

**

# ” حقيقت جو پردو “

هر ذڪر جي، هر فڪر جي توتي پڄاڻي ٿي ٿئي. هر ڏوهہ جي، هر ڏوهہ جي، هر موهہ جي توتي پڄاڻي ٿي ٿئي. تون بيشڪ، سمورين انساني جبلتن مان نهايت تيز ۽ طاقتور چيز آهين، جو سموريون طاقتون، نيڪيون، بَديون ۽ جبلتون تو ڏانهن ڇڪجي ٿيون اچن. پوءِ انسان، توکي پاڻ کان آجو رکڻ لاءِ ڪيئي روپ ۽ نانءَ ڏنا.

هونئن تہ حضرت انسان هر چيز فتح ڪئي آهي. مريخ جي مٿان ڦيرا پيو ڏئي. پنهنجي اعليٰ هجڻ جا ثبوت پيو ڏئي، پر ڪيئي جُڳن کان وٺي تون ان تي فاتح رهي آهين. تون اهو طوفان آهين، جنهن کان ڪنهن بہ وڻ جون ٽاريون ۽ پن لڏڻ ۽ جهومڻ کان بچي نہ سگهيا آهن. بيشڪ تون وڏن وڏن پهاڙن ۽ سمونڊن کي بہ پنهنجي ننهن تي نچايو آهي. ۽ وري حيرت جي ڳالهہ آهي جو هُو ماڻهن جي اڳيان تنهنجي ڪليل نندا ڪندا رهن ٿا! پوءِ جيڪو بہ انسان ان حقيقت تان پردو کڻي ٿو تہ ماڻهو پاڻ پنهنجي اصل شڪل ڏسڻ کان خوفزده ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ ان مٿان ملامتن جو وسڪارو ڪرڻ لڳن ٿا. ”ونوس، ماريوس، نہ ڇڏيوس ...... “

❊❊

# ”پڌرا ٿيندا پول“

ماڻهو شين جي حقيقتن جي تهہ تائين پهچڻ لاءِ انتهائي خوفزده ٿي گهٻرائجي ويندا آهن. جن کي انهن پنهنجي انائن، دٻدٻي، برتريءَ جي فوقيت، ذاتي مفادن، حرص ۽ هوس خاطر مختلف ريتن ۽ روايتن، هٺرادو ۽ طبقاتي اخلاقي معيارن، آنائن ۽ رواجن کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ جوڙيل جوازن ۽ شاندار تهذيبي نالن ۽ اصطلاحن جي روپ ۾، ماضيءَ جي تاريخ جي عظمتن جي عياشيءَ ۽ نشي جي روپ ۾ تهن مٿان تهہ ڏئي ويڙهي ڍڪي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن حقيقتن تان پردا کڄندا آهن تہ بيشمار لڪل راز نروار ٿي پوندا آهن. مختلف سوال ذهن ۾ ايري انسان کي سوچڻ، ڳولڻ ۽ جاکوڙڻ تي مجبور ڪندا آهن. جيئن جيئن انسان ڪنهن شيءِ جي حقيقت کي ٿو معلوم ڪري. تڏهن انسان کي پنهنجي انائن ۽ رجعتي قدامت پسند تصورن جي ٽٽڻ، غير فطري معيارن ۽ هٺرادو پيدا ڪيل سماجي ۽ معاشي طبقات جي تبديل ٿيڻ، آٽتن، آسرن ۽ اميدن جي ٿيڳُن ڏيڻ واري لٽ ڦڪو ڪري ڪِري پوڻ جو خوف ۽ ڪنهن نئين نظام جي قائم ٿيڻ جو امڪان، اهڙا خول جن ۾ وبهي نندڙي سطح کان وٺي وڏي پئماني تائين انسان آقا بڻجي بين انسانن تي پنهنجو حڪم هلائي ٿو. انهن سمورن گهاڙو رستن ۽ طبقاتي تصورن جي ڊهي پَٽِ پوڻ جو روشن امڪان هوندو آهي. اهي خوف انهن کي حقيقت جي اصل شڪل ڏسڻ کان تمام دور ڏڪي ڇڏيندا آهن.

جڏهن ڪو ڏاهو انسان ڪنهن شيءِ جي اصل حقيقت کي آشڪار ڪري کولي منظر عام تي آڻيندو آهي. تڏهن ماڻهو مڪني هاتيءَ جيان هن لاءِ مچرجي هن جي پويان پئجي ويندا آهن. هن مٿان مذمت، نفرت، تشدد، دهشت ۽ انتقام جي برسات وسي پوندي آهي. ڇو تہ هو انهن خولن جا پولي پڌرا ڪندو آهي. هو انسان جي اندر ۾ لڪل وحشي جذبن ۽ جبلتن کي نروار ڪندو آهي. هو شرافت جي پنيان لڪل شرارتي ۽ حرڪتي ڪردارن کي وائکو ڪندو آهي.

اهي ارڏا ۽ اڏول مهان انسان جڏهن اصل حقيقتون معلوم ڪري وٺندا آهن، تڏهن سِرُ ڪٽائي ڇڏيندا آهن، پر ڪڏهن بہ مصلحتون ۽ ڪمپرومائيز نہ ڪندا آهن. هو حالتن سان مهاڏو اٽڪائي حالتون تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. اهو ضروري نہ هوندو آهي تہ اها تبديلي سندن ئي وقت ۾ اچي. پر اهي تبديلين جا تصور ۽ بنياد اهڙا تہ مضبوط رکندا آهن جو اهي تبديليون اڻ ٽر هونديون آهن. توڙي جو انهن ۾ صدين ۽ هزارن سالن جو عرصو لڳي ويندو آهي.

حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪيان ذري،
لڳي ماٺ مِرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وجن وڻ ٻري، اوپڙا ايري ڪين ڪي. (شاهہ)

**

# ” مان پاڳل آهيان “

سانت ۽ سناٽي ۾ ڪنهن ماٿريءَ ۾ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي، ماڻهن، حيوانن، پکين ۽ پرندن جي هل هنگامي، گوڙ ۽ شور کان دور، خاموش اڪيلائيءَ ۾ مان غور ڪيان ٿو. ڪائنات جي اسرارن جا ورق اٿلندا وڃن ٿا.

مونکي هيءَ دنيا نہ ڳاڙهي نہ ڪاري نظر اچي ٿي. بلڪ روشنيءَ جيان صاف ۽ شفاف آهي، جيڪا ”پاپ ۽ ثواب“، ”مان ۽ تون“، ”تنهنجو ۽ منهنجو“، ”سٺي ۽ خراب“ کان مبرا آهي. اتي زندگي فطرت جو حسين تحفو محسوس ٿئي ٿي. جنهن کي جتي ڪوبہ بندڻ ۽ ڪوٽ ڪونهي، جتي زندگي ڪنهن بہ رسمن، رواجن، ريتن، غيرفطري قاعدن ۽ هٿرادو معيارن جي چار ۾ قاتل ۽ ڦٽڪندڙ ناهي. جتي خوف ۽ لالچ، غم ۽ خوشيءَ جي حالت نہ آهي. جڏهن هيٺ لهان ٿو ۽ اها ڳالهہ ماڻهن کي ٻڌايان ٿو. انهن مروج تصورن ۽ مفروضن جو انڪار ڪيان ٿو تہ سڀني طرفن کان اديبن ۽ دانشورن، سياسي ۽ سماجي ورڪرن، عالمن، شاعرن، ڏاهن ۽ تاريخدانن کان مون مٿان پٿرن جو وسڪارو ٿي وڃي ٿو. چون ٿا، ”پاڳل ٿي ويو آهي، واڻ لڳو آهي.“ مان زخمي بڻجي اڪيلو ٿي وڃان ٿو. پر پوءِ بہ ڏاڍو مطمئن آهيان. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن ٽيڪ کانسواءِ مان مضبوط پيرن تي بيٺو آهيان. ۽ هُو ڏسان ٿو تہ پيڙبا ۽ پٽبا رهن ٿا. هوا جي جهوٽن تي گهلبا ۽ رهڙبا رهن ٿا. جن ۾ نہ وزن آهي ۽ نہ تحرڪ.

❋❋

# ڪـوڙُ

سچ ڪي نہ لڪايو ويندو آهي ۽ نہ ظاهر ڪيو ويندو آهي. ڇو تہ هُو سچ آهي، جيڪو ڪنهن منطق ۽ مفروضي جو محتاج ناهي.

ڪوڙ ڪي مختلف پوشاڪن، تصورن، مفروضن، نظرين ۽ جوازن ۾ لڪايو ويندو آهي ۽ ظاهر بہ ڪوڙ ڪي ڪيو ويندو آهي. اهو ئي سچائيءَ جو سڀ کان وڏو دليل آهي. هميشہ کان وٺي ڪوڙ تي اختلاف، انقلاب ۽ اتفاق ٿيندا پئي رهيا آهن.

ڪوڙ جي تلاش ڪيو جيڪو ڏڪيل آهي. حق ڪي توهان جي تلاش ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونهي.

**

# ڪافي ۽ وائيءَ ۾ فرق

اَلا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

صدر محترم، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جا وارث اديبو، دانشورو، محققؤ، شاعرو، سگهڙؤ، سالڪو، مدبرو ۽ نقادو، امن ۽ خير، سچ ۽ سونهن جا متلاشيو، پٽريلي پنڌ جا پانڌيئڙوا جيئي سنڌ.
صدر محترم: ڪابه ادبي صنف يا شاهڪار هجي، نثر هجي يا نظم هجي. ڪوبه تحقيقي ميدان يا تخليقي فارم هجي ته ان کي صحيح سمجهڻ لاءِ سڀ کان اول ادب جي معنيٰ ۽ مفهوم، مقصد ۽ منشا، گُهرجن ۽ تقاضائن کي سمجهڻ پهريون شرط آهي. ڇو ته جيستائين اسان کي ادب جي اهميت ۽ افاديت جي ڄاڻ نه هوندي. جيستائين اسان کي ان جي فطري ۽ فڪري تقاضائن جي خبر نه پوندي، جيستائين اسان کي ان جي روح جي پروڙ ڪين پوندي، جيستائين ان جي خصوصيت جي ڄاڻ نه هوندي، تيستائين اسان سماج ۾ ان جو صحيح ڪارج ۽ استعمال ڪري ڪونه سگهنداسين. نتيجو اهو نڪرندو جو بيماريءَ جي غلط تشخيص سبب صحيح دوا جو استعمال ڪونه ٿيندو ته مرض گهٽجڻ بجاءِ وڌندائي رهندا.
دوستو! اڄڪلهه ادب ڏانهن جو رويو ۽ رجحان آهي، سو ته منهنجي نظر ۾ نهايت افسوسناڪ آهي. ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه فقط راتورات نڪاءُ ڏئي گوگاءَ ڪيائي، وڏي اديب، شاعر ۽ دانشور بڻجڻ جو شوق، سو به رڳو شوق ئي نه پر جُنون جي حد تائين شوق. مان ان کي ذوق ڪونه ٿو چوان، ڇو ته اهڙي شوق ۾ ذوق هوندو ئي نه آهي.
هڪ آزار اهو ٿيو جو نه مطالعو ڪيوسين، نه مشاهدو، نه وري ادب جي ڪنهن صنف بابت فني ۽ فڪري معلومات رکون ٿا، نه وري اهڙي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. جنهن ڪري اسان ۾ سهل پسندي، سهپ ۽ سنجيدگيءَ جي کوٽ، محنت کان عار ڪرڻ جهڙا عنصر ۽ رجحان پيدا ٿيا آهن، جن اسان جي خيال جي اڏام ۽ فڪر جي گهرائيءَ، غور ۽ فڪر جي عادت کي هڪ جاءِ تي بيهاري ڇڏيو آهي. ادب ۾ اهو بيهڻ يا بيهڻ جهڙا رويا نهايت مايوس ڪن عمل آهن. ٻيو ويلُ وري هي ٿيو آهي جو اسان عظيم عظيم اچارڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. تاريخ کي اڳتي ڏسڻ بجاءِ پوئتي ڏسون ٿا. اسين چئون ٿا اسان جي قوم عظيم، اسان جو علم ادب عظيم، تاريخ ۽ تمدن عظيم، ٻولي ۽ تهذيب عظيم. ٻيو پل ڪو ڪجهه به چوي پر اسان ضرور عظيم آهيون.
ٻيا پلي مريخ تي زهري تي پهچن، نيون نيون ايجادون ۽ کوجنائون ڪن. تحقيقون ۽ تجربا

ڪري پنهنجي تاريخي سفر کي آسان ۽ شاندار بنائن. پر اسان ڪجهه نه ڪنداسين. ڇو ته اسان عظيم خان آهيون. اسان جو ماضي عظيم آهي. خبر ناهي ته اها پوئتي موٽڻ واري سوچ اسان کي ڪهڙي طرف وٺي هلندي ۽ هلي هلي ڪٿي دنگ ڪندي. يا بيٺل ڍُبي جي پاڻيءَ جيان سينوارجي بيهي رهندي. تڏهن ته لاکيٽي لطيف فرمايو ته:

ڏوڏا تون نه ڏئين، آڳ اوڏو نه وڃين،
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نه سهين،
اُپوائين ڇئين، ته آءُ آڳڙيو آهيان.

صدر محترم: حقيقت ۾ اسين جڏهن ماضيءَ جي شان و شوڪت ۾ پاڻ کي گم ڪري خوشي فهميءَ، غير حقيقي ۽ غير فطري سوچ ۽ خودفريبي ۽ زنجيرن ۾ وڪوڙي غفلت، ڪاهلي ۽ سستيءَ جو ثبوت ڏيون ٿا. حقيقت ۾ اسين پنهنجي، ڪوتاهين کي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ماضيءَ جي عظمت جا گيت هميشه اهي قومون ڳائينديون آهن، ماضيءَ جي پوڄا اهي قومون ڪنديون آهن، جيڪي محنت، جيڪا فطرت ، جهڙي حسين آهي، ان کان عملي طور تي ڪوتاهي ۽ روڳائپ ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو انسان بار بار ماضيءَ جي يادن سان دل کي تسڪين ڏيندو آهي. نه فقط ايترو پر انسان حال جي مسئلن ۽ معاملن کان گهبرائجي ماضيءَ جي اٽڪاٽائيءَ ۾ پناهه وٺڻ گهرندو آهي. جتي ناواقفيت ۽ اوندهه هر شيءِ کي لڪائي رکيو آهي. جتي ماضيءَ جون برايون ۽ مسئلا اسان جي سامهون نظر ڪونه ٿا اچن. اها ئي ناواقفيت اسان کي بار بار ماضيءَ جي طرف گهلي وڃي ٿي ۽ اسين ”حال“ جي دنيا کان ڪناره ڪشي ڪري ڪنجي وڃون ٿا.

صدر محترم! تاريخي اعتبار کان خاص طور تي جيڪي سماج زوال جي حالت ۾ هوندا آهن، انهن جو تعلق پنهنجي ماضيءَ سان جُنون جي حد تائين وڌي ويندو آهي. اهي معاشرا پنهنجا زوال ۽ ناڪامين جي سبب ڳولڻ بجاءِ پنهنجي زوال، غربت، محرومي ۽ افلاس کي، ماضيءَ جي عظمت ۾ وسارڻ چاهيندا آهن.

صدر محترم: هاڻي مان ادب بابت چند لفظ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس.

دوستو! جهڙيءَ طرح انساني جسم جي سمورن عضون ۽ سموري بناوت ۾ دماغ کي ”سپر پاور“ جي حيثيت حاصل آهي. جتان خيال پيدا ٿين ٿا. جتان فرمان جاري ٿين ٿا. انهن فرمانن کي انساني سيلس (Cells) عمل ۾ آڻڻ لاءِ مختلف عضون تائين پهچائين ٿا. اهڙيءَ طرح انساني زندگيءَ جي سمورن شعبن، روين ۽ ارتقائي عملن ۾ ”ادب“ کي ئي ”سپر پاور“ جي حيثيت حاصل آهي. ادب جي ذريعي انسان ۽ ڪائنات جي منجهيل مسئلن ۽ پيچيده سوالن جا صحيح جواب ۽ حل معلوم ڪري

سگهجن ٿا. زندگيءَ جا سمورا ڪتاب ”ادب“ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا. ادب مان اگر زندگي ڪڍي ڇڏجي تہ ادب پنهنجو مقصد ۽ مفهوم وڃائي ويهي رهندو.

دوستو! اڄ دنيا ۾ زندگيءَ جا سمورا شعبا نئين سِر تحقيق ۽ تجريد لاءِ بيقرار آهن. دنيا ۾ هر روز نت نوان تجربا پيا ٿين. تحقيقون پيون ٿين. فطري تقاضائن ۽ تبديلين مطابق نوان نوان لاڙا، نظريا ۽ مفروضا وجود ۾ پيا اچن. نوان فارم ۽ اسٽائيل پنهنجي جاءِ پيا والارين. علم ادب ۽ ٻوليءَ ۾ نت نوان ۽ پورائو ڪندڙ تجربا ۽ مشاهدا پيا ٿين. جيڪي موجوده اليڪٽرانڪ ۽ ڪمپيوٽر واري دور جون گُهرجون پوريون ڪري سگهن. هر دور جي گهرجن ۽ تقاضائن جي نوعيت الڳ الڳ ٿئي ٿي. ليڪن افسوس جو اسان هڪ صدي يعني سجو سارو سؤ سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ ڪڏهن پنهنجو احتساب نہ ڪيو آهي. ڪڏهن بہ پنهنجي سنڌي ڏاهن، دانشورن، شاعرن اديبن، محققن ۽ تاريخدانن جي گڏيل ڪانفرنس ڪوناءي، علم ادب ۽ ٻوليءَ جي ماپن، معيارن، وقتي ۽ فطري تقاضائن تي پورو لهڻ بابت غورويچار ڪري، ان جي سمورن رخن/ پاسن کي جاچي ان جو تفصيل سان جائزو نہ ورتو آهي تہ اسان جو ادب ۽ اسان جي ٻولي موجوده ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي دؤر ۾ ڪهڙي معيار تي بيٺل آهي ۽ ان کي ڪهڙي معيار تي آڻڻ گهرجي. هن وقت عالمي تناظر ۾ انسان جا ڪهڙا ڪهڙا مسئلا ۽ ضرورتون آهن. افسوس جو اهڙن مسئلن تي ڪڏهن بہ غور نہ ٿيو آهي، ڇو تہ اسين عظيم آهيون. جيڪا هڪ افسوسناڪ ڳالهہ آهي. هينئر ايڪيهين صدي ڪڙو ڪڙڪائي رهي آهي. دنيا جي قومن نئين صدي جي آجيان ڪرڻ لاءِ ۽ ان وٽ سرخرو ٿي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ ڀرپور نموني سان پاڻ کي سائنسي ۽ فني بنيادن تي تيار ڪيو آهي. جنهن جا عملي نتيجا اسين اکين سان ڏسي رهيا آهيون. پر اسان ڪڏهن بہ ان ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏنو آهي تہ ان وقت اسان جي حيثيت دنيا جي سامهون ڪهڙي هوندي؟ اسان جو معيار ۽ سڃاڻپ ڪهڙي هوندي؟ اسان اتي ڪهڙيءَ صف ۽ ڪهڙيءَ ڪيفيت ۾ بيٺل هونداسين؟ اهڙين حالتن کي سامهون رکندي شاهہ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نہ ٿئين، پوري پوري سِينءَ،
ڪنڌ ڪٽنديءَ ڪيئن، اگهڻ عجيبن جي.

صدر محترم، ادب جي تاريخ بابت مختلف مفڪرن ۽ دانشورن جي نقطہ نظر جو اختلاف آهي. هڪڙا ان کي ماهيت جي نظر سان ڏسن ٿا. ٻيا موضوع کي اهميت ڏين ٿا. ٽيان وري ادب جي صورت کي جاچن ٿا. چوٿان ادب کي مضمون جي نقطہ نظر کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن سڀني نظرين جو حاصل مقصد اهو وڃي بيهندو تہ ”ادب“ هڪ اهڙي مواد کي چئجي ٿو جنهن جو لاڳاپو

انسان جي عام زندگيءَ سان هجي. جنهن جا سمورا پاسا نمايان نظر اچن. ليڪن ان ۾ هڪ خاص قسم جو فارم موجود هجي ــ جنهن ۾ دلڪشي، اثر انگيزي ۽ فرحت موجود هجي.

افلاطون جو چوڻ آهي تہ "ادب اهو آهي، جنهن مان اخلاق ۽ صداقت جي نشونما ٿئي."

ارسطوءَ جو وارو آيو تہ هن ادب جي گهري اڀياس ڪانپوءِ فتويٰ ڏني تہ "تخليقي ادب نقالي ۽ محاڪات آهي. قدرتي طرح انسان محاڪات مان لطف پرائي ٿو ۽ سِکي ٿو. محاڪات اها شيءِ آهي، جا ٻارن کي پنهنجي والدين جي ڳالهائڻ، اٿڻ ويهڻ، عادتن ۽ اطوارن جي نقل ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي."

ابن خلدون جو خيال آهي تہ "ادب جو علم ايترو تہ وسيع آهي، جو ان جي موضوع کي مقرر ڪرڻ نهايت مشڪل آهي."

دوستو! يورپ جي اديبن جا ادب بابت نقطہ نظر حيرت انگيز انقلابن ۽ ايجادن مان اثر پذير ٿيل ٿا ڏسجن. جيڪي عقل ۽ تجربي جي بنياد تي قائم ڪيا ويا. جن خيالن ۾ وڏا وڏا انقلاب برپا ڪري انسان جي حقيقي زندگيءَ تائين پهچڻ ۽ شين کي اصلي صورت ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ لاءِ رستا کولي ڇڏيا.

دوستو! ميٿو آرنولڊ جو خيال آهي تہ "ادب انساني زندگيءَ جو تفسير آهي." ميڪلن صاحب جو نظريو آهي تہ "قدرت انسان ۾ جن سرمدي شين کي امانت رکيو آهي، تن جي اظهار کي ئي ادب چئجي ٿو." مشهور جرمن مفڪر جناب هيگل جو خيال آهي تہ "ادب هڪ تاريخ آهي، جنهن مان ڪنهن ملڪ يا قوم جي وقت بوقت بدلجندڙ تمدن جون تصويرون ڏسي سگهجن ٿيون. ادب قومن جي عروج ۽ زوال جو آئينو ضرور آهي."

جناب امرسن جو خيال آهي تہ "حسن، خير ۽ حقيقت ٽنهي جو گڏيل نالو ادب آهي."

نيومن جو چوڻ آهي تہ "ادب جو مطلب آهي ٻوليءَ جي ذريعي خيالن کي ظاهر ڪرڻ. خيال مان منهنجو مطلب آهي احساس، تخيل، راءِ، دليل ۽ دماغ جي ٻين شاخن سان."

جان مارلي صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب، "آن دي اسٽڊي آف لٽريچر" ۾ لکي ٿو تہ "ادب ۾ اهي سڀ ڪتاب داخل آهن جن ۾ ڪشاده دلي، سنجيدگي ۽ دلچسپ طرز بيان سان سچائيءَ جي عادتن ۽ انساني جذبن ۽ احساسن تي بحث ڪيو ويو هجي."

جناب "ڪوسائن" ادب جي پيدائش بابت پنهنجي نظرئي ۾ چوي ٿو تہ "رڳو فطرت جي خوبين جي تقليد ۽ خوبصورت منظرن جي ڏسڻ جي خوشي، لطيف فن جي پيدائش جو اصل سرچشمو نہ آهن، بلڪ پهريائين اسان جو دماغ انهن جو مطالعو ڪري ٿو پوءِ انهن جي ترجماني ڪرڻ جي خواهش سببان ادب جي ابتدا ٿئي ٿي. يعني ڪنهن شيءِ جي ڏسڻ ڪانپوءِ ان بابت جيڪي خيال اسان جي دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿين ٿا، انهن کي بلڪل سهڻن ۽ شاندار لفظن ۾ قلمبند ڪرڻ مان ادب

پيدا ٿئي ٿو.“

صدر محترم! مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو ته ادب زندگيءَ جو آئينو ۽ تفسير آهي. ادب جي مطالعي سان ئي انسان زندگيءَ جي مخفي رازن ۽ پيچيده سوالن کي نه فقط سمجهي سگهي ٿو بلڪ انهن تان پردو به هٽائي سگهي ٿو.

صدر محترم! هاڻي مان پنهنجي اصل موضوع جي طرف اچان ٿو. اڄوڪو مليل موضوع آهي، ”ڪافيءَ ۽ وائيءَ ۾ فرق“ اهي ٻئي شاعريءَ جون نهايت آڳاٽيون ۽ مقبول صنفون آهن. انهن ٻنهي جي فرق ۽ ارتقا ۽ اوسر تي اسان جا محقق، شاعر، دانشور ۽ اديب پنهنجي عالمانه ۽ ماهرانه انداز ۾ تحقيق جي روشنيءَ ۾ روشني وجهي ان فرق کي واضع ڪندا باقي مون ادنيٰ ۽ سيڪڙات کي ڇا مجال آهي جو ايڏي وڏي تحقيق طلب موضوع کي واضع ڪري سگهان. پر حڪم ٿيو آهي، ان جي تعميل ڪندي پنهنجي حقير ڄاڻ مطابق مختصر خاڪو اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

دوستو! ڪافيءَ ۽ وائيءَ جي فرق کي، سمجهڻ لاءِ پهريائين ٻنهي جي ارتقا ۽ ڏاتوئن کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي. جڏهن اسين انهن جي بنيادي گهاڙيتي، پيدائش ۽ خيال کي سمجهنداسين تڏهن اسين انهن جي فرق کي به سمجهي معلوم ڪري سگهنداسين نه ته ٻيءَ صورت ۾ رڳو گُهتون هڻڻيون پونديون، نتيجو ڪوبه ڪونه نڪرندو.

صدر محترم! بنيادي ۽ آڳاٽي لحاظ کان ”ڪافي“ نظم ۾ مکيه موضوع هئا. هڪ ثنا ۽ ساراهه ۽ ٻيو اندر جو حال اورڻ. پر فطري طور تي وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڪافيون مختلف قسم جي موضوعن، معنائن ۽ مضمونن جي اظهار جو ذريعو بڻبيون رهيون. حمد و ثنا، توحيد ۽ تصوف ـ عشق جي آتش، سڄڻ جي سڪ، محبوب جو جلوو ۽ جمال، حسن ۽ سينگار، نينهن جي نياپن پهچائڻ وارا قاصد، سڪ سوز، درد ۽ فراق جي آلاپ، مينگهه ۽ ملهار، ساوڻ ۽ سارنگ وغيره ڪافين جا موضوع بڻبا رهيا.

دوستو! وقت گذرڻ سان گڏ شين جي خاصيت، اهميت ۽ نوعيت ۾ به تبديلي ايندي آهي. اهڙيءَ طرح ڪافيءَ ۾ به هنرمنديءَ سان ڳائڻ واري ذوق سبب ان جي فني سٽاءَ ۾ پڻ تبديليون آيون. جيئن جيئن ڳائڻ واري هنر ۾ واڌارو آيو ته ڪافيون به وائيءَ واريءَ لسي چوٽيءَ کان نرالي نوع ۾ جدا جدا راڳڻين ۾ ڳايون ويون. 18 صدي عيسويءَ ۾ شاهه صاحب جي راڳ وارين ”واين“ جو ڪافين جي ڳائڻ تي وڏو اثر پيو ۽ انهيءَ اثر هيٺ هڪ ته ڪافين جي ڳائڻ ۾ سوز ۽ گداز وارو عنصر قائم رهيو ٻيو ته موضوع جي لحاظ سان مختلف قصن ۽ داستانن جي عنوانن تي مشتمل سهرائتيون ڪافيون سامهون آيون. ٽيون ته شاهه جي راڳ جي ادا وارا ڪي سُرَ هڪ خاص نئين انداز ۾ يعني ڪوهياري، سورٺ، راڻي وغيره راڳڻين جي صورت ۾ ڪافين ڳائڻ لاءِ تمام گهڻو مشهور ۽ مقبول ٿيا. ڪافيءَ جي موسيقيءَ ۾ جيئن ئي وسعت ۽ جدت پيدا ٿي ته ڪافي پنهنجي اصلي عروضي قالب

بدران سُرن جي قالب ۾ سمائجي وئي.

سنڌ جو ممتاز محقق، تاريخدان ۽ لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو ته شروع ۾ سنڌي ڪافي عربي ”ڪافيه“ يا ”ڪِلمة“ يا قصيده واري سِٽاءَ ۾ صورت پذير ٿي. يعني منڍ واري سِٽَ، ٿلهه توڙي ان بعد مصراعن جا قافيا آخر ۾ آندل هئا. ڳائڻ واري لحاظ کان منڍ واري سِٽَ يعني ٿلهه مکيه هئي. ڇو ته اهو ئي ان مضمون جو بنياد هو جنهن کي اول آلاپڻو هو.

ان ڪانپوءِ ٻين سٽن مان هرهڪ مصرع کي آلاپڻو هو. ڳائڻ جي لحاظ کان اها لسي ڪافي يا وائي واري صورت هئي. ان هڪ قافيي واري صورت ۾ ترنم ۽ لئه جو مدار سِٽَ يعني مصرع جي ڊيگهه ۽ پڇاڙيءَ واري قافيي جي سهڻائيءَ تي رکيل هو. اڳتي هلي جيئن جيئن موسيقيءَ ۽ هنرمنديءَ ڪافيءَ ۾ داخل ٿي ته ان جو اثر ڪافيءَ جي پهرين سِٽَ يعني ٿلهه تي پيو. جنهن سبب ان ۾ قافيو سِٽَ جي پڇاڙيءَ بدران وچ تي آندو ويو. ان ۾ اجا وڌيڪ تبديلي تڏهن آئي جڏهن ٿلهه ۾ توڙي مصراعن ۾ هڪ کان وڌيڪ قافيا بلڪل نئين انداز سان داخل ڪيا ويا. جنهنڪري ڳائڻ ۾ اندروني ترنم ۽ لئه جي صورت ۾ به نمايان تبديلي آئي. هاڻي ڪافي، وائيءَ کان نرالي نوعيت اختيار ڪري چڪي هئي. ڇو ته هن ۾ هاڻي ڪاريگري، تار ۽ لئه جا عنصر وڌيڪ داخل ٿي چڪا هئا.

صدر محترم، ڪافي، سنڌ جي تمام آڳاٽي شاعراڻه صنف آهي. تاريخي طور تي ڪافيءَ جو وجود شاعرن جي سرتاج لاکيڻي لطيف کان به صديون اڳ جو معلوم ٿئي ٿو. هن سلسلي ۾ پهريون بزرگ شخص، صوفي انسان شيخ لاڏ جيو سنڌي نظر اچي ٿو. جيڪو لاڏ جيو برهانپوري جي نالي سان مشهور آهي. هي بزرگ پاٽ جو ويٺل هو. لاڏ جيو جي وفات 1007هه ۾ ٿي آهي. هي بزرگ شاهه صاحب جي زماني کان ڏيڍ صدي اڳ سنڌ ۾ پهتو. پاڻ اهڙي آلاپ ۽ سوز سان ڪافيون ڳائيندو ۽ آلاپيندو هو جو ٻڌڻ وارا به مست ٿي جهومڻ لڳندا هئا. ٻيو شخص آهي مير محمد فاضل بکري، جيڪو تاريخ معصوميءَ جي مصنف مير معصوم بکريءَ جو پاءُ هو. ان مان ثابت ٿيو ته ڪافيءَ جو رواج سنڌ ۾ شاهه سائينءَ کان به صديون اڳ جو آهي. ڪافيءَ بابت مختلف دانشورن ۽ محققن جا الڳ الڳ رايا آهن. جناب برهانپوريءَ ڪافيءَ کي سنڌ جو مقبول راڳ چوي ٿو. سيد منظور نقوي ڪافيءَ کي سنگيت جي هڪ ناٽ مان نڪتل راڳ سڏي ٿو. مخدوم طالب المولي، ڪافي امير خسرو جي نئين ايجاد ڪيل راڳ کي چوي ٿو. آخوند رب ڏني ڪفي مان ڪافي بيان ڪئي آهي. سندس خيال آهي ته ساهمي يعني ترازيءَ جي ٻن پڙن جي برابر هجڻ مان امڪان آهي شعر جي ٻن مصراعن جي هموزن ۽ توري تکي ناهڻ کي ”ڪفي“ ان مان ڪافي ورتو ويو هجي. حالانڪ ٻن مصراعن مان واضع مطلب نٿو نڪري. البت غزل ۾ به سٽون ڇٽيبيون آهن، پر ڪافيءَ جي مثالن ۾ اهڙي پابندي نه آهي. جنهن ڪافيءَ جون مصراعون ٽن ٽن ۽ چئن چئن سِٽن واريون به هم قافيه ٿيون ٿيون. تنهنڪري ساهميءَ جو ٻن پڙن جو برابر هئڻ ۽ شعر جي قافين ۾ اختلاف جو هجڻ قرين قياس

نظر اچي ٿو. مولانا فضل احمد غزنويءَ جو رايو آهي تہ، ڪافي عربيءَ جو لفظ آهي. ان جو مادو ”ڪفيٰ“ ۽ مصدر ”ڪفاية“ آهي. ۽ ان جو اسم فاعل ”ڪافي“ آهي. ڪافيءَ جي اصل معنيٰ آهي ”خالي ٿيل جاءِ پرڻ“ ۽ ان جو عام استعمال ”مراد حاصل ڪرڻ“ ۾ ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ چئبو ”بس“ ڪافي آهي. يعني ان ڪان وڌيڪ ضرورت نہ آهي. ان جو مصدر ٿيندو ”ڪافي هجڻ“ يا ”پورو هجڻ“ وغيره.

دوستو! مٿين حقيقتن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ ڪافيون آڳاٽي زماني کان نظم ٿيون ۽ ڳايون ويون. پر لکت ۾ پهريون پيرو واين جي عنوان سان ميون شاهہ عنايت جي ڪلام ۾ منظر عام تي آيون. اهي ڪل (42) وايون هيون، جن مان (9) اهڙيون آهن جن جي ٿلهہ وارين سٽن جا قافيا آخر ۾ آهن. باقي (33) اهڙيون آهن جي ٿلهہ وارين سٽن ۾ قافيا وچ تي آندل آهن.

مثال: **”ساريان ملڪ ملير، پيرون ڪيرون جيڏيون.“**

هن ۾ لفظ ”ملير“ قافيو آهي، جيڪو سٽ جي وچ تي ڏنل آهي.

شاهہ عنايت نہ فقط ٿلهہ جا قافيا تبديل ڪيا، پر سِٽن ۾ هم آواز الفاظ ۽ ٻٽا قافيا بہ ڪم آندائين.

مثال طور: هم آواز لفظ.

**”سمن صالحن، توڙان طالبن، اصل آهي آمري،“**

**<u>ٻٽا قافيا</u>: اڄ گهر، اڄ گهر ايندا سين، ويٺي ڪانگ اڏايان، ائين پانيان.**

يا وري: **”گهڙي گهڙي ٿيان گهور، ناتي لائڻ سان، نينهن نيائڻ سان.“**

صدر محترم! جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم تہ ڪافيءَ پنهنجي انفرادي حيثيت تڏهن اختيار ڪئي. هن پنهنجي الڳ اسٽائيل تڏهن سامهون آندي جڏهن ان ۾ قافين جو تعداد وڌيڪ داخل ڪيو ويو.

مثال طور: عثمان فقير جي ٻن قافين واري ڪافي:

ڪُهُ تون ڪانگ ڪامان، آهين تون جيءُ جو جياپو،
منڙيون منڙيون تنهنجون مامان، آهين تون جيءُ جو جياپو.
ڪانگ اچڻ جي هَن ڪاتياري، آءٌ تنين جي محبت ماري،
سورن منجهہ سڙان مان، باهہ برهہ جي ٿي پڙڪي،
ڪوري ۾ عشق جي ڪامان.

<u>ٽن قافين واري ڪافي:</u>

تنهن جي جوت <u>جمال</u>، جيءَ کي <u>جوڙي</u> جادو <u>ڪيڙو</u>.

لکين هزارين حوريون پريون، چشمن چوري ڪيون سڀ چريون،
ڳُڻيون حسن ڪمال، ناز نهوڙي تن کي نيڙو.

مٿئين ڪافيءَ جي ٽلھ ۾ جمال، ، جوڙي ۽ ڪيڙو تي قافيا آهن. جڏهن تہ مصرع جي هيٺين سِٽَ ۾ ڪمال، نهوڙي ۽ نيڙو قافيا آهن.

دوستو! ڪافيءَ جي صنف جي اڄ جي ڪمپيوٽر جي دؤر تائين جي بقا ۽ پائداريءَ جو واحد سبب هي آهي تہ ڪافي شاعر جي اندر جي سڪ ۽ سوز جي اظهار جو ذريعو آهي. ڪافي ڄڻ تہ شاعر جي اندر جي جهونگار ۽ آلاپ آهي. سوز ۽ سنگيت کي ڪڏهن بہ مات اچٽي نہ آهي. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ ڪافي گو شاعر راڳ ۽ سُر ڏار جو بہ ڄاڻو هوندو آهي. هو جڏهن ڪافي لکندو آهي تہ ان کي ڪونہ ڪو سُرُ بہ ڏيندو آهي.

ميان ثناءُ الله "ثنائي" کوهاري جي ڪافي پيش ڪجي ٿي:

عشق گهر پنهنجو ڇڏائي ٿو رُلائي دربدر،
بادشاهن کي پُلائي، ٿو پِنائي دربدر.
هيرَ لئہ حيران ٿي، ڪيم تخت کي رانجهن ترڪ،
شاهزادو شوق مئون مُرلي وڄائي دربدر.
اي "ثنائي" عشق وارا، ڪين خواريءَ پئہ ڊڄن،
ٿو نچائي عشق هي پولو ٻڌائي دربدر.

ڪافيءَ جي مضمون ۾ اهي احوال، اهي ذڪر ۽ بيان اچڻ گهرجن جيڪي اسان جي رسمن ۽ رواجن ۾ آهن. پوءِ سُرُ ڪٿي ڪهڙو بہ هجي.

دوستو! ڪافيءَ جي هيءَ بہ خاص خصوصيت آهي تہ ڪافي آهي ئي ڳائڻ لاءِ ۽ نہ رڳو شاعريءَ جي ڪتابن ۾ لکي رکڻ لاءِ. ڪافي ۽ موسيقي ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. هونئن بہ جيترو سنڌي شاعريءَ جو موسيقيءَ سان تعلق آهي، اوترو ڪنهن ٻئي ملڪ جي شاعريءَ جو موسيقيءَ سان ايترو واسطو آهي. ٻين ملڪن ۾ صرف شعر لکيا ويندا آهن ۽ پوءِ موسيقار انهن کي ڳائڻ جي طرزن ۽ ڌنن جي قالب ۾ سمائيندا آهن.

صدر محترم! هي تہ هئو ڪافيءَ جي پسمنظر ۽ فني سِٽاءَ بابت مختصر جائزو. هاڻي مان وائيءَ بابت چند لفظ پيش ڪندس تہ جيئن ٻنهي جي فرق کي ظاهر ڪرڻ ۾ آساني ٿي سگهي.

صدر محترم! وائيءَ جي صنف جي پيدائش ۽ فني جوڙجڪ بابت پڻ ڪافيءَ وانگر مختلف محققن، عالمن، ماهرن ۽ دانشورن جا خيال مختلف آهن. وائي سنڌي شاعريءَ جي تمام آڳاٽي صنف آهي. وائي نيٺ سنڌي لفظ آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڳالھ ٻولھ". اصطلاحي لحاظ کان عام محاوري ۾ چئبو تہ "بابا چڱي وائي ڪئي" يعني زبان مان سنا اکر ڪيا. وائيءَ کي سُرَ سان ڳايو بہ

ويندو آهي.

فني سٽاءَ جي لحاظ کان وائيءَ جي ابتدا ٿلهہ سان ٿئي ٿي. باقي هرهڪ مصرع الڳ الڳ هوندي آهي. جن جو قافيوسِٽَ جي آخر ۾ ايندو آهي. بناوت ۾ بيهڪ ۾ وائي هيڪوٽي، ڏيڍوٽي، ٻيٽي، ٽيٽي، پنجوٽي، ڇهوٽي يا نائوٽي پڻ ٿيندي آهي. مضمون جي لحاظ کان تصوف، عشق ۽ محبت، سوز ۽ گداز، وڇوڙي ۽ وصال، اميد ۽ اڪير، وائيءَ جا خاص محور آهن. پر موجوده دؤر ۾ انسان جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ جا عڪس ۽ طبعي منظر وائيءَ ۾ چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. يعني وائيءَ جي مفهوم ۽ مضمون ۾ تبديلي ۽ وسعت آئي آهي.

صدر محترم! وائيءَ جي پيدائش بابت ڪن ماهرن جو چوڻ آهي تہ وائي لفظ سنسڪرت ٻوليءَ مان ورتو ويو آهي. ڪِن جو خيال آهي تہ هندي ٻوليءَ جي "واٽي" يا "ٻاٽي" مان وائي نڪتل آهي. ڪافي بہ اصل ۾ وائيءَ جي ترقي ڪيل صورت آهي. فني لحاظ کان وائيءَ جي هرهڪ سِٽ الڳ هوندي آهي. جنهن جو وزن ڪجهہ ڊيگهارو ۽ لچڪدار ٿئي ٿو ـ ۽ قافيو سِٽ جي آخر ۾ ايندو آهي.

عام طور تي وائيءَ جي هر بند ۾ هڪ سِٽَ ٿئي ٿي، پر ڪن شاعرن هرهڪ بند ۾ ٻہ سِٽون بہ ڪم آنديون آهن. جي ٻئي پاڙ ۾ هم قافيہ ٿينديون آهن. سائين طالب المولیٰ جو چوڻ آهي تہ "وايا" ۽ "وارتا" جي معنيٰ آهي، رهت، حالت ۽ معجزا. ان طرح "وايو" ۽ "وائي" هوا ۽ "پران" يا پساهہ. وائي "اهو ئي" ۽ "وهي" هڪ چيز آهن. پر انهن جو وائيءَ سان تعلق نہ آهي. تنهنڪري امڪان آهي تہ لفظ "واٽي" مان "وائي" نهيو آهي. جنهن واٽي کي سنڌيءَ ۾ "ٻاٽي" بہ چوندا آهن. جڏهن تہ لفظ واٽيءَ جي معنيٰ آهي "ٻول ۽ سخن".

دوستو! سنڌ جي ناميارِي ۽ ممتاز محقق، دانشور، عالم، شاعر ۽ نقاد مولانا غلام محمد گرامي صاحب جن جو خيال آهي تہ وائيءَ جو تعلق "واءُ" ۽ "واٽيءَ" سان نہ آهي، بلڪ "واءِ واءِ" يعني "هاءِ هاءِ" سان آهي. "واءِ واءِ" ڪرڻ محاورو آهي. يعني دانهون ڪرڻ. "پِٽڻ ۽ روئڻ". شاهہ لطيف جي درگاهہ تي ٿيندڙ راڳ بہ واءِ واءِ جي آوازن سان آهي. ان ۾ لفظ ۽ طرف جڙ آهن ئي ڪين.

سنڌ جو عظيم دانشور، محقق ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشدي صاحب جن بہ پنهنجي تحقيق ۾ صحيح فيصلو ڏيندي فرمائن ٿا تہ لغت ۾ لفظ وايو ۽ وائي بہ ملن ٿا. جن جون معنائون آهن وايو معنيٰ "هوا ۽ پران." جنهن کي ساهہ ٿو سڏجي. وائيءَ جي معنيٰ آهي "اهو ئي". ڪِن جو وري بہ خيال آهي تہ لفظ "واءِ" منجهان وائي نهيو آهي. "واءِ" عربي ٻوليءَ ۾ افسوس جو اظهار آهي. تنهنڪري جيئن وائيءَ ۾ فراق، هجر ۽ غم جو بيان ٿئي ٿو تنهنڪري جيئن سنڌي شاعريءَ جي انهيءَ مقبول صنف تي وائي نالو رکيو ويو.

دوستو! ڪافي ۽ وائي موضوع ۽ مواد جي حيثيت سان تہ ڪنهن حد تائين هڪ آهن. ليڪن فني هيئت، فارم ۽ اسٽائيل ۾ ٻنهي ۾ فرق آهي. وائيءَ جو ٿلهہ بہ اڌ ٿئي ٿو. پهرئين اڌ ۾ قافيو ۽ ٻيو اڌ

بنا قافيي جي آهي. ليڪن ڪافيءَ ۾ ائين نہ آهي. ڪافيءَ جي ٿلھ جي پنهي سٽن جي آخر ۾ قافيا ٿين ٿا. ان کان علاوه وائي، ڪافيءَ جي ابتدائي صورت آهي. وائي هڪ سِٽَ ۽ وراڻي تائين محدود آهي. پر ڪافيءَ جي سٽاءَ ۾ وسعت آهي. وائيءَ ۾ مٿان فقط هڪ سِٽَ ٿئي ٿي، جيڪا ٻن ميمبرن تي مشتمل آهي ۽ ٻي سِٽَ هڪ رُڪن تي مشتمل ٿئي ٿي. يعني وائيءَ جي ٻنهي سٽن کي اگر ڏيڍي چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو. وائيءَ جو پويون اڌ تہ جڻ وراڻو آهي، پر اهو وراڻو يا ورجاءُ هيٺينءَ هڪ سِٽَ جو هر حيثيت سان حصو ۽ جوڙ آهي. اگر ان پوئين رُڪن کي وائيءَ جو روح چئجي تہ بجا آهي. وائيءَ جو پويون رڪن روانو ۽ شائستہ ٿئي ٿو جيڪو هر سٽ سان لڳندو آهي. ان کي واضع ڪندو ۽ کوليندو هلندو آهي. هي حصو نهايت رَسَ ڀريو ۽ رتل ٿئي ٿو. وائيءَ جو وراڻو هر حال ۾ ساڳيو رهندو آهي. پر ڪافيءَ جو بدلبو رهندو آهي. وائيءَ لاءِ اول ڪنهن هڪ رُڪن کي جهونگارجي ٿو پوءِ ان کي ٻيڻو ڪجي ٿو. وايون ۽ ڪافيون عروضي پابندين سان نہ پر، راڳ، سُرَ، ترنم ۽ نغمي جي مناسبت سان چئجن ۽ لکجن ٿيون.

دوستو! هونئن تہ وائيءَ جي صنف نهايت قديم ۽ آڳاٽي آهي ليڪن لکت ۾ پهريون وايون اسانکي ميون شاهہ عنايت جون ملن ٿيون، جن جو ڪل تعداد (42) آهي. هنن واين جي ٿلهن ۾ ڪِن جي وچ تي ۽ ڪِن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيا ڪم آندل هئا. شاهہ عنايت راڳ ۽ موسيقيءَ جو تمام وڏو ڄاڻو هو. هُنَ وائيءَ جي سِٽن ۾ قافين ۽ لفظن، جي انوکي فني سِٽاءَ سان وائيءَ جي موسيقيت ۾ اضافو ڪيو. وائيءَ جي لفظن کي وائيءَ جي لئہ سان هم آهنگ ڪرڻ جو موجد بہ غالباً شاهہ عنايت ئي آهي. ڪانئس پوءِ اهي سڀ خوبيون ۽ سهڻايون لاکيڻي لطيف جي واين ۾ وڌيڪ چمڪيون ۽ اثر انگيز ٿيون. ڄاڪاڻ جو شاهہ جو راڳ باقاعده هڪ ادارو بڻجي چڪو هو. شاهہ سائينءَ جي راڳ ۾ لسي وائيءَ کي دنبوري جي چيڙ تي ڳايو ويو. جڏهن تہ اهي وايون جن جا قافيا وچ تي آندل هئا تن کي ڏيڍي ۽ دوتالي تار ۽ لَئہ تي ڳايو ويو.

*

**ٻتي نہ ٻار اڱڻ جي،**
**چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.**

*

**اجا رات جا ٻارهن ٿيا هِن،**
**توکي لڳي آ يار وڄڻ جي،**
**چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.**
**(تنوير عباسي)**

*****

**پينگهي ۾ ستل هئينءَ تون،**
**پر مون ٿي ائين سمجهيو**
**هڪ خواب ستل آهي.**

*****

**نم ڇانوَ جي ڀاڪر ۾،**
**گمنام مسافر جو**
**هڪ خواب ستل آهي.**
**(ادل سومرو)**

مٿين واين ۾ توڙي جو نهايت فني پختگي، نزاڪت، باريڪ بيني، جدت، جوش ۽ سادگي موجود آهي. پر پوءِ به ان جي پوئين رڪن کي اها ئي ساڳي اهميت حاصل آهي، جيڪا مٿينءَ سِٽَ جي مفهوم کي واضع ڪندي ۽ کوليندي هلي ٿي. توڙ يجو ان جي اسٽائيل وقتي تقاضائن مطابق تبديل ٿي آهي، پر پوءِ به ان جو ڍانچو ۽ فارم تبديل نه ٿيو آهي.

صدر محترم! اهو اسان جي سنڌي اديبن، دانشورن ۽ شاعرن جو ڪمال آهي جو انهن شاعريءَ ۾ جديد سڏارن آڻڻ جي باوجود به انهن جي شڪل ۽ مواد کي ساڳيءَ صورت ۾ برقرار رکيو آهي.

دوستو! مٿئين تفصيلي جائزي کانپوءِ آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته تاريخي سفر جي لحاظ کان فرق صاف ظاهر آهي ته وائي، وائي آهي. ڪافي ڪافي آهي. وائيءَ مان ڪافي ڪونه ٿيندي ۽ ڪافيءَ مان وائي ڪونه ٿهندي. اهي پنهنجي پنهنجي فارم، اسٽائيل ۽ فني سِٽاءَ جي لحاظ کان به الڳ الڳ صنفون آهن. فرق فقط اهو آهي ته وائيءَ جي صنف عام ۽ خاص ۾ نهايت مقبول آهي. هن صنف ۾ ننڍو توڙي وڏو شاعر پنهنجا خيال، پنهنجا احساس ۽ جذبا آسانيءَ سان اوتي سگهي ٿو.

وائيءَ جو فني گهاڙيٽو نهايت آسان ۽ اثر انگيز آهي جو هر شاعر ان ۾ طبع آزمائي ڪري ٿو. نه فقط ايترو پر وائي پنهنجي اندر انتهائي ڪشش ۽ وسعت رکڻ واري صنف آهي، جيڪا شاعر کي ۽ ٻڌندڙ کي پاڻ ڏانهن متاثر ڪري ٿي. ليڪن افسوس جو ڪافي، جيڪا پُراثر، پُرسوز ۽ پُر ڪيف آهي، جنهن ۾ اڪير ۽ فراق جون پڪارون آهن. ان جي جدت، ترقي ۽ سڌاري ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي. ڪافيءَ جو فني سِٽاءُ شايد ايڏو مشڪل آهي، جيڪو مهارت ۽ ڪاريگريءَ کانسواءِ سَرجي نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄڪلهه ڪوبه شاعر ڪافيءَ جي صنف لکڻ ۽ ان تي طبع آزمائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ نه ئي وري اهڙي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي.

دوستو! انهيءَ سهل پسنديءَ ۽ سستيءَ مان ائين نه ٿئي جو اسان جي شاعري ادب مان اها صنف

ئي ناپيد ٿي رڳو آڳاٽن ڪتابن ۾ ئي رهجي وڃي. تنهنڪري هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪافيءَ جي صنف کي آسان ۽ دلڪش بنائڻ لاءِ ان ۾ جديد تقاضائن مطابق سڌارا آڻي، ان ۾ وسعت پيدا ڪئي وڃي ته جيئن هر شاعر آسانيءَ سان پنهنجا خيال، احساس ۽ جذبا ان صنف ۾ اظهار ڪري سگهي. اهو ڪم سنڌي ادبي سنگت ئي سرانجام ڏئي سگهي ٿي، جيڪو سنڌي ادب جو سڀ کان سگهارو ۽ منظم ادبي پليٽ فارم آهي.

جناب صدر! مون عاجز جي هڪ تجويز آهي ته سال 1997ع کي ڪافيءَ جو سال قرار ڏنو وڃي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي هر شاخ هر مهيني جي دستوري گڏجاڻين مان هڪ گڏجاڻي خاص ڪافيءَ لاءِ مقرر ڪئي وڃي، جنهن ۾ فقط ڪافيءَ جي صنف تي پڙهيو ۽ ڳالهايو وڃي.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.

مهرباني.

## "حوالا"

قافيون جلد ـ 3 (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

مهراڻ ته ماهي.

روزانه هلال پاڪستان.

سنڌي ادب جي تاريخ

ادب ۽ تنقيد.

(نوٽ: هي مقالو سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪريءَ جي پروگرام "وائي ۽ ڪافي فني ڇنڊ ڇاڻ" جي موضوع تي ڪرايل مذاڪري ۾ پڙهيو ويو هو.)

**

# سچاٽو تہ مان ڪير آهيان؟

دوستو! ڏاڍو انتظار ڪيم. هر ڪنهن کي آزمائي ڏٺم. تہ من نہ من ڪو اديب يا شاعر، دانشور يا محقق جاڳي پوي. مون ڏانهن توجہ ڪري مون تي بہ اکر لکي وجهي. ڇو تہ منهنجو بہ هن سماج ۽ معاشري ۾ ڪو ڪردار آهي. ڪي صلاحيتون مون ۾ بہ آهن. منهنجو بہ ڪو ڪارج آهي. منهنجون بہ ڪي خدمتون آهن. نڪمو ۽ بيڪار تہ مان آهيان ئي ڪونہ. هونئن بہ هن ڪائنات ۾ ڪابہ شيءِ بيڪار ڪونهي. قدرت جون سڀئي شيون ڪارائتيون ۽ اهميت واريون آهن. پر ڪنهن ۾ ڪهڙي خوبي تہ ڪنهن ۾ ڪهڙي خاصيت. پر سائين پنهنجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي! مان بہ هجان ها ڪو گلاب جو گل، ڪنول ۽ رابيل جو گل تہ اهي اديب ۽ شاعر، فنڪار ۽ قلمڪار خوب خوب تعريف ڪن ها! هجان ها ڪو چنڊ جو ٽڪرو، تہ پنهنجي محبوب جي چهري سان تشبيهہ ڏين ها. پر ڇا ڪريان مان آهيان بي ڊولو، صفا لُلُ مُل، ڪجهہ گول گول، ڪجهہ ٽاڪيءَ جهڙو. رنگ جو بہ صفا ميرو مٽيءَ جهڙو. تہ پوءِ سائين وڏن اديبن ۽ شاعرن ۽ ليکڪن جي مون غريب تي اک ڪيئن پوندي!! پر سائين، مڙس جا هَڏَ، قَدَ ڪاٺَ ڪونہ ڪڇبا آهن. انهن جا رنگ ۽ چهرا ڪونہ ڏسبا آهن. سو مان بہ آهيان سادڙو ۽ ميرڙو پر آهيان وڏي ڪم وارو. هر وقت ۽ هر دور جي اهم ضرورت آهيان.

دوستو! وڏن کان ٻڌندو پيو اچان تہ منهنجو اصل جنم اڄ کان هزارين سال اڳ، جڏهن انسان ۾ پوک ڪرڻ جو شعور پيدا ٿيو هو. تڏهن نيل نديءَ جي ڪناري تي مصر، آمريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ريتيلي ۽ زرخيز زمين تي ٿيو هو. پوءِ تہ ويس وڌندو ۽ ويجهندو. هاڻي تہ دنيا جي هر ملڪ، هر قوم، هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ منهنجو نسل موجود آهي.

دوستو! دنيا جا ٻيا سڀ ميوا ۽ ڀاڄيون پنهنجي پنهنجي مُند تي اچي منهن ڪڍن. ڪجهہ ڏينهن رهي، وري جو وڃن تہ پوئواري ئي ڪونہ ڪن. سنگتي ساٿي جن سندن گرمجوشيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪيو تن کي اڌ ۾ ڇڏي اڪيلو ڪيو ڇڏيون هليا وڃن. ڇڻ واقف ئي ڪونهن. وري جو مند موٽي تہ پاڻ بہ اچي ڪر ڪڍي سامهون بيهن ۽ وري بہ سندن هرڪوئي آجيان پيو ڪندو.

دوستو! منهنجي ڪهاڻي ڪجهہ اور آهي. منهنجي نہ مند آهي ۽ نہ مهينا. مان هر موسم ۽ هر حال ۾ اوهان جي زندگيءَ ۾ اوهان سان گڏ آهيان. ٻارهن ئي مهينا اوهان وٽ موجود آهيان. ڏک سک ۾ هر ڪنهن جو ساٿي آهيان. غريبن جو تہ صفا همدرد ۽ يار آهيان. ويچارا مسڪين ۽ مارو ماڻهو، جهانگي ۽ سانگي ماڻهو جيڪي ”آٽين ۽ چاڙهين“ واري حالت ۾ گذران ڪن. سي گوشت مڇيءَ جي ڳاٽي ڀڳيءَ ٻها کي پڄي ڪونہ سگهن. اهي بس سياري، سانوڻ، رات ۽ ڏينهن مونکي ئي استعمال ڪن. مونکي وري ناهڻ جو اهڙو تہ ڏانءُ اٿن جو گوشت مڇيءَ کي بہ شهہ ڏيو ڇڏين. هي مارو ماڻهو دل جا سخي، مهمانواز ۽ اوطاقي ماڻهو ٿين. آڏيءَ مانجهيءَ سندن اوطاقن ۽ اوتارن تي ڪو مهمان ايندو

تہ ڪشاده دليءَ سان انهن جو استقبال ۽ آدر ڀاءُ بہ مان ئي ڪندو آهيان. مان انهن وٽ ڏاڍو هِريِ مِريِ ويو آهيان. هوبہ اهڙا قرب جا ڪوڏيا جو ٻارهوئي مون مان سڪ ئي نہ لهين! ڇو تہ مون بہ انهن سان ڪو پوبون پير نہ ڏنو آهي. ٽتيءَ ٽڏيءَ، سڏ ۾ سڏ ڏيون بيٺو آهيان.

دوستو! منهنجا تہ وڏن ماڻهن سان بہ وڙ آهن. پوءِ اهي ڪروڙ پتي امير هجن يا آفيسر صاحب لوڪ، سياستدان هجن يا سائنسدان، سرمائيدار هجن يا جاگيردار. انهن جي هر طعام ۾ جيستائين مان نہ هجان، تيسين سمجهو تہ هر طعام جو سواد، بي ذائقو ۽ اڌورو پيو لڳندو. جيئن ڪنهن گاني ۾ فنڪار جو آواز هجي. ليڪن سنگيت جا ساز نہ هجن. اهڙيءَ طرح مون انهن جي بہ خدمت ڪئي آهي. سندن طعامن کي عمده ۽ لذيذ بڻائيندو آهيان. شهرن جا ماڻهو مون منجهان حلوو ٺاهين. ذائقيدار ۽ ڪڙڪ چپس ٺاهين. پڪوڙن ۽ ڪچورين ۾ پڻ منهنجو ججهو استعمال ڪندا آهن. مان تمام گهڻن ماڻهن جي آمدني جو ذريعو پڻ آهيان. مان انهن جي معاشي صورتحال بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيان ٿو. ڇاڪاڻ تہ منهنجو هر جاءِ تي ٻين سڀني شين کان گهڻو استعمال ٿئي ٿو.

دوستو! منهنجي هيءَ بہ خوبي آهي تہ مان هر جاءِ ۽ هر وقت موجود رهان ٿو. دنيا جا ٻيا کهڙا بہ ميوا ۽ ڀاڄيون هجن انهن کي بہ ڏينهن اسٽور ڪري رکبو تہ بلڪل خراب ٿي ويندا. سڙي ۽ سڪي ويندا ۽ کائڻ جي لائق ئي نہ رهندا. پر مون تي قدرت جي اها خاص مهرباني آهي تہ مان مهينن جا مهينا پيو هجان تہ نہ سڙان، نہ سُڪان ۽ نہ وَس ڪئي خراب ئي ٿيان.

دوستو! مون ۾ خوراڪي جزن ڪانسواءِ وٽامنس بہ ججهي انداز ۾ هوندا اٿو. ڪوبہ معدي جو ڪمزور ماڻهو مونکي کائيندو تہ منهنجي طاقت کي هضم نہ ڪري سگهندو ۽ پوءِ الزام وري منهنجي مٿان تہ مان بادي آهيان. حالانڪ اها منهنجي وٽامن جي قوت آهي جنهن کي همراهہ برداشت ڪري نہ سگهيو.

دوستو! هاڻي پڪ سان اوهان سمجهي ويا هوندا تہ مان ڪير آهيان؟ خط لکي ضرور ٻڌائجو.

**

# ”چانهہ _ Tea“

ڪڏهن تہ چانهہ يعني ”Tea“ جو نالو نشان ئي ڪونہ هو. ڪنهن ”چانهہ“ جو نالو ئي ڪونہ ٻڌو هو. پر وري حضرت انسان بہ تہ ڪا هستي آهي. جيڪو پنهنجي عقل ۽ دماغ جي ذريعي نيون نيون شيون ڳوليندو ۽ سمجهندو رهي ٿو. انسان پوري سفر ۾ شين جي تلاش ۽ تصورن جي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ ۾ سرگردان رهندو پئي آيو آهي. سو ڪنهن وقت ڪٿان ”چانهہ“ جي ٻوٽي کي بہ ڳولي وجي هٿ ڪيائين.

”چانهہ“ پهريائين تہ شاهي محلن، وزيرن ۽وڏن وڏن ڪامورن وٽ استعمال ٿيندي رهي. ان درجي جا ماڻهو ذهني ۽ جسماني ٿڪاوٽ دور ڪرڻ ۽ دماغ جي وقتي ٿڪاوٽ هٽائڻ لاءِ ان کي وري تازگي ڏيڻ لاءِ چانهہ جي ڪوپ کي استعمال ڪندا هئا. يعني چانهہ کي ڪاڙهي پيئندا هئا ان سان انهن کي Taste بہ ايندي هئي تہ Rest پڻ. ان ڪانپوءِ ذهني پورهيو ڪندڙ ليڪڪن بہ چانهہ جي ڪوپ کي پنهنجي علمي، ادبي ۽ فڪري ٽيبل تي ويهاريو. اهڙيءَ طرح فيشن طور يا انساني فطرت مطابق ”سواءِ سوچڻ سمجهڻ جي پنيان ٻوڙ ڪرڻ.“ جيان چانهہ جو واهپو ڏينهون ڏينهن ويو وڌندو. ايتريقدر جو چانهہ پيئڻ جڻ تہ سُريلائپ، معتبرائپ ۽ وڏ ماڻهائپ جي علامت سمجهي پئي وڃي.

هاڻي تہ واهڻن ۽ وستين ۾، ٿرن ۽ برن ۾، جبلن ۽ ٻيلن ۾، ديرن ۽ دنين ۾، روڊن ۽ سڙڪن تي، گهرن ۽ اوطاقن ۾، چنن ۽ ڇپرن ۾، رڳو چانهہ ئي چانهہ آهي. ٻهراڙين ۾ تہ اڄڪلهہ اوطاقن بجاءِ هوٽلون ڪلن ٿيون. جتي بہ گهر آهن تہ ٿيون هوٽل آهي. مڪڻ، ماکين، کير ۽ ڏڌ جي جاءِ چنبڙيءَ چانهہ والاري آهي.

مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي اهو ضروري آهي تہ تہ ان ياڳيريءَ چانهہ جي ڪجهہ معلومات بہ رکون تہ اها اصل ۾ ڪٿان آئي، ڪيئن آئي، ان ڪهڙا ڪهڙا مرحلا طئي ڪيا.

ٻڌمت يعني گوتم ٻڌ جي پوئلڳن جي بہ چانهہ بابت اها ڏند ڪٿا آهي تہ سندن هڪ ”ڀڪشو“ (ٻڌمت وارا پنهنجي مذهبي وڏي عالم يا بزرگ کي ”ڀڪشو“ چوندا آهن.) تبت ۾ مراقبي ۾ وينو هو (تبت، چين ۽ هندستان جو سرحدي علائقو آهي. تبت ٻڌمت وارن جو مقدس علائقوءِ مذهبي مرڪز آهي. جتي ٻڌمت جو سڀ کان وڏو مذهبي پيشوا ”دلائي لاما“ رهندو آهي.) هن جڏهن پهريون دم ڪنيو تہ هن کي ڪابہ حيران ڪندڙ تبديلي ڏسڻ ۾ ڪونہ آئي. وري ٻيو پيرو مراقبي ۾ وينو پر ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪتو. وري هن ٽيون پيرو ساهہ روڪيو وري بہ جڏهن واپس موٽيو تہ هن کي وري بہ ڪا تبديلي نظر نہ آئي. اتي هن جذبات ۾ اچي پنهنجي اکين جا پنبڻ ڪٽي اڇلي ڇڏيا.. ڀڪشو هڪ سال ڪانپوءِ جڏهن حواسن جي دنيا ۾ مٽي آيو. تڏهن هن ڏٺو تہ جتي هن اکين جا پنبڻ ڪٽي اڇليا هئا، اتي خوشبودار ٻوٽا ڦٽل هئا. جن مان دل کي متاثر ڪندڙ هڳاءُ اچي رهيو هو. اهو ٻوٽو اصل ۾

سندن چوڻ مطابق چانھ جو ٻوٽو هو.

ٻڌمت وارن جي ان قصي ۾ ڪيتري صداقت آهي سان هڪ الڳ ڳالھ آهي، پر اها حقيقت آهي تہ چانھ جي شروعات ساڍا چار هزار سال اڳ چين ڪان شهنشاهہ "شاہ نگ" جي دور ڪان ٿي هئي. جنھن ڪي جپان ۾ متعارف ڪرڻ جو سهرو ٻوڌي ڀڪشوئن جي سِرَ تي سونهي ٿو. جيڪي مراقبي دوران ننڊ ڪي ڀڄائڻ لاءِ چانھ جو استعمال ڪندا هئا. چانھ ڪي دوا يا شربت طور مقبوليت ڏيارڻ ۾ بہ انهن ٻوڌي ڀڪشوئن جو ئي وڏو هٿيار ڪار فرما هو. جو تہ چانھ جي خصوصيت ڪي پهريائين انهن ئي سمجهيو هو. چانھ جي باقاعده پوک ڇهين صدي عيسوي ڌاري چين ۾ شروع ڪئي وئي.

"چانھ" اصل ۾ **"Camellia sinesis"** نالي هڪ ٻوٽي جي پنن مان ٺهي ٿي. "چانھ" لفظ چيني زبان جي لفظ چاءِ (**Cha**) مان نڪتل آهي، جنھن لاءِ انگريزي ٻوليءَ جو متبادل لفظ "Tea" آهي، جيڪو چين جي علاقائي ٻوليءَ جي لفظ **"Tay"** مان ورتل آهي. چين مان اهو لفظ جپان پهتو. جتان سفر ڪندو، پنهنجي خوشبوءِ پکڙيندو اثر ڇڏيندو هندستان ۽ ايران آيو ۽ اتان وري روس ڏانهن رخ رکيائين. سترهين صدي عيسويءَ ۾ پورچوگيز جهاز دانن ان چانھ کي اوپر ڪان وٺي يورپ تائين متعارف ڪرايو. تاريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ يورپ چانھ لاءِ لفظ **"Tea"** **1660**ع ۾ رائج ٿيو. حالانڪہ **18** صديءَ جي اڌ تائين پڻ لفظ **"Tay"** هلندو رهندو هو.

**17**_ صديءَ ۾ يورپ اندر چانھ عوامي مقبوليت حاصل ڪري چڪي هئي. هندستان ۾ انگريزن جي اچڻ وقت چانھ کي فقط دوا طور استعمال ڪيو ويندو هو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن سرڪاري ۽ دوستانہ گڏجاڻين ۽ محفلن ۾ چانھ کي مشروبات طور پڻ استعمال ڪيو. چانھ کي عوامي سطح تي مقبوليت ڏيارڻ ۾ هڪ انگريز واپاري "ٿامس لپٽن" جو وڏو هٿ آهي. لپٽن **1880**ع تائين عام دڪاندار هو پر، پوءِ هن چانھ جو واپار شروع ڪري عالمي شهرت حاصل ڪئي. اڄ بہ لپٽن نالي واري چانھ ڪمپني جو شمار دنيا جي تمام وڏين ڪمپنين ۾ ٿئي ٿو.

اڄڪلھ چانھ جو واهپو ۽ استعمال ايترو تہ وڌي ويو آهي جو چانھ هڪ قسم جي ذهني، جسماني ۽ نفسياتي ضرورت بڻجي چڪي آهي. سڄيءَ دنيا ۾ پٽاٽن ۽ ڪڻڪ کانپوءِ ٽئين نمبر تي چانھ هڪ غذائي عنصر جي حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي. چانھ جي وڌندڙ استعمال جي ڪري چانھ جي سالانہ پيداوار بہ ارب ست ڪروڙ ڪلوگرام ڪان ٽپي چڪي آهي.

برطانيہ دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ چانھ درآمد (**Import**) ڪندڙ ملڪ آهي. سال **1990**ع ۾ برطانيہ جي انگريزن **141894** ميٽرڪ ٽن چانھ واپرائي. جڏهن تہ ٻئي طرف آمريڪا **76946** ميٽرڪ ٽن چانھ هضم ڪئي. **1990**ع ۾ پاڪستان هڪ لک چار هزار **104000** هزار ميٽرڪ ٽن چانھ درآمد ڪئي.

هندستان دنيا ۾ وڏو چانهه پيدا ڪندڙ ملڪ آهي. هندستان ۾ 1997ع ۾ 800 ملين ڪلوگرام چانهه اپائي وئي. جنهن مان 162.86 ملين ڪلوگرام چانهه برآمد ڪئي وئي. دنيا ۾ گهٽي کان گهٽي چانهه درآمد ڪندڙ ملڪ "سِري لنڪا" آهي. معيار جي لحاظ کان ڪينيا جي چانهه دنيا ۾ پهرين نمبر تي آهي. مارڪيٽ ۾ چانهه جي پتيءَ جا عام طور تي ٻه قسم وڪامجن ٿا. هڪ "ڊسٽ" ۽ ٻي "داڻي دار". داڻيدار چانهه قيمت ۽ ڪوالٽيءَ ۾ ڪجهه قدر وڌيڪ هوندي آهي.

چانهه هڪ خاص قسم جي ٻوٽي جي پنکڙين ۽ پنن کي توڙي انهن کي هڪ پراسيس مان گذاري تيار ڪئي ويندي آهي. چانهه جي پنن کي پتيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. جن مان هڪ قديم طريقو آهي، جنهن تحت چانهه جي ٻوٽي جي پنن کي سڪائي سادو قهوو تيار ڪيو ويندو آهي. هن دور ۾ اهو طريقو نه هئڻ جي برابر آهي. يا وري تمام گهٽ پيماني تي. اڄڪلهه چانهه جي تياري جديد سائنسي طريقن سان ڪئي وڃي ٿي. ان طريقي کي سي.ٽي.سي طريقو سڏيو ويندو آهي.

چانهه جي پوکائي ۽ ان جو چونڊبو ڪرڻ نهايت نازڪ ڪم آهي. جنهن کي انتهائي احتياط ۽ خبرداريءَ سان ڪيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته ٻوٽي جون تازيون تازيون ڪونپليون ۽ نرم نرم پن چانهه جي پتي ناهڻ جي ڪم ايندا آهن. پراڻن پنن مان چانهه نهي نه سگهندي اهي. ٻوٽي مان ڪونپليون ۽ پن ڏهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو پٽيا ويندا آهن. انهن پنن کي مشينن ۾ رول ڪيو ويندو آهي. ان عمل دوران نڪرندڙ رس پن پنهنجي اندر جذب ڪري وٺندا آهن. ان بعد ٻن ڪان ائن ڪلاڪن تائين انهن پنن کي 40 درجا سينٽي گريڊ واري گرمي پد تي رکيو ويندو آهي. ان عمل کي فرمينٽيشن چئبو آهي. ان عمل سان چاهه ۾ خوشبوءِ پيدا ٿيندي آهي.

سي.ٽي.سي طريقي سان تيار ٿيندڙ چانهه داڻيدار هوندي آهي. هئي چانهه خوشبوءِ ۽ ذائقي جي لحاظ کان اعليٰ ڪوالٽيءَ جي چانهه آهي. پاڪستان ۾ 80 سيڪڙو چانهه داڻيدار درآمد ڪئي ويندي آهي. اها چانهه خاص ڪري ڪينيا، انڊونيشيا، بنگلاديش، تنزانيه، ملاوي، روانڊا ۽ برونڊيءَ مان خريد ڪئي ويندي آهي. ان کان علاوه اورينج پيڪو پيڪو بروڪن اورينج پيڪو فين انگ، ڊسٽ اورينج پيڪو چانهه ۾ پيڪو نالي وڻ جا پن شامل ڪيا ويندا آهن. جنهن سان چانهه جي خوشبوءِ ۾ اضافو ٿيندو آهي.

تيز رفتار زندگيءَ سان گڏ هلڻ لاءِ چانهه جي ڪمپنين سهولت خاطر "ٽي بيگز" ۽ "بوائل او بيگز" متعارف ڪرايون آهن. چانهه جي وڌندڙ طلب ۽ وڌندڙ قيمت سبب ڪي مفاد پرست ۽ سماج دشمن مارڪيٽ ۾ نقلي چانهه جو وڪرو ڪندا آهن، جنهن سان عوام جي صحت بُريءَ طرح سان متاثر ٿيندي آهي. نقلي چانهه عام طور تي سُڪل پتي، ڪارن چڻن جي ڇلڪن، ٻېر جي ڇوڏن، ڪوئر ۽ مصنوعي رنگ مان تيار ڪئي ويندي آهي.

پاڪستان دنيا جو ٻيو نمبر وڏو چانهه جو امپورٽر (خريدار) آهي. هڪ اندازي موجب پاڪستاني هڪ سال ۾ اٽڪل هڪ لک پنجاهه هزار ٽن چانهه واپرائن ٿا. اهڙيءَ طرح پاڪستان جو هر شهري سراسري طور تي ساليانو ڏيڍ ڪلو گرام چانهه واپرائي ٿو. اهو مقدار هندستان جي ڀيٽ ۾ ٻيڻو ۽ بنگلاديش جي ڀيٽ ۾ پنجوڻو آهي.

پاڪستان 96 سيڪڙو ڪاري پتيءَ واري چانهه ۽ 4 سيڪڙو سائي چانهه گهرائيندو آهي. ماهرن جو خيال آهي تہ پاڪستان ۾ سن 2000ع تائين چانهه جي کپ هڪ لک 65 هزار ٽن آهي. پاڪستان ٽِي ايسوسيئيشن وارن مطابق پاڪستان 1994ع ۾ هڪ لک چار سئو پنجونجاهه ٽن چانهه درآمد ڪئي، جنهن مان 70 سيڪڙو چانهه ڪينيا مان خريد ڪئي وئي. سال 1997ع ۾ پاڪستان 240 ملين ڊالرن جي چانهه خريد ڪئي، انگن اکرن موجب فقط 97ع واري ماچر مهيني ۾ 12 ملين ڊالرن جي 7222 ٽن چانهه درآمد ڪئي وئي. سال 1998ع ۾ اها چانهه وڌي 11709 ٽن تي ويئي. جنهن جي ماليت 29 ملين ڊالر آهي. پاڪستان ۾ هر سال چانهه جي درآمدات ۾ 9 سيڪڙو اضافو ٿي رهيو آهي. پاڪستاني ساليانو اٺن کان ڏهن اربن رپين جي چانهه واپرائيندا آهن. جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن زبردست اضافو ٿي رهيو آهي. انگن اکرن موجب پاڪستان ۾ سال 1970ع کان مارچ 1997ع تائين 74 ارب 89 ڪروڙ چاليهہ لک رپين جي چانهه درآمد ڪئي وئي.

دنيا جي 37 ننڍن وڏن ملڪن ۾ هر سال 2.6 بلين ڪلوگرام چانهه جي پيداوار ٿئي ٿي، انهن ملڪن ۾ هندستان، سري لنڪا، انڊونيشيا، ويٽنام، هانگ ڪانگ، ايران، ڪينيا، روانڊا، تنزانيہ، يوگنڊا، برازيل، ارجنٽائن، برونائي، برما، دبئي، جرمني، گهانا، آمريڪا، روس، سينگاپور، ملائيشيا، سوئيزر لينڊ، برطانيہ، ٿائيلينڊ، تائيوان، گوئٽي مالا، هيٽي، ڏکڻ آفريڪا، جپان، ملاوي، ماريشس، نيدر لينڊ، رومانيہ، ترڪي ۽ موزمبيق، نيپال ۽ چين شامل آهن. انهن ملڪن مان حاصل ٿيندڙ پيداواري واپار ۾ ڪيترائي ملڪ حصيدار آهن. ليڪن انهن ۾ هندستان، سريلنڪا، ڪينيا، بنگلاديش ۽ چين جي منڊين جو مقام ٻين سيني کان مٿانهون آهي.

هندستان پنهنجي چانهه جي ڪل پيداوار جو 70_سيڪڙو پنهنجي ملڪ اندر استعمال ڪري ٿو. سِري لنڪا ۽ بنگلاديش ۾ پنهنجي چانهه جي پيداوار جو فقط 15 سيڪڙو ملڪ اندر استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ باقي 85 سيڪڙو چانهه بر آمد ڪئي وڃي ٿي.

**

# ”وانگار“ جو سماجي ڪارج

انساني فطرت ۾ ڪي اهڙيون جبلتون آهن، جيڪي انسان جو اڻٽوٽ حصو بڻجي چڪيون آهن. اهي جبلتون انساني زندگيءَ کان الڳ ٿي نٿيون سگهن. ان ڪري ئي انسان ڪي نہ چاهيندڙ ۽ اڻ وڻندڙ ڪم بہ ڪري وجهندو آهي. انسان جون ڪي عادتون بہ اهڙيون هونديون آهن، جي بار بار ورجائڻ ۽ ورائي ورائي ڪرڻ سان انسان جي عملي زندگيءَ جو حصو بڻجي وينديون آهن. جن جون علامتون انسان جي چهري ۽ ڳالهہ ٻولهہ ۾ روين مان نمايان نظر اينديون آهن. انهن عادتن جي ڳالهہ اسان جي چهري تي علامتي نشان بڻجي پوندي آهي ۽ پوءِ لڪي وڃبو آهي تہ هي انسان ڪهڙن احساسن ۽ روين جو مالڪ آهي. انهن جبلتن جو تعلق انسان سان ان وقت کان وٺي رهندو پئي آيو آهي، جڏهن انسان انساني ۽ سماجي شعور کان تمام گهڻو دور اڻ سڌريل ۽ جهنگلي ماحول ۾ گذاريندو هو. انهن عادتن جا اهڃاڻ ۽ باقيات اڄ جي انتهائي سڌريل ۽ ترقي يافتہ انسان ۾ پڻ صاف ۽ چٽا نظر اچن ٿا. ڇاڪاڻ تہ انهن غير مهذب ۽ جهنگلي حالتن ۾ انسان هزارين سالن تائين رهيو آهي. ان سبب ڪري انهن حالتن جو اثر اڄ جي مهذب انسان تي پڻ موجود آهي.

ان کان علاوه ٻيون رسمون ۽ رواج آهن، جي انسان ان وقت جوڙيا هئا جڏهن انسان سماجي حالت واري صورت اختيار ڪري پاڻ کي سماجي ڍانچي ۾ داخل ڪيو هو. هي انسان جي اسرڻ وارو دور هو. جڏهن سماج اڏجڻ شروع ٿيو تہ انسان جي سوچ جنم ورتو. جڏهن سوچ پيدا ٿي تہ ان ۾ تحرڪ پيدا ٿيو. اتان پوءِ ضرورتون ڦٽڻ لڳيون. جن ايجادن ۽ هنوارن کي پيدا ڪيو جتان انسان جي سماجي ۽ معاملاتي زندگيءَ جو آغاز ٿئي ٿو. جڏهن سماج جڙيا تہ پوءِ مان، تون، منهنجو، تنهنجو ڇو ۽ ڇالاءِ، ڪٿي ۽ ڪيڏانهن جا تصور انسان ۾ پيدا ٿيا. جڏهن انسان ۾ ”منهنجو“ ۽ ”تنهنجو“ جي ورهاست وارو تصور ۽ تضاد اڀري ٿو تڏهن اتان پوءِ ذاتيات ۽ مفادن جو ٽڪراءُ شروع ٿئي ٿو. ان ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ مختلف رواج، رسمون، ريتون ۽ فلسفا وجود ۾ اچن ٿا. هڪ فرد ٻئي مٿان، هڪ قبيلي ٻئي قبيلي کي ختم ڪرڻ ۽ هڪ قوم ٻئي قوم کي تباهہ ڪرڻ يا ان مٿان پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ مختلف حربا ۽ طريقا اختيار ڪيا.

اهي رسمون يا رواج ڪنهن بہ قوم يا سماج ۾ ٻن قسمن جا هوندا آهن ۽ ٻن طريقن سان ان سماج ۾ مروج ٿيندا آهن. ”هڪڙا داخلي ۽ ٻيا خارجي“. داخلي رسمون اهي هونديون آهن، جيڪي

ان سماج ۾ انهن شين، انهن عادتن ۽ ڪردارن کي وري وري ورجائڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ سان وجود ۾ اچي ان سماج جو حصو بڻجي وينديون آهن. اهي رواج ان سماج جي ميل جول سان ئي جڙندا آهن. اهي ريتون يا رسمون جي داخلي طور تي ٺهنديون آهن، اهي اڪثر ڪري فائديمند هونديون آهن. سماج ۾ رسمن جي داخل ٿيڻ جو ٻيو قسم يا ٻيو طريقو خارجي آهي. جيڪي ڌاريا حاڪم، فاتح يا غاصب فتح ڪيل قوم جي مٿان هٿ ٺوڪيون مڙهي ڇڏيندا آهن ۽ انهن رسمن جي تعليم لاءِ ان قوم کي لازمي پابند بڻائي ڇڏيندا آهن. اهو ان ڪري ته جيئن اهي ماڻهو غير فطري طور ريتن رسمن جي پنجوڙن ۾ ڦاٿل رهن. انهن رسمن جي بنياد تي هڪٻئي جا قتلِ عام ڪندا رهن. پنهنجو پاڻ ۾ هڪٻئي کي گهٽيندا ۽ ماريندا رهن ته جيئن ان قوم ۾ اخلاقي ۽ انساني قدر، تعليمي، سماجي، سياسي ۽ معاشي شعور پيدا ٿي نه سگهي. ته جيئن هُو آسانيءَ سان ان قوم تي پنهنجي غاصبانه ۽ جارحانه حڪومت ڪندا رهن. اهي رسمون جيڪي ٻاهران نافذ ٿي وڃن ٿيون اهي عقيدن جي حد تائين سماج ۾ مروج ٿي وڃن ٿيون. اهڙيون ڪوڙهيون ۽ بدبودار رسمون، قومن جي وجود، قومن جي تهذيب، ثقافت، علم ادب، تعليم ۽ شعور کي ڪينسر جي مرض وانگر وچڙي ۽ وڪوڙي برباد ڪري ڇڏينديون آهن. اسان جي سنڌي سماج ۾ پڻ ڪي اهڙيون داخلي رسمون هن سائنس جي ڪثرت واري دور ۾ اجا به مروج آهن، جيڪي نهايت ڪارائتيون، فطرت جي ويجهو ۽ انساني ۽ اخلاقي قدرن جي عڪاسي ڪندڙ آهن. جيئن اسان جي سماج ۾ مهمانوازيءَ جو گڻ اعليٰ درجي جو آهي ۽ جڳ مشهور روايت آهي. ٻيو معاف ۽ درگذر ڪرڻ وارو سونهري اصول آهي. اگر ڪنهن جي تڏي تي ميڙ وٺي لڙي وڃبو ته خون به معاف ڪري ڇڏبا. اهي روايتون چڻ اسان جي قومي ڪردار جو جزو آهن. اهڙيءَ طرح هڪ ٻي بهترين رسم به اسان جي سماج ۾ مروج آهي ۽ اها آهي ”وانگار“. وانگار جي رسم هڪ بهترين رسم آهي. ”وانگار“، گڏجي سڏجي ڪنهن هڪ ڪم کي هڪ ئي وقت گڏجي ڪرڻ کي چيو ويندو آهي. ظاهر ۾ وانگار جو انفرادي فائدو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو ڪنهن هڪ فرد يا ڪٽنب کي پهچي ٿو. پر جڏهن اسين ان کي سماجي رواج جي اجتماعي تناظر ۾ مشاهدو ڪريون ٿا ۽ گهرائيءَ سان ان رسم جو مطالعو ڪريون ٿا ته اسان کي معلوم ٿيندو ته وانگار انيڪ اجتماعي مفادن جو سرچشمو ۽ بنياد فراهم ڪرڻ وارو عمل پئي رهي آهي. وانگار، پنهنجي پنيان هڪ ڊگهو تاريخي تسلسل ۽ سفر رکندڙ رواج آهي، جيڪو آڳاٽي زماني کان سنڌي سماج ۾ رائج آهي. وانگار جي رسم هڪ قسم جو لاشعوري ۽ اڻ لکيل (Social Contract) يعني (سماجي معاهدو) نظر اچي ٿو. يعني ان اصول جو پابند بڻجڻو پوي ٿو ته ”توهان اسان جي مدد ڪريو، اسين توهان جي مدد

ڪريون.“ مختلف ڪمن ۾ وانگار ڪئي ويندي آهي. مثلا: جهنگ وڍڻ، هَرُ ڪاهڻ، رونبو ڪرڻ، لابارو لاهڻ، وَلِ ڏوئڻ، ڪاتيون ڪٽڻ، ڪوهه ۾ کهيون کوٽڻ، گهرن لاءِ چنون ۾ چوُنرا ٻڌڻ وغيره.

زمين ۾ هَرُ ڪاهڻو هوندو آهي ته هاري رات جي وقت پنهنجي ڪٽنب جي ميمبرن سان صلاح ڪندو آهي ته هَرَ لاءِ وانگار ڪرڻي آهي. پوءِ ويهي ويچار ڪندا آهن ته ڪنهن ڪنهن جا ڏاندن جا جوڙا پلوڙ آهن. انهن جي ڏَلَ ڪري پوءِ وڃي رات جي وقت وانگار جو سڏ ڏئي ايندا آهن. ته ادا فلاڻي يا فلاڻي ڏينهن اسان جي هَرَ جي وانگار اٿوَ. هاري ٻنيءَ جي آڌار تي اندازو لڳائي اوترا جوڙا ٻڌائيندو آهي اهو ڏينهن ٿيندو ته باک ڦٽيءَ کان به اڳ ۾ مانجهي مرد ۾ پلوڙ جوڙا زمين تي پهچي ويندا. هرڪو وڙو ميدان ملهائڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪندو آهي ته جيئن هُو مڙني کان گوءِ کٽي وڃي. ان کان علاوه ڪٽڪ جي ناڙين ۾ به وانگار ٿيندي آهي. ان ۾ ڏاندن جون هائون لڳنديون آهن. به ڏاند هڪ پاڃاريءَ ۾ گڏ جوٽبا آهن. جيڪو ڏاند اوڙ (چارو) جنهن سان سڌي ناڙي ڪاهبي وجبي آهي پيچي لڙي ويندو آهي ته ان جڻ ميدان هارايو. جيڪو ڏاند سڌو ويو ان جڻ گوءِ کٽي ورتي. پوءِ ته مالڪ مٿان مبارڪن جو وسڪارو ٿي ويندو. هو هوا جا نعره لڳي ويندا. ميجتا طور ان ڏاند کي پڳ به ٻڌائي ويندي آهي.

ان ڪانپوءِ وري جڏهن رونبي جو مرحلو ايندو آهي ته ان ۾ به اهڙي ئي نموني رات جو گهر جا ڀاتي مِڙي سِڙي وانگار لاءِ ڪو ڏينهن مقرر ڪندا آهن. پوءِ وڃي ڳوٺ ۾ يا آسپاس جي ڳوٺن ۾ ڪم جي انداز مطابق گهربل وانگار ٻڌائيندا آهن. هن عمل ۾ ياري دوستاري ۽ مٽي مائٽيءَ جو عنصر گهٽ ۽ قومي ٻڌي ۽ گڏيل همدردي ۾ مدد ڪرڻ جو اصول وڌيڪ ڪارفرما هوندو آهي. هن ۾ جنهن کي به وانگار جو ٻڌائبو ته سواءِ ڪنهن عذر ۽ بهانو پيش ڪرڻ جي هليو ايندو. رڳو اهو پڇندو ته زمين ڪيتري ۽ همراهه ڪيترا آهن. چوته هن کي خبر آهي ته اهو ساڳيو ڪم هن کي به ڪرائڻو آهي. اڄ هيءُ هنن جي ڪم آيو ته سڀاڻي هُو به سندس سڏَ ۾ سڏ ڏئي ڊڪندا ڪڏندا هليا ايندا. تنهنڪري وانگار کي هرڪو پنهنجو اجتماعي مفاد سمجهندو آهي. ان جو عمل سماج ۾ اجتماعي مفادن طور استعمال ۾ اچي ٿو.

سڀاڻي رونبي جي وانگار آهي ته اڄ تي ٻج وغيره پٽي چڏبو. گهر ۾ جڻ عيد جهڙو تهوار هوندو آهي. صبح ٿيندو ته همراهه هائون هٽي بسم الله ڪري ميدان ۾ لهي پوندا. ننڍا توڙي وڏا، خوشيءَ ۾ باغ باغ پيا ٿيندا. رونبي ۾ مردن جو مقابلو شروع. هوڏانهن ٻني تي ميراثي يا مگڻهار دهل پيو وڄائيندو. جيئن جيئن دهل جو واڄو تيز ٿيندو ويندو، تيئن تيئن مرد مشين وانگر رونبي کي لائي

ٻاري ڏيندا. جوان مستيءَ ۾ مگن ٿي جهومڻ پيا لڳندا. ان سمي قدرت جو عجيب منظر پيو نظر ايندو. فطرت جو حسن جهلڪا پيو ڏيندو. فطرت پنهنجا پَرَ پکيڙي ان وقت انهن مانجهين مٿان ڇانوَ ڪيو بيٺي هوندي آهي. ”شل منهنجي ڏوٿين کي ڏينهن نہ لڳي پوي.“ پهتو هتو، هيڏهون هوڏهون، هي ٿو وڃئي. هيڏهون ٿو وڃانءِ. جا هوڪرا هوندا. جيڪو همراهہ سڀ کان اول منهن ڪٽي وجي ڇيڙي تي پهچندو، ان جڻ گوءِ کٽي ورتي. نعرا لڳي ويندا. وهوا ٿي ويندي. جوان کي ڪلهن تي کڻي گهمائيندا، رقص ڪندا وتندا. جشن جهڙي صورتحال هوندي آهي. سڄو ڏينهن ويندي رات جي ڪچهريءَ تائين رونبي ۾ همراهن جي هٿ جي ڳالهہ پئي هلندي.ڪو ڪنهن جي تعريف ڪندو، ڪو ڪنهن جي.

ڪوهن ۽ ڪُهين ڪوٽڻ ۽ واهن جي کاٽيءَ ۾ بہ وانگار ڪوٺائبي آهي. ان ۾ وري ڪوڏر جو مقابلو ٿيندو آهي. مقرر وقت ۾ مقرر ٿيل حد جيڪومڙس اڳ ۾ پوري ڪندو، ان مقابلو کٽي ورتو. وهوا جو وسڪارو ٿيندو. مقابلي ۾ هارايل ڏر وارا کٽندڙ کي ڪلهن تي کڻي گهمائيندا آهن. کٽندڙ جوان کي وانگار ڪوٺائڻ واري ڏر پهلوانيءَ جي مڃتا طور انعام ۾ پڳ ٻڌرائيندي آهي. يا پڳ جيتري روڪ رقم ڏيندي آهي. وانگار جي هر عمل ۾ ۽ هر قسم ۾ جوان جي دلي طور تي مڃتا ڪندي ان کي ياڪر پائي ان جي پٺي ٺپي سندس جوانيءَ جو اعتراف ڪندو آهي. ان ڪانپوءِ وري فصل پچي جڏهن راس ٿيندو آهي تہ لاباري جي وانگار ٻڌائبي آهي. لابارو هميشہ ماڪ ڦڙن جي سڪڻ ڪانپوءِ ٿيندو آهي. آلا سنگ لڻبا تہ اهي سنيوارجي خراب ٿي ويندا. جيئن جيئن سج جا ڪِرڻا فصل جي سونن سونن سنگن تي پوندا ۽ ماڪ سڪڻ لڳندي، تيئن ئي مانجهي مرد ڏاٽا اُيا ڪري فصل ۾ لهي پوندا. ڏاٽن جي چَپ چَپ شروع ٿي ويندي. هرڪو جوان پنهنجو پنهنجو مهاڳ وٺي وڃي توڙ تي پڄندو. لابارو لهي دنگ ٿيندو تہ وري وَلِ ڍوئڻ لاءِ ڪجهہ همراهہ ٻڌائبا، جيڪي وَلِ کي کڻي مقرر ڪيل هنڌ (ديري) تي ٻارِ جي صورت ۾ هڪ جاءِ تي گڏ ڪري رکندا آهن. جتي ان جو ڳاهہ ڪري اَنُ جدا ۽ گاهہ جدا ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هر ڪاهڻ، ٻج پوکڻ کان وٺي راهِ (صاف اَنُ) ٿيڻ تائين اهو گڏيل عمل اجتماعي طور تي سرانجام ٿيندو رهي ٿو.

وانگار جو عمل رڳو پوکي راهيءَ جي ڪمن تائين محدود نہ آهي، بلڪ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ بہ ان جو عمل دخل موجود آهي. مارو ماڻهو جڏهن پنهنجي رهائش لاءِ ڪو اَجهو اڏيندا آهن، جڏهن ڪا ڇَنَ، ڇپر يا ڇوٽرو ٺاهيندا آهن تہ تڏهن بہ وانگار ڪندا آهن. ڇَنَ جي وانگار ٻڌائڻ کان اڳ گهرڌڻي ڇَنَ لاءِ گهربل سمورو سامان تيار ڪري رکندو آهي. صبح ٿيڻ شرط همراهہ پهچي ويندا.

ڇن جي اڏاوت ۾ هر ڪم جو الڳ الڳ ڄاڻو همراهه هوندو آهي. هڪڙا پچرن کي مضبوط رکڻ لاءِ سَرن جا وريئڙا (ڏين جا رَسا) ۽ ارڙين هڻڻ جا قابل هوندا آهن. (ٻن پچرن جي منڍن کي سوراخ ڪڍي انهن کي ڳنڍڻ لاءِ جيڪا ڪاٺ جي ڪِلي هنئي ويندي آهي، ان کي اِرڙي چئبو آهي) پر اڇڪلهه ارڙيون ڪونه ٿيون لڳن. ٻچرن کي منڍن ۾ ڪوڪا هڻي شهتير يا وَري سان بند ڪيو ويندو آهي. ٻيا وري هارين ٻڌڻ جا ماهر ته هڪ همراهه وري سُوئي ڏيڻ جنهن سان نوڙيءَ جي وسيلي ڪکن کي سبيو ويندو آهي. هڪڙا ڪکن تي پاڻي وجهندا انهن کي آلو ڪندا ويندا ته جيئن ڪکن جي ڪُتِ به نه ڪائي ۽ ڪک پچن ۽ پُرن به نه. ڪي وري گڏا ٻڌندا متي هارين ٻڌڻ واري همراهه ڏانهن اڇلائيندا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح اهو سمورو ڪم صبح کان وٺي منجهند تائين پورو ٿي ويندو آهي ۽ ڇَنَ مڪمل طرح تيار ٿي ويندي آهي.

مطلب ته وانگار جو سماج ۾ تمام وڏو ڪارَج، اهميت ۽ افاديت آهي. وانگارواريءَ رسم سان اجتماعي ٻَڌي ۽ گڏيل مفادن جو احساس اڀري ٿو. هڪٻئي سان ميل جول سبب الفت ۽ همدرديءَ جا جوهر پيدا ٿين ٿا. ڪمن ڪارين جو وقت اندر ۽ ترت اُڪلاءُ ٿي پوي ٿو. وقت ۽ پيسي جو تمام وڏو بچاءُ ٿئي ٿو. جنهن سبب وقت ۽ پيسي کي ڪنهن ٻئي ڪم ۾ استعمال ڪري پنهنجي معاشي صورتحال بهتر ڪري سگهجي ٿي. وانگار جي رسم سبب ماڻهو هڪٻئي جي ويجهو اچن ٿا. نفرتون ختم ٿين ٿيون. پيار ۽ پنهنجائپ جا سنگ نسرڻ لڳن ٿا. وانگار معاشي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جنهن ڪري انسان ذهني، معاشي ۽ سماجي مسئلن جي پريشانين کان بچيل رهي ٿو. ان سبب ڪري انسان پنهنجي سوچ کي پنهنجي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ مثبت انداز ۾ استعمال ڪري سگهندو آهي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته فطرت تبديل ٿيندڙ آهي ۽ فطري تقاضائن مطابق حالتون تبديل ٿينديون رهنديون آهن. انهن تبديلين سبب شين جي اهميت، ڪارج ۽ افاديت گهٽجندي ۽ وڌندي رهندي آهي. ڪالهه جيڪا شيءِ اسان لاءِ فائديمند هئي اها اڄ جي حالتن سان نه ٺهڪندڙ آهي ته بيڪار آهي. ڪالهه جيڪا شيءِ اسان لاءِ نقصانڪار هئي اڄ اها اسان لاءِ ڪارآمد ۽ مفيد آهي، ڇو ته هوءَ وقتي تقاضائن جو پورائو ڪري ٿي ۽ حالتن مطابق آهي. اڄ جيڪا شيءِ اسان لاءِ نقصانڪار آهي، اها اڳتي هلي ڪارآمد ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح هرهڪ شيءِ جو پنهنجي پنهنجي وقت اندر گهربل فطري تقاضائن ۽ سماجي گهرجن مطابق ڪارج ۽ اهميت ٿيندي آهي.

ان لحاظ کان موجوده زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سائنسي ايجادن جي مشينن ۽ اوزارن انسانن لاءِ

تمام گهٽيون سهولتون ۽ آسانيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. سالن جا مفاصلا ڪلاڪن ۾ ۽ ڏينهن جا ڪم منٽن ۾ مڪمل ٿين ٿا. اڄ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جو دور آهي. سڄي دنيا هڪ ننڍڙي ڳوٺ جيان بڻجي چڪي آهي. مواصلاتي ذريعن هڪٻئي کي تمام ويجهو آڻي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح افرادي قوت، وقت ۽ پيسي جي وڏي بچت ٿئي ٿي ۽ شين جي پيداوار ۾ پڻ زبردست اضافو ٿئي ٿو. ان لحاظ کان ائگريڪلچر ۽ ٻين واهپي جي شعبن مان سائنسي ايجادن جي ڪثرت سبب وانگار جي سماجي ڪارج جي اهميت ۽ افاديت به گهٽجي وئي آهي. ڇو ته ان جي هاڻي سماجي ضرورت نه رهي. پر پوءِ به ٻهراڙين ۾ جتي سائنس اڃا گهٽ پهتي آهي اتي اڄ به وانگار جو رواج عام ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**

# علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي شخصيتون

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي
# دنيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ هر دؤر جو شاعر

شاهه لطيف جي زماني جي حالات، واقعات، تبديلين ۽ ڪارفرمائيءَ تي گهري نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ لطيف عين ان وقت ٻن زمانن جي ميلاپ واري دور ۾ جلوه گر ٿيو. هي اهو زمانو هو جڏهن پراڻي سنڌ جي جاءِ تي نئين سنڌ جي باک ڦٽڻ واري هئي. تاريخي ۽ طبعي لحاظ کان نئين سنڌ جي اڏاوت ۽ آبياري پئي ٿي. سنڌو درياءُ نصرپور کان نٽي طرف وهندڙ وهڪري جو رخ بدلائي رهيو هو. تاريخي، علمي، ادبي، ثقافتي، واپاري ۽ صنعتي مرڪزي جهڙوڪ نصرپور، فتح باغ ۽ نٽو پنهنجن پوين پساهن ۾ هئا. وسنديون ويران پئي ٿيون ۽ ويرانيون وسڻ لڳيون هيون.

”نہ سي وونئڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون.“

ڪلاچيءَ جو ڪُنُ بدلجي ڪراچيءَ جي صورت اختيار ڪري چڪو هو. شاهه صاحب اهو گس ڏئي حب نديءَ ٽپي هنگلاج ويو هو. جيئن چيو اٿس تہ:

تون جا لڏين لوڏ، ايءَ بہ گهاتو ٽڙن جي،
ڪُنَ ڪولاچيءَ ڪوڏ، سک سين نہ ستا ڪڏهن!

سترهين صديءَ جي پوئين اڌ کان جيڪو شاهه صاحب جو زمانو شروع ٿئي ٿو. سو تاريخي ۽ تمدني، سائنسي ۽ ثقافتي، علمي ۽ ادبي، فڪري ۽ نظرياتي لحاظ کان هڪ انقلاب انگيز دور هو. پراڻن سري ڪاڏل ۽ مدي خارج نظرين، مفروضن ۽ ڏکن جي جاءِ تي نوان مثال، تصور ۽ نظريا جاءِ وٺي رهيا هئا. ان وقت دنيا هر لحاظ کان نئين ٿي رهي هئي. زندگيءَ جا سڀ شعبا ۽ پهلو اصلاح، تجديد، تخليق، تحقيق ۽ تنقيد لاءِ جڙ بيقرار هئا. جديد سائنس جون نيون نيون شاخون تجربا ۽ مفروضا وجود ۾ پئي آيا. هاڻي سج جي بدران زمين کي متحرڪ ۽ گردش ڪندي ثابت ڪيو ويو.

نيوٽن جو حيرت انگيز ۽ ڪامياب ڪشش ثقل جو عالمگير قاعدو ۽ نظريو ان صديءَ ۾ ئي تحقيق ۽ تسليم ٿي چڪو هو. برقي ۽ مقناطيسي ڪوجنائن سبب جلد ئي دنيا جڳمائڻ واري هئي. ارسطو کان ڊيڪارٽ ۽ ڊيڪارٽ کان لاڪ تائين سڀ فسلفي جنهن ڊگريءَ تي هلي چڪا هئا، هاڻي اهو سمورو گهاڙو رستو اوچتو ئي اوچتو دنيا جي پيرن هيٺان نڪري ويو.

هن دؤر ۾ عالم مؤجد، سائنسدان، اديب، شاعر ۽ دانشور قطارن جيان پيدا ٿيا. هن دؤر ۾ هيو، ڪانٽ، نتشي ۽ هيگل جهڙا فسلفي پيدا ٿيا. جرمنيءَ ۾ گوئٽي ۽ فرانس ۾ روسو ۽ والٽيئر پيدا ٿيا هئا، جن قديم دنيا کي جهنجهوڙي نون نظرين ۽ تصورن جا مينار قائم ڪيا. عربستان ۾ محمد بن

عبدالوهاب ۽ هندستان ۾ شاهه ولي الله پيدا ٿيو. عين ان وقت سرزمين سنڌ جي ڪک مان لاکيڻو لطيف پيدا ٿيو. دنيا جي جن مفڪرن عالمي سطح تي انسان جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي، تحقيقي، تنقيدي، معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي گهرو غور ۽ فڪر ڪيو آهي، جن هر لحاظ کان هر پاسي کان ڪائناتي نظام کي مطالع ڪيو آهي، جن انسان جو صحيح مقام ۽ موقف ڳولي لڌو آهي. تن مان اسان جو لاکيڻو لطيف هڪ آهي. "لطيف اهو فقير آهي، جنهن جي فڪر تان سوين سڪندر قربان ڪري ڇڏجن."

هاڻي اچو ته لطيف سائينءَ کي انهن معيارن، اصولن خوبين، فني سٽاءَ، پسمنظر، منظرنگاريءَ تي پرکيون جيڪي دنيا جي عظيم عالمي ۽ دانشورن ۽ نقادن گهڻن تجربن، مشاهدن، تحقيقن ۽ تنقيدن کانپوءِ ڇنڊڇاڻ ڪري شاعريءَ لاءِ مقرر ڪيا آهن ۽ پوءِ ثابت ڪريون ته اسان جو لطيف "دنيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ هر دؤر جو شاعر آهي." عوام جو ترجمان ۽ نمائندو شاعر آهي ۽ پڻ اهي کهڙا ڪارڻ آهن جو لطيف جو شعر ٽي صديون اڳ به ساڳي ڪيفيت، ساڳيو سرور، ساڳيو "درد ۽ دارون" ساڳيو ولولو ۽ جو رکيو ته اڄ به بدليل دنيا ۾ سندس شاعر ۽ ساڳي ڪيفيت، ساڳئي جوش ۽ جذبي، صداقت ۽ سچائيءَ سان موجود آهي. سندس شعرکي دنيا جي ڪابه تبديليءَ اٿل پٿل متاثر نه سگهي آهي. ڇڻ ته نئين سڄ جو نئون نياپو آهي. شاهه صاحب جي ڪلام تي گهري نظر وجهي ڏسبو ته سندس ڪلام نه رڳو مشرقي معيار تي پورو ٺهڪيل آهي پر اها هڪ عجيب ۽ انقلاب انگيز ڳالهه آهي ته اهو مغربي معيار جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ سان به ساڳيو ئي نظر ايندو. جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته شاهه لطيف جي شاعري عالمگير پيغام ۽ حيثيت رکندڙ آهي.

عربيءَ جو وڏو انشا پرداز شاعر اصمعي لکي ٿو ته "اصل ۾ شعر اهو آهي، جنهن جي معنيٰ لفظن کان پهريان سمجهه ۾ اچي وڃي." جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته اصمعي سادگيءَ کي صرف شعر جو بنياد ٻڌائي ٿو. خليل ابن احمد جو خيال آهي ته "ٻڌندڙن کي شعر شروع ٿيندي ئي خبر پئجي وڃي ته سندس قافيو فلاڻو ٿيندو." ابن رشيف شعر جي تعريف هن طرح بيان ٿو ڪري "جڏهن شعر پڙهيو وڃي ته سيڪو ماڻهو طمع رکي ته اسين به جيڪر اهڙو شعر چئي سگهون. پر جڏهن ڪوشش ڪند اته معجز بيان عاجز ٿي پوندا." ان سان ابن رشيف بهترين شعرکي سچاڻڻ جو معيار ٻڌائي ٿو.

عقدالفريد فرمائي ٿو ته "سيني کان سٺو شعر جو تون چئي سگهين ٿو اهو آهي جو جڏهن ان کي پڙهيو وڃي ته ماڻهو چون ته سچ چيو اٿس." هن جو مطلب اهو آهي ته عقدالفريد "اصليت" کي شعر جو بنياد ٻڌائي ٿو. پر انگليند جو عظيم شاعر، محقق ۽ دانشور، "ملٽن" سادي، اصليت ۽ جوش ٽنهي بنيادي صفتن ۽ عنصرن کي گڏي هڪ جامع ۽ مڪمل تسليم شده تعريف پيش ڪري ٿو. هن جو چوڻ آهي ته شاعر جي ڪلام ۾ مٿيون ٽئي خوبيون ۽ خاصيتون هئڻ لازمي آهن. تڏهن ئي سندس شعر ۾ دلڪشي، پختگي، دائميت، بقا، جوش ۽ حرڪت پيدا ٿيندي.

**سادگي:** سادگيءَ جو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ رڳو سولا لفظ ۽ سادا هجن عام ماڻهو سمجهي سگهن، بلڪ خيال بہ ڪٽي ڪيڏا بلند ڇونہ هجن، پر پيچيده ۽ رفيق نہ هئڻ گهرجي. مثال طور:

عاشق زهر پياڪ، وِهُہ ڏسي وِهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشہ هيراڪ،
لڳين لنءَ لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪنن چاڪ، تہ بہ آهَ نہ سلن عام سين.

❊

پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان مارِ مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.

مٿيان بيت ڪيڏا نہ سادا ۽ سولا آهن پر عاميانہ نہ آهن. منجهن جيڪا بلند خيالي ۽ پختگي آهي سا ايڏي منجهائيندڙ نہ آهي جو ماڻهو سمجهڻ کان عاجز ۽ قاصر ٿي پوي. شاهہ جي ڪلام مان اهڙا هزارين مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

**اصليت:** ملٽن صاحب جي ٻي مقرر ڪيل خوبي اها آهي تہ شعر جو بنياد اصليت تي هجي، يعني تخيل جو بنياد ڪنهن اهڙيءَ شيءِ تي رکيل هجي، جنهن جو ڪو وجود هجي، باقي رڳو ڏوڪي جو ٻوتو يا خواب جو تماشو نہ هجي جو اک کلڻ تي ڪجهہ بہ نہ هجي. شاعر جو تخيل هوئڻ تہ سيني رڪاوٽن ۽ بندشن کان آزاد هوندو آهي. پر واقعات جي دنيا ۾ تخيل لاءِ شاعر تي اصليت ڇاپو ڪونہ ڇڏيندو. خيال ۾ اصليت تڏهن پيدا ٿي سگهندي جڏهن شاعر فطرت جو ۽ انساني مزاج ۽ طبيعتن جو ڳوڙهو اڀياس ڪندو رهندو ۽ پوءِ ان جا نتيجا اخذ ڪري سامهون آڻيندو. شاهہ سائينءَ کي ان ڪسوٽيءَ تي پرکبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن فطرت ۽ انساني مزاج جي هر پاسي جو ڀرپور مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو هو. تنهنڪري هو مغربي شاعرن جي نظرئي مطابق پورو نهڪي ٿو اچي.

**اصليت جا مثال:**

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ ج پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آڻي، ڪونہ ڏيندئي ڪو ٻيو.

❊

نهائينءَ کان نيهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري،

شاهه صاحب جي ڪلام جي بيان ۾ اصليت ڏسڻي هجي ته سامين، سنياسين، صرافن، وينجهارن، لوهارن، ڪنيارن، ملاحن، ڪاتبن ۽ سوداگرن وغيره جي ڪردار ۽ سيرت ۾ ڏسو. سهڻيءَ جي همت ۽ جرئت ۾ ڏسو. سسئيءَ جي اٽل ارادن، جدوجهد ۽ ڳولاءِ ۾ ڏسو. ليليٰ جي ڳهيلائي ۽ پوءِ پڇتاءُ، مارئيءَ ڪي وطن ۽ وطن واسين لاءِ اڪير جهڙا بيان پڙهي ڏسبو ته معلوم ٿي ويندو ته اصليت ڇا آهي ۽ ڇاڪي ٿو چئجي.

**جوش:** ملٽن جي نظر ۾ شعر جي ٽين خوبي ”جوش“ آهي، جنهن جو مطلب اهو ناهي ته شعر ۾ جوشيلا لفظ هجن بلڪ شعر، ماڻهن جي دلين ۾ جوش پيدا ڪرڻ ۽ ڪيف طاري ڪرڻ جي خاصيت رکندو هجي. ان لاءِ جيستائين شعر ۾ اصليت موجود نه هوندي تيستائين، جوش جو پيدا ٿيڻ مشڪل بلڪ ناممڪن آهي. جدت، باريڪ بيني، بلند خيالي، نزاڪت، سوز ۽ تڙپ شعر ۾ جوش پيدا ڪرڻ وارا عنصر آهن. اهي سڀ خوبيون شاهه جي ڪلام ۾ جابجا موجود آهن. جنهن ڪري هو دنيا جو وڏي ۾ وڏو شعر ليکيو وڃي ٿو.

**جوش جا مثال:**

گهڙو ڀڳو ته گهوريو ڀڃي ٿل نه گهڙي،
محبتي ميهار سين، اٿم جيءَ جڙي.
دل ۾ تنهن دوست جي، چڻڪي نت چڙي،
ڪُڏي پيس ڪُنَ ۾، آرن منجهه اڙي،
ساهڙ ڪاڻ سڙي، لتڪان لهرن وچ ۾!

*

ماڻهو ڏيئي مهڻا، مونکي ڪندا گوهه،
جنهن ڇوريءَ ۾ ڇوهه، سا پٿون ٿيندي پير تي!

*

هَل هنئين سين هوت ڏي، ڇپر ڇُلُ مَ تون،
منجهان لڏو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي.

**ڪارلائل:** ڪارلائل جو نظريو آهي ته، ”جنهن شاعر جو ڪلام ڳائي نٿو سگهجي، سو ڪلام شاعري نه آهي، بلڪ اهڙي ڪلام ڪي لکڻ ئي اجايو آهي.“ هاڻي جڏهن دنيا جي مشهور شاعرن ڪي ڪارلائل جي ان معيار جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو ته مشڪل سان ئي ڪو اهڙو شاعر لڀندو جيڪو ان مشڪل امتحان ۾ ڪامياب ٿي سگهيو هجي. هر شاعر جو ڪلام مختلف قسم جي صنفن جو ٿئي ٿو. هر ڪلام ترنم ۾ نٿو ٿئي جو ڳائي سگهجي. پر لطيف دنيا جو اهو واحد ۽ يگانو شاعر آهي،

جنهن جي سموري ڪلام جي هرهڪ سٽ ۾ ڳائي وئي آهي. جنهن کي اعليٰ کان ادنيٰ تائين، عالم کان جاهل تائين، پروفيسر ۽ دانشور کان جهنگ جي ڌنار تائين ڳائي ۽ سمجهي سگهي ٿو. وڏا خواه ننڍا، ٻڍا توڙي ٻار جهر جهنگ ۾، ٻرن ۽ ٻحرن ۾، ڪيتن ۽ ڪرن ۾، واهڻن ۽ وستين ۾، اوطاقن ۽ اوتارن ۾ شاهه جي ڪلام کي جهونگاريندا رهن ٿا. ٻهراڙيءَ جي ٻارن ۾ پورهيت ۽ هارين ۾ شاهه جا بيت ۽ وايون آلاپجنديون ۽ گونجنديون رهن ٿيون. ملٽن ۽ ڪارلائل جي معيرن مطابق شاهه سائينءَ جو ڪلام پرک جي ڪسوٽيءَ تي پرکي پيش ڪيو ويو.

شاهه جو ڪلام يورپ جي ڪنهن به وڏي شاعر جي ڀيٽ ۾ مغربي نظرئي مطابق پيش ڪري سگهجي ٿو. فريڊرڪ رابرٽسن چوي ٿو ته: "جذبات جي زبان جو نالو شاعري آهي. يا ائين ڪٿي چئجي ته جڏهن جذبات لفظن جو ويس ۽ روپ وٺن ٿا ته اهي شعر بڻجيو پون ٿا." ان اصول تي شاهه جا چند جذباتي شعر پيش ڪجن ٿا.

(1)

مُئين جهل مهار، ڪُنيس ڪاهه مَ ڪَرهو

مون نماڻيءَ نجهري، پيرو ڪج پتار،

ساجن توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو!

(2)

اَلا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

شاهه جي ڪلام ۾ سادگي، اصليت ۽ جوش جي بجلين جو چمڪاٽ ان ڪري آهي جو هن ڪائنات جو مطالعو ۽ فطرت انساني، ۽ انساني مزاج جو گهرو اڀياس ڪيو هو. تنهن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ جابجا فطرت نگاري ۽ نظر نگاريءَ کان ڪم ورتو اٿس. سر سهڻيءَ ۾ هڪ پاسي درياءَ جو هيبتناڪ منظر ۽ ٻئي پاسي سهڻيءَ جي جرئت ۽ دليري ڏيکاري اٿس.

(1)

دهشت ڏوم درياءَ ۾، جِتِ سِناٽا سيار،

بيحد باگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،

ساريان ڪانه سرير ۾، طاقت توهان ڌار،

ساهڙ چام ستار، سگهو رسج سير ۾.

(2)

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،

مون تن اندر تيئن وهين، جيئن وڻ وڍي واڍو!

**برسات جو منظر:**

اج پڻ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٺاريون،
لٿين لک لطيف چئي، ڊايون ڏاساريون،
پچنديون پٽاريون، وري وٿاڻين آئيون.

شاهه جي منظر نگاري ۽ فطرت جي عڪاسي ڏسڻي هجي ته سرسارنگ ۾ برساتي دلڪش نظارا ڏسو، سر مارئيءَ ۾ پٽن، پٽن، ميدانن، گاهن ۽ برسات جا منظر ڏسو، سر سامونڊي ۾ سمنڊ جومنظر، سر سهڻيءَ ۾ درياءَ جون لهرون، سيرن جون ستون ۽ ڪنن جا ڪڙڪا ڏسو. سسئيءَ جي سرن ۾ جبل ۽ ڪوهستان جو نقشو سر ڪاموڏ ۾ ڍنڍن ۽ ڍورن جي حسين رونق کي ڏسو! جتي شاهه صاحب اهڙا ته منظر نگاريءَ جا دلڪش نقش چٽيا آهن جو عقل دنگ رهجيو وڃي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ انسان ذات جي طبيعت ۽ سيرت توڙي جذبات کي موقعي ۽ مهل مطابق اهڙي خوبي ۽ حسن سان بيان ڪري ٿو جو پنهنجو ڪو جواب ئي ڪونه ٿو رکي. يورپ جي اعليٰ شاعرن کي به ڪوهين پوئتي ڇڏي انهن کي مات ڪيو ڇڏي، حقيقت ۾ شاهدات، احساسات ۽ جذبات جي نقاشي لفظن جي ذريعي ڪرڻ شاعريءَ جو اصل مقام ۽ نالو آهي.

مٿين مشرقي ۽ مغربي معيارن ۽ بنيادن جي ڪسوٽيءَ تي شاهه جي شاعرانه بلنديءَ کي پرکڻ ڪانپوءِ اسان تصديق ۽ صداقت سان ان نتيجي تي پهچون ٿا ته شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ اهي سموريون خوبيون هڪ ئي وقت موجود آهن، جيڪي مشرق ۽ مغرب جي شاعرن ۾ الڳ الڳ موجود هيون. تنهنڪري تحقيق سان چئي سگهون ٿا ته شاهه صاحب دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر، شاعرن جو سرتاج، هر وقت ۽ هر دور جو ترجمان، نقاش ۽ نمائندو شاعر، هر دور ۽ وقت جي بدلجندڙ حالتن جي تقاضائن جو پورائو ڪندڙ شاعر آهي.

**

# شيخ اياز: سنڌ جو سدا حيات شاعر

سال جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن جي آخري پهرن ۾ ماڻهو هڪٻئي کي نئين سال جون مبارڪون ڏئي، ايندڙ سال جو جيڪو در تي بيٺو کڙو کڙڪائيندو پيو آهي، تنهن جو استقبال خوشين سان ڪندا آهن پر سال جي انهن پوين ڏينهن ۾ پهرن جو رويو اسان سان نهايت نرالو ۽ ظالمانه هوندو آهي. انهن ڏينهن ۾ اسان مٿان اوچتو ئي اوچتو غمن جو ڪونه ڪو طوفان ٽٽي پوندو آهي. اسان جي گلشن مٿان ڪو اهڙو ڪوسو واءُ لڳندو آهي، جيڪو اسان جي مرڪندڙ ۽ مهڪندڙ گلن کي بيدردي ۽ بيرحميءَ سان ڇني گلشن کان ڌار ڪري مڪڙين ۽ مالهين کي ڪومائي ۽ ڪوماڻي ڇڏيندو آهي. جنهن لاءِ اسان سنڌي ماڻهن وٽ اها چوڻي عام آهي ته ”ڪوسو واءُ شل دشمن کي بہ نہ لڳي.“ پر اسانکي ته هر سال ڪوسو واءُ پنهنجو شڪار بڻائي ٿو ڇڏي. انهن ڏينهن ۾ اسان مٿان هڪ عظيم الميو نازل ٿي پوندو آهي، جيڪو اسان جي سموري سماج کي غم ۽ ماتم جي صورت ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. اسين واڏاين ڏيڻ بجاءِ اوچنگارون ڏئي راڙيون ڪندي روئندي، ڪنڌ ۾ ڪرايون وجهي هڪٻئي سان نفرتون ڪندا آهيون. تڏا ڪندا آهيون. اکيون آليون، دليون اداس ۽ صدمن ۾ ٻڏل، وار اڻيا ۽ روح کي رهڙون آيل هونديون آهن.

گذريل سال 1996ع ۾ پڻ سال جي ساڳي مهيني ۽ ساڳين تاريخن ۾ اسان کان اسان جو عظيم محقق، دانشور، تاريخدان ۽ ٻوليءَ جو ماهر جناب ممتاز مرزا ڇنو ويو. ڪيڏو نہ عجيب ۽ الميو ڇٽبو جو ساڳئي ڏينهن تي سنڌ جو مقبول ترين ممتاز ۽ منفرد قومي ڪلاڪار (ڳائڻو) جنهن جي منفرد اسٽائيل ۽ انداز سان ڳالي گيتن وادين، ٿرن، برن، بحرن، صحرائن، پهاڙن، واهڻن وستين، ڪيتن ڪرن، اوطاقن ۽ اوتارن ۾ ڌوم مچائي ڇڏي. اهو عظيم ڪلاڪار يا ڳائڻو هو”رحمان مغل عرف سرمد سنڌي“ جنهن جي ”راڳ“ جو پڙاڏو صدين تائين فضائن ۾ گونجندو رهندو. سو اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ وڇڙي ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ اهڙي مهان ڳائڻي کان محروم ٿي ويئي. دل جي انهن گهاون تي اڃا کڙيون ئي ڪين چڙهيون هيون، اهي زخم اڃان پريا ئي ڪونہ تہ وري سال 1997ع جو ساڳيو ڊسمبر جو آخري مهينو مهيني جا آخري پساهہ يعني آخري تاريخون، ويندي ويندي اسان مٿان ماتم جو ڪارو مينهن وسائينديون هليون ويون. ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌ جو مايہ ناز ۽ ممتاز محقق، نقاد، دانشور، شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت جو باني اياز قادري اسان کان وڇڙي ويو. ڳوڙهن سان اڃان جهوليون آليون هيون تہ وري سائين جي.ايم سيد جي نياڻي سنڌ جي عظيم محقق، تاريخدان، دانشور ۽ شاهہ لطيف جي پارکو سائنڻ ڊاڪٽر درشهوار سيد لاڏاڻو ڪري ويئي. سنڌي ماڻهو اڃا ان صدمي ۾ تڏي تي ئي ويٺا ئا تہ تاريخ 97-12-28 تي اوچتو ئي هڪ زوردار ماتمي آواز جو ڌماڪو ٿيو. جنهن سموري سنڌ کي لوڏي ڇڏيو. غم جي هڪ لهر ڇانئجي ويئي. هر فرد غم ۽ سناٽي جي گهيل

ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويو. جڏهن اخبارن، ريڊيو تان اها دردناڪ ۽ دلسوز خبر آئي تہ سنڌ جو مهان قومي شاعر ۽ نثر نويس ”شيخ اياز“ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. اها خبر ڇا هئي، هڪ آتش فشان پهاڙ هو جنهن جي ڦاٽڻ جا آواز سنڌ ڪان بہ تمام پري پري ڏورانهن ملڪن تائين گونجڻ لڳا.

”ڏات وڏي شيءِ ناهي، پر سچ وڏي شيءِ آهي.“ موت هڪ اٽل حقيقت آهي، جنهن ڪان نہ تہ انڪار ڪري ٿو سگهجي ۽ نہ وري ڪنهن تان ڪڏهن ٽري سگهي ٿو. فقط ڏسڻو هي آهي تہ ڪهڙو انسان ڪهڙي قسم جي موت مري ٿو. ان مرڻ ڪي ڏسڻ آهي. هڪڙا انسان جيئري ئي مُردن مثل هوندا آهن. طوفانن سان گڏ گهلبا ۽ رهڙبا رهندا آهن. انهن ۾ ڪوبہ وزن ۽ سماج ۾ ڪابہ اهميت نہ هوندي آهي. انهن ڪي نہ پنهنجي مرضي هوندي آهي ۽ نہ پنهنجو اختيار. اهڙا ماڻهو هوا جي جُهوٽن وهيڻا هوندا آهن. هڪڙا انسان مرڻ ڪان اڳ پنهنجي نفسياتي حرص ۽ هَوَسَ وارين پٽيندڙ خواهشن ڪي ضابطي ۾ آڻي. پاڻ ۾ روح جي سجاڳي پيدا ڪري ٿو وٺي. تڏهن هُو موت ڪان اڳ پاڻ ڪي ماري حقيقي زندگي جو ادراڪ حاصل ڪري ٿو وٺي. اهو سڀڪجهہ تڏهن ٿي سگهندو آهي، جڏهن موت جي فلسفي تي غور ۽ فڪر ڪري ان جي حقيقت ۽ اهميت ڪي پرکڻ جو ادراڪ حاصل ڪيو وڃي. اهڙا انسان مري بہ زنده رهن ٿا. اهڙا انسان هر دور ۽ هر حالتن ۾ پنهنجي فڪر، فلسفي ۽ تخليقات جي صورت ۾ زنده رهن ٿا ۽ هر دور ۾ رهبري ۽ رهنمائي ڪندا رهن ٿا. اهڙن انسانن لاءِ لاڪيٽي لطيف فرمايو تہ:

**مرڻا اڳي جي مئا، مري ٿين نہ مات،**

**هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جِئا.**

برابر شيخ اياز ان حقيقت جي بنياد تي زندگيءَ ۽ موت جي فلسفي ڪي ڄاڻندي، زندگيءَ ۾ زندگيءَ جي تلاش ڪندي انساني قدرن ڪي اجاگر ڪيو. هُو برابر موت ڪي مات ڏئي هليو ويو. شيخ اياز جي مرتئي تي سندس خدمتن ۽ عظمتن ڪي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ اسان جا تمام وڏا وڏا ناميارا ۽ ممتاز مفڪر، دانشور، اديب، شاعر، مصور ۽ محقق لکي رهيا آهن ۽ لکندا پيا. جن ڪي لکڻ جو ڏانءُ بہ آهي تہ ڏات بہ. جن وٽ لکڻ جو رنگ بہ آهي تہ ڍنگ بہ. پر مون ادنيٰ انسان وٽ لکڻ جي نہ تہ ڏات آهي ۽ نہ ڏانءُ. نہ مشاهدو آهي نہ مطالعو. بس ائين رنڊن روڙڻ وارو حال آهي. پر مان بہ ان سماج جو ئي هڪ فرد آهيان جن لاءِ اياز لکيو لوڙيو سوچيو ۽ لوچيو. تنهن ڪري اسان تي پڻ اهو اخلاقي، انساني ۽ ادبي حق ٿو ٿئي تہ ان عظيم انسان جي عظمت ڪي ٻن اکرن جو خراج تحسين پيش ڪري ان ڪُراڙيءَ مسڪين، پر محبتڻ عورت جيان يوسف جي خريدارن ۾ پنهنجو نالو داخل ڪرائجي.

شيخ اياز هڪ ڀرپور علم ادب، ڏات ۽ ڏاهپ جو ادارو هو. هڪ صديءَ جي تجربن، مشاهدن، تبديلين ۽ نتيجن جي هڪ ليبارٽري هو. جنهن ۾ هن ڪيترائي تجربا ڪري ادبي دنيا ۾ نيون نيون

ايجادون منظرِ عام تي آنديون. هن دنيا جي جديد صنفن کي پنهنجي ادبي ۽ فني صلاحيتن ۽ جوهرن سان سنڌي سماج جي مزاج مطابق بڻائي، سنڌ جي ادبي گلشن ۾ انهن صنفن جي اهڙي تہ ڪاريگري سان پيوندڪاري ڪئي جو اهي ڄڻ تہ اڳ ۾ ئي سنڌي تمدن جو حصو هئا. اهڙيءَ طرح اهي صنفون سنڌي ادب جو اٽوٽ حصو بڻجي ويون ۽ سنڌي تمدن ۾ رنگجي رچي ريٽو بڻجي ويون. انهن ۾ سنڌي سماج، تاريخ ۽ تمدن، ٻولي ۽ منظرنگاريءَ جا اهڙا تہ عڪس پريا ويا جو انهن مان اوپرائپ جو احساس ۽ تصور ئي ختم ٿي ويو.

شيخ اياز جو مرتيو سنڌي ادب لاءِ تمام وڏو الميو ۽ سانحو آهي. ان خال کي ٿوري وقت ۾ آسانيءَ سان پري نٿو سگهجي. شيخ اياز خاڪي جسماني طور تي تہ اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. هاڻي هو هڪ اهڙِ ننڊ ۾ ستل آهي، جتي ڪوبہ خواب لهي نٿو سگهي. پر اياز پنهنجي تاريخ ساز ادبي خدمتن، تخليقن ۽ ڪارنامن جي صورت ۾ هميشہ زنده رهندو. اياز جملي 75 ـ ڪتاب نظم ۽ نثر ۾ لکيا جن مان 55 ڇپيل ۽ 20 اڻ ڇپيل اٿس. هنئن تہ اياز جي هر تصنيف ۽ تخليق تاريخ ساز ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر اياز جو جيڪو منهنجي نظر ۾ سڀ کان وڏو ادبي ڪارنامو آهي. سو آهي شاهہ لطيف جي رسالي جو اردو زبان ۾ منظوم ترجمو ڪرڻ. هي ترجمو ايڏو تہ اثر انگيز جامع ۽ وزندار ۽ پر ڪيف آهي، جيئن عمر خيام جي رباعين جو ترجمو فٽز جيرانڊ" انگريزي زبان ۾ ڪيو هو. شيخ اياز اهو ادبي ديانتدار آهي، جنهن کي عوام طرفان، سماج پاران ۽ ڪائنات کان جيڪي بہ ۽ جهڙيءَ طرح امانتون مليون سي سموريون جيئن جو تيئن ذري پرزي ڪري دکي انسانن ڏانهن آخري پساهن تائين واپس ڪيون. هيءَ اها ادبي صداقت آهي، جيڪا ڪنهن ڪوي، اديب يا دانشور کي ادبي معراج ۽ عظمتن جي بلنديءَ تي پهچائي ٿي. شيخ اياز ان اصول تي آخري دمن تائين قائم ۽ دائم رهيو. اياز دنيا جي انهن چند عظيم اديبن، مفڪرن ۽ شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو جن تي سندن زندگيءَ ۾ ئي تنقيد ڪئي وئي.

جهڙيءَ طرح هڪ عظيم مفڪر، اديب، شاعر، دانشور يا مصور جي سامهون ڪي عظيم آدرش ۽ مقصد هوندا آهن، جن کي بنياد بڻائي ادب ۽ آرٽ جي پليٽ فارم تان ادبي تخليقات جي روپ ۾ پنهنجي فڪري پيغام انسان ذات کي ڏيندو آهي. ان لحاظ کان اياز وٽ بہ انساني برابري، سماجي ۽ معاشي انصاف، امن ۽ اظهار جي آزاديءَ جي اصول غير انساني ۽ غير فطري مٽ پيدن ۽ هٽ ٺوڪين طبقاتي تصورن جي خاتمي جهڙا عظيم آدرش هئا. جن جي حاصلات لاءِ هن سموري زندگي لکيو ۽ وڙهيو. زندگيءَ جي ڪنهن بہ محاذ ۽ مورچي تي ڏسبو تہ پاري ۾ ڪاڙهي ۾ لُکن ۽ جهولن ۾، روهن ۽ رڻن ۾، برن ۽ ٿرن ۾، ڏرتتيءَ جو تتل واريءَ مٿان اياز ٻڪندو، ٻوڙندو ۽ لُوهُون پائيندو نظر ايندو. جڏهن بہ ٿورو ٿڪ ٿو محسوس ڪري تہ چوي ٿو:

**ڪا ترائي هجي، ڇانوَ ڇانئي هجي،**
**اُڃَ منهنجي ٻُجهي، مان پوان آهِلي.**

اياز انسان جي هر ڏکايل رڳ ۾ موجود آهي. هن انسان جي جملي احساسن، جذبن، آرزوئن، اميدن ۽ عملن جي نهايت بيباڪيءَ ۽ جرئتمنديءَ سان ترجماني ۽ نمائندگي ڪئي آهي. هن ڪنهن بہ موڙ تي ڪنهن بہ ڪيفيت ۾ مصلحتون ڪونہ ڪيون. اياز جي عظيم شاعري ظلم ۽ جبر، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، وحشت ۽ بربريت ۾ ڏڪٽي ۽ جنبش پيدا ڪري، ظالم ۽ جابر سامراج جي سيني ۾ گهاوَ ڪري مظلوم ۽ ڏيل ڏکويل انسانن کي حوصلو ۽ همت، قوت ۽ توانائي بخشي ٿي. سندس شاعري روشن امڪانن ۽ اميدن جا عڪس پيش ڪري وڏيڪ تيزيءَ سان محنت، جدوجهد، ايڪتا، اتحاد، الفت ۽ ڳولا لاءِ انسانن ۾ اتساهہ پيدا ڪري ٿي. اياز جي شاعري امر آهي. ان کي وقت ۽ دور جي تبديل ٿيندڙ حالتن جون ويرون لَٽي، لوڙهي ۽ بي اثر ڪري نٿيون سگهن. ڇو تہ اياز شاعر آهي، نظم نويس نہ آهي. شاعر جي شاعري ڪڏهن بہ بي اثر ۽ پراڻي نہ ٿيندي آهي. اها هروقت، هر حالتن، هر دور ۾ تازي، اثر انگيز، پرجوش ۽ پرڪيف ۽ دلڪش هوندي آهي. هر دور جي تقاضائن مطابق نئين سج جو نئون پيغام هوندي آهي. شيخ اياز بہ انهن شاعرن منجهان آهي ۽ سندس شاعريءَ جو معيار بہ ايترو ئي بلند آهي. شيخ اياز جي شاعري اها شاعري آهي، جنهن جون پاڙون انساني جذبن، احساسن، اميدن ۽ تقاضائن، فطرت ۽ ڪائنات جي گهراين ۾ ڪتل ۽ پهتل آهن. جن کي دنيا جي ڪابہ تبديلي لوڏي نٿي سگهي. اياز جي شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ڪائنات جا سڀ رنگ ۽ منظر موجود آهن، جيڪي هر دور جي انسان کي متاثر ڪندا رهندا.

**

# نارائڻ شيام

دنيا ۾ هڪڙا شاعر ڪجهه شاعر ۽ ڪجهه شخص هوندا آهن. پر ڪي انسان هڪ ئي وقت شخصيت ﺑﻪ هوندا آهن ته شاعر ﺑﻪ. سندن شخصيت شاعريءَ جو عڪس ۽ شاعري سندن شخصيت جو تفسير ۽ آئينو پيش ڪندي آهي. ”نارائڻ شيام“ ﺑﻪ اهڙن منفرد ۽ عظيم شاعرن مان هڪ هو. سندس شاعري ۽ شخصيت هڪ ئي حقيقت جا ﺑﻪ روپ هئا.اهي ﭼﺌﻲ هڪٻئي کان الڳ ڪين هئا. شاعري، سندس زندگيءَ ۽ فڪر جي زبان ۽ مڪمل واقفيت هئي. جيڪا ڳالهه هن ذاتي زندگيءَ ۾ محسوس ڪئي، اها ئي هن شاعريءَ ۾ سواءِ ڪنهن ڏڪ جي چئي ڏني. جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:

ڪهڙي دنيا مُنيءَ جي ڳالهه ڪريون،
اگهه اکيون، ڪِلَ خوشيءَ جي ڳالهه ڪريون.
موت تي روئبو ﺑﻪ پر هاڻي،
مر ڪندڙ زندگيءَ جي ڳالهه ڪريون.
بس خوشي اج جي، ٿهڪ پڻ اج جا،
هِنَ گهڙِءَ هُنَ گهڙيءَ جي ڳالهه ڪريون.

شاعر هميشہ سونهن جا متلاشي ٿيندا آهن. ليڪن هڪڙا نفس پرست ۽ خواهشن جا تابعدار، هلڪڙي سطح جا شاعر سونهن لاءِ جسم جي ڳولا ڪندا آهن. اهڙا شاعر انساني قدرن ۽ انساني تهذيب کي پائمال ڪري ڇڏيندا آهن. ليڪن هڪڙا شاعر سونهن، سچ، امن ۽ خير جا متلاشي ٿين ٿا. اهي جسمن ۾ سونهن پسڻ نہ چاهيندا آهن، بلڪ هُو فطرت جي هر رنگ ۾ سونهن جون ريکائون ۽ محبوب جو مشاهدو ماٽي سگهندا آهن. اها ئي اصل سونهن آهي، جيڪا پائدار ۽ هرجاءِ تي موجود آهي. شيام اهڙي سونهن جو عاشق آهي. حب الوطني سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. سندس حياتياتي (Cells) سنڌوءَ جي مٽيءَ، پاڻي ۽ هوا مان جڙيل هئا. هن سنڌوءَ جي ڪک مان جنم ورتو هو. سنڌ ڌرتيءَ سان پهريون پيرو سندس اک آشنا ٿي هئي. پهرين لولي ڪيس سندس جيجل ماءُ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏني هئي. ان لوليءَ واريءَ ٻوليءَ سان شيام آخري پساهن تائين نڀائيندو رهيو. هُو چوي ٿو:

”گنگا جمنا امرت امرت،
ليڪن تيج تہ سنڌو آهي.“

شيام جي شاعريءَ ۾ اصليت، سادگي، جوش، جذبات، جدت، منظرنگاري، بيان جي اثر انگيزي، حب الوطني، نزاڪت، نفاست، خيال جي بلندي ۽ فڪر جي گهرائيءَ وارا سمورا عنصر پاريون ڪيون پلٽيا پيا آهن. شيام شعور جي بلنديءَ تي بيهي عقابي نظرن سان فطرت، ڪائنات، ڌرتي ۽ ڌرتيءَ تي وسندڙ ۽ واپرجندڙن جي ڳالهه ڪري ٿو. اها ئي هڪ وڏي شاعر جي شاعرانه عظمت آهي.
هڪ هنڌ شيام چوي ٿو:

عشق ڪي ٻڌجي وري، مٽجي وڃڻ جو آه شوق،
حسن ڪي مٽجي وري، موتي بنجڻ جو آه شوق.
ڪيئن نظر يڪجا ٽڪي ان حسن تي سگهندي ڀلا،
جنهن ڪي ڪڏهن گل ۽ ڪڏهن رخ ٿيڻ جو آه شوق.

مٿئين شعر ۾ شيام سائنسي بنيادن تي شين ڪي شاعرانه طريقي سان بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ جي بي مثال ڪوشش ڪئي آهي.
زندگيءَ ۾ ذاتي خودغرضي ۽ انانيت جي نفي ڪندي ”ڪين“ ٿيڻ جو درس ڏيندي شيام چوي ٿو:

پنهنجي آپي کان اچ ٻاهر،
ناهين جڳ ۾ تون ئي هڪڙو.

هو چوي ٿو ته ”اي نارائڻ تون پنهنجي ذات ۽ ڏاهپ تي غرور ۽ گهمنڊ نه ڪر. اها ته نهايت خسيس ۽ سطحي سوچ آهي.“ اَنا ۽ تڪبر وارا ڪڏهن به محبوب جو مشاهدو ماڻي نه سگهندا آهن. ڏٺي ته پورن تي پال ڪندڙ آهي. جڏهن تون پاڻ کي ”ڪين“ بڻائيندين تڏهن ئي تون عظيم ۽ امر بڻجي ويندين. تنهنجي مِٽي به مانائتي بڻجي پوندي.
هو چوي ٿو ته ”هن سنسار ۾ توکان سواءِ ٻيا به ڪيترائي قطارن جيان، تو کان وڌيڪ ڏاها، عالم، اديب، شاعر، مفڪر ۽ دانشور دنيا ۾ پيا آهن. جن جي علم ۽ دانش ذات ۽ ڏاهپ اڳيان تون بيهي به ڪونه سگهندين.“
شيام مکڻ ماڻهو هو. مکڻ جيان اڇو اجرو، نرم ۽ نفيس انسان. مهمان نوازي ته وٽانئس ڪو سِکي. شيام جيترو ڳنڀير ۽ سنجيدو انسان هو اوترو ئي کلڻو ملڻو ماڻهو هو. محفلن ۾ اهڙا ته چرچا پوڳ ڪندو هو جو عقل دنگ رهجي ويندو هو ته ايڏو مهان ڪوي ۽ حساس دل انسان ۽ عام زندگيءَ ۾ وري ايترو ئي زنده دل ۽ کل مک وارو انسان. کلائي کلائي محفل وارن کي کيرو ڪري ڇڏيندو هو. عام ڪچهرين ۾ هو ٻارن ۾ ٻار، جوانن ۾ جوان ۽ ٻڍن ۾ ٻڍو هوندو هو.
دوستو! عام انسان جي زندگي ۽ شاعر جي زندگيءَ جي مفهوم ۾ زمين آسمان جو فرق ٿئي ٿو.

عام انسان جي اڳيان زندگيءَ جو مقصد ڪائڻ، پيئڻ، دولت هٿ ڪرڻ، عياشيون ڪرڻ، شان شوڪت ۽ دٻدٻو قائم ڪرڻ ۽ مري وڃڻ. جڏهن ته شاعر جي اڳيان زندگيءَ جو مقصد ڪي آدرش، ڪي اصول، ڪوجنا، تجديد، تحقيق، وقتي ۽ فطري تقاضائن جو شعور. زندگيءَ ۾ زندگيءَ جي تلاش، جدوجهد ۽ انساني شعور جي بيداري، ڪائنات ۽ فطرت ۾ اصولن جي ڳولا هوندو آهي. شاعر جي زندگيءَ جو مقصد انسان جي جملي احساسن، امنگن، جذبن، اميدن، ڪيفيتن ۽ حالتن کي محسوس ڪري انهنجو اظهار ڪرڻ به هوندو آهي. شاعر انسان ذات جا امين، نمائندا ۽ ترجمان هوندا آهن. اهي ڪائنات ۾ ۽ سماج ۾ انسان جو صحيح مقام ۽ مرتبو حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪندا آهن، جنهن جي عيوض کين سوريءَ سزاوار ٿيڻو پوندو آهي. اذيتون ۽ عذاب سَهڻا پوندا آهن. پر پوءِ به اهي حالتن سان مصلحتون ڪونه ڪندا آهن ۽ وڏي واڪي حق جو آواز بلند ڪندا آهن.

شاعر پنهنجي فڪر ۽ حسين خيالن کي لفظن جون تصويرون چٽيندڙ اهڙا مصور آهن، جن مان زندگيءَ جامختلف روپ جهلڪا ڏيو پيا نظر ايندا آهن. شيام به اهڙن شاعرن منجهان هو جنهن جي اڳيان لفظ قطارون ڪيون انتظار ۾ بيٺا هوندا هئا. جيڪو سندس شاعريءَ ۾ آيو ته امر بڻجي ويو.

شيام جون هيٺيون 9۔تصنيفون تمام گهڻيون مشهور آهن.

”ماڪ ڦڙا“۔ شاعريءَ جو مجموعو جنهن ۾ غزل، نظمون ۽ گيت آهن. 1953ع ۾ شايع ٿيو.

”پنکڙيون“ هن ۾ رباعيون ۽ روپ مايا چوڏسيون آهن. 1955ع ۾ شايع ٿيو.

”رنگ رتي لهر“ هري دلگير هن جو مهاڳ لکيو. 1957ع ۾ ڇپيو.

”روشن ڇانورو“ 1962ع ۾ ڇپيو.

”ماڪ ڀنا رابيل“ شاعريءَ جو مجموعو 1964ع ۾ ڇپيو.

”آڇيندي لڄ مران“ 1972ع ۾ ڇپيو.

”واديءِ پريو پلاند“، 1968ع ۾ ڇپيو.

”مهڪي ويل صبح“، 1983ع ۾ ڇپيو.

”نه سورنگ نه سا سرهاڻ“، 1987ع ۾ ڇپيو.

ان ڪان علاوه شيام جي اڳ ڇپيل اخبارن ۽ رسالن ۾ شاعريءَ کي گڏ ڪري هڪ مجموعو ”ذات ۽ حيات“ جي عنوان سان شايع ڪيو ويو آهي. شيام کي سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، فارسي ڪلاسيڪي شاعري، جپاني هائيڪو ۽ جديد مغربي شاعريءَ جو اونهو ابياس ٿيل هو. سندس شاعريءَ ۾ انهن سڀني جو ميلاپ سهڻو نظر اچي ٿو. دوهو، سورٺو بيت، وائي، سانيٽ، نظم، گيت، غزل، هائيڪو رباعي، ترائيل ۽ آزاد نظم وغيره سڀني صنفن کي هڪ ئي وقت وڏي آساني، روانيءَ ۽ مهارت سان لکي سگهي ٿو.

شيام 22 جولاءِ 1922ع ۾ ڳوٺ ڪاهي قاسم ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ ديوان گوڪلداس بہ هڪ سٺو شاعر هو. شيام بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي پاس ڪئي (فارسيءَ ۾ بي.اي ڪئي اٿس). شيام ڏهين جنوري 1989ع تي دهليءَ ۾ وفات ڪري ويو.

ڪير ڄاڻي "شيام" جهڙو ٻيو وري ٿيندو ڪڏهن،
ڪن صدين جي بعد شايد، پر بہ هو ايندو ڪڏهن،
شاعريءَ کي ههڙا ڏُهرا دانَ ٻيو ڏيندو ڪڏهن.
(هري دلگير).

❊❊

# علي احمد بروهي:
# شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتون

هر انسان جو هن مختصر حياتيءَ جي پردي تي ڪونہ ڪو ڪردار ضرور هوندو آهي، جنهن کي هو شعوري يا لاشعوري طور تي ادا ڪري اسٽيج تان هٽي ويندو آهي. هڪڙا انسان زندگيءَ کي کائڻ، پيئڻ، آسائش ۽ عيش عشرت ۽ ڇڙواڳيءَ کي مقصد سمجهندا آهن. اهي ماڻهو زندگيءَ جي حقيقت کان ۽ مفهوم کان ناآشنا ۽ اڻ ڄاڻ حيوانن مثل هوندا آهن. انهن جي اندر حيواني جبلتون ڀريل هونديون آهن، اُهي نفس ۽ اندر ۾ لڪل وحشي جذبن جا پوڄاري ۽ تمنائي هوندا آهن. هنن کي ڪائنات ۽ فطرت جو حسن، رنگيني ۽ روشني هرگز ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي. اهي زندگيءَ جو فقط اونداهون پاسو ئي پسي سگهن ٿا. جي طوفانن سان گڏ گهلبا ۽ رهڙبا ويندا آهن. انهن جي حيثيت سماج ۽ فطرت ۾ ڦوڪٽي برابر هوندي آهي، جيڪو هوا جي جهوٽن وهيٽو هوندو آهي. هن کي پنهنجي ڪابہ حيثيت ۽ اختيار نہ هوندو آهي. جنهن پاسي جي هوا لڳندي سندس رخ بہ ان طرف هوندو. دنيا ۾ مختلف قسمن جا طوفان ۽ سيلاب وقت بوقت ايندا پئي رهيا آهن، تہ ان وقت اهڙن ماڻهن جي حيثيت ڪک پن جيان هوندي آهي، جيڪي سيلابن سان گڏ لڙهي ويندا آهن. انهن کي پنهنجي ڪابہ زبان نہ هوندي آهي. اهي اشارن جي زبان سمجهندا ۽ ڳالهائيندا آهن. هڪڙا ماڻهو پنهنجي علم ۽ قلم کي پنهنجن خواهشن ۽ ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪندا آهن، جيڪو علم انهن لاءِ پيڙائن جو نانگ بڻجي کين پٽيندو ۽ ڪائيندو رهندو آهي. اهي جيئن جيئن وڌيڪ علم حاصل ڪندا آهن، تيئن تيئن سندن حرص ۽ هوس ۾ واڌارو ايندو ويندو آهي، جنهن ڪري اهي علم جي اصل حقيقت کي لوڙهي ڇڏيندا آهن. اهي ماڻهو فقط ڊگرين ۽ عهدن کي ئي علم جو مقصد ڄاڻندا آهن، جا سندن سراسر ڀُلَ آهي. انهن جو علم دل جي بصيرت جي تابع هوندو آهي. هو ماڻ مطالع ڪري، ڪائنات، فطرت ۽ انساني مزاج ۽ روحاني تهذيب تي غور ۽ فڪر ڪري زندگيءَ جي اصل حقيقت معلوم ڪندا آهن. جيڪي انسان نفساني خواهش تي ضابطو ۽ اختيار رکندا آهن، تڏهن انهن جو روح بيدار ٿي پوندو آهي ۽ سندن دل ۾ هڪ وسيع ۽ لامحدود ڪائنات جنم وٺندي آهي. اهي انسان انهن سوالن جا صحيح جواب ۽ حل تلاش ڪندا آهن تہ ڪائنات ڇا آهي؟، زندگي ڇا آهي؟، موت ڇا آهي؟، ڪائنات جي تخليق جو سبب ڇا آهي؟ ۽ ڪائنات ۾ انسان جو اصل مقام ۽ مرتبو ڪهڙو آهي؟، هي اهڙا سوال آهن جن کي سچا صوفي ۽ سچا دانشور، مفڪر ۽ انساني زندگيءَ

جا پارکو ئي سمجهي انهن جا جواب تلاش ڪري انسان ذات لاءِ سنئين ۽ سڌي راهہ متعين ڪري سگهن ٿا. اهي انسان زندگيءَ کي پنهنجي اختيار ۾ آڻي ان کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائيندا آهن. جڏهن تہ اسان زندگيءَ جي پويان بي مقصد ڊوڙندا ٿا وتئون. زندگي اسان کي پنهنجي اشاري تي هلائي رهي آهي. پر لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

**”لوڪ هلي لهوارو تون اُپو وهُہ اپار.“**

اهي عظيم ۽ رهنما انسان زندگيءَ جي مامَ پروڙي متئينءَ پر هلندا آهن. جنهن لاءِ جيئڻ قدرت پيدا ڪيو آهي. جڏهن تہ اسين ٽنگن پر هلڻ سکيا آهيون. جن انسانن مَنُ ماري، نور نچوئي ”ڪين جي مامَ پروڙي دانشورن، محققن، اديبن، شاعرن ۽ عالمن ڪائنات جي نظام، زندگيءَ جي رمزن ۽ رازن تي غور ۽ فڪر ڪيو آهي. فطرت ۽ انساني مزاج جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي، ۽ سچ کي نروار ڪيو آهي، تن مان اسان جي سنڌ جو سپوت، اهل دل، اهل نظر، عظيم دانشور، محقق، ٻوليءَ جو ماهر، شاهہ جو پارکو، سچو سڄاڻ، ليکڪ، زندگيءَ جو مصور ۽ نقاش، سچ جو ساٿي، محترم سائين علي احمد بروهي صاحب بہ هڪ آهي.

مون جهڙي علم ۽ ادب کان اڻ واقف، زندگيءَ جي شعور کان هٿيل ڪوهين دور عاجز انسان کي ڇا مجال آهي جو بروهي صاحب جن جي بلند، ڀرپور ۽ ڪامل شخصيت، سندن علمي، ادبي ۽ فڪري پرواز ۽ صلاحيتن تي لکان، يا سندن روحاني تهذيب، اخلاقي بلندي، انساني، علمي ۽ سماجي خدمتن تي لکي سگهان. پر هڪ فرمانبردار خادم جي حيثيت ۾ مان پنهنجو فرض ٿو سمجهان تہ ڪجهہ لکي پنهنجو حق ادا ڪري سگهان. بروهي صاحب ڪنهن جي تعريف يا خوشامد جو محتاج ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ بذات خود تاريخ ساز شخصيت جا مالڪ آهن. تاريخ جا ورق سندن آجيان لاءِ منتظر آهن.

بروهي صاحب جن جون علمي ادبي خدمتون تاريخ جي دل وارن ورقن ۾ لکيون وينديون. پاڻ ذاتي زندگيءَ ۾ بيحد شفيق، مهربان ۽ محسن انسان آهن. سندن وٽ ادنيٰ ۽ اعليٰ جو ڪوبہ تصور ڪونهي. پاڻ هر انسان جي آڏيءَ مانجهيءَ مدد ۽ همدردي ڪندا آهن. هرڪنهن جا هڏ ڏوکي ۽ يار آهن، سندن مزاج ۾ تنگ نظري، ڪٽرپڻي، قدامت پسندي، علمي فخر، وڏ پڻائي، پاٽپڻي، ظاهري ڏيک ويک، ٺٺ ٺانگر، ۽ ماڻهن کان پاڻکي مٿيري سمجهڻ، علمي ۽ ادبي برتري مڃائڻ جي اڻ سڌيءَ طرح ڪوشش ڪرڻ وغيره جهڙن عنصرن جو نالو نشان بہ ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ، پاڻ وڃائي پاڻ کي حاصل ڪيو اٿن. پاڻ وڃائڻ سان ئي زندگيءَ جي حقيقت ماڻي اٿن. سندن دل ۾ امن، پيار، محبت ۽ سچائيءَ جي هڪ وسيع ڪائنات وسندڙ آهي. پاڻ فطرت جي هر چيز ۾ وحدت جو حسن ۽ جلوو پسن ٿا. سندن ذهن انسان جي ناهيل تنگ ۽ محدود گول دائرن ۽ پنجوڙن کان بلڪل مٿانهون آهي. جتي ڪوبہ مت ڀيد ڪونهي. جتي ڪابہ نفرت ۽ ڇڪتاڻ، اٽڪل ۽ چالبازي ڪونهي. اتي فقط

سڳنڌ ۽ سرهاڻ آهي، جنهن جو واس مرجهايل ۽ جهريل جيءَ کي تازگي ۽ توانائي ڏئي ٿو. اهڙن انسانن لاءِ لطيف فرمايو آهي تہ:

**سرمو سفيديءَ جو، جڏهن پاتو جن،**
**تڏهن ڏٺي تن، آچائي عالم ۾.**

بروهي صاحب جن هن وسيع ڪائنات ۾ سچ ۽ سونهن جا متلاشي آهن. علم ادب، ڏات ۽ ڏاهپ تہ ڄڻ قدرت طرفان هن خاندان کي ورسي ۾ مليل آهي. ويتر سنڌ جي عظيم مفڪر، دانشور، محقق عالم ۽ سچي صوفيءَ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جن سان گهرن لاڳاپن، صحبت، ان جي تعليم ۽ تربيت سبب سندن علمي فضيلت ۽ ادبي ۽ فڪري بلنديءَ کي چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيا. سندن علم جي اعتراف طور هڪ ڀيري حضرت علامہ صاحب پنهنجي فرمانبردار شاگردن کي مخاطب ٿيندي فرمايو هو تہ "مونکي افسوس آهي جو منهنجي علم جو ڪوبہ وارث ٿي نہ سگهيو. اوهان مان هڪ بروهي اي- ڪي بروهي صاحب (علي احمد بروهي صاحب جن جو وڏو ڀاءُ) ئي آهي، جنهن مون مان گهڻو ڪجهہ علم پرائي ان کي هضم بہ ڪيو آهي."

علي احمد بروهي صاحب جن جي زندگيءَ جو هر پاسو بنيادي شعور سان ڀرپور پلٽيو پيو آهي. چاڪاڻ تہ سندن بنيادي تربيت ۽ حواسي ترقي شعور صالح سان ٿي. علمي ادبي اداري ۽ تجربيگاهہ ۾ اک کوليائون. جنهن ڪري کين ڀهرين لولي ئي علم ۽ شعور جي ملي. پاڻ بلند پايي جا بيباڪ بهادر صحافي ٿي گذريا آهن. صحافت جي پليٽ فارم تان پاڻ کلم کلا حق ۽ صداقت جي آواز کي بلند ڪندا رهيا. اتان پاڻ وڏيءَ جرئت ۽ بيباڪيءَ سان ۽ سچ جي هٿيار سان مظلوم ۽ دکي انسانن جي نمائندگي ۽ ترجماني ڪري، عوام جي دل جي ڌڙڪن بڻجي ويا. پاڻ ڪڏهن بہ مصلحتن خاطر ڪنهن بہ حقيقت تي ڪک ڪونہ رکيائون، بلڪ سچ کي انوکي انداز ۽ اسٽائيل ۾ جرڪائي پڌرو ڪيائون. صحافت جي ذريعي ئي علم و ادب ۽ ٻوليءَ جي آبياري ڪندا رهيا. ادب ۾ نت نوان تجربا، فارم ۽ اسٽائيل روشناس ڪرائي، هتان جي عوام، ثقافت، ٻوليءَ جي مزاج ۽ تهذيب جي مواقف بڻائي، سنڌي ادب جي گلشن کي وڌيڪ سگهارو، دلڪش ۽ سڳنڌ وارو بڻائي ڇڏيائون.

بروهي صاحب جن طنز وَ مزاح ذريعي علمي، ادبي ۽ سماجي تنقيد جي هڪ دلچسپ، اثر انگيز ۽ انوکي اسٽائيل ايجاد ڪري ادبي ڪوٺ جو ڀورائو ڪيو. سندن انداز عام ۽ ٺيٺ لهجي واريءَ ٻوليءَ ۾ هوندو آهي، جنهن ۾ اصليت ۽ ساديگيءَ جا عڪس ڀاريون ڪيو پلٽيا پيا هوندا آهن. جنهن ڪري سندن لکڻين ۾ اهو اثر آهي ۽ اهو واحد ليکڪ آهي، جو جڏهن بہ سندن لکڻي ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ ڇپبي آهي تہ ماڻهو ان کي چاهہ ۽ روح سان پڙهندا آهن. جيئن ڪنهن نئين ليکڪ جي ڀهريون ڀيرو ڪا تخليق ڇپي هجي. جنهن سان هو بيحد خوشي محسوس ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهو بروهي صاحب جي لکڻين کي پنهنجون لکڻيون ۽ پنهنجي من جون روح رچنديون سمجهي

انهن کي پڙهن ٿا. ان کان علاوه منهنجو اهو ذاتي تجربو ۽ اکين ڏٺي ڳالهه آهي ته ڪيترائي نوجوان بروهي صاحب جن جي مضمونن جون وڏي تعداد ۾ فوٽو ڪاپيون ڪرائي، پنهنجي معلومات ۾ ڏانءَ حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ محفوظ ڪري رکندا آهن.

علم بابت سندن چوڻ آهي ته، اڄڪلهه هڪڙا ماڻهو علم جو مقصد فقط معلومات کي سمجهن ٿا. ۽ هڪڙا ماڻهو علم حاصل ڪن ٿا محض ذاتي مقصدن، غرضن ۽ دولت ڪمائڻ، عهدن ۽ ڊگرين حاصل ڪرڻ لاءِ. اهڙيون سوچون رکڻ بلڪل پل آهي. اهي علم جي حقيقت کان بي خبر آهي. اهو علم ڪين پريشانين ۽ پيڙائن کانسواءِ ڪجهه ڏئي نٿو سگهي. علم اهو آهي، جنهن مان اها خبر پوي ته زندگي ڪيئن گذارجي ۽ ڪنهن جي لاءِ بسر ڪجي؟ علم اهو آهي، جنهن ۾ ڪائنات، فطرت ۽ انساني مزاج جو مطالع ڪيو وڃي. زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ فطرت جي هر پهلوءَ جو غور سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪري، نتيجا حاصل ڪري، انهن کي عملي زندگيءَ ۾ داخل ڪيو وڃي. اهو علم، جنهن سان روح کي سجاڳي ملي، اندر جي اک کلي، جيڪو علم دل جي بصيرت جي تابع هجي. اهو ئي علمي معراج آهي، جنهن سان خلق کي وڏ ۾ وڏ فائدو پهچائي سگهجي. سندن چوڻ آهي ته اڄ جڏهن اسان علم جي حقيقت کان هٽي ويا آهيون، تڏهن اسان ۾ ڪا حرڪت ۽ وسعت پيدا ڪونه ٿي ٿئي زندگيءَ جو ڪوبه نصب العين مقرر ڪونهي، زندگي بيٺل پاڻيءَ جيان سينوارجي بدبودار بڻجي چڪي آهي. منزل جي ڪابه خبر ڪونهي. ائين ئي بي مقصد ڀٽڪندا ٿا وتئون. اها ڪمال درجي جي بدنصيبي آهي جو سڏي واٽ ڇڏي، زندگيءَ کان روپوش ٿي وتئون ٿا جهرجهنگ جهاڳيندا. ”پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اڃ مرن.“ وارو حال آهي. نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو انسان ذات هاڻوڪي روپ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد وڃائي چڪي آهي. جنهن ڪري اسان جي سماج ۾ خودڪشيءَ جا لاڙا پيدا ٿي چڪا آهن. جيئن ته زندگي ۽ سندس ”مقصد حيات“ ٻئي ساڳي ڳالهه آهن، ان ڪري جتي به زندگي پنهنجو مقصد وڃائي ٿي ويهي اتي سندس زنده رهڻ واري خواهش ئي ختم ٿي وڃي ٿي. پوءِ آدمي پالتو جانور کان ويندي وحشي درندي واري دور ۾ دائري ۾ داخل ٿي پنهنجي قوت فڪر وڃائي ٿو ڇڏي. جيسين وري ڪا تخليقي شخصيت اچي ڪيس غفلت واريءَ ننڊ مان بيدار ڪري ۽ ڪيس ڪنهن مقصد ۽ احساس سان لاڳاپي ڇڏي. پاڻ وڌيڪ چون ٿا ته ”اندر ۽ ٻاهر وارا ٻئي چهرا هڪجهڙا اڃا اجرا نه ٿيندا، جيستائين قلب ۽ قالب جي موافقت نه ٿيندي، تيستائين انسان جي اصلاح ٿيڻ ناممڪن آهي.“

ان لاءِ ڪنهن رهبر ۽ سونهين جي صحبت جي ضرورت آهي.

جيئن لطيف سائين فرمايو آهي ته:

**لکين لوڙائو سهسين سُجَ ۾،**

**ٻرَ ۾ ٻورائو ڪٽج پيادي پاڻ سين.**

سندن خيال آهي ته اسان جي زندگيءَ جي ٻيڙي سواءِ ڪنهن سڙهه، ونجهه ۽ ناکئي جي هلي رهي آهي. هيءَ دنيا جا درياهه مثال آهي، پر اسان کي ان جي سِيرُن، ڪُنَنَ، دهشت ۽ خطرن ۽

ڪنارن جي ڪابہ ڄاڻ ڪونهي تہ پوءِ ان ڪشتيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو. جيئن لطيف فرمايو تہ:

**ڪالهہ وڏائين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگ جهاز،**

**تنهنجي اڄ تراز آهي آراڪين ۾.**

پر وري لطيف سائين رهنمائي ڪندي، رهبر ٻڌجي ڏَسُ ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

**ڪاهي وڃ تراز کي، منجهان موج ملاح،**

**سُونهن جي صلاح، وٺ تہ وِيرِ لنگهين وچين.**

سندن خيال آهي تہ انسان جي بخشش ۽ بلنديءَ جو هڪ ئي طريقو آهي، نياز نوڙت، عجز ۽ انڪساري، اهو عمل خدا پاڪ وٽ بہ بيحد مقبول آهي. دل ۾ محبت رکڻ ۽ خوديءَ جو خاتمو اهي خاص انساني خصلتون آهن. باقي عقل، طاقت، دولت ۽ علم تي غرور ۽ تڪبر ڪرڻ انساني دائري کان بلڪل ٻاهر آهي. قدرت هميشہ پورن تي پال ڪندي آهي. ڪيس سچ گهڻو پسند آهي.

جيئن لطيف سائين فرمايو آهي تہ:

**آلا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،**

**مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.**

سندن چوڻ آهي تہ اڄڪلهہ بي معنيٰ ۽ فرسوده روايتن ۽ ريتن رسمن تي ماڻهو ڳنڍ ڏيو ويٺا آهن، جنهن ڪري زندگيءَ جو ٻيو روشن پهلو پٺسي نٿا سگهن. بي مقصد ۽ حقيقتن جي ابتڙ ريتون انسان کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي سندس شعور جي امرت رَسُ پي ڇڏن ٿيون. انسان محدود ۽ تنگ دائرن ۾ بند ٿي وڃي ٿو، جنهن ڪري سندس ذهني سوچ ۽ خيال جون سرحدون وسيع نٿيون ٿين. سندن خيال آهي تہ زندگي ڪنهن بہ نصب العين مقرر ڪرڻ کانسواءِ بيڪار ۽ حيوانن جيان آهي، جڏهن تہ مقصد سواءِ عمل ۽ جدوجهد جي فقط خودفريبي ۽ ديوانگيءَ جو خواب آهي.

ادب بابت سندن خيال آهي تہ ادب قومن جو ترجمان ۽ عڪاس هوندو آهي. ادب حقيقت ۾ حسن، خير، امن ۽ سچائيءَ جو نانءُ آهي. ادب ۾ زندگيءَ جا اهي سمورا ڪتاب اچي وڃن ٿا جن ۾ وسعت نظري، بلند خيالي، ڪشاده دلي، سنجيدگي، سچائي، فڪر جي عادت ۽ حق جي ڳولا شامل آهن. ادب ۾ ئي انسان جي سمورن احساسن ۽ جذبن تي اثرائتي بيان سان بحث ڪيو وڃي ٿو. ادب مان ئي ڪنهن قوم جي ذهني قلبي ڪيفيات، حواسي ترقي، شعوري سطح، فڪري ۽ نظرياتي ترقي، تهذيبي، ثقافتي، روحاني، اخلاقي، روايتي، سياسي، سماجي، معاشي حالتن ۽ ترقيءَ جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. ادب انساني زندگيءَ جو تفسير ۽ آئينو هوندو آهي، جنهن مان ان قوم جا چٽا پٽا عڪس ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ادب ۾ انسان جي سمورن احساسن ۽ جذبن جو اظهار وري هڪ شاهوڪار ۽ ترقي يافتہ ٻوليءَ ذريعي ڪيو وڃي ٿو.

سترهين صديءَ جي اڌ ڌاري دنيا جنهن ڊگر تي هلي رهي هئي سا يڪسر بدلجي وئي. دنيا ۾

زندگيءَ جي هر شعبي ۾ نئين تحقيق ۽ تجديد سان انقلابي تبديليون آيون. مقصديت وارو تخليقي ادب روشناس ٿيو. دنيا ۾ نون خيالن، نظرين ۽ تصورن جنم ورتو. ادبي تخليقن ۽ تحريرن سبب ئي ماڻهن جي بيٺل سوچن کي متحرڪ بڻايو ويو. شعور جي هڪ اهڙي لهر آئي جو قطارن جيان اديب، دانشور، مفڪر ۽ سائنسدان پيدا ٿيا.

اهو ادب ئي آهي، جنهن سان دنيا ۾ سماجي انقلاب آيا. فرسوده ريتن رسمن ۽ ڏند ڪٿائن جي جاءِ تي عقل، علم ۽ شعورجاءِ والاري. ان لحاظ کان سنڌي ادب عالمي سطح جي ان عروج تي پهتل آهي جو دنياجي ترقي يافته مشرقي ۽ مغربي ادب ۽ اديب جي مقابلي ۾ سنڌي ادب ۽ اديب وڏي اعتماد ۽ فخر سان پيش ڪري ٿو سگهجي. چاڪاڻ ته سنڌي ادب انهن سمورن جديد مقرر ڪيل ادبي معيارن، اصولن ۽ ماپن تي پورو پورو نهڪي اچي ٿو. پر بروهي صاحب جن کي موجوده ادبي صورتحال کان سخت ڳڻتي ۽ مايوسي آهي، چاڪاڻ ته اڄڪلهه رڳو صحافتي ادب تي زور آهي. جنهن ۾ فطرت ۽ انساني مزاج جو عڪس ۽ لاڳاپو نظر ڪونه ٿو اچي جيڪو ڪنهن به تخليق کي آفاقي حيثيت بخشي ٿو.

اڄڪلهه سهل پسنديءَ جو رجحان وڌي رهيو آهي. تنقيد ۽ اصلاح لاءِ سهپ ۽ بردباري مشڪل ئي ٿي ڏسجي. هر ڪنهن کي جهٽ پٽ علاءُ الدين جي ڏيئي وانگر ڪنهن وڏي اديب بنجڻ جو جنون ۽ شوق آهي. رڳو شاعريءَ تي لٽ پئي ٿي لڳي هزارن جي تعداد ۾ شاعر ٿي پيا آهن. پر افسوس جو نثر ڏانهن ڪنهن جو ڪو خاص ڌيان ڪونهي. ڇو ته اهو ڪجهه اوکو پنڌ آهي، جنهن لاءِ تجربو ۽ مطالعو گهرجي. اڄڪلهه سنڌي ادب ۾ اخبارون ۽ رسالا رڳو ترجمن سان پريا پيا آهن، باقي تحقيقي، تنقيدي تخليق جو مڙئي ٿيو خير! هن وقت سنڌي ادب ۾ تخليقي ۽ نثري ادب جي تمام وڏي کوٽ محسوس ٿي رهي آهي. جنهن لاءِ بروهي صاحب جن ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چون ٿا ته دنيا تيزيءَ سان نون تجربن، تحقيقن، تنقيدن جديد اسٽائيل ۽ لاڙن سان اڳتي وڌي رهي آهي ۽ اسين اوترو ئي تيزيءَ سان پوئتي وڃي رهيا آهيون. اگر اها ئي افسوسناڪ حالت رهي ته اسين تقريباً هڪ صدي پوئتي هليا ويندا سين، جيڪا وٿي پُر ڪرڻ نهايت مشڪل ٿي پوندي. تنهنڪري غور ۽ فڪر، مطالعي ۽ مشاهدي کانسواءِ وڏي اديب بنجڻ جا خواب ڏسڻ اجايا آهن. تيستائين ڪوبه اديب ڪوبه ادبي آفاقي شاهڪار تخليق ڪري نٿو سگهي، جيستائين هو فطرت، انساني مزاج، ثقافت ۽ تهذيب، انسان جي معاملاتي ۽ نفسياتي زندگيءَ جو ڀرپور اڀياس نٿو ڪري. پاڻ فرمائن ٿا ته اڄوڪي نوجوان ليکڪ جو ذهن ۽ شعوري سگهه تمام گهڻي تيز آهي، هنن ۾ ادبي چاهه، ڏانءُ ۽ ڏات به آهي. باقي جيڪڏهن ٿورو به پاڻ ۾ غور ۽ فڪر، سنجيدگي ۽ سهپ جي عادت پيدا ڪن ۽ ڪائنات ۽ فطرت جو سنجيدگيءَ سان مطالعو ڪن ۽ مشاهدو ماڻن ته ٿوري ئي وقت اندر وڏا ادبي شاهڪار جن ۾ انساني مزاج ۽ فطرت جي هم آهنگي ۽ موافقت هجي، تخليق ڪري دنيا جي وڏن

اديبن جي صف ۾ شامل ٿي سگهن. اسان جو اديب دنيا جي ڪنهن به اديب کان گهٽ ناهي.

بروهي صاحب جن اهي واحد اديب آهن، جيڪي ادب ۽ ٻوليءَ تي هميشه گهري نظر رکيون ايندا آهن. جڏهن به اديب يا ٻوليءَ کي ڪو نقصان رسڻ جو انديشو ڏسندا آهن ته سڀ کان پهريائين پاڻ انهن علامتن ۽ عنصرن جي سڃاڻپ ڪري آواز بلند ڪندا آهن. جيئن ته پاڻ ٻوليءَ جا پڻ وڏا ماهر ۽ پارکو آهن.

سنڌي ٻوليءَ بابت سندن خيال آهي ته سنڌي زبان دنيا جي انهن چند ترقي يافته، وسيع ۽ زرخيز زبانن مان هڪ آهي جن ۾ هڪ شيءِ لاءِ تمام گهڻا ۽ الڳ الڳ الفاظ ۽ نالا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي اندر الڳ الڳ معنيٰ ۽ مفهوم رکندا آهن. مثال: اُٺَ ۽ ٻيڙي وغيره جا تمام گهڻا نالا آهن، جي الڳ الڳ وقت، ڪيفيت ۽ حالت کي ظاهر ڪندا آهن. ٻيو ته سنڌي زبان ۾ جاذبيت جي خاصيت موجود آهي، جيڪا ٻين ٻولين جي لفظن کي پنهنجي اندر جذب ڪري، انهن کي پنهنجي مزاج، ماحول ۽ فارم ۾ تبديل ڪري ٿي. جاذبيت وارو اهو عمل ٻوليءَ جو تمام مٿانهون معيار آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي موجود بگڙجندڙ صورتحال کان کين بيحد مايوسي ۽ ڳڻتي آهي. جڏهن سنڌي اخبارن ۾ غير سنڌي لفظ سنڌي زبان ۾ عام استعمال ٿيڻ لڳا، جن جي معنيٰ ۽ مفهوم عام ماڻهوءَ کي سمجهه ۾ اچڻ جهڙو ئي نه هو. تڏهن پاڻ نهايت جرئت ۽ بيباڪيءَ سان پنهنجو قلم ۽ علم استعمال ڪري، ”اخبارن جي ٻوليءَ تي سرسري نظر“ جي عنوان سان هڪ تحقيقي، تنقيدي ۽ اصلاحي مضمون لکيائون. جنهن ۾ انهن لفظن جي عالمانه انداز ۾ نشاندهي ڪيائون جيڪو ”روزانه هلال پاڪستان“ جي 2-آڪٽوبر 1992ع تي ڇپيو اهو ساڳيو مضمون سنڌ جي عظيم محقق،دانشور، تاريخدان ۽ ٻوليءَ جي ماهر جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن ”سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو“ جنهن جا پاڻ چيئرمين آهن، طرفان ڪتابي صورت ۾ ٻيهر شايع ڪرايو.

بروهي صاحب جن جي ان مضمون جو نموني طور هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو ”هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته صحافت (جرنلزم) کان مراد آهي ئي اهڙو ادب جو ٿڏي تي ۽ تڙ تڪڙ ۾ سرانجام ڏنو وڃي. هونئن به اخبار جي ڄمار آهي ئي گهڻي؟ ڪل چار پهر. رات پر پتاري سورنهن سينگار ڪري ٺهي جڙي ڪنوار ٿي صبح جو پڙهندڙن جي ور چڙهي، ۽ وري شام جي ٽاڻي رنڙ ٿي دربدر رلندي وتي. پوءِ ڪي مٿس ترس آٽي ڪيس پڪوڙن ويڙهڻ ۾ سڪارتو ڪن ته ڪي بي رحم وري منجهس پراڻا پادر پارسل ڪن. خود اخبار جي اڏاوت ۽ اوساري پڻ پنجن يا ڇهن ڪلاڪن ۾ مس رچي راس ٿئي ٿي. باقي وقت جي سيڙپ ٿئي ٿي اخبار جي ڇپائيءَ ۾. ايجنٽن وٽ پهچ ۽ گراهڪن ڏانهن ورڇ ۾. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اخبار جي رپورٽرن، خطن يا سب ايڊيٽرن کي ڳاتي پڳي رفتار تي خبرن جي چند ڇاڻ ۽ گهڙائي ڪرڻي ٿي پوي. ظاهر آهي ته اهڙي وٽ پڪڙ جي صورتحال ۾ سواءِ تجربيڪار صحافيءَ جي، ٻئي ڪنهن سيڪڙات کي ڪهڙي مجال جو مواد کي ناهي جوڙي ۽ وري ساڳئي وقت

ڪيس وارنش سان پالش ڪري ۽ جرڪائي ٻـ! وقت جي ڀيڙ ۽ ڀڄ ڀڄان ۾ اسان جا نوجوان صحافي پوءِ خبرن جو پورائو ڪرڻ لاءِ زور رکن ٿا اردو اخبارن جي انڌاڌنڌ ترجمن ڪرڻ تي! نج ۽ نيٺ سنڌي لفظ تہ وڃي ڪڏ پيا. پر عام فهم اکرن جي بہ جاڻ نہ هئڻ ڪري هو ڏڙا ڏڙ اردو اکر استعمال ڪندا ٿا رهن. اهو ئي سبب آهي جو اوهان ڪي سنڌي اخبارن اندر ”مثبت. تشخص. مزاحمت. منتشر. محصورين. مداخلت“ جهڙا ڦوڙاٽ اکر عام جام سنڌيءَ جي سيني تي مڱ ڏريندي نظر ايندا. وڏيڪ ۽ وڏو ويل وري انهن مڇايو آهي جي اردو اکر تہ استعمال ڪن ٿا الاجي نہ. پر هنن همراهن وري پنهنجا هٿرادو ۽ جڙتو اکر گهڙڻ تي سندرو ٻڌو آهي. جي لفظ نہ لغت ۾ آهن ۽ نہ وري رواج ۾!

نوان لفظ جوڙڻ ڪو خراب ڪم ڪونہ آهي. بلڪ جن ملڪن جا ماڻهو ترقي پسند هوندا آهن ۽ منجهن علم ادب جو ذوق شوق جام هوندو آهي. اتي هنرمند ڪاريگر. دانشور. هنرمند. فن ۽ ادب ۾ نيون نيون ڳالهيون ايجاد ڪندا آهن. نوان لفظ ايجاد ڪرڻ يا ڌارين اکرن جي استعمال ڪرڻ تي ڪا بندش نہ آهي. پر شرط اهو آهي تہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪا کوٽ هجي يا اٽاٽ! تہ پوءِ سيڪجهہ جائز آهي. چوندا ڪين آهن تہ ”ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي“.

ٻوليءَ جي هاٽوڪي بگاڙ ۾ جنس جو غلط استعمال سر فهرست آهي. خاص طور جڏهن جملي ۾ ڌارين ٻولين جا اکر ڪتب آندا ٿا وڃن. مثال: ”آپريشن“ انگريزي اکر آهي. جنهن جي معني آهي. ”ڊاڪٽر وڍ ڪٽ. جراحي يا ڪاروائي.“ جنس جي لحاظ کان هي لفظ مونث طور ڪتب ايندو آهي. پر اڄڪلهہ هن لفظ ک جنس مذڪر طور عام استعمال ڪيو وڃي ٿو تہ. ”آپريشن ٿيندو يا ڪيو ويندو.“ آپريشن هميشہ ٿيندي آهي يا ڪئي ويندي آهي. نہ فقط آپريشن پر اهڙا هڙئي انگريزي اکر جن جي پٺ ۾ ”شن“ لاڳو ٿيل هجي سي سڀني جنس مونث ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن. جيئن ”ٽرانسليشن. ڊڪٽيشن. ڪوآپريشن. سيپريشن“ وغيره. هي اصول سڄاڻ استادن اڳيئي مقرر ۽ طئي ڪري ڇڏيا آهن. هن ڏس ۾ فقط هي چوڻ ڪافي نہ آهي تہ لاڙ ۾ اسان وٽ آپريشن ٿيندو آهي. نہ وري هي ڪو مناسب دليل آهي تہ ڊاڪٽري آپريشن ٿيندي آهي. باقي ملٽر آپريشن ٿيندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جا اڪثر لفظ عدد واحد توڙي عدد جمع ٻنهي ۾ هوبهو هڪجهڙا استعمال ڪيا ويندا آهن. جيئن ”سوچ سمجهہ۔ خيال“ وغيره. هن ڏس ۾ اسان جا ڪي اديب اردوءَ جي نقش قدم تي هلندي سنڌي اکرن ڪي هروڀرو ڀڄ ڀڃي ”جمع“ بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سنڌيءَ ۾ ”ياد“ واحد توڙي جمع آهي. پر اڄڪلهہ هن لفظ جي ٻيڙي سير تي آندي وئي آهي. ڪڏهن ”يادون“ ٿا لکن تہ ڪڏهن وري ”ياديون“ جيڪڏهن ڪين جمع ۾ لکڻ جي لاچاري آهي تہ پوءِ ”يادگيريون“ چئي سگهن ٿا ۽ نہ ”يادون“. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ ”سوچ“ جو جمع ”سوچون“ نہ آهن. پر ”سوچ“ سڀني جي آهي. اوهان جي سوچ. سڀ جي سوچ يا جڳ جهان جي سوچ. اوهان جڏهن بہ اهڙن لفظن جو جمع ۾ اظهار ڪندا تہ سمورو مامرو بي سُرو ٿي پوندو. مثال طور. ”مائيءَ ياڳيءَ اڄ ڪار چاڙهي آهي.“ پر جيڪڏهن

جمع ۾ بہ اوهان "ڪارُ" بجاءِ "ڪاريون" لفظ استعمال ڪندا تہ مونجهارو ٿي پوندو.

هي برابر آهي تہ اڄڪلهہ سنڌي ٻولي وارثن هوندي سوندي ڇوري ڇني آهي ۽ ساڻس ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ تي ڪا جَهلَ پَلَ آهي ئي ڪانہ! جيئن ڇوٽي آهي تہ انڌي جي جوءِ جو الله واهي آهي. پر تڏهن بہ شڪر الحمدالله جو اڃا ڪي آهين جوڳي جُوءِ ۾. جن ڪي نہ فقط ڀڳڙ ٻوليءَ سان هٿو پائي ڪرڻ تي ڪهڪاءُ ٿو اچي يا ڪين اندر ۾ ڇنڊڙيون ٿيون پون. پر سندن رت بہ ٿو تهڪي. اوهان ڏٺو هوندو تہ ويجهڙائيءَ ۾ ٻن ٽن مضمونن جي ڇپجڻ تي ئي ايترو اثرائتو رد عمل ٿيو جو ڪراچيءَ جي سنڌي اخبارن ڪان اردو اڪر ائين اوچتو ئي غائب ٿي ويا، جيئن گڏهہ جي مٿي تان سڱ. اسان جي پنهنجي اديبن ۽ صحافين ۾ وڏيون اميدون آهن تہ هو سنڌي ٻوليءَ جي ستر، سونهن ۽ صحت جي بيحد حفاظت ڪندا. هونئن بہ اسان وٽ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ٻيو رکيو ئي ڇا آهي؟ سواءِ امڙ ٻوليءَ جي! ڪيس ويس وڳا پهرائي، اڇو اجرو رکڻ بجاءِ جي پاڻ ٻيهي سندس لوئي ليڙون ڪريون تہ اها هڪ ٽرئجڊي ٿيندي."

هي تہ هئا اهي خيال جي مون ناچيز خادمر علي احمّد بروهي صاحب جن لاءِ پيش ڪيا. جن مان بروهي صاحب جن جي علمي بصيرت، ادبي ۽ فڪري، ذهنيءِ روحاني بلنديءَ جا چٽا عڪس پسي سگهجن ٿا. زندگيءَ جو سڏو گس ڳولي سگهجي ٿو. ان ڪان علاوه ٻوليءَ سان سندن محبت ۽ ٻوليءَ تي سندن مهارت جو اندازو بہ لڳائي سگهجي ٿو. اهڙن عظيم انسانن جي صحبت مان ئي اسان ڪي زندگيءَ جي حقيقت معلوم ٿي سگهي ٿي. اهڙن انسانن لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي تہ:

**تانسين ساڻن اور، جانسين آهينِ اوطاقن ۾،**
**ڏهہ ڏهہ پيرا، ڏينهن ۾، پاڻ مٿائنئن گهور،**
**ويا جي هنگلور، ڪَرَمَ ملندءِ ڪاپڙي.**

__نوٽ:__ هيءَ معلومات مون بروهي صاحب جن جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل تحريرن منهنجي رهنمائيءَ خاطر شفقت ۽ ٻاجهہ مان، مون خادمر ڏانهن وقت بوقت جيڪي خط لکندا رهندا آهن، تن تان حاصل ڪئي آهي. (**سرور منگي**)

**

# محمد علي پٺاڻ :
# شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتون

انسان فاني آهي. ان کي هڪ ڏينهن هيءَ رنگين ۽ دلڪش دنيا اَوَسِ ڇڏڻي ئي آهي. هي سلسلو اول کان وٺي شروع آهي ۽ جاري رهندو پيو اچي. هڪڙا وڃن پيا، ٻيا اچن پيا. زندگيءَ جي سڀ کان وڏي سچائي موت آهي. موت ئي زندگيءَ جي حقيقت آهي. انسان ڪيڏانهن اچي ٿو ۽ ڪيڏانهن وڃي ٿو قدرت جو اهو هڪ تمام اونهو اسرار آهي. جنهن کي پرکڻ ۽ پرجهڻ سچن صوفين، سالڪن، عشاقن ۽ عارفن جو ئي ڪم آهي. هيءَ اها مامَ آهي جنهن کي ڪو ڪو پروڙي ٿو سگهي. نہ تہ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. هي ظاهر جا علم ۽ ادارن جون وڏيون وڏيون ڊگريون، حرفتون ۽ صخن گريون، عقلي ڏُڪا ۽ دليل، لفظن جي ڪيمياگريءَ سان انهن اسرارن کي معلوم ڪرڻ محال آهي. انهن رازن ۽ رمزن کي اهو ئي رسي ٿو سگهي، جنهن جي اندر جون اکيون ۽ دل جون دريون کليل هجن. جنهن پنهنجي مَنَ جي تارَ کي انسان ذات جي قلبي ڪيفيتن ۽ حِسن (Senses) مان گذاريو هجي. جنهن اهو ساز ڇيڙيو هجي، جنهن اها تار تنواري هجي، جنهن مان هر انسان جي روح ۾ پيهي ويندڙ نغمي جو اهو سريلو آواز ڦٽي نڪري جيڪو هوائن جي آڌار تي وادين ۽ ماٿرين ۾، ندين جي لهرن ۾ پڙاڏو بڻجي محبت، امن ۽ ايڪتا جو پيغام ڏيندو ۽ گونجندو رهي. هي اهو گيت آهي جنهن کي ڪابہ روايتي، طبقاتي، سماجي ۽ سياسي سرحد ۽ حدبندي نہ آهي. هن گيت ۾ ڪوبہ مت ڀيد، ڪوبہ فرقو يا گروهہ، ڪابہ رسمي ۽ روايتي ڪوڙڪي يا ڊِپي نہ هوندي آهي. هي گيت هر قسم جي ڪٽرپڻي، تنگ نظري ۽ انسان جي هٺراڙو ناهيل تنگ دائرن کان تمام مٿانهون هجي ٿو. هي گيت ان مقام تي ڳونجي ٿو جتي فقط امن آهي، الفت آهي، سچائي آهي. حسن ۽ خير آهي. اتحاد ۽ ايڪتا آهي. جتي ڪابہ دوئي ڪانهي. هر طرف کان ساجن سامهون پيو نظر ايندو. جيڏانهن نهاربو تہ محبوب جو مشاهدو پيو ماڻبو. انسان جي عظمت ۽ امرتا جو ماپو ۽ ڪاٿو وڏين ڊگرين، اعليٰ منسبن، دولت جي انبارن ۽ فردن جي افرادي قوت سان لڳائي نٿو سگهجي. اهي شيون انسان کي عظيم ڪونہ ٿيون ڪن. پر اهو ڪو ٻيو فهم آهي، اها ڪا ٻي سوچ آهي جيڪا انسان کي عظمت جي بلندي تي پهچائي ٿي. هڪڙا انسان زندگيءَ جو مقصد کائڻ پيئڻ، عياشي ڪرڻ ۽ ڇڙواڳي سمجهندا آهن. انهن جي نظرن ۾ انساني تهذيب ۽ اخلاق ڪابہ معنيٰ نہ رکندا آهن. اهي ماڻهو اندر ۾ لڪل وحشي جذبن ۽ خواهشن جا تمنائي ۽ غلام هوندا آهن. اهڙ انسان

جيري ئي مئل هوندا آهن، يعني جيئري، مردن مثل هوندا آهن. اهي انسان طوفانن ۽ سيلابن سان گڏ گهلبا ۽ رهڙبا رهندا آهن. اهي ماڻهو هن ڪائنات ۾ هوا جي جُهوتي وهيڻا هوندا آهن.ا هڙن ماڻهن جي زندگيءَ جي حيثيت ڪک پن مثل هوندي آهي جنهن ۾ ڪوبہ وزن ناهي هوندو جو هڪ جاءِ تي ٽڪ ڏئي بيهي رهي. اهڙن ماڻهن کي نہ پنهنجي زبان هوندي آهي ۽ نہ پنهنجو اختيار! هنن جي سطحي سوچ يا تہ سمونڊ مٿان گج جي ڦورن تي هوندي آهي، جڏهن تہ ان جي هيٺان موتي ۽ جواهر بہ موجود هوندا آهن. يا تہ ڪنهن ڪِني ڍُبي ۾ ڪنگ جيان ڪُرڙيءَ تي نظرهوندي اٿن. جيئن سلطان الاولياء جن فرمايو تہ:

**سڪ روحاني سامئين، جسمي جاهلن،**
**ٻگهن مڇي مَنِ، پارس پسن ڪين ڪي.**

لاکيڻي لطيف فرمايو تہ:

**اڇو پاڻي لڙ ٿيو ڪالوريو ڪنگن،**
**ايندي لڄ مرن، تنهن سَرَ مٿي هنجڙا.**

انهن جو بس اهو ئي ايترو ئي (Approach) انداز فڪر هوندي آهي. اهڙا انسان پنهنجي علم کي جڏهن پنهنجي حرص هَوَسَ، خواهشن ۽ ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪندا آهن. تڏهن اهو علم سندن رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ بجاءِ پيڙائن ۽ پريشانين جو نانگ بڻجي هميشہ سندن دل ۽ دماغ کي پٽيندو ۽ کائيندو رهندو آهي. سندن روح هميشہ بيچين ۽ بيقرار رهندو آهي. تنهن لاءِ لطيف فرمايو تہ:

**پڙهيو پيا پڙهن، ڪڙن ڪين قلوب ۾،**
**پاڻا ڏوهہ چڙهن، ورق ورائين وترا.**

اهڙا انسان حرص ۽ هوس جي انڌ ۾ ڪڏهن بہ حقيقي زندگيءَ جي حسن ۽ خوبصورتيءَ کي پسي ڪونہ سگهندا آهن. اهي هر نيڪيءَ کان محروم رهندا آهن. اهي انساني وقار ۽ انساني قدرن کان نا آشنا رهن ٿا، بلڪ انساني آپي کان ئي ٻاهر نڪتل ٿين ٿا. هو ٻي ڪابہ حقيقت علمي فضيلت ۽ عقلي دليل ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندا آهن. سندن اڳيان اگر علم ۽ عقل جي ڳالهہ نڪرندي آهي تہ هو نفرت ۽ بيزاري ظاهر ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ ڳالهيون تہ وڏيون واريون ڪندا آهن، پر هوندا آهن ٿلها متارا جهڙا سانهہ. ڪاهوڙڪي هامَ هڻندا آهن، آڳڙين واريون رسمون پيا ڪندا آهن، مگر انهن ڪڏهن هڪ تيليءَ جيتري تابش بہ نہ ڏني ۽ سَني آهي. ڏوڏا، عشق جا اُلا سِرَ تي سهڻ، محبت واري مچ ۾ ڪڏي ڪاهي پوڻ تہ تمام پري جي ڳالهہ آهي، هتي تہ اهو

گهرجي جنهن جو اندر اڌ هجي. پر لطيف جي چواڻي ته،

**"اڄا ڪي آهين، ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي"**

ڪي اهڙا عظيم ۽ امر انسان به ڌرتيءَ جي هن گولي تي رهن ٿا، جن جي ڪري هن سنسار جي گلشن ۾ مکڙيون مهڪن ٿيون. موتين جيان تن مٿان ماڪ ڦڙا ڪرن ٿا. چيٽ ۽ چانڊوڪيون هڪبئي سان کيچلون ڪن ٿا. هن سماج مان سڳنڌ ۽ سرهاڻ اچي ٿي. جيڪي ويرانين ۾ ويهي اميد جي تنل تارن کي جوڙي امن ۽ محبت جا سُرَ ۽ سنگيت سجائن پيا. بانسريءَ مان اها سوز پري آلاپ ڪري ڪيئي من مگن پيا ڪن. اهڙا به آهن جي اونداهي ٻاٽ ۾ ڏيئو ٻڻجي چمڪي پوندا آهن. جن جي لاٽ مان پيا به ڪيئي ڏيئا ٻري پوندا آهن. ڪي اهڙا به آهن جي انسان جي هٺ جي ٺاهيل غير فطري، غير انساني ۽ غير تهذيبي تنگ ۽ محدود دائرن، ريتن ۽ رسمن جي ڄارن ۽ پنجوڙن کي ٽوڙي پنهنجي علم ادب ۽ فڪر جي سرحدن کي وسيع ۽ لامحدود ڪري ڇڏيندا آهن. جتي ڪا به سرحد نه هوندي آهي. جتي ڪا به طبقاتي ۽ گروهي ۽ فرقيواريت جي ڇڪتاڻ نه هوندي آهي. اهي پنهنجي علم کي دل جي بصيرت جي تابع بڻائيندا آهن. تڏهن انهن ۾ روح جي سجاڳي پيدا ٿيندي آهي ۽ جڏهن انسان ۾ روح جي سجاڳي پيدا ٿئي ٿي ته هن اڳيان ڪائنات جا ڪيئي راز ۽ اسرار نروار ٿين ٿا. اهڙا انسان علم کي فقط معلومات جو ذريعو نٿا سمجهن بلڪ ان کي زندگي، فطرت ۽ ڪائنات جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آڻن ٿا. اهڙا انسان لفظ "ڪين" جي هر پاسي کان اصل مفهوم کي سمجهندي، پاڻ ۾ پيهي پاڻپٽي کان پاڻ وڃائي پاڻ کي حاصل ڪندا آهن. جڏهن ڪو انسان پاڻ وڃائي پاڻ سڃاڻي ٿو وٺي ته وقت جون ويرون هن کي ڪڏهن به وڃائي نٿيون سگهن. هو تاريخ جي هر دور ۾ زنده رهي ٿو. اهڙا انسان سيڪجهه ڄاڻندي به ڪي ڪين ڄاڻندا آهن. اهي ماٺ مطالع ڪري انسان، ڪائنات ۽ فطرت تي غور ۽ فڪر ڪري اصل حقيقتون معلوم ڪندا آهن. اهي انسان انهن سوالن جا صحيح جواب ۽ حل تلاش ڪندا آهن ته ڪائنات ڇا آهي؟ زندگي ڇا آهي؟ موت ڇا آهي؟ ڪائنات جي تخليق جو سبب ڇا آهي؟ ڪائنات ۾ انسان جو اصل مقام ۽ مرتبو ڪهڙو آهي؟ اهي اهڙا سوال آهن جن کي سچا صوفي، مفڪر، دانشورن، شاعر، اديب ۽ انساني زندگيءَ جا پارکو ئي سمجهي انهن جا جواب تلاش ڪري انسان ذات لاءِ سنئين، سڌي ۽ روشن راهه متعين ڪري ڏين ٿا. اهڙا انسان زندگيءَ کي پنهنجي اختيار ۾ آڻي ان کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائيندا آهن. اهي زندگيءَ جا امين ٿين ٿا. جڏهن ته اسين زندگيءَ جي پويان پويان بي مقصد ڊوڙندا ٿا وتئون. اسان ظاهري ڏيک ويک ۽ چلڪن تي موهجي زندگيءَ جي روح کان غافل ٿي ويا آهيون تڏهن زندگي اسان کان رُسي وئي آهي. تنهنڪري اسان جي زندگيءَ جي نه ڪائي منزل آهي ۽ نه مقصد!

لاکيڻي لطيف فرمايو آهي ته، "لوڪ وهي لهوارو، تون اُبو وَهُه ابار." اهي عظيم انسان مٿي پر

هلندا آهن ۽ اسين تنگن پر هلڻ سکيا آهيون. جن انسانن من ماري، نور نچوئي، اوجاڳا ڪري، اکيون پچائي "ڪين" جي مامَ پروڙي دانشورن، شاعرن ۽ مفڪرن ڪائنات جي نظام ۽ زندگيءَ جي رمزن ۽ رازن کي غور ۽ فڪر ڪيو آهي. فطرت ۽ انساني مزاج جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي ۽ سچ کي هميشه نروار ڪيو آهي، تن مان اسان جي سنڌ جو سچو سچ جو ساٿي، اهل دل، وسيع نظر، زندگيءَ ۽ فطرت جو مصور، سچو برک ۽ ناميارو شاعر، ڪهاڻيڪار، ليکڪ ۽ ڪالم نگار محترم محمد علي پٺاڻ به هڪ آهي.

محمد علي پٺاڻ هڪ سنجيدو، بردبار، اهل دل، هر ڪنهن جو دوست، صوفي منش، صاف گو، ڪاهوڙي، ارڏو اڏول، جرئتمند، بي لوث ۽ بيباڪ انسان آهي. سندس زندگيءَ جي هر پاسي ۾ بنيادي شعور پاريون ڪيو پلتيو پيو آهي. پاڻ هر قسم جي مت ڀيد، گروهه بندي ۽ مصلحتن کان بالاتر رهي لکيو اٿس. محمد علي مظلومن ۽ محرومن، ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن، سادڙن ۽ سباجهڙن لاءِ هر محاذ تي لُڪن ۽ جهولن ۾، روهن ۽ رڻن ۾، ڪيتن ۽ ڪرن ۾، وادين ۽ صحرائن ۾، برن ۽ ٿرن ۾ جهيڙيندو ۽ جوٽيندو، لچندو ۽ لوچيندو، ووڙيندو ۽ لوڙيندو نظر اچي ٿو. پاڻ شعور جي بلنديءَ تي بيهي عتابي نظر سان عوام جي احساسن ۽ ڪيفيتن، مسئلن ۽ معاملن، ڏکن ۽ ڏوجهرن، ڪِيسن ۽ ڪلورن کي ڏسي ٿو محسوس ڪري ٿو ۽ پوءِ پنهنجي علم ادب، ذات ۽ ڏانوَ کي انهن ماروئڙن لاءِ استعمال ۾ آڻي ٿو. ڇاڪاڻ ته شاعر نه فقط قومن جا حقيقي نمائندا ۽ ترجمان هوندا آهن، بلڪ اهي قومن جا ريڊار به هوندا آهن. جي قوم کي ايندڙ خطرن کان اڳواٽ آگاهي پڻ ڏيندا آهن. ڇو ته شاعر جي نگاهه تمام تيز ٿيندي آهي.

محمد علي، آئيني جيان شفاف ۽ مکڻ جهڙو صاف ۽ نرم انسان آهي. جا ڳالهه سندس سماجي، زندگيءَ مان ثابت ٿئي ٿي. ڪهاڻين ۽ ڪالمن، نثر ۽ شاعريءَ ۾ محمد عليءَ کي جنهن شيءِ ممتاز ۽ منفرد بڻايو آهي، سا آهي سندس لکڻين جي مخصوص انفراديت ۽ نرالي اسلوب. ان کان به وڌيڪ سچائي ۽ بيباڪيءَ واري خوبي آهي. محمد علي سنهي سُٽَ جا منجهيل ڦورا ڪونه ٿو ڦولهي، پر صاف صاف، سڌيون، سچيون ۽ ڪريون ڳالهيون سواءِ ڪنهن خوف ۽ مصلحت جي وڏي واڪي ڀير تي ڏونڪو وڄائي ڪري ٿو. هن ڪڏهن به حق تي ڪک رکي سچ کي تريءَ هيٺان لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. پاڻ سنڌيءَ جي مقبول ۽ مشهور اخبارن ۾ عوام ۾ بيحد مقبول ۽ پراثر ڪالم "پسيو بازاريون" ۽ "ڏک ڪنگي هل ناڪئا" لکيائين. جن کي عوام ۾ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. ان کان علاوه پاڻ زندگيءَ جي مختلف موضوعن تي مضمون، مقالا ۽ ڪهاڻيون لکيون اٿن. سندن شاعريءَ جا هاڻي پنج ڪتاب ڇپيل اٿس پهريون مجموعو "اکيون اعليٰ چنڊ" ۽ ٻيو "عاشورا آهن". شاعريءَ جا اهي مجموعا سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا ۽ هڪ نئين باب جو اضافو آهن.

محمد علي، ڪنهن جي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ ۽ خوشامد ڪرڻ جو محتاج ڪينهي. پاڻ پنهنجي علمي فضيلت، شعوري بلندي ۽ انساني خدمتن جي روشنيءَ ۾ هڪ تاريخ ساز شخصيت آهي. جيڪي انسان انسان ذات لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن. انسانن لاءِ محبت، همدردي، خلوص ۽ خدمتن جا جذبا رکندا آهن. جيڪي سونَ تي سيڻ ڪڏهن بہ نہ متائيندا آهن، جيڪي پاڻ کي پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين لاءِ سنهيءَ سُئيءَ جيان سبي ڇڏيندا آهن تہ اهڙن عظيم انسانن جي آجيان لاءِ تاريخ شدت سان منتظر هوندي آهي، ڇو تہ اهي ماڻهو تاريخ جي بہ تاريخ جوڙيندا آهن.

محمد عليءَ جو نثر هجي يا نظم، ڪالم هجي يا ڪهاڻي، ان ۾ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ آهي. زندگيءَ جا چٽا پٽا عڪس موجود آهن. سندس لکڻين ۾ آهَہ آهي، دانهن آهي، ولولو ۽ ووڪ آهي آس ۽ اميد جو آڌت آهي. سندس لکڻين ۾ انسان جا جملي احساس، جذبا، مجبوريون ۽ محروميون، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون موجود آهن. سندس ادبي صداقت پرين لکڻين ۾ زندگيءَ جا سمورا رنگ ۽ انسان جا سمورا روپ ۽ بهروپ وڏي بيباڪيءَ ۽ ادبي سچائيءَ سان نروار ڪيا ويا آهن. ڌرتيءَ مٿان جڏهن ظلم ۽ جبر، ڪيس ۽ ڪلور، ماڻهو ماڻهوءَ جي خون جو پياسو نفرتون ۽ دل جليون ٽيندي ڏسي ٿو اڳي ماڻهو بلائن کان، جهنگلي جانورن شينهن ۽ بگهڙن کان ڊڄندا هئا، چوندا هئا تہ ”شل ڪو ماڻهو منهن پوي.“ پر هاڻي هيئن چون ٿا تہ ”مرون مانگر، شينهن ۽ بگهڙ منهن پوي تہ پلي پوي ڪا ڳالهہ ڪونهي، پر خداڪري شل ڪو ماڻهو منهن نہ پوي.“ تڏهن محمد عليءَ جي دل مان هڪ احساس اندر مان اڏمو ڏئي اڇل ڪائي لفظن جو روپ ڌاري شعر جي صورت ۾ ٻاهر اچي ٿو. پاڻ چوي ٿو تہ:

**مگر منهنجي ڌرتيءَ تي منهنجا پرين!**<br>
**رات پاري جيان جيڪا پٽي آ ڇمي،**<br>
**سا رِجي ئي نٿي،**<br>
**سج اڀري نٿو**<br>
**ڏينهن ٿئي ئي نٿو.**<br>
**محبتن جي مٽيءَ مان آ نفرت ڦٽي،**<br>
**ماڻهو ماڻهوءَ جي نالي کان ڇرڪي پيو**<br>
**خوف ڪائي پيو.**<br>
**ڏاٽ ڪرتي پيو.**

انساني زندگيءَ جي اڻانگي ۽ پٿريلي پنڌ تي لڳاتار پختن ارادن، عزم ۽ استقلال سان همسفر ٿي هلڻ ڪنهن ڪنهن جو ڪم آهي. نہ تہ ڪو محض سڪ جون سڏون ڪندو آهي. ڪي تہ فقط

هامون ئي هٽندا رهندا آهن. ڪي ٿورو اڳتي هلي ٿڪجي پوءِ ڪونه ڪو بهانو بڻائي واپس وري پوندا آهن. ڪي وري جسمن ۽ سڪن تي شڪن ٿي پوندا آهن. ڪن ڪي وري ڪاريون گهٽائون ۽ اکين جا تير گهائل ڪري ٿا وجهن ۽ پوءِ هوا تي ئي ٽپ ڪري پنهنجي زندگيءَ ڪي بيهاري ٿا ڇڏين. ڪي وري خوف ۽ لالچ جي ڪشمڪش ۾ پويان پير ٿا ڪن. اتي شاعر ڪي ڪجهه مايوسي ۽ ناڪامي ۽ نااميديءَ جو احساس ٿئي ٿو چوي ٿو:

**طويل سفر آ ۽ همسفر به ناهي ڪو.**
**اداس شام آ مايوس هوائون آهن.**
**پرينءَ جي پيار جو آٿت نه ڪو دلاسو آ.**
**ڏسان ٿو نيڻ اگهي چؤطرف ويراني آ.**

انسان جا جذهن سمورا حيلا وسيلا، سهارا ۽ سهڪار، نسبتون ۽ قربتون ٽٽي پوندا آهن. هر طرف مايوسي ۽ اداسيءَ جون گهٽائون ڇانيل نظر اينديون آهن. اتي انسان جو آخري سهارو اميد ئي هوندو آهي. اميد ئي انسان جي احساسن ۽ جذبن همت ۽ حوصلن، ڪوشش ۽ ڪاوشن، عزم ۽ استقلال کي تمام تيزيءَ سان متحرڪ ڪندي آهي. دنيا ۾ جيڪي به ڏاها، مفڪر ۽ دانشور انسان پيدا ٿيا آهن. تن پنهنجي فڪري پرواز ۽ پيغام کي اميد جي سهاري ئي وڌايو ويجهايو ۽ قائم رکيو آهي. اگر اميد جي سهاري جي به نفي ڪري ڇڏجي ته هوند دنيا جو ڪوبه ڪاج سري ڪين سگهي. ڪوبه مقصد حاصل ڪري ڪين سگهجي. اگر اميد جو تصور ختم ڪري ڇڏجي ته انسان بي مقصد بي وزن ۽ غير متحرڪ بڻجي بيهي رهي. سندس سوچ جو انداز ئي بدلجي وڃي ته هن کي بس ائين ئي رهڻو آهي. ان حوالي سان محمد علي هڪ نظم ۾ چوي ٿو ته:

**"نئين سال جا سج،**
**توکي ڏسڻ لئه،**
**سڄي رات مون آهي جاڳي گذاريو،**
**ته شل منهنجي من تي،**
**انڌيرو جو ڇانيو پيو آ صدين کان،**
**انهيءَ کي هٽائي،**
**نئين ڪنهن خوشيءَ جو،**
**نئون دؤر بخشين،**
**ته جيئن منهنجا،**
**پيگل ۽ ٽٽل خواب سچ ٿي پون."**

جيئن تہ شاعر ڪنهن بہ سماج جو انتهائي حساس دل فرد ٿئي ٿو. سماج مٿان جو ڪجهہ وهي واپري ٿو يا سماج اندر جو ڪجهہ ٿئي ٿو تہ شاعر سڀ کان اول ان درد کي محسوس ڪري دانهن ڪري ٿو. محمد علي اهڙين ئي حالتن ۽ ڪيفيتن جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:

**"گهڻو وقت ٿيو آ،**
**نہ ڪنهن ٺهڪ جو ڪوئي پڙلاءُ منهنجي،**
**ڪنن تائين پيو آ،**
**رڳو روڄ راڙي ۽ سور سڏڪن جو آواز منهنجي،**
**ڪنن ۾ ڪنهن سيهي جيان پرٽيو آ.**
**گهڻو وقت ٿيو آ،**
**ڏٺا ڏيل اهڙا ڏکويل مون آهن،**
**ڀُلجي بہ جن جي چپن تي نہ آئي،**
**ڪڏهن مرڪ ڪائي،**
**هميشہ اداسي،**
**چپن سان ۽ چهرن سان چهٽي رهي آ.**
**گهڻو وقت ٿيو آ،**
**تہ مون دل ئي دل ۾ سوچي ۽ سمجهي،**
**اهو طئي ڪيو آ،**
**تہ سنڌ واسين جي چهرن تان ڳوڙها،**
**سُڪائڻ جي خاطر،**
**مِڙي مُٺِ ٿيڻ جي نئين واٽ لهبي،**
**نئون گس وٺبو،**
**نوان خواب ڏسبا،**
**خبر ناهي ڪڏهن،**
**انهن منهنجي خوابن کي تعبير ملندي.**

محمد علي پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ آئيني جيان انسان کي ٽيندڙ حالتون ڏيکاريندي ۽ انهن لاءِ همت ۽ حوصلو ڏياريندي پنهنجي اڌمن جو اظهار موتين جهڙن لفظن ۾ ڪندي چوي ٿو:

"واڪ وڏي ڳالهاءِ،

**مونن ۾ ڇو ڪنڌ هنيو ٿئي؟**
**ڌرتيءَ جي دک ڏي او دلبر، وري وري واجهاءِ،**
**مونن ۾ ڇو ڪنڌ هنيو ٿئي؟**

**موڪي ۽ مايوس نسل کي، پيار سان تون پرچاءِ،**
**مونن ۾ چو ڪنڌ هنيو ٿئي؟**
**منزل ڏاڍي ڏور اٿئي تون، وتري وک وڌاءِ،**
**مونن ۾ چو ڪنڌ هنيو ٿئي؟"**

محمد عليءَ جي شاعريءَ جي مجموعي "عاشورا آهن" مان نموني طور مختلف صنفن مان ڪجھ نمونا پيش ڪجن ٿا. جيئن معلوم ٿئي ته سندس شاعري ڪيتري پڪي، پختي، وزندار، اثرانگيز معياري ۽ مقرر ڪيل معيارن تي پوري لهندڙ ۽ زندگيءَ جي گهراين ۾ پيهي ويل آهي. انساني احساسن ۽ جذبن، سماجي ۽ معاشي مسئلن ۽ معاملن جو ڪوبہ پاسو اهڙو رهيل نظر نہ ايندو جنهن جي محمد عليءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ صداقت سان نشاندهي ۽ نرواري نہ ڪئي هجي. محبت جي جذبات ۽ قوت جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

**اجا تہ ترس ڪا گهڙي،**
**اجا تہ ويھ ڪو پهر،**
**اجا تہ دل پري نہ آ.**

*

**چيٽ چانڊاڻ سان واسيل يادون،**
**سوچ جو اڱ جهلي بيٺيون آهن.**

*

**تو بنا سوچ ڪين سرجي ٿي،**
**سوچ جو تون ئي تررو آهين.**
**توتي سوچي لکان ٿو شعر گهڻا،**
**شعر جو تون ئي سوجهرو آهين.**

*

**سڀ ٻڌا پيا آهيون،**
**جاڳندي بہ ٿو لڳي،**
**ڇڻ ستا پيا آهيون.**
**ٿو جڏهن قتل ٿئي،**
**ڪين ڪنهن کي ڇنڊڙي،**
**ٿي پنهنجي هانوَ ۾ پوي.**

اُڀ ۾ بادلن کي ٻوڙندو ڏسي شاعر جي اکيان ٿَرَ ۽ ٿر واسين جو منظر ڦري اچي ٿو چوي ٿو:

**جڏهين بادل گڏجي ويندا،**

تڏهن اپ ۾ ڪڙڪو ٿيندو،
ٿر واسي سڀ اڏجي ويندا.
جڏهين بادل گڏجي ويندا،
تل ترايون ڀرجي ويندا.
جڏهين بادل گڏجي ويندا.

*

بيقراريءَ ۾ قرار ڳوليان پيو.
چڻ خزائن ۾ بهار ڳوليان ٿو.
ڀروسي جوڳن ۽ مٺن ماڻهن ۾،
ڀروسو ۽ اعتبار ڳوليان ٿو.
نفرتن جي وڏن جبلن مٿان،
محبتن جو آبشار ڳوليان ٿو.
ڪوڙ جي بازار ۾ سچائيءَ جو،
گم ٿيل ڪو شاهڪار ڳوليان ٿو.

*

اڄ رات جو سپنا اٿندو آ،
هو شاعر شعر ئي لکندو آ.
ترهو نہ ڪنيائين ساڻ ڪڏهن،
تڪ تار منجهان هو ترندو آ.
جنهن ڪيس ستايو سور ڏئي،
تنهن ماڻهوءَ تي ئي مرندو آ.
دوريءَ کان ڪنهن کي ڪين ڏٺئين،
ويجهو ٿي سڀ کي ڏسندو آ.
ڪنهن آليءَ ڪاٺيءَ وانگي هو،
پيو دل ئي دل ۾ دکندو آ.
ويران ڏسي وستيون ساريون،
ڪو ڪنڊو اک ۾ چڀندو آ.

*

بي وسي ڇا ڪبي؟

بي حسين ڇا کبي؟
موت جي وات ۾،
زندگي ڇا کبي؟
خوف جي خول ۾،
دل لڳي ڇا کبي؟
ڪنهن بہ مقصد سوا،
شاعري ڇا کبي؟

❋

روئي زارو زار،
هيٺ سمهي پيا ٻارڙا.
پوڙهو پيءُ پيو آ پٽ تي، هفتن کان بيمار،
هيٺ سمهي پيا ٻارڙا.
مانيءَ بدران پيٽ بکئي سان، پاڻي پي لاچار،
هيٺ سمهي پيا ٻارڙا.
ماءُ مُئي کانپوءِ هنن جي، وڃي وئي وٽکار،
هيٺ سمهي پيا ٻارڙا.

## دوها:

ٿاڪ منجهند جو پير اگهاڙا، منزل ڏاڍي ڏور،
واري ئي واري چوڌاري، ڇانوَ نہ ڪائي مُور.

❋

ڏک جي پاڇي هيٺ رهي، جي ڏنپ سهان ٿو مان،
تن جا ئي پنهنجي گيتن ۾، عڪس چِٽيان ٿو مان.

❋

ساحل تان جيئن موٽيل ڇولي، ٻئيءَ ڇوليءَ سان گڏبي آ،
تيئن ئي منهنجي سوچ هميشہ تنهنجي سوچ سان رلبي آ.

❋

ٻول اسانجي سچ جا، گونگا ڪين ٿين،
چوڏس ٿا ٻرن، اوچن آلاپن سان.

❋❋

# ناظم منگي: سچ، سونهن ۽ محبتن جو شاعر

موت، زندگيءَ جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو سچ آهي. جنهن کان نہ انڪار ڪري ٿو سگھجي ۽ نہ ان کان ڪا وڏي هستي پاڻ کي بچائي سگھي ٿي. موت اٽل ۽ اڻٽر آهي. اهو هر حالت ۾ هر جاءِ تي ايندو رهندو ۽ ٿيندو رهندو.

انسان جي عظمت جي معيار جي پرک وڏن وڏن منصبن، جاگيرن، ڪارخانن، عهدن، القابن، علمي ڊگرين، عاليشان محلاتن، دولت، طاقت ۽ زندگيءَ جي آسائشن، عياشين سان ڪري نٿي سگھجي. اهي شيون انسان کي عظيم ڪونہ ٿيون ڪن بلڪ اهو ڪو ٻيو فهم آهي جيڪو انسان کي عظمت جي بلنديءَ تي پهچائي ٿو. اهي انسان پنهنجي علمي ادبي تخليقن ۽ فڪري سوچ جي ذريعي ۽ انسانن ڏانهن همدردانہ ۽ محبت ڀرين روين سبب پنهنجي ميتا ماڻيندا آهن. سماجي خدمتن سبب ماڻهن جون دليون موهي وجهندا آهن. ٻين جي تڪليفن کي پنهنجي مَنَ ۾ چڀندو محسوس ڪندا آهن نہ فقط محسوس ڪندا آهن، پر ان لاءِ سڀ کان اول آواز بہ بلند ڪندا آهن. اهڙا انسان پنهنجي علمي ادبي تخليقات، سماجي خدمتن ۽ بي مثال انساني ڪردارن جي روشنيءَ ۾ هميشہ زنده رهندا آهن. وقت جون ويرون ڪين ڪڏهن بہ لتي نہ سگھنديون آهن. هو ماڻهن جي دلين ۾ صدين تائين محفوظ رهندا آهن. اهڙن بيباڪ ۽ انسان دوست انسانن مان "ناظم منگي" بہ هڪ هو. جيڪو صوفي منش ۽ دردمند دل رکندڙ انسان هو.

ناظم جو اصل نالو "امان الله منگي" هو. سندس والد جو نالو محمد بچل منگي هو. جنهن کي پنهنجي ڳوٺ ٽرڙي محبت ۾ هڪ عاليشان وارن ڪٽڻ جي سيلون هئي. پاڻ وقت جو نالي وارو ڪاريگر هو. موسيقيءَ سان تمام گھڻي دلچسپي هوندي هيس. ڪيس لڪيل پڙهيل دوستن جو هڪ سٺو حلقو هوندو هو. ننڍا وڏا ڪيس ماما، ماما ڪوٺيندا هئا. ناظم جا ڏاڏاڻا ميهڙ تعلقي جي تاريخي شهر ٽرڙي محبت جا هئا ۽ ناظم جا ناناڻا ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ نئين ڳُڏَ جا هئا. ناظم پرائمري تعليم نئين ڳڏ ۾ حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ انگريزي تعليم ڏوڪري ۽ باڍهہ ۾ حاصل ڪيائين. ناظم تعليم واري عرصي دوران نهايت ذهين شاگردن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. هر سال شاندار نمبرن ۾ پاس ٿيندو هو. تنهن ڪري استاد ڪيس تمام گھڻو ڀائيندا هئا. ناظم ناناڻن ۽ ڏاڏاڻن کي هڪجيترو لاڏلو هوندو هو. ڇاڪاڻ جو هو پيءُ کي بہ هڪ ئي پٽ هو تہ مامي کي بہ هڪ ئي ڀاڻيج هو. تنهنڪري ناظم جا ناز ۽ نخرا، انگل ۽ آتا برداشت ڪندا هئا. ڪيس ڪڏهن بہ مايوس ۽ نااميد نہ ڪندا هئا.

تعليم ڏيارڻ ۾ سندس ناناڻن ۽ امڙ جو تمام وڏو هٿ هو. انهن جي سرپرستيءَ ۾ هن مڪمل تعليم حاصل ڪئي. تعليم حاصل ڪري ائگريڪلچر کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جي پوسٽ تي ڪم ڪيائين. وفات کان ٿورو وقت اڳ رٽائرمينٽ ڪئي هئائين. ناظم جو مامو محمد يامين منگي هڪ سڄاڻ ۽ علم ادب دوست انسان هو. ڪڏهن ڪڏهن بهترين ۽ بلند خيال واري شاعري به ڪندو هو. پر افسوس جو سندس شاعري سهيڙجي ۽ سنڀالجي نه سگهي. ناظم جا ناناڻا هن وقت ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ "بخش جتوئي" ۾ مستقل آباد آهن. ناظم ننڍيءَ وَهيءَ ۾ ئي علم ادب دوستن جو هڪ وڏو حلقو پيدا ڪري چڪو هو. يارن جو يار هو. ننڍن وڏن، پڙهيلن ۽ اڻ پڙهيلن سان هڪجيتري محبت ڪندو هو. هر ڪوئي ائين پيو ڄاڻندو هو ته ڄڻ ناظم هن جو ئي يار آهي. پر هو هر ڪنهن سان هڪجهڙو سڀاجهو سلوڪ رکندڙ انسان هو. هن وٽ ڪوبه طبقاتي فرق ڪونه هو. سماجي خدمتن ۾ اڳي کان اڳرو رهندو هو. هو اهڙو ته مکڻ جهڙو صاف ۽ نرم دل انسان هو جو ساري عمر ۾ سڄي سنگت جي حلقي ۾ يا پنهنجي برادريءَ ۾ ناظم ڪنهن کي به شڪايت جو موقعو نه ڏنو. جو سندس اخلاق ۽ ڪردار جو مثال هو. زندگيءَ ۾ ڪنهن سان به ڏند اگهاڙو ڪري نه ڳالهايائين. هر تڪليف کي کلندي کلندي برداشت ڪرڻ جو هن کي ڏانءُ هوندو هو. هن امن ۽ پيار جي سرزمين تي هميشه محبتن ۽ همدردين جا گل پوکيا. تتيءَ ٿڌيءَ واريءَ ڏيڍ ۾ نه ڦاسايو جنهن سبب ڪري هرڪو کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو. هو هميشه هيڻانهين هلڻ واري اصول جو پابند هوندو هو. ناظم ۾ غرور ۽ گهمنڊ جو نالو نشان به ڪونه هو. سندس مک تي هميشه مرڪون بکنديون هيون. هن پنهنجي سموري زندگي علم ادب، فن ۽ ڪلا کي ارپي ڇڏي هئي. ناظم آخري دم تائين پنهنجي ذات ۽ ڪلا سان سچو ۽ وفادار رهيو. ڏات سان اها وفائي ئي ناظم کي عظمت تي پهچائي ٿي. ناظم منگي دادو ضلعي ۽ ميهڙ تعلقي جي ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جي پليٽ فارم تان پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪيو.

هو ادبي سرگرمين ۽ سماجي اُٿين ويهين ۾ ڪڏهن به پويون پير نه ڏيندو هو. بلڪ پيش پيش هوندو هو. پنهنجي برادريءَ ۾ به سندس گهڻو احترام ڪيو ويندو هو. ناظم جي ڪيل فيصلي کي برادريءَ وارا خوشيءَ سان قبول ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته هن وٽ هڪ شاعرانه دل هئي، جنهن ڪنهن کي به ڪَسُ ڪونه ٿي لڳائي. شاعر ٻين جا ڏک پاڻ تي وسائيندا آهن پر پاڻ ڪنهن کي به ڏک نه ڏيندا آهن.

هي به اکر ناظم جي شخصيت تي لکيا اٿم ۽ نه سندس شاعريءَ جي اپياس تي. سندس

شاعريءَ جي اپياس تي لکڻ اهو الڳ موضوع آهي. جنهن تي ڪنهن مناسب وقت تي لکيو ويندو. پر اها حقيقت آهي تہ ناظم پنهنجي ڪلا کي وقت جي مصلحتن جي تابع نہ بڻايو جنهن ننڍيءَ عمر ۾ ئي شاعريءَ جي شروعات ڪئي. سندس شاعريءَ جو گهڻو مواد غزلن تي مشتمل آهي. خاص طور تي هو غزل گو شاعر هو. توڙي جو ٻين صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿس. پر غزل ۾ کيس ڪافي مهارت حاصل هئي. ناظم جي شاعري سنڌ جي مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي، پر افسوس آهي جو ناظم جي شاعريءَ جو ڪوبہ شعري مجموعو شايع ٿي نہ سگهيو. ڪتاب ڇپرائڻ بابت مان جڏهن ڪانئس سوال ڪندو هوس، بلڪ زور ڀريندو هو مانس تہ ”گهٽ ۾ گهٽ هڪ ئي مجموعو تہ ڇپرائي وجهہ. زندگيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي. پوءِ تنهنجي شاعريءَ کي ڪير سنڀاليندو.“ پوءِ ٿڌو ساهہ کڻي چوندو هو تہ ”سرور اهو سچ آهي، مونکي ان لاءِ گهڻو ارمان آهي، پر تو شايد غربت جا گهاوَ کولي نہ ڏٺا آهن. مان چاهيان ٿو تہ اڄ ئي منهنجو ڪتاب شايع ٿئي. مان چاهيان ٿو تہ مان پنهنجي ڪتاب جي مهورت جي تقريب پنهنجي اکين سان ٿيندي ڏسان، پر ڇا ڪريان؟ گهڻي ڪوشش جي باوجود بہ ائين ڪري نہ سگهيو آهيان.“ ان جو واحد سبب سندس معاشي ۽ سماجي مجبوريون هيون جنهن سبب هو پنهنجي وڏي شاعرانہ خواهش پوري ٿيندي نہ ڏسي سگهيو. هينئر ٻڌڻ آيو آهي تہ ٿرڙي محبت جي اديبن، شاعرن ۽ سماجي اڳواڻن گڏجي ”ناظم يادگار ڪاميٽي“ قائم ڪئي آهي، جيڪا ناظم جي اڻڇپيل شاعري گڏ ڪري سهيڙي ڇپرائي ڪتابي صورت ۾ آڻيندي ۽ ناظم جي ورسين وغيره ملهائڻ جو پڻ بندوبست ڪندي. اهو عمل تعريف جوڳو آهي. پر اڃان بہ وڌيڪ ساراهڻ جوڳو ڪارنامو تڏهن ٿيندو جڏهن انهن نڪتن کي عملي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڏني وڃي.

ناظم منگي 1933ع ڌاري ڄائو. جيڪو زندگيءَ جي مختلف مرحلن مان گذرندو، محدود زندگيءَ جا لامحدود ۽ انيڪ روپ ۽ رنگ ڏسندو، تجربا ۽ مشاهدا ماڻيندو انهن رنگن ۾ پنهنجي صلاحيتن جي خوشبوءِ پکيڙيندو، امن، ايڪتا ۽ محبتن جا ٻوٽا پوکيندو. ڪي يادون ڪي يادگار ڇڏيندو، ڪي منظر جهٽيندو، ڪي منظر ڇڏيندو، رنگ رتو ميڙو متو ڇڏيندو. وطن ۽ ويڙهيچن سان نينهن نڀائيندو تاريخ 13 جولاءِ 1998ع تي شام جو نيڪ 4-وڳي لاڙڪاڻي جي هڪ پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽر ۾ لاڏاڻو ڪري اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. سندس خاڪي جسم کي سندس اباڻي ڳوٺ ٿرڙي محبت ۾ مِٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

ناظم اڄ اسان ۾ موجود نہ آهي. پر هو پنهنجي ادبي تخليقات ۽ بي مثال سماجي خدمتن جي

روشنيءَ ۾ هميشه زنده ۽ ماڻهن جي دلين ۽ تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ رهندو. ڇاڪاڻ ته تخيلقڪار ۽ فنڪار ڪڏهن به ناهن مرندا.

**مرڻا اڳي جي مُئا، مري ٿين نه مات،**
**هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جِئا.**

**✻✻**

# غلام حسين عرف ”موريل زهراڻي (جت)“
# هڪ گمنام بلڪ تاريخساز شخصيت

هونئن ٿيندو هئين آهي تہ قومون انهن عظيم انسان کي جيئري ڪونہ سڃاڻنديون آهن، جيڪي انهيءَ ئي قوم جو درد سيني ۾ سمائي تڙپندا ۽ لڇندا آهن. وڏي واڪي، بي خوفي ۽ بيباڪي سان حق ۽ سچ جو نعرو هڻندا آهن. اهي ڏاها ۽ ڏات ڏٺي انسان پنهنجي ڏات ۽ شعوري سگهہ انسانيت جي هڪجهڙائي، بقا، ايڪتا، امن، آشتي، پيار، محبت، سلامتي، انصاف، رواداريءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن. جيڪي انسان پنهنجي جان جي جوکم جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندا آهن. مظلومن ۽ محرومن جي پڪار بڻجي ويندا آهن. انسان جي فطرت بہ واهہ جي آهي تہ اهڙن امر ۽ اڏول انسانن کي اها ئي قوم جيئري ئي جسماني، روحاني ۽ ذهني عذاب ڏئي ماريندي آهي.

انهن انسانن کي چريو چريو چئي، انهن مٿان چٽريون ڪيون ويندي‌ون آهن. انهن کي ڦاهين تي چاڙهيو ويندو آهي. لالچ ۽ خوف جي حربن سان هيسايو ۽ حرصايو ويندو آهي ليڪن اهي ڪنهن بہ چار ۾ ڦاسڻ وارا نہ هوندا آهن. هنن جا حوصلا هماليہ کان بہ وڌيڪ بلند ۽ اٽل هوندا آهن. هن کي ڪوبہ طوفان لوڏي نہ سگهندو آهي. هو صبر ۽ استقلال جا اعليٰ نمونا هوندا آهن. هو زماني کان مليل اذيتن ۽ عذابن کي مقصد خاطر لَڇ برابر بہ نہ سمجهندا آهن. جيئن سلطان الاولياءَ جن فرمايو تہ:

تانسين تون نہ فقير، جانسين سانگ سِسِيءَ جو
ماٿيو تن ملير، جن جسو مال مباح ڪيو.

مُئي ڪانپوءِ اها ئي قوم انهن لاءِ روئندي، رڙندي، ماتم ڪندي، وار پٽيندي، سينو ڪٽيندي ۽ هاءِ گهوڙا ڪندي آهي. انهن مٿان مقبرا اڏيندي آهي. اڪيڊميون ۽ فائونڊيشنون قائم ڪندي آهي. انهن جون ورسيون ملهائي سندن فڪر ۽ فلسفي کي اجاگر ڪندي آهي. پر افسوس جو اسان وٽ تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ڪونہ ٿو ٿئي. اسين نہ ڪنهن کي جيئري سڃاڻندا آهيون ۽ نہ مُئي پڇاڻا. جيئن ماڪيءَ جو پنهنجو هڪ منفرد آرو ۽ انداز هوندو آهي. جو جڏهن بہ مرضي پوپس تہ ميڙيل چونڊيل ماکي چٽ ڪري وينل جاءِ تان اٿي وڃي ۽ جتي ۽ جنهن بہ جاءِ تي پور پوپس تہ اتي ويهي رهي. چونہ اهي کهرا کهرا ڏيپ هجن يا ڪنڊن جو لوڙهو هجي. اهڙيءَ طرح اسان بہ پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن کي چاهيندا ۽ ڪنهن کي بنهہ نہ چاهيندا آهيون. يا ڪنهن تي ڪڏهن غور ئي نہ ڪندا آهيون. اهڙن ڏات ڏٺين، ڏاهن، سڃاڻن، پارکن، اڏول ۽ بردبار عظيم انسانن مان گودڙيءَ ۾ لڪل لعل، علم ۽ ادب جو گوهر، تاريخ جو پارکو ۽ ٻوليءَ جو ماهر ۽ محقق، انهن سيني گڻن کان وڌيڪ اعليٰ درجي وارو گڻ مسڪين، اهل دل، مارو ماڻهو غلام حسين عرف موريل زهراڻي (جت)

هڪ هو. هي املھ ماڻڪ ضلعي لاڙڪاڻي ـ تعلقي ڏوڪري جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”ڏنو واهڻ“ ۾ پيدا ٿيو. هي ڳوٺ جي هڪ ڪُڪِ سان دادو ڪئنال ۽ ٻي ڪُڪِ سان اڳوڻو ”نارو“ لڳو بيٺو آهي. هن ڳوٺ جي مٿان ئي دادو ڪئنال تي فال موري آهي. هتان ڪيئي شاخون ڦٽن ٿيون. سڄي ڳوٺ جي گڏجڻ، وندر ورونهن ۽ ڪچهري ڪرڻ جي واحد جڳهه بہ اها ئي موري آهي.جتي سڀ ڳوناڻا اچي گڏ ٿيندا آهن. پوءِ نِمن، ٽالهين، پپرن ۽ ٻڙن جي ٿڌين ٿڌين ڇانون ۾ هوا جي آڌار ۽ پاڻيءَ جي لهرن تي، لامن مٿان ويٺل پکين جي مِنين مِنين لاتين واري سُر ۽ سنگيت واري لياڻيندڙ ماحول ۾ هرڪو پنهنجي پنهنجي فن جا جوهر پيو ڏيکاريندو. ڪي تاس ويٺا ڪيڏندا، ڪي سياست ۽ سماجي معاملن ۽ صورتحال تي پيا ٽيڪا ٽپڻي ڪندا. ڪي ماضيءَ جي يادن ۾ گم ٿي عياشيون ويٺا ڪندا. ڪي سگهڙ ۽ سپورنجهہ ڏور بيت، ڳجهارتن، پرولين، هنرن ۽ سينگارن سان ويٺا ورونهن ڪندا. هنن جي سيني مان ذات ۽ ڏانءُ ائين ڇوليون هڻندي نظر ايندو آهي، ڄڻ ڪو درياهہ اٿلي پيو هجي. انهن جي علم ادب، هنر، گهڙ ۽ گهاڙيٽي، ٻولي ۽ ٻوليءَ جي رواني‌ءَ کي ڏسي ائين پيو ڀانئبو تہ هي لکيا پڙهيا ڪتابن جي علم وارا اديب ۽ شاعر هنن اڳيان ڄڻ ٻار پيا لڳندا. اهڙي نموني رات ڏينهن مانجهن مردن جون منڊليون متل هونديون آهن. هڪ دلربا رونق ۽ دلڪشي نظر ايندي آهي. جڏهن اتان موريل ۽ مريد (مريد زهراڻي بہ هن ڳوٺ جو تمام وڏو ناميارو ۽ برک سگهڙ ۽ اهل دل انسان هو.ان جي ماڳ ڪان لانگهائو ٿبو تہ ازخود اوچتو ئي روح کي سَٽَ اچي ويندي تہ ڪا گهڙي پهر اتي ويهي روح کي وندرائي وڃجي. هن نفسانفسيءَ جي دؤر ۾ وري اهڙو موقعو ملي الائي نہ. ڪچهريءَ ۾ وڃي ويهبو تہ اٿڻ تي دل ئي نہ چوندي. پر وڃڻ واري کي تہ وڃڻو ئي پوندو. البت اها ياد عمر ڀر دل مان ڪڍي ڪونہ سگهندو. هن ڳوٺ کي چئني پاسن کان زيتونن، انبن ۽ ليمن جا موهيندڙ باغ آهن. جنهن ڪري هي ننڍڙو ڳوٺ هڪ سرسبز ماٿريءَ جو من موهيندڙ منظر پيش ڪري ٿو.

اهڙي مثالي ۽ شعور ڀرئي ڳوٺ ۾ هڪ انتهائي مسڪين گهراڻي غلام حسين عرف موريل زهراڻي (جت) جو جنم ٿئي ٿو. ”آٽين ۽ چاڙهين“ تي گذران، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو مٿو اگهاڙو حال، اصليت ۽ سادگي ڄڻ ڪين ورثي ۾ مليل هئي.غلام حسين جا وڏا بنيادي طور تي هاري هئا. واڻ وٽڻ جو ڏنڏو پڻ ڪندا هئا، جيڪو اجا تائين ڪندا پيا اچن. سندن وڏا لوڪ ادب جي فن جا بہ وڏا پارکو هئا. ڪچهريءَ ۾ اچبو تہ ڪانہ ڪا نئين تخليق جي نئين سوڪڙي ڪٽي اچبي. سا بہ اهڙي جو هوا ٿي واجٽ وڃي وڃن. غلام حسين عرف موريل انگريزيءَ ۾ ان وقت جي ميٽرڪ پاس هو. ان وقت ميٽرڪ تمام وڏي اعليٰ درجي جي تعليم هئي. جا ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿيندي هئي. سنڌ ۾ ڪو ورلي مسلمان ڇوڪرو ميٽرڪ پاس هوندو هو. ليڪن افسوس جو هي باصلاحيت ۽ باڪمال انسان ڪا چڱي خاصي معيار ۽ اهليت مطابق سرڪاري نوڪري حاصل ڪري نہ سگهيو. جنهن جو بنيادي ڪارڻ سندس غربت، مفسلي ۽ خودداري البت گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ ۾

پٽيواليءَ جي نوڪري مليس پر شايد اها نوڪري سندس مزاج سان ٺهڪي نہ سگهي. يا ان مان سندس معاشي ۽ سماجي گهرجون پوريون نہ ٿي ٿي سگهيون, جنهن سبب اها نوڪري ڇڏي ڏنائين. ان بعد فيض محمد چني کان ڳنڍ ٽوپي جو ڪم سکيائين. فيض محمد چنو ناميارو سگهڙ بہ هو ان کان ڪو بلنگ کان علاوه لوڪ ادب جي سکيا بہ حاصل ڪيائين. فيض محمد چنو موجوده ناmiاري شاعر خير محمد چني جو والد هو. جنهن جو اصل ڳوٺ خير محمد آريجا آهي. موريل جڻ محبتن ۽ مرڪزن جي کاڻ هو. هن کي ننڍپڻ کان ئي سير سفر ڪرڻ ۽ فطرت جي دل لڀائيندڙ حسين دلڪش ۽ اثر انگيز منظرن جي مشاهدن ماڻڻ جو تمام گهڻو شوق هو. بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ هو فطرت جو عاشق هو تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. تنهنڪري هو وادين ۽ ماٿرين ۾ هوا جي لهرن ۽ سوساٽن ۾, پاڻيءَ جي لهرن هوا جي زور تي لهرن جو پاڻ ۾ پاڻ مٿان سٽجڻ جي آوازن ۾, پهاڙن ۽ صحرائن ۾, ٻيلن ۽ ٻيلائن ۾ غور ۽ فڪر ڪري انهن منظرن جي جهٽڻ ۾ گهري دلچسپي وٺندو هو.

غلام حسين عرف موريل ٻوليءَ جو ايڏو تہ پارکو ۽ ڄاڻو هو جو ڪوبہ ٻوليءَ جو لفظ ڏبس تہ ان جو ابو ڏاڏو بلڪ پڙ ڏاڏو بہ ٻڌائيندو تہ هي لفظ اصل ڪٿان, ڪيئن ۽ ڪهڙي ٻوليءَ کان آيو ۽ ڪيترا مرحلا طئي ڪيا ۽ پنهنجو ٿي ويو. موريل کي سنڌي, عربي, فارسي, اردو, انگريزي ۽ سنسڪرت ٻولين تي ملڪو حاصل هوندو هو. هن ڪيترن ئي ناياب انگريزي ۽ فارسي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ پئي چاهيو ليڪن معاشي بدحالي ۽ ذهني پيڙائن سبب اهو ڪم چاهيندي بہ نہ ڪري سگهيو.

جنهن لاءِ هميشہ افسوس ڪندو هو. موريل زهراڻي (جت) سنڌ ۽ دنيا جي تاريخ تي پڻ دسترس رکندڙ هو. ڪانئس دنيا جو ڪوبہ تاريخي واقعو پڇبو تہ موريل نہ پهہ ان واقعي جو تاريخي, سماجي ۽ تهذيبي پسمنظر بہ ٻڌائي ڇڏيندو. اهڙيءَ طرح هو ان واقعي جي وضاحت عقلي بنيادن تي ڪندو هو. هو چوندو هو تہ ڪنهن بہ تاريخي واقعي کي اکيون ٻوٽي قبول ڪرڻ نہ گهرجي, بلڪ ان روايت يا واقعي کي ان وقت جي سماجي, معاشي, معاشرتي ۽ سياسي حالتن جي تناظر ۾ پرکيو وڃي. موريل سنڌ جي تاريخ ۽ مسلم هسٽريءَ جو ڄڻ تہ حافظ هو. هن وٽ سدائين تاريخ جا ڪتاب ۽ مختلف ٻولين جون ڊڪشنريون موجود هونديون هيون. جي وينو واندڪائيءَ وقت اپياس ڪندو هو. انگريزي ٻولي جيئن تہ تمام وسيع زبان آهي, جيڪا جغرافيائي لحاظ کان دنيا جي مختلف خطن ۾ مختلف انداز ۽ لهجي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جيئن برٽش, آمريڪا ۽ فرانس وغيره ۾ ان جا اچار, محاورا مختلف ۽ الڳ نوعيت جا ٿين ٿا. ليڪن هي جُتيون ڳنڍڻ وارو غلام حسين عرف موريل سيني قسمن جي اُچارن ۽ محاورن تي هڪجيتري مهارت رکندو هو. ڇو تہ هو اٽاليد ٻوليءَ جي ڊڪشنري ڄاڻندڙ هو. جيڪا انگريزي ۽ فرانسيسي ٻوليءَ جو ڏاتو (Derive) آهي. تنهن ڪري هن کي انگريزي زبان جا مختلف اچار آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ويندا هئا. هو لفظن جي بگڙيل صورت کي

پري ۽ پروڙي ويندو هو تہ هي لفظ ڪهڙي زبان مان ڦٽي نڪتل آهي ۽ ان جو اچار ڇا ٿيندو.

گهڻو اڳ جڏهن لاڙڪاڻي کان موهن جي دڙي تائين پڪو روڊ ڪونہ هو ۽ نہ وري ڪو ٽرانسپورٽ جو مناسب بندوبست ٿيل هو. هاڻي تہ منٽ منٽ ۾ سواري آهي. روڊ سپرهاءِ وي لڳو پيو آهي. سو ان زماني ۾ ٻاهرين ملڪن کان جي سياح ”موهن جو دڙو“ گهمڻ ايندا هئا تہ ريل گاڏيءَ ذريعي موهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن تي لهندا هئا. اتان پوءِ ٽانگن ذريعي ڏوڪري شهر ايندا هئا. جيڪو ريلوي اسٽيشن کان فقط ٻن ميلن جي پنڌ تي اوڀر طرف ۾ آهي. ڏوڪريءَ پهچي جڏهن اهي سياح وڏيڪ گائيڊنس يا معلومات حاصل ڪرڻ چاهيندا هئا. سنڌي ٻوليءَ جو لهجو وري اهڙو تہ مشڪل ۽ اٽانگو جو ٻيو ڪو سمجهي ئي ڪونہ سگهي. ان حالت ۾ ٻيو ڪوبہ چارو نہ ڏسي هڪ ڇنل جوتن کي ٽاڪن هڻڻ واري پنيءَ ۽ پيرن اگهاڙي، سنهڙي ليک جهڙي سيپڪڙي موريل کي وٺي ويندا هئا. پوءِ موريل اچي روانيءَ سان انهن سان انهن جي ٻولي ڳالهائي کين حيرت ڏياري ڇڏيندو هو. اهي ٻاهران آيل سياح سنڌس ٻولي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ تي کيس (Weldon) ۽ (Appreciate) ڪندا هئا. (تڏهن اهي ماڻهو فخر ڪندا هوندا تہ اسان جي سماج ۾ بہ هڪ اهڙو پارکو ۽ باڪمال ماڻهو بوٽن کي پالش ڪندڙ ۽ ڇتيون هڻندڙ انسان موريل زهراڻي جت جي نانوَ ۾ موجود آهي (جيڪو انهن سياحن سان سنڌن ٻولي ڳالهائي ٿو.) هو چوندو هو تہ مهمان نوازي اسان جي ثقافت جو بنيادي جزو ۽ ڪردار آهي، جڏهن بہ اسان وٽ ڪو مهمان ايندو آهي تہ سمجهندا آهيون ڏٺي تعاليٰ اسان تي مهربان ٿيو آهي جو مهمان موڪليو اٿس. اسين پنهنجي حال ۾ خوش رهندا آهيون. اسان جو ضمير خوش آهي، اسان جو روح خوش آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جي سياحن جي دل ۾ هڪ نہ متجندڙ ۽ نہ وسرندڙ تصور ڇٽي ڇڏيندو هو. وزيٽرس جڏهن بگين ۾ چڙهي موهن جي دڙي تي ويندا هئا جيڪو ڏوڪريءَ کان 8 ميل کن اوڀر طرف ۾ واقع آهي تہ موريل کي بہ پاڻ سان گڏ دڙي تي وٺي ويندا هئا.

موريل هڪ قسم جي لائبريري ۽ ادارو هو. علم ۽ ادب جي کاڻ هو. تاريخ جو حافظ هو. سنڌس سمورو گذر معاش ڳنڍ ٽوپي تي هوندو هو. يعني ڏوڪري شهر ۾ بوٽ پالش ڪندو هو ۽ ڇنل جوتن کي ٽاڪا هڻندو هو. سنڌس روزگار جو اهو ئي واحد ذريعو هو. شام جو ڳوٺ ويندو هو تہ روز جي کاڌي پيتي جو سودو سامان وٺيون ويندو هو. گوڏن کان ٿورو هيٺ تائين سادي گوڏ. يا ڪڏهن ڪڏهن ٽڙن کان مٿي سوڙهن پاڃن واري بافتي جي سلوار، قميص جون ٻانهون نوڻن تائين ڦاٽل. پاسن کان ڪڇن تائين بکيا اڌڙيل هوندا هئس. پيرن ۾ ربڙ جي چپل، سو بہ هڪڙو پادر هڪڙي جو تہ ٻيو پادر ٻئي چپل جو هوندو هئس. آهستي آهستي، ڌيري ڌيري، سوچي سمجهي، تکي توري ڳالهائڻ وارو موريل، پراون پراڻن بوٽن تان مٽي رهڙيندڙ موريل، ڪير يقين ڪندو تہ هي ايڏو مهان ۽ عظيم انسان آهي. سنڌس سيني ۾ علم ۽ دانش جو ڪيڏو مها ساگر سمايل آهي. ڪير يقين ڪندو تہ هي بلند

پايي جو ممتاز شاعر آهي. ڪير يقين ڪندو ته جيڪو روزانو ڪنڊ جو پاءُ، چانهه جو پتو اتي جا ٻه سير وٺي پنيءَ تي رکيون پنڌ پيو ٿو دف دف ڪيون جاٺا هٽندو پکين ۽ وٽن سان ڳالهيون ڪندو ڳوٺ وڃي، سو ڪو ايڏو سالڪ، ڏاهو ۽ سپورنجهه انسان هوندو. موريل برابر مکڻ جيان صاف، شفاف ۽ نرم دل انسان هو. سندس دل ۾ هڪ وسيع ڪائنات هئي. هن جي سوچ هر قسم جي مت ڀيد ۽ محدود دائرن کان تمام مٿانهين هئي، جنهن ۾ ڪابه سرحد ۽ حدبندي ڪانه هئي. جتي ڪوبه رسمي ۽ روايت حدن جو دنگ دڙو ڪونه هو. موريل، صوفي منش، اهل دل، وسيع نظر، ڪاهوڙي ۽ جاڪوڙي انسان هو. تتل ڌرتيءَ تي کليل آسمان هيٺان فقط مٿان مٿي چانوَ لاءِ ٻن سنهين ڪاٺين تي لٽو ٽنگي ڇڏيندو هو. ان لٽي ڇانوَ هيٺان اوزارن جي پيٽي رکي ويهي بوٽ پالش ۽ ڳنڍ ٽوپي جو ڪم ڪندو هو. پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ان اڌ فوٽ ٽنگيل ڪپڙي جي هيٺان فقط موريل نه بلڪ هڪ علم جو ادارو قائم ٿيل هو. جتان علم ادب ۽ شعور جون لوليون ملنديون هيون، جهوليون ڀربيون هيون. موريل جي چوگرد ماڻهن جو ميڙو متو پيو هوندو هو. سڀ لکيا پڙهيا اديب، شاعر، سماجي ورڪر، استاد ۽ ليکڪ هوندا هئا. موريل بوٽ به وينو ڳنڍيندو هو ۽ ساڻن ڪچهري به وينو ڪندو هو. موريل تمام گهڻن شاگردن کي مفت ۾ روزانو ٻه ڪلاڪ پنهنجو روزگار سيڙائي انگريزي سبجيڪٽ جي ٽيوشن پڙهائيندو هو. انهن کان ڪنهن به طرح سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح ڪوبه اجورو ڪونه وٺندو هو بلڪ کين چانهه به پنهنجي گهران پياريندو هو. نه فقط ايترو پر غريب شاگردن کي ڪتاب به پنهنجي گهران وٺي ڏيندو هو ۽ سندن فيون به پاڻ پنهنجي گهران ادا ڪندو هو.

هڪ ڀيري مون ڪانئس پڇيو هو ته "موريل! تون پنهنجي شاعريءَ جو مجموعو ڇونه ٿو ڇپرائين؟ تنهن تي هن ٿڌو ساهه ڀريندي چيو هو ته، "سرور منهنجي روح کي ڏنڀ نه ڏي، اها شاعري، شايد مون اڌوهيءَ جي کائڻ لاءِ لکي آهي."

موريل جا اهي لفظ سمجهه ۾ اچڻ جهڙا هئا. اهو سوال ڪري مون تمام گهڻو پڇتايو. اهي لفظ ٻئي ڪنهن کي ڇهنڊڙيون پائن يا نه، پر مون کي هميشه جهوريندا ۽ ڏنگيندا رهندا آهن. اڄ موريل اسان وٽ موجود نه آهي، بلڪ سندس انساني خدمتون، علمي ۽ ادبي خدمتون، محبتون ۽ ڪردار اسان جي دلين ۾، اسان جي روح ۾ رچي ويل آهي. اهڙي حقيقت نگاري ۽ منظرڪشي ڪندي لاکيڻو لطيف فرمائي ٿو ته:

اڄ نه اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

جيئن ته غلام حسين عرف موريل زهراڻي (جت) بلند پايي جو برک شاعر به هو. تنهنڪري

سندس شاعريءَ مان (جيڪا مون سندس نوجوان اديب پٽن ناصر زهراڻي ۽ رشيد زهراڻيءَ کان حاصل ڪئي نموني طور ڪجهه صنفون پيش ڪريان ٿو ته جيئن سندس شعر جي بلنديءَ ۽ شاعرانه پرواز جي پروڙ پئجي سگهي.

## وڇوڙي جو گيت:

اديون پنهنجي اباڻن جي وڇوڙي آءُ آهيان ماري،
وسن ٿا نير نيڻن مان اکين مان آب آ جاري.
ڏسي گهر خالي اڄ تن جا، چوان ٿي هيئن پري سڏڪا،
اڄن موتي اهي سانگي ته ٿيان، مان تن سان ٻلهاري.
منهنجو هي پران پريمي آ، تنين جي پريم پوتر سان،
الله کي عرض آ منهنجو ملائيندو اهي باري.

غلام حسين زهراڻيءَ جي هڪ ڊگهي نظم مان ورتل ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا.

اهي خلق جي ڪن پيا دستگيري،
فقيريءَ ۾ پنهان انهن جي اميري،
انهن کي ملي آ خدا جي وزيري،
هلائن ويچارا نه شيخي نه پيري،
رسالت امامت جا ڳڻ يار ڳائن،
اڏي ڏار مئخانه پنهنجا وسائن،
نه ڪنهن کي ڏکائن نه ڪنهن کي ستائن.
مرڻ کان اڳي يار هي ويا مري،
مري هن دنيا ۾ ٿيا جيئرا وري،
ٻيائيءَ جي باقي نه جن وٽ ذري،
انهن کان ويو موت هِتِ هُتِ ٽري،
مئي جيري زنده ٿي ديرا ڄمائن،
نه ڪنهن کي ڏکائن نه ڪنهن کي ستائن.
انهن لاشعوريءَ کان ورتو شعور،
ڪيائون تڪبر تڙي دور دور،
ٻڌيا انس خالق جي حاضر حضور،

سدائين سکيا ٿيا لڏائون سرور،
نٿا نرڳ ۽ سرڳ کي ڪجھ هوپائن،
نہ ڪنهن کي ڏڪائن نہ ڪنهن کي ستائن.

❊

نہ هڪ دم ٿا دنيا ۾ غافل رهن،
سدا خيال سان خيال پنهنجو ڳنڍين،
ڳجها راز سيني ۾ سانڍيو وتن،
اهو حال احوال آهي سندن،
ڪڏهن دم ٿا منصور وارا لڳائن،
نہ ڪنهن کي ڏڪائن نہ ڪنهن کي ستائن.

سماجي ۽ معاشي نا انصافين ۽ عدم توازن جي منظرنگاري ۽ نشاندهي ڪندي نهايت بيباڪيءَ سان زهراڻي چوي ٿو تہ:

افسوس اي زمانہ، افسوس اي زمانہ،
تو ۾ عدم ٿا ڏسجن انصاف منصفانہ.
هتڙي حبش ۾ انسان بک ۾ مري ويا لک،
يورپ ۾ پر شاهن جا ڪليل هئا خزانہ.
ڪنڌن جا تاج پائي پهتا صليب تائين،
انسانيت جا حامي تڙ پوئتي هٽيا نہ.
ساقي رهيو نہ باقي ساغر ٿيو پرزه پرزه،
مخار پي هليا ويا خالي ڇڏي مئخانہ.
زهراڻيءَ کي پي تومان هڪ ڏينهن هلڻو پوندو،
مرقد ۾ ٿيندو خفته پنهنجا ڇڏي نِڪانہ.

❊

امراۓ جي هٿن ۾ غربا جي غربت ٿي وڪامي حيرت آ،
ايمان وڪامي دولت تي، عزت ٿي وڪامي حيرت آ.
جِت جنهن جي ڪمائيءَ تي ٿا پلن سرمائيندار وڏيرا سڀ،
اتي هاريءَ ۽ مزدور جي چو محنت ٿي وڪامي حيرت آ.
”زهراڻي“ تي انصاف ختم ويو آهي اٿس بس پوبون دم،

راشيءَ جي اڳيان سچارن جي اهميت تي وڪامي حيرت آ.

❊

ڏن وارا عياشي ٿيا، نرڏن جو خدا حافظ،
چورن جي وڏي عزت، پاڳين جو خدا حافظ،
ڪري گرگ ٿو جذباتي، ڏڻ واهي ٻٽيو سوئي،
اهڙا جي ڏنار آهن، ٻڪرين جو خدا حافظ.
”زهراٽي“ سچارن کي اڄ ڪونه ٿو ليکي ڪو،
ڪوڙن کي ملي اهميت، سچن جو خدا حافظ.

## بلبل جي روپ ۾ شاعر جي فرياد:

صياد، بلبل جي چمن مر هت اڏيو آ دام ڀڻ،
لاچار بلبل تي قفس ۾ ۽ ڪري ماتام ڀڻ.
رحم ڪو مون تي ڪريو، هيڏي اچو هيڏي اچو،
باغبان مون کي ڏسو، هيڏي اچو هيڏي اچو.
مان قفس ۾ آهيان، منهنجا وري ٿو پَرَ ڪپي،
بيرحم ظالم پيو بيداد مون سان هيئن ڪري،
مون سان هيءَ ويڏن آ ليڪن ڪونه هو ڪوئي ڪُچي،
مونکي هو نالان ڏسي ۽ خوب خوشتر ٿو ٿئي.
رحم ڪو مون تي ڪريو، هيڏي اچو هيڏي اچو.
چو پلا منهنجي صدا اڄ بي اثر ٻڌجي وئي،
فرياد منهنجي اڻ ٻڌي تي درگذر ٻڌجي وئي،
زندگي مون لاءِ صفا هاٽي زهر ٻڌجي وئي،
طائر اهل چمن بي بال وَ پَرَ ٻڌجي وئي،
قيد منهنجي مان سبق سو سکو هيڏي اچو.
رحم ڪو مون تي ڪريو، هيڏي اچو هيڏي اچو.

❊

محبت ۾ هزارين غم سهان ٿو
مگر چپ چاپ تي چپ ۾ رهان ٿو.
ڪيم سڀ ڪجهه ڪٽي تنهنجي حوالي،

بچيو سر ساھہ آ، سو پي ڏيان ٿو
پڙھيم انگريزي، عربي ۽ فارسي اڳ،
سبق سورن جا اڄ توکان سکان ٿو.

موريل، موھن جي دڙي جي تھذيب ۽ تمدن، سماجي ۽ معاشي حالتن، تاريخي تسلسل سان ھڪ تمام ڊگھو نظم لکيو. ھُن ھِن نظم ۾ جڻ ھزارھا سالن جي تاريخ کي قلمبند ڪيو آھي. ھن نظم ۾ سنڌ، ھند ۽ دنيا جي تاريخن جا حوالا ڏنا ويا آھن. ان نظم مان نموني طور چند سِٽون پيش ڪجن ٿيون.

ھن دنيا دورنگيءَ ۾ جب ٿئي اسرار،
ودوان سڀ ڳالھہ جو قادر آ ڪرتار،
پوءِ پرٿويءَ تي پريوءَ جا آيا ھن اوتار،
نالا گھڻن جا ياد نہ ٿم، نڪو سندن شمار،
ويدن جي ودوانن کان ھيءَ ٻڌم وستار،
تہ "موھن جو دڙو" ملڪ ھو سھڻو منجھ سنسار،
بيل گاڏيءَ تي بار کڻندا ھئا، وڏا وزندار،
قوم دراوڙ ھن ۾ آباد ھئي اظھار،
ڪول، ڀيل، سنٿال پڻ ھئا ھتي يار،
ھيون وارث ملڪ جون مٿيون قومون چار،
اتھاس پراچين جي پَتا ڏنا ھي پار،
ھتي ڪاريگر ماھر ھئا محنتي ھوشيار،
سڀيتا سندن جا اڄ پڻ ملن ٿا آثار،
ڊکڻ، سونارا، لوھر قابل ھئا ڪنيار،
ڪوري، رازا، موچي، چمڙيءَ وارا چمار،
راجا ھو راڻيون ھيون، ھئا راجڪمار،
ھتي ملي مھراج جي لوڪ سيا دربار،
راجا پرجا جو پاڻ ۾ پريت، گھڻو ھو پيار،
ھتي اڏيرج ھو ملڪ تاجدار،
ٻيا راجا گھڻا ھئا ھِن جا باجگن ار،
ھتي سوم پوتيءَ جو پڻ ڪيو اٿن اذڪار،

سومرس پيئندا هئا واسطي خمار،
جيئن موالي اڄ ٿا مڏ مٽي ڪن مار،
پُونءِ پلي آباد هئي گل ڦل سان گلزار،
ڪپهه، چانور، ڪڻڪ ۽ جام تِرَ جُوار،
بندر هو مهراڻ جو ڪنڌيءَ ساڻ ڪنار،
ايندا ويندا جهاز هِتي ۽ هُن پار،
سنڌي ڪندا هئا ڏيساور ڏور وڃي واپار،
انڊونيشيا، جاوا، سوماترا، زنجبار،
جپان چين کان وٺي ڪابل تائين قنڌار،
بلخ بخارا بابل ۾ ٿي ڪيائون ڪاروبار،
عراق، مصر، آفريڪا جي پڻ هئن خبرچار،
اجا ان کان اڳتي ويندا هئا هُن پار،
ليومينا ڪنڊ هن ڌرتيءَ تي هڪڙو هئو ڏار،
پوءِ ٻڏي ويو غرق ٿي پيهي منجهه پاتار،
ڇهه ڪروڙ ماڻهن جا هئا منجهس گهرٻار،
مڊگاسڪر مالديپ سنڌس باقي بچيا آثار،
پاشا موهن دڙي جي اجا زير ويچار،
لپي انهن جي لکڻيءَ جا آهن مهرن تي اچار،
ڪي محقق تاريخ ۾ هي ٿا لکن قول قرار،
آشوري، ڪلداني، ساساني بسيار،
آريا پڻ هتان لڏي ويا هئا اتر پار،
پوءِ موٽيا دکشڻ ڏي ٻيو دفعو ٻيهار،
ميرو پربت اڄ جتي برف جا انبار،
ايڪسي موز انهن جو اتي نسل ٿي نروار،
هاڻي روس آمريڪا جو اتي اقتدار،
ڳاڙها هندي پڻ ويا هتائون هُن پار،
”زهراڻي“ جيڪو لکيو آ سڀ ڪتابن جي آڌار،

# ”نيو ملينيم، مان ۽ جويو“

اڄ 31۔ ڊسمبر 1999ع آهي، يعني اڄ ويهين صديءَ جو آخري سج لهندو. يعني اڄ انگريزي ڪئلينڊر مطابق ٻئي هزار سال جي پڄاڻي ٿيندي، جنهن کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ”Millennium“ چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح سڀاڻي ڀرين جنوريءَ تي ايڪويهين صديءَ ۽ ٽئين هزار سال جو پهريون سج هن ڌرتيءَ تي پنهنجا ڪرڻا پکيڙيندو. اصل ۾ نيو مليينيم يا هڪ هزار سال جو آخري ڏينهن قومن ۽ سماجن جي عملي احتساب جو ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي مهذب ۽ ترقي پسند قومون تنقيدي نظر سان ان ڳالهه جائزو وٺنديون آهن ته انهن هڪ هزار سال جي عرصي ۾ ڇا ڏنو ۽ ڇا ورتو آهي؟ انهن سياسي، سماجي ۽ معاشي نظامن ۾ وقت ۽ حالتن پٽاندر ڪيتري، ڪهڙي ۽ ڪهڙي طريقه ڪار سان ترقي ڪري تبديلي آندي آهي. انهن وقتي تقاضائن مطابق پاڻ ۾ ڪهڙيون تهذيبي ۽ تمدني تبديليون ۽ ترميمون نمايان ڪيون آهن. جن سان ملڪ ۽ قوم جو معيار ۽ وقار بلند ٿي سگهي.

انهن سائنس، ٽيڪنالوجي، ڪلچر، علم ادب، تاريخ، سماجيات، ٻولي، سماجي سائنس، فسلفي ۽ نفسيات وغيره جي شعبن ۾ عالمي سطح تي عالمي معيار مطابق ڪيتري تحقيق، ترقي ۽ تجديد ڪئي آهي. پوءِ انهن تجربن، مشاهدن ۽ نتيجن جي روشنيءَ ۾ نوان نظريا، تصور، طريقه ڪار، ماپا ۽ معيار قائم ڪري پنهنجي ترقيءَ جي رفتار کي جاري رکنديون آهن.

سموري دنيا جون قومون پنهنجي شاندار ۽ بي مثال سائنسي، اليڪٽرونڪ، سماجي، معاشي، صنعتي، زرعي، تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي ترقيءَ تي جديد ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ نهايت تيز رفتار اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ترقيءَ مٿان بيهي اوچي ڳاٽ ٻڌجي ”نيو مليينم“ جشن ملهائڻ جون تياريون ڪري رهيون آهن. پر اسان جي ماڻهن جو ته انداز فڪر ئي عجيب آهي. سندن مزاج ۽ نفسيات ئي نرالي آهي. تبديليءَ ۽ ترميم، تحقيق ۽ تجديد ته ڄڻ سندن چيڙ آهي. هُو شين کي جيئن جو تيئن رکڻ ۽ ڏسڻ پسند ڪن ٿا. اسان فقط بي مقصد ڳالهين جو پاڻي ولوڙيندي، گلائون ۽ غيبتون ڪندي پنهنجون عمريون گذاري ڇڏيندا آهيون. ڇو ته ان ۾ ڪنهن محنت يا مشقت، تحقيق يا تجربي، مطالعي يا مشاهدي جي ڪا ضرورت ئي نه آهي. بس رڳو بيان ۾ رواني هجي. سڄي دنيا کي ڪنيي ڪڇي اڳيان بيهاربو.

نيو مليينم جي جشن ملهائڻ وارين تيارين سان روزانه اخبارون ڀريون پيون اچن. ملڪ جهان بابت خبرون پيون ٿيون. جڳ جهان ۾ جو وهي واپري ٿو ان جي جانڪاري ملي ٿي. اسان وٽ به هرڪو پنهنجي پنهنجي وَس آهر انهيءَ خوشيءَ جي تيارين ۾ مصروف آهي. اخبارن ۾ آيو آهي ته

اسان جي سنڌ جا اهل قلم، اديب، دانشور، صحافي، شاعر، محقق، تاريخدان، فلسفي، ۽ نقاد ڪي پٽ شاهه تي يعني شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح جي روضي تي، ڪي لاڙڪاڻي جي سپنا اِن هوٽل ۽ شاهنواز لائبريريءَ ۾ تقريرون ڪري تنهن ڪانپوءِ ويهين صديءَ جي آخري سج غروب ٿيڻ جو نظارو موهن جي دڙي جي اسٽوپا تي بيهي ڏسندا.

هي ڪيڏو نه وڏو سچ آهي ته اسين پنهنجي غفلت، روڳائپ، ڪوتاهين ۽ نا اهليءَ تي پردي وجهڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي شاندار ماضيءَجي يادن ۾ پاڻ کي فراموش ڪري پاڻ تان جڻ بار هلڪو ڪري ڇڏيندا آهيون. اهڙيءَ طرح هاڻي به پنج هزار سالن کان مٿي قديم تهذيب موهن جي دڙي جي ان دور جي قوم جي عظيم ايجاد ”بيل گاڏي“ تي چڙهي نيو ملينيم ملهايو ويندو. جڏهن ته دنيا وارن مريخ کي به پراڻو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اهو اندازو لڳائڻ ڪو مشڪل نه ٿيندو ته اسين دنيا وارن کان ڪيترو پوئتي پيل آهيون. اڄ سمورا دوست ۽ عزيز مختلف پروگرام ترتيب ڏئي ايڪيهين صديءَ جي آمد جي جشن جي صورت ۾ آجيان ڪندا. پر مون سوچيو ته مون جهڙي ڪِني ۽ ڪمزور وٽ اٽجاڻ ۽ ادني وٽ، نادار ۽ لاچار وٽ ملينيم ملهائڻ ڪير ايندو؟ جنهن کي ڏاڙهي ڪوڙڻ لاءِ بليڊ ڪونهي. اگر بليڊ ملي ٿو ته ويهن سالن کان وٺي شيونگ ڪريم يا صابڻ لاءِ پيسو ڪونهي. جنهن سبب ويهن سالن کان پاڻيءَ سان ڏاڙهي ڪوڙي اٿم. عيد جي تهوار ڪانسواءِ ڪڏهن به ڪپڙا استري نه ڪرايا اٿم. معاشي طور تي چانهه جي هڪ ڪوپ جي وسعت به نه اٿم. جنهن ماڻهوءَ ويهن سالن ۾ ڪو نئون بوٽ يا چپل نه ورتو آهي. هِن هُن کان پراڻا ۽ لٽل وٺي پئي وقت گذاريو آهي. يا انهن محترم سڄڻن ۽ سائين غريبي حال ڏسي عنايت ڪري پنهنجا لٽل ڪپڙا ۽ بوٽ پائڻ لاءِ پئي ڏنا آهن. حسبِ دستور مان پنهنجي بنا ڇت واري فري ڪوچنگ سينٽر ۾ پٽين جي پاڇي ۾ تڏي تي ويٺي شاگردن کي پڙهائي رهيو هوس. اهو اٽڪل شام جو ساڍي ڇئين وڳي کن جو ٽائيم هو. هڪ ديوَ جيڏو بُتَ ۾ ٿلهو متارو ۽ قداور مڙس اسلام عليڪم ڪري اندر لنگهي آيو. هٿ ۾ فروٽ جي هڪ پريل ٿيلهي هيس، جن ۾ نارنگيون، موسميون، ڪيلا، صوف ۽ فلٽر هئا. مان ڀڪي وجي ساڻس ياڪر پائي مليس. سندس جسم ۾ ائين ضم ٿي ويس، جيئن ڪُڪِڙ جو ٻچو ڪُڪِڙ جي اوڙي ۾ گم ٿي ويندو آهي. وڏيءَ گرمجوشيءَ سان ملياسين. ادبي، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان تمام وڏي وزندار ۽ قداور شخصيت جنهن لاءِ مان ڪڏهن سوچي به نه سگهيو هوس ته ايڏي وڏي شخصيت سيڙجي اچي مون ڪين جهڙي سان ”ملينيم“ ملهائيندي، جنهن کي گڏَ جي هوٽل جو برو پاڻي به نه پياريندو آهي، پلا هڪ سُڃي ۽ سُڪل کي سڃاڻندو به ڪير. اها شخصيت هئي محترم سائين حيدر جويو صاحب جن جي.

مون سمجهيو ته جويو صاحب وڏيرن وٽ آيوهوندو، جو اسانجي ڳوٺ جي وڏيرن سان ساڻس سماجي ۽ سياسي وابستگي رهندي پئي آئي آهي ۽ انهن وٽ زماني جي ڪمن ڪارين سانگي

ايندو رهندو آهي. اڄ بہ انهن ڏانهن ئي ويندو هوندو. اسان اڀوجهن جو تہ سياست سان دور جو بہ واسطو نہ آهي. فروٽ جي ٿيلهي هٿ ۾ ڏيندي چيائون تہ هي فروٽ تنهنجي لاءِ آهي. اڄ رات بہ تو وٽ ٽڪڻي آهي. سوچيم تہ اڄ وڏا ماڻهو وڏن ماڻهن سان ٿلها ماڻهو ٿلهن ماڻهن سان ملينيم ملهائيندا. مونکي بہ سنڌ جي ممتاز اديبن، دانشورن، نقادن، محققن، صحافين ۽ تاريخدانن پاران لاڙڪاڻي ۾ موهن جي دڙي وارن پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ دعوتون مليل هيون. ذاتي طور تي بہ اچڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويو هو. ليڪن مون سوچيو تہ اڄ هڪ سڙيل سُڪل ڪمزور، بيمار سان ملينيم ملهائڻو آهي، سو اهو ارادو ڪري هيڏانهن هليو آيس. سنڌن لفظن ۾ ڪيڏي نہ پنهنجائپ ۽ سچائي سمايل هئي. مون لاءِ تہ خوشيءَ جي ڪا حد ئي نہ رهي جو اهڙي محترم شخصيت تمام وڏين ۽ عظيم علمي ادبي ۽ فلاسافر شخصيتن، مدبرن، دانشورن، صحافت جي سرچشمن، ذات ۽ ذاهپ جي آفتابن جي دعوتن ۽ انهن جي ترتيب ڏنل عظيم الشان پروگرامن کي پاسي ڪري مون عاجز وٽ اچي ملينيم ملهائي. سج بہ لهڻ وارو هو. شهر کان ٿورو ٻاهر کليل آسمان تي نڪري آياسين. اتي چانهہ ۽ بسڪوٽ گهرائي کاڌاسين. ويهين صديءَ جي آخري سج لهڻ جو منظر پنهنجي ياداشت ۾ محفوظ ڪري، آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا واپس آياسين.

رات جي کاڌي ۾ ڪابہ خوشامد ڪونہ هئي. جهڙو غريبي حال هو تهڙو ئي پيش ڪيوسين. گوشت مڇي ڪونہ هو. جائي جُواري ٻچن سنئين، سائي ڀاڄي ڪڪڙ ۽ چانورن جون مانيون ۽ کير هو. ان مٿان چانهہ جا دور هئا. مانيءَ کانپوءِ رات جو ٽين وڳي تائين علم، ادب، آرٽ، فلسفي، تاريخ ۽ سماجي قدرن ۽ روين تي علم ۽ عقل جي روشنيءَ ۾ بحث مباحثو ٿيندو رهيو. انهن موضوعن تي دليلن ۽ ثبوتن سان جويو صاحب ڳالهائيندو ٿي رهيو ۽ اسين خاموشيءَ ۽ غور سان ٻڌندا ۽ هنڊائيندا ٿي رهياسين. ڪڏهن ڪڏهن اسان بہ پنهنجي وِتَ آهر بحث ۾ حصو پئي ورتو.

صبح جو سوير اُٿي اڪيهين صديءَ جي پهرين سج جي اڀرڻ جو پڻ منظر ڏٺوسين. ان کانپوءِ ناشتو ڪري محترم سائين حيدر جويو صاحب موڪلائي پنهنجي ڳوٺ بس ۾ روانو ٿي ويو ۽ اسين پنهنجي نفسانفسيءَ ۾ لڳي وياسين.

**

# لطيف آفاقي شاعر

ذرو زنده دلي گر تو ۾ اي قوم آه ڪو!
يادگيري تازه ڪر حضرت ڀٽائي شاهہ جي،
گرچ مردانِ خدا ڪي ناه شهرت جو ضرور،
پر اسان تي حق آ خدمت ڀٽائي شاهہ جي!

صدر محترم! معزز اديبو، دانشورو، شاعرو، استادو ۽ پورهيت ساٿيو! جيئي سنڌ.

اهڙو فڪر جيڪو افق تي هر نئين سج کي نئون نياپو ڏيندڙ هجي، اهڙو فڪر جيڪو هر دور ۾ هر وقت جي فطري تقاضائن جو پورائو ڪندڙ هجي، اهڙو فڪر جيڪو انسان ذات جي هر مڪتبِ فڪر جي نمائندگي ۽ نقاشي ڪندڙ هجي، اهڙو فڪر جيڪو هر انسان جي احساسن، اڌمن، جذبن ۽ جذبات جي ترجماني ڪندو هجي تہ اهڙي فڪر کي آفاقي فڪر جو پيغام چئبو آهي.

منهنجي تقرير جو موضوع پڻ انهيءَ ئي نسبت سان آهي، يعني ”لطيف آفاقي مفڪر آهي.“

شاهہ صاحب جي شاعري اهو روشن باب ۽ پاڪيزه پهلو آهي جنهن ۾ مشهور مفڪر ملٽن جا مقرر ڪيل اصول، اصليت، سادگي ۽ جوش جا بنيادي عنصر جهلڪا ڏئي رهيا آهن. سندس ڪلام ۾ ڪارلائل جو اصول بہ آهي چو تہ لطيف جي شاعري جهرجهنگ، برٽر ۾ ڳائي ۽ جهونگاري وڃي ٿي. سندس ڪلام ۾ رابرٽسن جي جذبات ۽ وليم ورڊس ورٿ جي منظر نگاري پاريون ڪيو پلٽي پئي آهي.

عرب شاعر اصمعي صرف سادگيءَ کي ٿو ڏسي، جناب عقدالفريد شعر لاءِ اصليت کي بنياد ٿو ٺهرائي. انب رشيق بهترين شعر کي فقط سجاڳڻ جو معيار ٿو ٻڌائي.

شاهہ صاحب جي شاعريءَ کي جڏهن مشرقي ۽ مغربي مفڪرن جي مقرر ڪيل معيارن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ۽ پروڙيو وڃي ٿو تہ اهو ٻنهي معيارن تي مڪمل طرح سان هر پاسي ۽ هر ڪنڊ ڪان ٺهڪي ٿو اچي. شاهہ جي ڪلام ۾ اهي سموريون خوبيون هڪ ئي وقت موجود هيون. تنهن ڪري اها ڳالهہ تحقيق ۽ تصديق سان پئي سگهجي ٿي تہ شاهہ جو ڪلام عالمگير ۽ آفاقي حيثيت رکندڙ پيغام آهي.

شاهہ جي ڪلام ۾ بہ اهو ئي هڪ پيغام آهي، جيڪو ڪنهن هڪ قوم، ملڪ، خاندان، ذات يا فرد لاءِ ناهي بلڪ هِي آفاقي پيغام فطري تقاضائن جو پورائو ڪندڙ پيغام آهي. هر قوم، هر ملڪ، هر فرد، هر وقت ۽ هر دور جي حالتن مطابق نئين سج جو نئون نياپو آهي.

شاهہ صاحب جي شاعريءَ جا قدر غير متبادل ۽ اڻ متجندڙ آهن. اهو ئي سبب آهي جو سندس فڪري ۽ معياري بلنديءَ تائين ڪوبہ پهچي نہ سگهيو آهي، چو تہ سائين منهنجا! اڳاٽي زماني ڪان

اج جي سائنسي ۽ فني عروج جي دور تائين مغرب ۽ مشرق جو ڪوبہ اديب، دانشور، مفڪر ۽ شاعر نہ تہ عالمگير امن ۽ برادريءَ جو اصول پيش ڪري سگهيو ۽ نہ انسان ذات جي سيني جذبن ۽ احساسن جي گڏيل ترجماني ۽ نمائندگي ڪري سگهيو.

اهو شاهہ صاحب جو ئي عروج ڪمال آهي جو سندس شعر ۾ فن ۽ فڪر جو حسين سنگم ۽ امتزاج ملي ٿو. سندس ڪلام ۾ سوالن جا جواب ۽ مسئلن جا حل ملن ٿا. سندس ڪلام ۾ زندگيءَ جي هر پهلوءَ جا اولڙا ۽ عڪس نمايان نظرا چن ٿا.

لطيف ان ماڳ تي انهن وٽ پهتل هو جتي ڪا حد ۽ لاحد ڪانہ هئي. جيئن لطيف سائين فرمايو ”وڃن تِتِ ٿيوم، جِتِ نهايت ناه ڪا“!

دوستو! شاهہ جي شاعري اهو روشن سج آهي، جنهن جي ڪرڻن ۾ مشرقي ۽ مغربي انساني فطرت ۽ انساني مزاج جو ڳوڙهو اڀياس ٿيل آهي. لطيف جو فڪر اهو سج آهي جيڪو اولهہ ۽ اوڀر کي هڪجهڙو واسي ٿو. جنهن کي ڪوبہ غروب ڪونهي.

اج علم ۽ فن، تحقيق ۽ تجديد، سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي ڪثرت آهي، اج انسان ڌرتيءَ جون سرحدون اورانگهي زميني گولي کان تمام گهڻو مٿي چنڊ ۽ مريخ تي پهچي پنهنجي عظمت مڃائي چڪو آ. پر وري ڪو لطيف پيدا ڪونہ ٿيو.

ٽي سئو سالن ۾ مولانا، مولوي، مُلان، پير، مشائخ، معلم، فلسفي، اديب، دانشور، شاعر، سائنسدان ۽ ڊاڪٽر هزارها پيدا ٿيا پر وري لطيف پيدا ڪونہ ٿيو.

دوستو! لطيف جيڪڏهن موجوده تعليم ۽ تدريس جي طريقن سان پڙهيل هجي ها تہ هنن ٽن صدين ۾ سوين شاهہ لطيف پيدا ٿي پون ها.

دوستو! اسان جي زندگي غير حقيقي ۽ غير اصول معيارن ۾ قيد ۽ قابو آهي. اسان جي زندگي حيوانن وانگر بغير نصب العين مقرر ڪرڻ جي گذري رهي آ، جنهن ڪري اسان ۾ ڪا معنيٰ ۽ حقيقت پيدا نٿي ٿئي. جڏهن تہ شاهہ صاحب واري زندگي اسان کان گهڻو بلند ۽ بالا آهي. اسان جي دل نور ۽ زندگيءَ کان محروم آهي، تنهنڪري اسان جهڙن مان لطيف جو وري پيدا ٿيڻ مشڪل ۽ ناممڪن آهي.

شاهہ صاحب جي آفاقي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ڪو لطيف ثاني گهرجي جيڪو شاهہ جي شخصيت ۾ فنا هجي، جيڪو شاهہ صاحب جي قلبي ڪيفيات ۽ باطني حِسَ مان لنگهي اچي، جيڪو پنهنجي قلب جي تار کي لطيف جي تار سان ملائي لطيف جي راز کي پنهنجي آواز ۾ بيان ڪري سگهي.

دوستو! اج قلم ڏئي قلب کسيو ويو آ. اج ڳَلُون ڏئي قرار ڇنو ويو آهي. قلم، قال جي ٻائيتال کي تہ لکي سگهجي ٿو پر عشق جي جانسوز شدت، حرارت، گرمي، روشني ۽ ڪيفيات کي ڇا بيان

ڪري سگهندو. اسان وٽ رڳو قال آهي، حال ڪونهي، ماضي آهي مستقبل ڪونهي، ڳالهيون تہ وڏيون واريون آهن پر آهيون ٿلها متارا. هت تہ اهو گهر جي جنهن جو اندر اڌ هجي.

اڄ اڇو تہ ڪنهن اهڙي ڪليگر جي تلاش ڪريون جيڪو قلب جي ڪَسُ ۽ ذهن جي زنگ کي ڪپي ۽ ڪوري ڪڍي. اچو تہ ڪنهن اهڙي روحاني ڊاڪٽر جي تلاش ڪريون جيڪو اندر جي اکين جو آپريشن ڪري روحاني ۽ دل جي بصيرت مهيا ڪري. اچو تہ ڪنهن اهڙي سونهين ۽ ڏاهي دانشور جي تلاش ڪريون جيڪو ڪَنَ ڪان وٺي زندگيءَ جي اصل مقصد واري راهہ ڏيکاري ۽ ان تي هلائي سگهي. اچو تہ ڪنهن اهڙي جوڳيءَ ۽ سنياسيءَ جي تلاش ڪريون جيڪو اسان کي ڪپرن ۽ واسينگن جي ڏنگن ۽ زهرن کان آگاهي ڏئي بچائي سگهي.

لکين لوڙائو سهسين آهن سُڄَ ۾،
بَرَ ۾ بورائو ڪٺج پيادي پاڻ سين!

**

# ” مان ۽ منهنجي ماءُ “

اڄ ٻي آگسٽ سال 1999ع آهي. منهنجي امڙ جي وڇوڙي يعني وفات جو ڏينهن. قبرستان جي بلڪل آخر ۾ اولهه واري طرف کان اسان جي ڪهول (ڪٽنب) جون ڪچيون قبرون آهن، ڪاٻه پڪي قبر ڪونهي. مان پنهنجي ضعيف ماءُ جي قبر جي مٿان بيٺو آهيان.

منهنجون اکيون! مون اوهان کي هميشه ٿَرَ جي پٽن جيان خشڪ رکيو آهي. مون هميشه اوهان کي سِڪايو ۽ سُڪايو آهي. اڪثر ڪري آلو ٿيڻ نه ڏنو آهي. مون توهان جي پڇڻ ۽ پسڻ لاءِ دل جا دروازا هميشه مضبوط رکيا هئا ته جيئن دل منجهان نڪرندڙ ڪيفيتن جا بخار توهان تائين پهچي توهان کي وسڻ تي مجبور نه ڪن.

منهنجون اکيون! اڄ مون توهان لاءِ اهي سمورا دروازا کولي ڇڏيا آهن. اڄ ڇپڪا ڪري وسي پئو. رڪاوٽن جا سمورا جهلي بند پيچي اٿل ڪري اٿلي پئو. ايترو وسو، ايترو وسو جو امڙ جي قبر جي مِٽي ايتري آلي ٿي پوي جو اُن آليءَ مِٽيءَ مان هڪ وڏي سِرَ نهي پوي، جنهن تي مان پنهنجي امڙ جو نالو ۽ تاريخ لکان.

اڄ توهان جو روئڻ سجايو آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ توهان ان عظيم ماءُ جي مٿان روئي رهيون آهيو، جنهن جا اسان جي مٿان عظيم ۽ اڻ ڳڻيا احسان آهن. هن قبر ۾ اها عظيم ماءُ آهي، جنهن جڏهن لکها ڪروڙين سال اڳ انسان جڏهن ميداني پٽن تي رهڻ شروع ڪيو هو تڏهن ٻارن کي گرميءَ ۽ سرديءَ کان بچائڻ خاطر ڪپڙن پائڻ ۽ گهرن اڏڻ جو تصور پيش ڪيو هو.

منهنجي دل اڄ ايڏيون رڙيون ڪر، ايڏيون دانهون ڪر جو سموري قبرستان جي پکين ۽ پُسن ۾ سناٽو ڇانئجي وڃي. قبرن ۾ ڏار پئجي وڃن. ڌرتيءَ ۾ لرزش ۽ جنبش پيدا ٿي پوي. اڄ ايڏيون رڙيون ڪر جو گدڙن کان سموري رات پنهنجون اونايون ڪرڻ وسري وڃن ۽ انهن دانهن تي سوچيندا رهن، ڇپرن جون ٻوليون چُپ ٿي وڃن. اڄ ايتريون رڙيون ڪر جو ماڻهو سمجهن ته پاڳل ٿي ويو آهي. برابر مان سياڻن جي دنيا ۾ پاڳل ئي ته آهيان!!

منهنجي عظيم ماءُ! مان اُن سُور جي شدت کي محسوس ٿو ڪريان، جڏهن تو مونکي ڄڻيو هو. ان وقت سور جي شدت توکي اهڙيءَ طرح ڪپي ۽ ڪوري رهي هئي، جيئن ڪرت ڪاٺ کي ڪپيندو ۽ چيريندو آهي. ايترن سورن سهڻ جي باوجود به تو ۾ مون لاءِ ڪوبه غصو يا بيزاري ڪونه آئي. ان وقت به تو مونکي ڏسي مرڪي ڏنو هو. تو پنهنجون سموريون صلاحيتون، سمورا سُک، خدمتون، همدرديون ۽ محبتون مون لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. ٿتيءَ ٿڏيءَ ۾، اگهائيءَ سگهائيءَ ۾ ٻاڻ کي جوکي ۾ وڌو بلڪ مونکي ڪوسو واءُ لڳڻ نه ڏنو. پوءِ اڄ مان ان عظيم ماءُ جي قبر تي ڇونه اچان ۽

چوڻ روئان.

مان جڏهن مِٽيءَ سان ڪيڏندو هوس، مٽيءَ ۾ پيپوٽ ٿي ويندو هوس، يا جڏهن ٻاهران ايندو هوس ۽ گهر جو در ٽپي اندر داخل ٿيندو هوس، ان وقت عظيم ماءُ جنهن پُرڪيف، پُراسرار ۽ شفقت ڀريءَ نگاهہ سان هڪ وار جا نگاهہ ڪندي هئي تہ ان نگاهہ ۾ ايڏي تہ جامعيت هوندي هئي جو ٻنهي جهانن جون خوشيون ۽ مسرتون ان هڪ نگاهہ تان قربان ڪري ڇڏجن. ٻيا احسان تہ اڳتي ٿيا. تہ پوءِ ان عظيم قبر تي ڇوڻ وڃان، جنهن همدردي، محبت، امن، محنت ۽ شعور جون لوليون ڏنيون. دنيا جي سمورين مڌر سنگيتن جا سُرَ ۽ آلاپون گڏ ڪجن تڏهن بہ ان لوليءَ جي منڙي سُرَ برابر ٿي نٿيون سگهن، جنهن ۾ سوز ۽ سُرور جو گڏيل امتزاج موجود هو.

انهن قبرن تي ڇو وڃان، جن خدا پاڪ جي خلق کي پاڻ ۾ ويڙهائي ۽ ورهائي انهن بي قصور انسانن جي لاشن مٿان چڙهي وڏا وڏا ٺمڪ ڏنا. پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪيا ۽ ڪوڙي ۽ عارضي شهرت حاصل ڪئي. انهن قبرن تي ڇو وڃان، جن معصوم انسانن جي عزتن ۽ لڄن جي اولڙگاهہ وانگر لتاڙ ڪئي.

ان عظيم قبر تي ڇوڻ وڃان جنهن سان ڪيتريون ۽ ڪيڏيون بہ حجتون ۽ ارڏايون ڪندو هوس. رُسندو هوس. اڍنگا انگل ۽ آٽا ڪندو هوس تہ ڪڏهن بہ گهنڊ منهن ۾ ڪونہ وڌائين. غصو ڪونہ ڪيائين. پٽون پاراتا ڪونہ ڏنائين. نفرت ۽ تعصب نہ ڪيائين، بلڪ انهن ڪيفيتن ۾ هلڪي هلڪي مرڪ منهن تي هوندي هيس. گستاخيون ۽ شرارتون بہ منهنجون هونديون هيون تہ بہ ڪنڌ ۾ ڀاڪر وجهي پرچائيندي ۽ وري بہ پاڻ هئي. پوءِ اهڙي عظيم هستيءَ جيڪا همدرديءَ ۽ بردباريءَ جو پهاڙ هئي ان جي قبر تي ڇوڻ وڃان!

انهن قبرن تي ڇو وڃان، جن هميشہ مونکي ذهني، شعوري، فڪري، جسماني، علمي، تهذيبي، تخليقي ۽ تعميري طور تي لُولو لنگڙو، ٻوڙو ۽ گونگو بڻائي ڇڏيو. فقط پنهنجن اشارن تي هلڻ ۽ نچڻ سيکاريو. جن هميشہ پنهنجا پير چٽايا، پنهنجي اڳيان گردن جهڪائي ٻيهڻ سيکاريو. جن انسانيت کي ڏنگ ۽ ڏنپ ڏنا. انساني قدرن جي پائمالي ڪئي. انسانيت جي محسنن کي طرح طرح جون اذيتون ۽ عذاب ڏنا ويا. ڪن کي ڦاهن تي لٽڪايو ويو، ڪن جون زبانون ڪٽيون ويون. ڪلون لهرايون ويون. زهر جا پيالا پياريا ويا.

انهن قبرن تي ڇو وڃان، جن ڪڏهن ائين ڪونہ پڇيو تہ پيٽ ۾ بک اٿئي يا ڏِءُ، جهڳو تهيل اٿئي يا نہ. ٻچڙن جي زندگي ڪيئن ٿي گذري، تعليم، تربيت ۽ صحت جو بندوبست آهي يا نہ. هنن جو انهن مسئلن سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هو. هنن جي سوچ فقط اها هئي. مان هنن جي مستقل مفادن لاءِ ڪيترو ۽ ڪيستائين ڪارائتو آهيان. هنن جون نظرون منهنجي ڪيسي ۾ هيون. باقي منهنجي بک، بدحالي، بيماري، مفلسي ۽ بيوسيءَ سان انهن جو ڪوبہ تعلق ڪونہ هو. هنن جي پٿر دل کي

ڪڏهن به مون لاءِ ڪهل ڪونہ آئي.

انهن قبرن تي ڇو ويان، جن سان نہ ڪڏهن رُسي ٿو گهان ۽ نہ ڪا حجت ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو سگهان. يعني پنهنجائپ جي ڪابہ ٻولي ڪونهي. ان عظيم قبر تي ڇونہ وڃان، جنهن جون اکيون هميشہ در ۾ ڪتل هونديون هيون. جيستائين گهر ۾ نہ ايندو هوس، تيستائين اک نہ لڳندي هيس. رات جو جنهن مهل بہ گهر آيس تہ پنهنجي عظيم ماءُ کي انتظار ۾ اوسيئڙي ۾ جاڳندو ڏٺم.

**

# ڪهاڻيون

# ”پيئي ڪاڻ پرڪ“

هونئن تہ اسان بہ ڪاليج جي ماحول ۾ رهياسين. ڪاليج لائيف اسان بہ ڏٺي. هلڪا ڦلڪا فنڪشنس. لطيف ڊيز. رسيپشن پارٽيز وغيره ٿينديون هيون. ڪڏهن گوڙ شور، ڪڏهن لنبازي، ڪڏهن باقاعده ڪلاسن جي پڙهائي ۽ پرائمري وانگر باقاعده اٽينڊنس. ڪڏهن وري فلسفيانہ انداز ۾ وڏيون وڏيون تقريرون ٿينديون هيون. هڪبئي جي ڪمرن تي اچڻ، ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي رات پير ڪچهريون ڪرڻ، بحث مباحثا ڪرڻ، منطقي ۽ تاريخي، عقلي ۽ سائنسي دليل بازي ڪرڻ، عام معمول جي ڳالهہ هوندي هئي.

ڪڏهن اسٽرائيڪ ڪرڻ، ڪڏهن بسن جا شيشا ڀڃڻ، ڪڏهن ملڪي ۽ عالمي سياست تي تبصرا ۽ تنقيد ڪرڻ. ڪڏهن مجازي عشق ۾ ديوانو ٿيڻ. ڪڏهن ڪنهن ليلي جي محبت ۾ مجنون ٿي وڃڻ. ڪڏهن سيٽيون وڄائڻ، ڪڏهن نعري بازي ڪرڻ، ڪڏهن پارڪن ۾ ويهي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو هجرون پجرون ڪري ٽائيم پاس ڪرڻ. ڪو جنسيات ڪي مقصد ڄاڻندو هو تہ ڪو وري هم جنس پرستيءَ جي عذاب ۾ ڦيڙبو رهندو هو. يار گهڙي ڪن نہ ملي تہ اندر ۾ آنڌ مانڌ، لُڇ ۽ بيقراري. نہ ڇڱو ماٺهو وٽي نہ ڇڱي ڳالهہ. نہ ڪم تي دل ڪيي نہ پڙهڻ ڏانهن ڌيان. بس رڳو يار جي هورا ڪورا تہ دلبر جو ديدار ٿئي. جي هو دير ڪري تہ پاڻ وڃي دلبر جي در جو ڪڙو ڪڙڪائبو. مان بہ ان اَري ۾ اچڻ وارو هوس پر جيئن تہ سنڌيءَ ۾ ويچارا مسخرا چوندا آهن تہ، ”بابي جو موت ڏسي منهنجي تہ مرڻ تان دل ئي ڪچي وئي آهي.“

سو ان چواڻي ظفر جي اهڙي محبت جي حالت ڏسي مون تہ ان محبت کان توبهہ تہ ڇا پر، زاري ڙي زاري ڪري ڇڏي پوبين ڪي بہ ڏَس ڏيندس تہ هم جنس پرستيءَ جي عذاب ۾ نہ ڦاسو.

ظفر اسان جو دل گُهريو دوست هو. هو پنهنجي هڪ جيڏي ڇوڪري تي جيڪو رنگ جو تہ گهڻو پورو هو پر بدن جي بيهڪ ۽ ڊول ۾ ڪائي ڪشش ڪونہ هئس. ان تي صفا چريو بلڪ ديوانو هو. ڇوڪري جي ڪاڏي پيتي، لٽي ڪپڙي، اُٺي ويٺيءَ ۽ پڙهائيءَ جو سمورو خرچ ظفر جي کاتي ۾ هوندو هو. ظفر جو پيءُ واپار وڙو ڪندو هو. چار ٻارا ٻنيءَ جا بہ هئس. ظفر پنهنجي پيءُ کان ڪونہ ڪو ڪوڙو بهانو ٻڌائي پيسا پيو گهرائيندو هو. وري جو ڳوٺ وڃي تہ يار بہ ساڻ. اتان وري ناني، ماسي، ماءُ ڀيڻ ڪي مٽي تي هٿڙو گهمايون هَڙَڪوسي ڪيون ايندو هو. پلا آخر تہ هو بہ ڪاليجي شاگرد. ڪراڙين جو بہ ساڻس گهڻو پيار هو. ماءُ جو تہ وري رشتو ئي اور آهي. ائين پيو پريڻءَ جي پورت ڪندو هو. پنهنجا جيڪي ويجها يار دوستار هئس تن کان ڪوڙ هٽي نڳيون ڪري اوڌر تي پيسا وٺندو هو. انهن پيسن ڪي وري واپس ڪرڻ لاءِ ڀيڻ ۽ ڇئوڻ تي وڏيڪ پيسن ڏيڻ تي پئسا وٺي گهٽيءَ ڇڪتاڻ ۽ تلخيءَ ڪانپوءِ واپس ڪندو هو.

اھڙيءَ طرح ھن پنھنجي وقار کي ڏانوان ڏول ڪري ڇڏيو ھو. پر محبت ۾ تہ سڀ ڪجھہ سھڻو ھوس. نہ تہ ديوانن جي دفتر ۾ نالو ڪيئن لکجيس ھا! اھي خبرون سندس مائٽن تائين بہ پھتيون، پر ويچارا ڪيس سيڪجھہ ڇاٽندي بہ ان ڪري ڪجھہ ڪونہ چوندا ھئا تہ متان ساڄاھہ ڪان نڪري بي ادب، بي فرمان ۽ گستاخ نہ ٿي پوي، جيڪو سنگتي ساٿي ڪيس ھدايت ڪندو ھو. ڪيس ماحول متاثر لاءِ چوندو ھو جنھن ماحول ڪيس معاشي، ذھني، علمي، نفسياتي ۽ سماجي طور تي برباد ڪري ڇڏيو ھو تہ ظفر اھڙن ماڻھن سان تعلقات ٽوڙي ڇڏيندو ھو. انھن وٽ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيندو ھو. بلڪ چڙي پوندو ھو. آپي ڪان نڪري ويندو ھو. جڻ ڪو ڪيس ڪنھن وڏي عھدي تان ھيٺ پيو ڪيرائي يا سندس لاءِ بھشت جا دروازا بند ڪري.

اھڙو رويو اختيار ڪرڻ ڪري ظفر کي ھاڻي چڱيءَ صلاح ۽ چڱيءَ وات ڪير بہ ڪونہ ڏسيندو ھو. سندس مائٽ ساڻس ڏيءَ الفت ۽ اڪير مان ملڻ ايندا ھئا تہ نھايت خفي ۽ بيزار پيو ٿيندو ھو. ڪين ٿوري ٿوري ڳالھہ تي منھن خراب ڪري چڙيون پيو ڏيندو ھو. ساڻن بيحد ناروا سلوڪ اختيار ڪندو ھو. ان رويي تي اسان جي ذھن کي ڏاڍيون ڇھنڊڙيون پونديون ھيون. ڏاڍي خار ايندي ھئي، پر ڇا ٿي ڪري سگھياسين. پاڻ ھڪڙي تي پروانو تہ ھن جي آڙ ۾ مٿس وري ٻيا ديوانہ ھوندا ھئا. پر اُھي ھن وانگر گھر ڦورائو ڪونہ ھئا. ڏاڍا چالاڪ ۽ حرفتي ھئا. بازيون بہ وجھندا ھئا. جان بہ بچائيندا ھئا. ائين ٻيا وقت گذاريندا ھئا. حيرت جي ڳالھہ اھا تہ انھن جو خرچ بہ وري ظفر ئي ڪندو ھو.

”ھڪڙي پنھل ڪاڻ ٻانھي ذات ٻروچ جي.“ جي چواڻي ظفر پنھنجي يار جي مائٽن مِٽن، سنگتين ساٿين جون بہ ڪاٽيون رھاٽيون پيو ڪيندو ھو. جيڪو اچي ڪيس يار جي ڳالھہ ٻڌائيندو ھو يا ان جي تعريف ڪندو ھو تہ ظفر ڪُتو نہ ماپندو ھو. ائين ئي ڏسندي ڏسندي ڪانئس چڱي صحبت ۽ چڱا ماڻھو ويا ڪٽبا. مطلبي ۽ لالچي ماڻھن جو گھيرو ويس مضبوط ۽ سوڙھو ٿيندو جي ڪيس ٻيا مختلف طريقن سان لٽيندا ۽ ڦريندا ھئا.

ھڪڙي ڀيري مون ڪيس چيو، ”ظفر تون ڪيڏو نہ اياڻو ٿي پيو آھين. علم ۽ عقل تي جڻ تالو ڏئي ڇڏيو اٿئي، تو پنھنجي علم، عزت، وقار، وقت ۽ پئسي جو تمام گھڻو زيان ڪيو آھي. زندگي برباد پيو ڪرين. امتحان ۾ ھر سال فيل پيو ٿئين. ان ماحول کي آخر ڇڏين ڇونہ ٿو. ڇا ڏنو آ تو ان ماحول ۾؟ ھزارن جو قرضي ٿي چڪو آھين، ڪنھن دوست کي منھن ڏيکارڻ جي قابل نہ رھيو آھين. ٻيو تہ تون شادي شده آھين. ان طرف بہ ڪجھہ ڌيان ڪر! پنھنجي ۽ پنھنجي خاندان جي زندگي چو ٿو تباھہ ڪرين. پنھنجي ٻچن لاءِ بہ تہ توکي ئي سوچڻو آھي نہ.... .“

ھو غور سان منھنجون ڳالھيون ٻڌي رھيو ھو. چيائين، ”تنھنجون سڀ نصيحتون بلڪل درست آھن. پر مان مجبور آھيان. منھنجي لاءِ تہ بس اِھا ئي زندگي آھي. مون کي ان کان دنيا جي

ڪا بہ طاقت روڪي نٿي سگهي. اسان جو رشتو صاف ۽ بي داغ آهي. مان ان لاءِ سڀڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اهي ئي منهنجي زندگيءَ جو سهارو ۽ مقصد آهن. مان انهن کي هرگز ڇڏي نٿو سگهان.“

ظفر اُن پيڙا ۾ جُواري، پتئي ۽ نشئي بڻجي سُرت ۽ ساڃاهہ وڃائي چڪو هو. سندس اهڙا اڻ وڻندڙ ۽ اخلاق کان ڪِريل لفظ ٻڌي مان سوچن جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويس. دل ئي دل ۾ چيم تہ، ”شخصي سچي محبت جي بينسريءَ جو مڌر آواز هن ڪائنات ۾ تمام گهٽو اڳ نڪتو هو. ان مان سوز ۽ سُرور جي سنگيت وڄندي هئي. پر اها برهہ ۽ بيراڳ جي بينسر گهڻو اڳ ڀڄي چڪي آهي. جڏهن انسانن مفادن جي هَوَسَ ۾ محبت جي مقدس رشتي جي آڙ ۾ قرلٽ ڪئي هئي. هڪٻئي سان مڪاريون ۽ منافقيون ڪيون. هڪٻئي جو خون وهايو هو. هي نفسانفسيءَ جو دور، پاءُ، پاءُ جي خون جو پياسو لڳو پيو آ، حقيقي رشتا ۽ ناتا پورَ پورَ پيا ٿين تہ ان سمي هي همراهہ ڪٿان مريخ يا زهري جي دنيا تان لڏي، سچي محبت پاڻ سان کڻي اسانکي تحفو ڏيارڻ آيا آهن. بهرحال، مون هاڻي ڪيس ڪجهہ چوڻ بند ڪري ڇڏيو هو. جيڪو روزانو ڪلاڪ ڪچهري ڪندو هو. سو هاڻي فقط ڪٿي واٽ ويندي ئي ملي سگهندو هو. رڳو عام ماڻهن جيان دعا سلام ٿيندي هئي نہ تہ مڙئي خير.... !

هڪ ڏينهن اوچتو ئي مان هڪ هوٽل تي چانهہ پيئڻ ويس تہ اتي اتفاق سان سندس لاڳيتا ٽي دوست جن ۾ اهو گورو پورو دلبر بہ هو. اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. هو مونکي ڏسي ڪجهہ ڪترائڻ ۽ لنوائڻ لڳا. ڄڻ تہ بهشت ۾ خچر پهچي ويو. هنن کي اها خبر هئي تہ مان ظفر کي انهن جي صحبت کان جهليندو هوس. مان سڌو سنئون سندن ٽيبل تي هليو آيس. ڪرسي سيري سندن سامهون رکيم. هو بي دِليئي سهي، پر چڱي نموني سان اچي مليا. ٻئري کي چانهہ جو آرڊر ڏنم. چانهہ آئي، چانهہ جو پهريون ڍڪ پيرڻ ڪانپوءِ ظفر جي پوري يار کي مخاطب ٿيندي چيم. .يار مونکي اوهان جو سخت افسوس آهي، جو اوهان ظفر کي سڌاري تہ نہ سگهيئو پر ايترو بگاڙيوس تہ نہ ها....! اڄ هُو اوهان جي سبب جي ڪري محتاج ۽ مفلوج ٿي چڪو آهي. سندس زندگي ڄڻ عذاب بڻجي وئي آهي.“

منهنجو ايترو چوڻ، پوءِ تہ ڄڻ ڪکر ۾ ڪڙو لڳي ويو. هڪ همراهہ ٺهڪ ڏيندي چيو. ان سان چڱائي ڪرڻ يا ان کي چڱائيءَ ڏسڻ ناممڪن آهي. اسان کي ڪو پنهنجو سکيو ستابو در بند ڪرڻو آهي ڇا...!“

مون چيو”اهو وري ڪيئن چڱائي تہ آخر چڱائي آهي.“

ظفر جي اصل دوست مشڪندي چيو ”ادا اسان کي خبر آهي تہ ظفر جي مٿان تنهنجا تمام وڏا احسان آهن. اهي احسان جي اسان سان ڪرين ها تہ هوندي سڄي عمر تنهنجا ڳڻ ڳايون ها. تنهنجو دَرُ هرگز ڪونہ ڇڏيون ها. ليڪن اسان کي اها بہ خبر آهي تہ توهان ظفر کي اسان کان روڪيو هو تہ هو اسان جي صحبت کان پاڻ کي دور ڪري، پر هُن اوهان جي ڪا بہ ڳالهہ ڪونہ مڃي،

بلڪ هو توهان جھڙي انسان سان سامهون ٿيو هو. تون اڄ بہ امتحان وٺي ڏس اسين رڳو ظفر کي حڪم ڪريون تہ هو وڏي ڪان وڏا رشتا بہ ٽوڙي ڇڏيندو. ڪيڏي بہ وڏي قرباني ڏئي ڇڏيندو، بلڪ اسان جي حڪم جي تعميل ضرور ڪندو. تہ پوءِ اهڙي انسان لاءِ اسان سان ڇوٽا ڦٽايو. اسين تہ ان ڪان بہ وڌيڪ اوهان جي عزت ۽ احترام ڪندا آهيون.“

ٽئين دوست وچ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ،”حرام جي ملڪيت اٿن، غريبن جو رت ٿا پيئن. انهن جا پيسا کائڻ واجب آهن.“

مون چيو”تہ پوءِ پلا ان کي ڇڏي ڇونہ ٿا ڏيو. جي هن جا سڄڻ آهيو تہ!؟“

ظفر جي اصلي يار چيو ”گهر ويٺي سٽيو گرهہ ملي تہ ان کي ڪير ڇڏيندو. هُو اسان جي پويان آهي، اسانکي ڳوليندو آهي. اسين ان جي پويان نہ لڳا آهيون.“

مون چيو”هُو اوهان جي پويان ڇو ٿو لڳي؟“

ظفر جي يار چيو”اُها هن جي مجبوري آهي. اسين مجبور ناهيون. باقي دنيا آهي مطلب ۽ مفادن جي جنهن جو مطلب هوندو تہ اهو ڳولي لهندو.“

”اسان جو بہ جڏهن ڪو مفاد هوندو آ تہ ضرور ڳولي لهندا آهيونس.“

مون چيو ”تنهنجي معنيٰ تہ ظفر جو اوهان تي ڪوبہ احسان ڪونهي؟“

”نہ بلڪل نہ! هن جو ڪوبہ ٿورو اسان تي ڪونهي. اسان لاءِ هن قرض ڪونہ ڪنيا آهن. هن جو ڪجهہ ڏنو آهي يا ڪارايو آهي، اهو سيڪجهہ پنهنجي مرضيءَ سان ۽ پنهنجي مجبوريءَ خاطر ڪيو آهي.“ انهن مان هڪ چيو.

”هو برابر اوهان تي مجبور آهي، پر ان لاءِ اوهان هاڻي هڪڙي قرباني ڪريو. هن جي مٿان تمام گهڻو قرض ٿي چڪو آهي. قرض وارن هن جو جيئڻ زهر ڪري ڇڏيو آهي. هو هاڻي ٻاهر گهمي ڦري بہ نٿو سگهي. اچو تہ سڀ گڏجي ڪجهہ پئسا گڏ ڪري سندس اها پريشاني دور ڪريون. يار ظفر ڏاڍو پريشان آهي.“ مون چيو.

ظفر جي اصل دوست چيو ”قرض اسان لاءِ تہ ڪونہ کنيو اٿئين. يا وري ڪو اسان چيو اٿس ڇا تہ وڃي قرض کڻ. اهو ان جو ذاتي مسئلو آهي. ان سان اسان جو ڇا وڃي. پاڻ ئي وڃي منهن ڏيندو.“

مون چيو ”ڇا ڪنهن مجبور انسان سان ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏيڻ يا همدردي ڪرڻ بُري ڳالهہ آهي؟“

دوست چيو”ها، اهڙن ماڻهن سان چڱائي ڪرڻ، جيڪي چڱائيءَ وارن سان بُرو سلوڪ ڪن ۽ بُرائيءَ وارن جا پير مهٽيندا وتن، حماقت ۽ ناداني‌ءَ کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ان جو زنده ثبوت ۽ پختو دليل توهان سامهون ويٺا آهيو.“

مان اٿيس ڪائونٽر تي اچي چانهہ جا پئسہ ڏنم. هنن همراهن جا خيال ذهن تي هٿوڙا هڻڻ لڳا.

اڳتي هلي معلوم ٿيو ته ظفر برابر مجبور هو. هن کي هڪ مجبوري هئي. برابر هم جنس پرستي هڪ وڏو عذاب آهي. محبت جي مقدس جذبي سان ڪيڏي وڏي مذاق آهي. ماڻهو پنهنجي نفسياتي جبلتن ۽ خواهشن کي محبت جو نانءُ ڏئي مختلف سٽن نالن ۽ رشتن جا پوش پهرائي بدنام ڪن ٿا.

اهڙيءَ طرح ڪاليجي لائيف مان گذري آياسين. مونکي هاڻي نوڪري ملي چڪي هئي. برابر، انسان ويچارو ڪيترو مجبور آهي. ڪيترو چالاڪ ۽ تاڪائو آهي.!؟

**

# ” ايڪسيڊنٽ “

اڄ صبح سوير کان ئي صابر جي مزاج ۾ فطري طور تي هڪ جنبش ۽ ڪيفيت طاري ٿي چڪي هئي. سندس طبيت ۾ اڄ الائي ڇو اوچتو ئي سنجيدگي ۽ گنڀيرائي محسوس ٿي رهي هئي. هن پاڻ کي ڪنهن اوپريءَ جاءِ تي محسوس ٿي ڪيو. خير، هو گهر کان نڪري بس اسٽاپ تي پهتو. بس اسٽاپ تان هڪ عورت بہ ساڻيءَ بس ۾ سوار ٿي. لڳو پئي جڻ ڪيس ڪا سروس هئي، صابر جي اوچتو ئي مٿس نگاهہ پئجي ويئي. سندس چهرو گلابي گل جيان هو مٿي تي ڦڪين چوڪڙين سان ڪارو رئو هوس جيڪو سندس گهنڊيدار زلفن کي ڍڪي رهيو هو. ڳلن جي ٻنهي پاسن کان ڏلفن جون چند سونهري چمڪندڙ ڇڳون سندس منهن تي پئي لٽڪيون. سندس هڪ هٿ ۾ سوني منڊي بنا ٻُڙن جي پاتل هئي. منڊيءَ جي رنگ ۽ سندس آڱر جي رنگ ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هو. هن منڊيءَ کي تڏهن محسوس ڪيو جڏهن سندس نظر منڊيءَ جي ڳن تي پئي. صابر کي ان جون ادائون بار بار ڇٽينديون رهيون.

صابر هن کي پنڊ پاهڻ بڻجي ٽِڪَ ٻڌي گهوريندو رهيو. هوءَ بہ صابر کي رکي رکي پيار ڀرين نيڻن سان اکيون هيٺ کان مٿي ڪري گهوريندي رهي ۽ نظرن جا تير وهائيندي رهي. جيئن ڪو پاڻيءَ جو پياسو پاڻيءَ جو چشمو تڪيندو هجي. بس ۾ پيهہ هئي. ماڻهو جڏهن وچ ۾ ديوار بڻجي پئي ويا تہ هن رش جو بهانو ڪري پوئتي مُڙي ڏسي ٿي ورتو. جيڪو ڪيس ڇتيءَ طرح ڏسي رهيو هو ۽ هوءَ پڻ. صابر پيار جي درياهہ ۾ غوطا کائي رهيو هو. سندس سوچون هڪ جاءِ تي ٽِڪَ ٻڌي بيهي رهيون هيون تہ اوچتو ئي ڊرائيور بريڪ هڻي گاڏيءَ کي بيهاريو. صاحب جي لهڻ جو اسٽاپ اچي ويو. ليڪن سندس پيار کي اجا اڳتي وڃڻو هو. صابر نہ چاهيندي بہ اتڪي اتڪي بس تان لهڻ لڳو.

سندس سوچون سرحدن جي پولار ۾ هوا جي آڌار تي گشت ڪري رهيون هيون. سندس جسم جڻ بيجان هو. اڄ سندس دل ۾ طبلن جي تال وڄڻ لڳي. سندس زندگيءَ ۾ هڪ انقلاب برپا ٿي چڪو هو. هلندي هلندي سندس ڄنگهون وچڙي ٿي پيون. وري سنڀالي ٿي ورتائين. هو هيڏي ساري سماج ۾ جڻ اڪيلو ۽ اداس هو.

آفيس ۾ پهتو تہ اڄ ان ۾ اها شوخي، چنچلائپ ۽ حرڪت ڪونہ هئي. آفيس وارن ڦريون ڀيرو هن کي ايترو تبديل ٿيندي ڏٺو هو. هن جي هڪ حجتي دوست کيس چيو تہ، ”صابر، ڇو اڄ ٻارهن وڃايو ويٺو آهين؟“، ”اڄ ڀلا ڪنهن پريءَ جو پاڇو پيو اٿئي ڇا؟ جو صفا پنڊ پاهڻ لڳو پيو آهين.“

”ها، بس ائين ئي سمجهہ.“ هن سنجيدگيءَ سان چيو.

”تہ پوءِ ٻڌاءِ ڀلا تہ هلي ڪنهن مامي ديوَ جو پاسو وٺون. دوستن لاءِ سِرُ بہ حاضر آهي.

”نہ يار، ديوَن جي وري ڪٿي ٿي دال ڳري، هي تہ ديون کي بہ ڏيِ ڦڻائي ٿيون ڇڏين، هتي ديوَ نہ پر

دليون ڪپن.“ صابر چيو.

”تہ پوءِ گهڻيون دليون ڪپنئي، هڪ، بہ، تي ٻڌاءِ دوست!“

”نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي. بس اڄ مٽي ۾ ڪجهہ ويڳ ٿي پيو آهي. تنهن ڪري ڳالهہ ڪونہ ٿي وڻي.“ صابر چيو.

”ها، اهو تہ مان بہ سمجهي ويس تہ هاڻي اهو ويڳ ۽ روڳ تہ توکي ڇڏيندو ئي ڪونہ. ڇڏ بابا، اجايو ٿو نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهين. جتان ڪو بچيو ئي ڪونهي.“ دوست چيو.

”نہ يار! تون غلط تاثر نہ وٺ، مونکي آهي  مٽي ۾ سور تہ تون وچي هُن پِرِ نڪتو آهين.“ صابر چيو.

”نہ بابا نہ! مان اتي ئي ٿو بيهان الله جي آسري تون ئي سڙہ سنيالي هُن پر هليو وڃ، پر مان چوانءِ ٿو تہ ٻيلي واٽ تي ڏاڍا ڪُنَ اٿئي. وڏا وڏا مَڇَ ۽ مانگر، واڳون، سيسر، وات ڦاڙيون ويٺا اٿئي. تنهنڪري ٻيڙيءَ کي مڙئي هلائجانءِ خيال سان.“ دوست طنزيہ انداز ۾ چيو.

آفيس جو ٽائيم ختم ٿي ويو تہ يادن جو سلسلو تيز ٿيندو ويو. صابر بس ۾ واپس ڳوٺ اچي رهيو هو. بس اسٽاپ ڪيو. صابر ڪنڌ هيٺ ڪيو ٿيڙ ڪائيندو سڌو ئي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ليٽي پيو. جيڪو سندس روزانہ دستور جي خلاف هو. اڳ ايندو هو تہ ٻارن ٻچن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ شيون وٺيون ايندو هو. در ٽپڻ سان ئي سڄو گهر ٻهڪڻ لڳندو هو.

ننڍڙن ٻارن سان خيچلون ۽ حرڪتون ڪري ڪُڏائي ڪُڏائي پوءِ ڪمري ۾ وڃي ماني کائيندو هو. ليڪن اڄ اهو سڀ ڪجهہ ڪونہ ٿيو. هو ايندي ئي بستري تي ليٽي پيو. ڪڏهن هِن پاسي ڪڏهن هُن پاسي لـُڇ ۽ بيقراريءَ ۾ پاسا بدلائيندو رهيو هن جي ننڍڙي ڀيڻ سَني، جنهن سان هو روزانو ڪل مذاق ڪندو هو ڪمري ۾ گهڙي آئي.

چيائينس تہ ”ڇو ادا اڄ ڏاڍو مايوس ۽ پريشان پيو لڳين....! طبيعت ٺيڪ نہ اٿئي ڇا؟“ سنيءَ چيو.

صابر ڪنڌ ورائي ڏٺو وري پاسو ورائي ليٽي پيو. ڪو بہ جواب نہ ڏنائين.

”ڇو ادا مان توسان ٿي ڳالهايان يا ڀتين سان. ٿيو ڇا اٿئي؟ ٻڌائين ڇو نہ ٿو؟“ سنيءَ چيو.

ننڍڙيءَ سنيءَ جي انهن لفظن تي صابر کي منهن تي مرڪ اچي وئي ۽ چيائين تہ، ”ها ادي ڪنهن پريءَ جو پاڇو پيو آهي.“

”ادا جائي چڙُہ، سچ ٿو چوين. ادا جيجڙا تہ پوءِ انهيءَ پريءَ جي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ نہ، مونکي پرين ۽ ديوَن جون ڳالهيون ڏاڍو وڻنديون آهن.“ سَنيءَ چيو.

”ڳالهہ اجا هاڻي شروع ٿي آهي، پوري ٿئي تہ ٻڌائيندو سانءِ، ڇڱو هاڻي ٻاهر وڃ. صابر چيو.

”ادا ماني کٽي اچان....؟“ سنيءَ پڇيو.

”نہ!“ صابر چيو

”نہ وري ڪيئن سچو ڏينهن بک مرندين ڇا. ڪٽي ٿي اچان، ٻہ-ٽي گرهہ تہ کاءُ. ڳالهہ ڪٽي نہ ٻڌائجانءِ.“ سَنيءَ چيو.

ننڍڙي سني ماني ڪٽي آئي، صابر ٻہ گرهہ مانيءَ جا کائي وري ساڳيءَ حالت ۾ ليٽي پيو. سڄي رات انتظار ۽ بيقراريءَ ۾ پاسا ورائيندي، تصور ڦيرائي ڪنهن رات ڪيس ننڊ اچي ويئي. صبح جو سوير اٿي حسب دستور نيرن ڪري ڊيوٽيءَ لا تيار ٿي ساڳي بس اسٽاپ تي آيو. ان وقت صابر جي حيرت جي ڪا حد ئي نہ رهي جڏهن اها ساڳي دوشيزه بہ اچي ساڳئي بس ۾ سوار ٿي. جنهن صابر کي سڄي رات بيقرار ڪيو هو. هُن صابر کي ڏسي هلڪي گلابي رنگ ۾ مشڪي ڏنو. صابر جي دل ۾ پيار جو سمنڊ اٿلي پيو.

هاڻي صابر جي دل ۾ اهي سوال ايرڻ لڳا تہ هوءَ آخرڪار ڇا آهي؟ ۽ ڪيڏانهن پئي وڃي؟ صابر انهن سوالن جا جواب معلوم ڪرڻ چاهيا پئي. هوڏانهن وري اُن حسينہ جي دل ۾ بہ نينهن جا نيشہ ايرڻ لڳا هئا. هوءَ بہ پنهنجي ذهن ۾ ڪيئي سوال پيدا ڪري رهي هئي. آخر ان جوان سان منهنجو ڪهڙو رشتو آهي، جو اُن ڏانهن دل کي ايتري ڇڪ ٿي پئي آهي. خير، مرد وري بہ مرد آهن. هُو تہ عورت کي فقط پنهنجن اشارن تي هلائڻ جا عادي آهن. پنهنجي حَوَس جا پوڄاري آهن. انهن هر دور ۾ عورت کي غلام ۽ قربانيءَ جو ٻڪرو بڻائي ان کي استعمال ڪيو آهي. انهن تي ڇو ٿي سوچيان. ان مان مون کي ڇا ملندو؟ پر آخرڪار هُن جا تصور ۽ نقش دل تان مٽجن ڇونہ ٿا؟ جيئن پوءِ تيئن هنجي ذهن ۾ احساس ۽ جذبا پختا ٿيندا ويا. ڪڏهن سنجيدگيءَ تہ ڪڏهن بي نيازي، ڪڏهن شوخي تہ ڪڏهن نرمي. اهو سلسلو هلندو رهيو.

محبتن جون تارو ڪنهن سُريلي سنگيت جو گيت آلاپڻ واريون هيون. جيڪو گيت زمان ۽ مڪان جي سرحدن کان مٿانهون آهي. هي اهو امر ۽ مڌر گيت آهي جنهن کي دنيا جي هر ٻولي ڳالهائيندڙ انسان پنهنجي مادري زبان جيان پنهنجو سمجهي ٿو.

صابر سوچيو هو تہ هُو اڄ ان عورت جي منزل کي معلوم ڪندو. سو پنهنجي اسٽاپ تي ڪونہ لٿو. اٽڪل ڏهہ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ٻيو اسٽاپ آيو. بس کي بريڪ لڳي. عورت انهيءَ اسٽاپ تي لٿي، صابر بہ لٿو. عورت کي لهندو ڏسي گهبرائجي وئي. ڪجهہ وقت خاموش رهڻ بعد آهستي آهستي هلڻ لڳي، خيالن، خوفن ۽ تصورن جي وسڪاري ۾. جڏهن ڪجهہ پنڌ اڳتي هلي تہ صابر بہ سندس پويان پويان هلڻ لڳو. جيئن ڪو تاڪي نہ وٺي. هوءَ اڳتي هلي هڪ دفتر ۾ هلي وئي. صابر اتي ڪنهن کان معلوم ڪيو تہ ڪيس پتو پيو تہ هوءَ اتي ان دفتر ۾ سروس ڪري رهي هئي. صابر سوچيو تہ ڇونہ اڄ ئي محبت جو اظهار ڪري ڇڏجي. آفيس جي سامهون هڪ گهٽي هئي. گهٽيءَ جي هن پاسي هڪ ننڍڙو باغيچو هو. صابر ان ۾ اوبرن جيان ٽهلي رهيو هو. وري ڪجهہ وقت لاءِ

شهر ڏانهن ٿي ويو. چانهه پي وري واپس باغيچي ۾ ٿي اچي وينو. هن شهر مان هڪ ”ڪاوش اخبار“ ورتي، ”ڪاوش مئگزين“ ۾ ”اعجاز منگي“ جو ناول ”روماسا جو خواب“ غور سان پڙهي رهيو هو. جيستائين جو آفيس جو وقت پورو ٿئي. آفيس جو وقت پورو ٿيو آفيس جا ماڻهو آفيس مان نڪرڻ لڳا. ايتري ۾ هوءَ به چنڊ جهڙو چهرو، هڪ هٿ ۾ پرس ۽ ڪجهه ڪاغذ هٿس ڊيل جيان وڪون کڻندي بس اسٽاپ ڏانهن هلڻ لڳي. صابر به اڪ ٽيٽ ڪندو آهستي آهستي هن جي پويان هلڻ لڳو. هوءَ سڌي بس اسٽاپ واري مسافرخاني جي سامهون نِم جي وڻ جي گهاٽي ڇانوَ ۾ بيهي بس جو انتظار ڪرڻ لڳي. صابر به ٿورو پاسي تي ان جي سامهون ٿي بيهي رهيو. محبت جي اظهار لاءِ صابر لاءِ اهو سونهري موقعو هو. محبت ۾ لفظن جو سهارو نه وٺڻ چاهيندي به سندس پيمانو لبريز ٿي چڪو هو. محبت جي پياس جا پياسا لبَ سامهون حسن جو مهراڻ موج ۾ ڏسي چاه جي چُڪي پيئڻ لاءِ بيقرار هئا. محبت اٿل کائڻ واري هئي، مگر لبن جا ڪنارا خشڪ ٿي ويا هئا. الفاظ اُڪلي نه پيا سگهن.

صابر مٿان هڪ پيار جي هيبت ۽ پيو انهيءَ ڪشمڪش ۾ ته پيار جي اظهار جي شروعات ڪيئن ۽ ڪٿان ڪجي؟

صابر پهرئين پيار ڪي پائڻ جو پڪو پههُ ڪري ڇڏيو هو. هن جي ڳالهيون ٿَلي ڇڏيون هيون ته ملاقات ٿي ته هيئن چوندس. هونئن چوندس. پر جڏهن پيار سامهون آيو ته ڄڻ سڀ ڪجهه وسري ويس. جيئن لطيف فرمايو آهي ته:

چيتاري چوندياس، ڳالهيون ڪي سڄڻين،
جُهُ منهن مقابل ٿياس، ته سڀ وڃينم وسري.

آخر صابر دل جهلي اڳتي وڌيو. محبت جي قوت مٿس حاوي ٿي وئي، اڳتي وڌي صابر هن کان نالو پڇيو. نالي پڇڻ تي هن شوخ نظرن سان ڪجهه پل صابر کي گهوريندي رهي. وري کٽي ڪنڌ هيٺ ڪيائين. صابر جي ٻيهر نالي پڇڻ تي هن چيو ته ”تون ڪير آهين. منهنجي نالي سان تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟“

صابر گهڙيءَ کن لاءِ خاموش ٿي سوچڻ لڳو ته ان جو ڪهڙو جواب ڏيان، نه ڄاڻ نه سڃاڻ. نه مِٽي نه مائٽي. پر وري سوچڻ لڳو ته منهنجو هن سان اهڙ رشتو جُڙي پيو آهي، جيڪو دنيا جي سڀني ناتن کان وڌيڪ بهتر ۽ طاقتور رشتو آهي. ها، اهو محبت جو رشتو!

صابر چيو ته،”مان ٻيو ته ڪجهه به نه آهيان محبت جو هڪ نمونو آهيان. توکان محبت جي صدا هٿي محبت وٺڻ آيو آهيان. باقي ماڻهو مونکي صابر چوندا آهن.

پياري، اها محبت جيڪا ڏيندي به محبت آهي ۽ وٺندي به محبت آهي. مان توکي ائين ڪونه ٿو چوان ته منهنجي دل ۾ تو لاءِ محبت آهي. جو محبت ايترو مجبور نه ٿيندي آ ۽ نه وري محبت کي ڪنهن جي ضرورت ئي هوندي آهي. بلڪ مان ته ائين ٿو چوان ته مان محبت جي دل ۾

آهيان.جيڪو محبت جو قدر بہ آهي. يعني مان تنهنجي دل ۾ آهيان.

پياري، سارنگيءَ جي تار جو هڪ ڇيڙو تنهنجي هٿ ۾ ۽ ٻيو منهنجي دل ۾ آهي. جڏهن ان تي حسن جو هٿ لڳندو تہ ان مان محبت جو اهڙو گيت جنم وٺندو جنهن سان هيءَ سموري ڪائنات جهومڻ لڳندي. هوائن کي ان گيت جي ترنم ۽ موسيقيءَ جو انتظار آهي. باک جي هير کي ان سنگيت جو اوسيئڙو آهي. جيڪو سُرُ هن سارنگيءَ مان سرجندو جنهن سان گلن ۾ نئين تازگي ۽ توانائي ايندي. محبت اهو گيت آهي، جيڪو هوائن جي آڌار ۽ رخ جو محتاج نہ هوندو آهي. بلڪ هوائن کي پنهنجي آڌار تي نچائيندو آهي.محبت ڪا هٿ جي مٺائي ڪونهي، جنهن کي هرڪو وٺي کائي ڇڏي. هيءَ اها امانت آهي، جيڪا ازل کان محفوظ هوندي آهي. ڪنهن مناسب وقت ۽ حالتن جي انتظار ۾ هوندي آهي. جڏهن حالتون موافق ۽ سڀ جهڙيون ٽٻيون آهن، تڏهن ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي اها امانت مالڪن ڏانهن منتقل ٿيندي آهي. اڄ ان ازلي خوشيءَ سان جهول جهلڻ گهرجن، ڪٿي اها محبت جي امانت اسان کان رُسي هلي نہ وڃي ۽ پوءِ اسين هميشہ لاءِ طوفانن ۽ سيلابن جا محتاج بڻجي انهن سان گڏ گهلبا ۽ رهڙبا رهون. ڇو تہ محبت احساس ۽ جذبو ئي نہ آهي، بلڪ ان ۾ وزن ۽ تحرڪ، قوت ۽ توانائي بہ آهي.

هُو ڏس! هوڏانهن پکين جون منيون منيون لاتيون، سرنهہ جي تارين ۾ پاپڙن جي سنگيت جا منڙا منڙا سُرَ. هوا جي آڌار تي، پاٽيءَ ۾ ٿيندڙ لهرن، وڻن جو جهومڻ، ڌرتيءَ جي خوشبوءِ، اهي سڀ ڇا ٿا ڪن؟

اهي سڀ محبت جا گيت ڳائي سندس آجيان لاءِ منتظر آهن. محبت جي سنگيت سان ئي هن ڪائنات جو وجود باقي آهي. محبت ئي ڪائنات جي تخليق ۽ تعمير آهي. ڇا محبت جي ان ازلي رشتي کان انڪار ڪري سگهندينءَ؟ نہ! محبت کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگهندو. اڄ تہ تون ۽ مان بہ محبت جي دل ۾ ائين سميٽجي وڃون، جيئن ڪا لهر سمنڊ ۾ سمائجي ويندي آهي. جيئن سج جا ڪرڻا ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي گل ۽ ٻوٽا پيدا ڪندا آهن. اڄ تہ تون ۽ مان ڪوئل جي ڪوڪ بڻجي وڃون، جنهن جي ويراڳ واري ڪوڪ هر مَنَ کي موهي وجهندي آهي.“

صابر سمنڊ جيان اُٿلي پيو هو. هوءَ نهايت غور سان سڀ ڪجهہ ٻُڌي رهي هئي. هنجو هرهڪ جملو سندس روح تائين پهچي ٿي ويو. جڏهن صابر ڳالهائڻ کان بس ڪئي، تڏهن هُن ٿڌو ساهہ کڻندي چيو تہ ”صابر تو جو ڪجهہ چيو اهو الفاظن جي روپ ۾ سڀ ڪجهہ سچ آهي. محبت برابر اٽوٽ رشتو بہ آهي تہ طاقتور هٿيار بہ آهي. پر محبت جي آڙيءِ هام ۾ اهي سڀ الفاظن جا ڏنگ ۽ جادو آهي. ماڻهن کي قيد ڪرڻ جو هڪ منطقي طريقو آهي. اهي فقط عقل کي ڪوڙا دلاسا آهن. اهي الفاظ فقط دونهي جا ڦُلا آهن، جيڪي نہ اکين کي راحت ٿا ڏين ۽ نہ روح کي قرار ٿا بخشين. اهي تہ محض سونهري رنگن ۾ زنجيرون آهن.

سونن ڏاڳن جي روپ ۾ ڪوڙڪيون ۽ ڏيپيون آهن. هن ڪي انسان پنهنجي چالاڪيءَ ۽ فنڪاريءَ سان استعمال ڪري پنهنجيءَ ئي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهي ٿو ڇڏي. مردن جي دل ۾ هڪ هوندي آهي ۽ زبان ۾ ٻي. اهي عورت جي آزاديءَ جون وڏيون هامون هڻندا آهن، پر جڏهن سندن ذاتي معاملو ايندو آهي تہ پاڻ بذات خود اهڙا ئي ڊڪٽيٽر ۽ اناپرست بڻجي ويندا آهن. اهي عورت ڪي آزادي ڏيڻ هرگز پسند نہ ڪندا آهن. عورت ڪي ڪڏهن بہ اظهار جي آزادي نہ ڏيندا آهن. مرد هميشہ عورت ڪي پنهنجي مرضيءَ ۽ اشارن تي هلائڻ چاهيندا آهن.“

”صابر! ڇا اهي حقيقتون نہ آهن؟“

صابر چيو ”ها، پياري، تنهنجا دليل سؤ سيڪڙو حقيقت آهن، ليڪن ياد رک تہ اهي وحشي صفت انسان هَوَس جا غلام محبت جي مقدس نانءَ ڪي محبت جو نالو ڏئي داغدار ڪندا آهن. اهي جسمن ۽ سڪن تي وڪامجي ويندا آهن. اهڙا شخص محبت جي هن ڪائنات ۾ بدنما داغ ـ ڪوڙهہ ڪينسر جا مرض ۽ ڊوڙيو آهن. ليڪن محبت زنده آهي. ان ڪي ڪابہ فنا ڪونهي. محبت اهو تصور آهي جيڪو انسان جي سمجهہ ۽ شعور جون اکيون کولي ڇڏيندو آهي. هن جي خيال ۾ بلندي ۽ فڪر ۾ گهرائي هوندي آهي. پوءِ زندگي اسان ڪي گيتن ۾ ويڙهيل رنگين دائرن ۽ پولارن وچ ۾ بيٺل نظر ايندي آهي. محبت اهو پنيٺ آهي، جيڪو دنيا جي مختلف ريتن ۽ رسمن ڪي ڪک پن جيان جلائي رک ڪري ڇڏيندو آهي. انسان پوءِ هر اُن انسان کان نفرت ڪندو آهي، جنهن سندس زنگيءَ جي مقصد واري راز ڪي نہ سمجهيو. بلڪ ان تي ٺٺوليون ۽ چٽرون ڪيون هونديون. يا اهڙيون حالتون پيدا ڪيون هونديون جيڪي ڪيس ان منزل تائين پهچڻ کان اڳ ئي تباهہ ڪري ڇڏين.

پياري، مون جو ڪجهہ چيو آهي سو محبت جي زبان سان چيو آهي. ان جي حڪم سان چيو آهي. ڇا اجا توکي منهنجي محبت تي گمان آهي؟ پياري، آزادي انسان جو فطري حق آهي. هو آزاد ڄائو آهي، تون پنهنجي فيصلي ۽ راءِ رکڻ ۾ بلڪ آزاد آهين. مان ڪڏهن بہ تنهنجي آزاديءَ ۾ دخل ڪونہ ڏيندس.“

هن تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي چڪي هئي. ٻڏتر واري حالت ۾ مبتلا هئي. هوءَ الفاظن جي جادوگري ۽ حرفت کان ڇڱيءَ ريت واقف هئي. روڊ جي مٿان بيٺا هئا، ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي پر هنن ڪي انهن جي تاثرات جو ڪوبہ خيال ڪونہ ٿي ٿيو. هوءَ مشڪڻ لڳي ۽ صابر ڪي چيائين تہ توکي سياڻي زندگيءَ جو جواب ملي ويندو. اجوڪي رات سوچڻ ڏي. ايتري ۾ بس آئي، ٻئي ڄڻا بس ۾ چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن موٽي آيا.

صابر ڏاڍو خوش پئي لڳو ڇو تہ هن ڪي هاڻي پيار جي پڪ ٿي چڪي هئي. گهر اچي ساڳئي انداز سان ڪل مذاق ڪرڻ لڳو. ماني ڪائي ڪٽ تي ليٽي پيو ڇو تہ وري ڪيس سڀاڻي جو انتظار هو.

جهڙيءَ طرح ڪيسَ جي ڪاروائي هلي هئي ته ان مان ڪيس ڪٽڻ جو روشن امڪان موجود هو.

شام ٿي ته ننڍڙو سارنگ ڊوڙندو آيو ۽ صابر کي چيائين ته ”پاڻ توهان کي ٻاهر شاهد ٿو سڏي.“

صابر ٻاهر نڪري آيو. اوطاق جو دروازو کولي شاهد کي اتي ويهاريائين.

شاهد چيو ”ڪر خبر دوست ڪاميابي ٿي يا نه؟“ صابر واڻڙو ٿي ويو ته شاهد ڇا پيو چوي.

شاهد چيو ته،”پُٽَ نَٽُ نٽاءُ نه ڪر، مون سپ ڪجهه اکين سان ڏٺو آهي هاڻي ڏڏڙ ۾ پيرن هڻن سان ڪجهه ڪونه ورندءِ.“

صابر چيو ته، ”شاهد، سمجهه ۾ نه پيو اچي ته تون ڇا پيو چوين؟“

شاهد چيو ته،”ها سائين عشق جي نشي ۾ ڪٿي ٿو ڪنهن کي ڏسي سگهين. منهنجو مطلب آهي ته روڊ تي جنهن حسينا سان رهاڻيون پئي ڪيئي. ان مان ڇا حاصل ڪيئي؟ مون ان وقت موٽر سائيل تي اتان ڪراس ڪيو هو. پر مجال جو ڪنهن ڏانهن اک کڻي به ڏسو! ها نيٺ ڇا ٿيو؟“

صابر هَڪو ٻَڪو ٿيندي چيو ته، ”شاهد مون هن کي سڀڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي. هن سڀاڻي جواب ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي. مون به پتو ته صحيح اچليو آهي.“

شاهد چيو ”بس ڪم ٿي ويو. اڳواٽ ئي مبارڪ هجئي.“

صابر چيو”اهو وري ڪيئن توکي ڪهڙو الهام ٿيو ته ڪم ٿي ويو.“

”صابر، اهو منهنجو تجربو آهي ته جنهن عورت نرم رويو ظاهر ڪيو، سمجهه ته ڪم ٿي ويو. رات آرام سان ننڊ ڪجانءِ، سڀاڻي مٺائي گڏجي کائينداسين.“

”پر نالو ڇا اٿس؟“ شاهد چيو.

صابر چيو“ ”نالو جميله اٿس.“

”ته پوءِ بس جميله تنهنجي آهي.“ شاهد چيو.

شاهد موڪلائي هليو ويو. رات پنهنجا پَرَ پکيڙڻ لڳي. سج الوداع چئي هليو ويو. رات جو صابر سمجهڻ وقت جميله جا تصور پچائيندو رهيو پچائيندي پچائيندي ڪيس ننڊ اچي وئي. خواب ۾ ڏسي ٿو ته جميله سندس گهر آئي آهي. سندس سيرانديءَ کان اچي ويٺي آهي. چئي رهي آهي ته، ”صابر تون ڪيڏو نه ضدي انسان آهين، نيٺ تو پنهنجي پيار جي ڄار ۾ ڦاسائي وڌو.“ مون کان ته تو ننڊ ئي کسي ڇڏي آهي. تنهنجي ادائن مونکي گهائل ڪري رهيو آهي. تنهنجي پيار ۾ ايڏي گهرائي آهي جو مان جاچيندي به جاچي نٿي سگهان.

جيئن جيئن سوچيان ته گهرائي تيئن تيئن گهري ٿيندي ٿي وڃي. تنهنجي اکين ۾ پيار جو سمنڊ ڇوليون هڻندي ڏسي رهي آهيان، جنهن جي ڪناري تي منهنجو پير ترڪي ٿو پوي، هوائون جڏهن ڇولين ۽ ويرين سان گڏجي ٿيون وڃن ته هڪ نغمو جنم وٺي ٿو. ان نغمي جي آلاپ تي سمونڊ جون ازدهائون به پنهنجا سيس نمايو بيٺيون آهن.“

ايتري ۾ سپنو ٽٽي پيو. صابر ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. جو ٻليءَ مٿان روشندان مان هيٺ ٽپو ڏنو هو. صابر دروازو کولي ٻاهر آيو ته صبح جي ٿڌڙي هير گُهلي رهي هئي. هو گهر جي اڱڻ تي ٽهلڻ لڳو. گهر جا ڀاتي ڪيس ايترو سويل جاڳيل ڏسي حيران ٿي ويا ته جيڪو نائين وڳي کان اڳ اٿڻ وارو ئي نه. سو اڄ ايترو ساجهر ڪيئن اٿيو آهي.

ان ڏينهن صابر پنهنجي آفيس ڏانهن موڪل لکي موڪلي ته سندس طبيعت ٺيڪ نه آهي، جنهن ڪري ڊيوٽيءَ تي اچي نٿو سگهي. بس جي ٽائيم تي هو بس اسٽاپ تي ويو. اها خاطري ڪرڻ ته هوءَ ڊيوٽيءَ تي وئي يا نه. هن ڏٺو ته هوءَ ساڳئي ٽائيم تي ساڳيءَ بس ۾ اچي سوار ٿي. صابر کي ڏسي مشڪڻ لڳي. هن سوچيو ته شايد هُو به هن بس ۾ چڙهندو. پر صابر سوچيو ته، هوهينئر وچي خواه مخواه ڇا ڪندو. تنهنڪري موڪل ٽائيم تي وچي انتظار ڪبو. ساڍي ٻارهين وڳي صابر هڪ موٽر سائيڪل تي سوار ٿي منزل طرف روانو ٿيو.

ڦيس کي موڪل ٿي ته جميله بس جي انتظار لاءِ بس اسٽاپ تي آئي جتي صابر اڳ ئي سندس انتظار ۾ بيٺو هو. جميله صابر کي ڏسي مرڪي ڏنو ۽ چيو ته، ”صابر تنهنجا چيل موتين جهڙا لفظ سڄي رات منهنجي چوگرد ڦرندا رهيا جن منهنجي دل ڪٺي ورتي. تنهنجي الفاظن ۾ خبر ناهي ڪهڙو جادو ۽ اسرار آهي جو گهڙيءَ ۾ پنهنجو ڪري وڌءِ.“

صابر چيو ”نه جميله اهو منهنجي پيار ۽ سچائيءَ جو ثبوت آهي.“

جميله چيو ته، ”صابر اڄ کان وٺي تون ۽ مان هڪ آهيون. ٻه جسم هڪ جان آهيون. دنيا جي ڪابه طاقت اسان کي الڳ ڪري نٿي سگهي.“

هاڻي آهستي آهستي پيار جي خوشبوءِ ڦهلجندي رهي. پيار تي جيترا پهرا ڏبا آهن ته پيار اوترو ئي تيزيءَ ۽ توانائيءَ سان وڌندو آهي.

جميله جنهن شهر ۾ ڊيوٽي ڪندي هئي. ان ڳوٺ ۾ به ”چئون پچئون“ شروع ٿي وئي. جا بجاءِ پيار جو چوٻول چالو ٿي ويو. طرح طرح جون چمگويون ٿيڻ لڳيون. اوطاقن ۽ اوتارن ۾ جميله موضوع بڻجي چڪي هئي. ماڻهو ميڙ ناهي چوڻ لڳا ته ”جميله هڪ بدچال ۽ گندي عورت آهي. هڪ ڌاريئي ماڻهوءَ سان پيار ڪري ٿي. اها ڳالهه اسان سڀني ڳوٺ وارن لاءِ عزت جو مسئلو آهي. اسان اهڙيون حرڪتون ۽ چڙواڳيون پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿيڻ ڪونه ڏينداسين.“

ڪي وري چوڻ لڳا ته، ”اڙي دير ڇاجي آهي، جيئن سندس يار اچي ته بس ڏنڊا هڻي ڊاهي ٽا وجهؤنس. اسان جي ڳوٺ ۾ اچي ٿو لئه ڪري، ڇا اسان وري ڪي ڀاڙيا آهيون ڇا؟!“

ڪي وري چوڻ لڳا ته،”اڙي سڀئي ڳوٺ وارا گڏجي ٿا هلئون جميله جي وڏي آفيسر وٽ. ان کي هلي ٿا جميله جا ڪرتوت ٻڌايون. پاڻهي اهو سيڪٽ ڏيندس. يا ته نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندس يا بدلي ڪري ڇڏيندس. باقي ڇوري جو ته ضرور مٿو ڦاڙينداسين.“

هڪ ڏينهن سيئي ڳوٺ وارا گڏجي هڪ وڏو ميڙ ٺاهي جميل جي آفيس ۾ آيا، آفيس وارا گهبرائجي ويا ته اچ هيڏو سارو جلوس ڇو آيو آهي. سيئي ٻاهر نڪري آيا. جلوس وارن جي اڳواڻن چيو ته،"اسان کي اوهان جي وڏي صاحب سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي. ان کي اطلاع ڪريو. وڏي صاحب کي جلوس بابت ٻڌايو ويو. جميل به اتي ويٺي هئي. جلوس وارن وڏي آواز سان ڪاوڙيل انداز ۾ پرجوش ٿيندي چيو ته، "پري ڪيو ان واهيات ۽ بدڪردار عورت کي، اسان انکي هرگز ڏسڻ پسند ڪونه ٿا ڪريون. اها عورت اسان جي ڳوٺ تي هڪ داغ آهي."

ايتري ۾ وڏو صاحب به هجوم جي سامهون اچي ويو. هجوم وارن کان پڇڻ لڳو ته "ڇا مسئلو آهي؟"

ڳوٺاڻن چيو"صاحب، ڳالهه اها آهي ته اوهان جي آفيس ۾ جميل نالي جيڪا عورت آهي. اها انتهائي بدچال، لفنگي ۽ بدڪردار عورت آهي. اسان جي ڳوٺ ۾ اچي ڌارين ماڻهن سان عشق لڙايو اٿئين. اها ڳالهه اسان جي عزت جي خلاف آهي. اها بيعزتي اسان ڪڏهن به برداشت ڪونه ڪنداسين. اها عورت سان جي ڳوٺ مٿان ناسور آهي. ان جو علاج ڪيو وڃي. ان جي نوڪري ختم ڪئي وڃي يا ڪيس بدلي ڪيو وڃي."

"صاحب، جيڪڏهن اوهان ٽال مٽول ڪري فيصلي ۾ دير ڪئي ته پوءِ جيڪي به حالتون ٿينديون ان جا ذميوار اوهان خود هوندا."

صاحب چيو ته، "بابا اوهان دلجاءِ ڪريو. مونکي اوهان جي جذبن جو احترام آهي. اهو ته اسان جي آفيس ۽ اداري جي به عزت ۽ وقار جو سوال آهي. اسين اهڙين حرڪتن کي ڪڏهن به برداشت ڪونه ڪنداسين. فيصلو اوهان جي دل تي ٿيندو. اوهان مطمئن ٿي موٽي وڃو."

هوڏانهن جميل جي دل ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪي رهي هئي. سندس اکيون ٽانڊن جيان ٻري رهيون هيون. جلوس صاحب جي يقين ڏيارڻ کانپوءِ موٽي ويو. وڏي صاحب جميل کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي رعبدار انداز ۾ ماڻهن جي خيالن کان آگاهه ڪيو.

جميل چيو "سَر،اِهي جيڪي ماڻهو آيا هئا اهي سڀ شريف هئا؟"

صاحب چيو"انهيءَ سان اسان جو ڪم ڪونهي. ليڪن انهن جي شڪايت جائز آهي. اسين ان جو ازالو ضرور ڪنداسين."

جميل چيو"سَرِ، مون آفيس جي ڊيوٽيءَ ۾ ته ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي آهي. مان انهن ماڻهن جي ملازمه ته نه آهيان جو انهن جي مرضيءَ جي تابعداري ڪريان."

صاحب چيو"جميل اهو اسان جي دفتر ۽ کاتي جي به عزت جو سوال آهي. اسين پنهنجي آفيس کي ايترو بدنام ڪونه ڪنداسين ته ماڻهو جلوس ڪڍي اسان ڏانهن اچن. توکي هڪڙو ئي رستو اختيار ڪرڻو پوندو."

جميل چيو”سَرِ، توهان جو ڪم فقط مون کان آفيس ڊيوٽي وٺڻ آهي. باقي ٻيو منهنجي ذاتي زندگيءَ جو معاملو آهي. ان ۾ دخل ڏيڻ مناسب نٿو لڳي.“

صاحب چيو”جميل، تون سچ ٿي چوين پر اسين پنهنجي موروثي روايتن تان ڪڏهن بہ دستبردار ٿي نٿا سگهون. مان وري بہ چوانءِ ٿو تہ تنهنجي روزگار جو مسئلو آهي. ڪجھ سوچي وٺ يا نوڪري پياري ڪر يا .........!“

جميل چيو ”سَرِ، مون سڀڪجھ سوچي ڇڏيو آهي تہ پيار ۾ ڇا ڇا ٿيندو آهي. اڄ پيار جو پهريون تحفو مليو آهي. جنهن کي قبول ٿي ڪريان. باقي اوهان کي سمورو اختيار آهي. اوهان مون مظلوم لاءِ کهڙو بہ فيصلو صادر ڪري سگهو ٿا، بلڪ ٻن دلين کي توڙي نٿا سگهو. توهان تہ ويتر انهن گهٽيل جذبن کي پاٽي ڏئي رهيا آهيو. سَرِ، ڇا مرد کي سمورا حق آهن باقي عورت کي ڪوبہ اختيار ڪونهي؟ هن کي ڪي بہ احساس ۽ جذبا ڪينهن؟ ان کي ڪابہ زبان ڪونهي؟

ان کي ڪابہ دل ڪونهي؟ آخر اهي ڏاڍ جون ڪوڙيون روايتون ڪيستائين هلنديون. ڪيستائين هلندا اهي هٿ جا ٺاهيل غير فطري قانون. هڪ ڏينهن ضرور سچ جو سج اڀرندو. هڪ ڏينهن ضرور اهي ڪيل ختم ٿيندا.

سَرِ، مون هن اداري ۾ ديانتداريءَ سان ڊيوٽي ڪئي آهي. مونکي هن اداري سان محبت آهي. مونکي احترام آهي، هن آفيس جو ۽ آفيس جي اسٽاف جو. باقي زندگي منهنجي آهي. ان تي اختيار بہ منهنجو ئي هلندو. ان جي لاءِ آءٌ خود ئي ذميوار آهيان.“

صاحب غور سان جميل جون ڏاهپ واريون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. هن جون اکيون ٽڪ ڏئي بيهي رهيون هيون.

صاحب چيو ”جميل، مونکي تنهنجي احساسن، جذبن ۽ بلند آدرشن جو احترام آهي. مان ڪڏهن بہ نٿو چاهيان تہ اسان جي آفيس تو جهڙي باصلاحيت ۽ ديانتدار فرد کان خالي ٿي وڃي. پر ايترو ضرور چوندس تہ توهان پنهنجي افيئرس کي ڪجھ وقت لاءِ انڊرگرائونڊ ڪري ڇڏيو. جيستائين ماڻهن جو جوش ٺڏو ٿي وڃي. جميل، اهو ٺڏي جو جوش آهي، ڳاتي هلي هلي خودبخود ختم ٿي ويندو. جيترو ردعمل ۾ اچبو تہ ڳالھ اجا بہ وڌندي ويندي، ڪنهن وڏي ڦيٽ تي وڃي دنگ ڪندي.“

جميل چيو ”سَرِ، توهان مون تي تمام وڏو احسان ڪيو آهي. منهنجي منتشر ذهن کي هڪ راھ ڏئي ڇڏي آهي. بس ائين ئي ٿيندو. اوهان خاطري ڪريو.“

ٻئي ڏينهن جڏهن هوءَ صابر سان ملي تہ هن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهي رهيا هئا. صابر حيران ٿي ويو تہ آخر ڇا ٿي چڪو آهي. جمليہ کي کهڙو صدمو رسيو آهي.

صابر چيو تہ ”جميل، ڇا ڳالھ آهي جو ايترو بي اختيار ٿي روئي رهي آهين؟“

جميل ڳنڀير آواز ۾ چيو ”صابر، دنيا وارا ٻن دلين کي پيار ڪندي ڇونه ٿا ڏسي ۽ سهي سگهن. ڇا دنيا وارن جي سوچ جو دائرو ايترو سوڙهو ۽ تنگ آهي؟“

جمليه ڪالهه واري جلوس واري سموري ماجرا صابر کي ڪري ٻڌائي.

صابر چيو”جميل ان ڳالهه جو ڏک نه ڪر. دنيا جو ته اهو دستور رهيو آهي. سچ تي پهرا ڏيندا آهن. رات کي ڏينهن چوندا آهن. سچ کي تريون ڏئي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.“

جميل چيو ”صابر مان هاڻي هن سماج کان بغاوت ۽ بيزاري ٿي ڪريان، جنهن سماج ۾ عورت کي فقط ٻارن ڄڻڻ جي مشين، اشارن تي هلڻ وارو جانور ۽ پير جي جُتي سمجهيو وڃي ٿو. جنهن سماج ۾ عورت کي جيئڻ جو ڪوبه اختيار ڪونهي. اڄ ته تون ۽ مان گڏجي هڪ اهڙي سماج کي اڏيون جتي ان ظلم جو آواز به ڪن تي نه پوي. جتي ڪوبه گندو ذهن نه هجي. جتي هر انسان پنهنجي مرضيءَ ۽ زندگي تي خودمختيار هجي. جنهن ڌرتيءَ تي پيار جا سُريلا گيت ٻڌجن. جتي پيار جون لوليون ملن.“

صابر هن کي غور سان گهوريندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو ته هن ۾ ايترو جلدي اڏي وڏي تبديلي ۽ بغاوت ڪٿان آئي. صابر جا ته هاڻي تاڪ ئي لڳي چڪا هئا.

صابر چيو ته، ”دنيا وارا اسان جو ڪجهه به بگاڙي نٿا سگهن. بس تون هاڻي گهر وڃي مائٽن سان شاديءَ جي خواهش ظاهر ڪر. جيڪڏهن اهي راضي ٿي پون ته اسين هميشه هميشه لاءِ هڪ ٻئي وجون ۽ ماڻهن جي عتابي نظرن کان به آجا ٿي پئون.“

جميل چيو ”ٺيڪ آهي، مان اڄ ئي وڃي ٿي امان کي چوان. بابا به اديب ۽ روشن خيال انسان آهي. اهو به شايد ڪا رڪاوٽ نه ڪندو.“

ائين چئي جميل گهر هلي وئي ۽ صابر وري محض شاديءَ جي جواب جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جميل جي ماءُ کي جميل جي پيار جي اڳ ۾ ئي ڪڙڪ پئجي چڪي هئي. اڄ وري هن سڄو سنئون اچي چئي ڏنس.

ماڻس چيو ”ڌيءَ ڳالهه ٻڌ ۽ غور سان ٻڌ! مرد اسان عورتن کي ٻيو ته سڀڪجهه ڏيندا آهن، گهر، دولت، سونُ، ڪپڙا، ڪاڏا پيتا، سينگار، مال متاع مگر پنهنجي مرضي ۽ پنهنجو اختيار ڪونه ڏيندا آهن. پٽهين اچي ته ان سان ڳالهه ڪڍي تي ڏسان. پوءِ جيئن ان جي مرضي.“

جميل چيو ”پر امان، زندگي ته اسان جي آهي. ان تي مرضي به ته اسان جي ئي هلڻ گهرجي. اسان جي زندگيءَ جا فيصلا ٻيا ڇو ڪن.“

ماڻس چيو”سچ ٿي چوين جميل. پر اسين ريتن ۽ رسمن جا غلام آهيون. هتي عورت مٿان مرد جي مرضي هلندي آهي. جي منهنجي مرضي هلندي هجي ته مان اڄ ئي تنهنجي شادي صابر سان ڪرائي ڇڏيان. پر ڇا ڪريان مجبور آهيان.“

رات ٿي تہ جميلہ جو پيءُ گھر آيو تہ جميلہ جي ماءُ سموري حقيقت ڪري ٻڌايس ۽ چيائينس تہ ان ڪان وڏيڪ ٻيو ڪو رشتو ٿي نٿو سگھي. ان جو وڏو ثبوت ۽ سبب اهو آهي تہ هو ٻئي هڪٻئي کي چاهين ٿا. اهي پنهنجي زندگيءَ جا خود ذميوار آهن. انهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل نہ ڏي. هونئن تہ پاڻ ڪي وڏو اديب سمجهندو آهين. وڏا وڏا ڪتاب، وڏا وڏا مضمون، وڏا وڏا مقالا لکندو آهين. عورت مظلوم آهي. عورت محروم آهي. عورت مجبور آهي. ان کي حق ڏنا وڃن. ان کي جيئڻ ۽ اظهار جو حق ڏنو وڃي. تہ پوءِ اڄ آهي تنهنجو ۽ تنهنجي ادب جو عملي امتحان. نہ تہ پوءِ ڪتابن کي بہ قاڙي ۽ لوڙهي ڇڏيندي سانءِ. پوءِ تون اندر ۾ ڪجھ ۽ ٻاهر ۾ ڪجھ آهين.“

جميلہ جي پيءُ چيو، ”جميلہ جي ماءُ، مان سڀ ڪجھ سمجهان ٿو. مونکي ان جي احساسن جو احترام آهي. مون ان کي پڙهايو آهي. هوءَ نوڪري ٿي ڪري. هن وٽ علم آهي، سمجھ آهي، شعور آهي. هوءَ پنهنجي زندگيءَ لاءِ پاڻ سوچڻ ۽ راهون تلاش ڪرڻ لاءِ ضرور خودمختيار آهي. پر اسان جي سماج ۾ ڪي اهڙيون بہ روايتون آهن، جن تان اسان کي اسان جو سماج هٿ ڪڻڻ نٿو ڏئي، جڏهن ان هنڌ تي پهچجي ٿو تہ انسان جي اڳيان ريتون ۽ رسمون ديوار بڻجي بيهي ٿيون رهن. ۽ پوءِ انسان سڀ ڪجھ نہ چاهيندي بہ انهن جي اڳيان مجبور آهي. تنهن ڪري مان اهو شرط قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان.“

جميلہ جي ماءُ چيو ”تہ پوءِ اهو اختيار تہ تنهنجي وس ۾ آهي. تون انهن بيڪار رسمن کي ٽوڙي ڇونہ ٿو ڇڏين.“

”نہ، جميلہ جي ماءُ نہ! مون اڪيلي جي ٽوڙڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو. جيستائين سمورو نظام نٿو بدلجي. ان لاءِ هن سماجي نظام جي ڍانچي کي متاثر ٿو پوندو. اهي مسئلا قوم جي هر نياڻيءَ سان پيش اچن ٿا. رڳو اسان جي نياڻيءَ سان نہ! مان جميلہ جو سڱ پنهنجي هڏ رت ۽ پنهنجي ذات ۾ ڪرڻ ٿو چاهيان. اگر جي ائين نہ ڪيوسين تہ پوءِ سڄي زندگي اسان کي عذابن جا ڪنڊا سهڻا پوندا. خانداني عداوتون شروع ٿي وينديون، جيڪي ڪنهن وڏي ڌماڪي کي جنم ڏئي سگهن ٿيون. تنهنڪري مان جميلہ جي زندگي زهر بنائڻ نٿو چاهيان.“

اها سڄي ڳالھ جميلہ جي ماءُ جميلہ کي ڪري ٻڌائي ۽ ڪيس سندس روشن خيالن کان بہ آگاه ڪيائين.

ٻئي ڏينهن تي جميلہ جڏهن صابر سان ملي تہ کيس پنهنجي هلايل ڳالھ ٻولھ بابت ٻڌايائين تہ بابا جواب ڏئي ڇڏيو آهي تہ ريتن جي سماج ۾ اهو رشتو ٿيڻ ناممڪن آهي.

اهو جواب ٻڌي صابر جا تاڪ لڳي ويا. اندر ئي اندر ۾ ڪامڻ لڳو. سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو. هو هاڻي نااميدي ۽ غصي واري گڏيل ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي چڪو هو. هن هاڻي ٻيو پتو اڇلائيندي جميلہ کي چيو تہ، ”جميلہ تو تہ بغاوت جو اعلان ڪيو هو. پوءِ هاڻي ڇا ارادو آهي.“

جميل چيو”ها صابر مان پنهنجي اصولن تي اٽل ارادن سان قائم آهيان. مونکي نفرت آهي هن سماج جي ريتن ۽ رسمن کان جتي زندگيءَ جا فيصلا ريتن جي بنياد تي ٻين جي هٿان ڪيا وڃن.“

صابر چيو ”تہ پوءِ هاڻي ٺيڪ ائين گهرجي تہ اڄ تہ ان ماڳ تي فرار ٿي هلون جتي هن پيار جي ويري سماج جو نالو نشان بہ نہ هجي. جتي رواجن جي غلامن جو پاڇو بہ پهچي نہ سگهي. جتي فقط محبت جي سنگيت جا سُرَ سرجندا هجن.“

جميل چيو”صابر مان سمجهي نٿي سگهان تہ آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

صابر چيو”مقصد صاف ظاهر آهي تہ اسين هاڻي هن ماحول ۾ سڪون سان زندگي گذاري نٿا سگهون. تنهن ڪري اسان کي هتان ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي نڪري هلڻ گهرجي. جتي فقط هڪ ٻئي جا ٿي رهون ۽ ٻيو ڪو بہ اسان کي نہ ڄاڻندو هجي. ٻيو ڪجهہ بہ نہ هجي. فقط تون هجين ۽ ٻيو مان هجان.“

جميل نهايت سنجيدگيءَ ۽ جوشيلي انداز ۾ چيو تہ, ”صابر منهنجي من ۾ بغاوت سان گڏ پيرم بہ آهي. لوئيءَ جي لڄ بہ آهي مان مارن کي ڪنهن بہ قيمت تي ميار دار ڪونہ ڪنديس. مان هڪ محسن ۽ روشن خيال والدين جي ڌيءَ آهيان. منهنجي جدوجهد ۾ اهي منهنجي رهبري ڪندا. مان انهن کي ڪڏهن بہ مايوس ۽ مهٽي هاب ڪونہ ڪندس.“

صابر, منهنجي اڳيان هاڻي فقط جميل جو مسئلو نہ بلڪ عورت جي آزاديءَ جو مسئلو آهي. جتي مان عورت جي آزاديءَ جي قائل آهيان, اتي مان عورت جي لوئي ۽ لڄ جو بہ احترام ٿي ڪريان. جيڪا عورت جي حقيقي سونهن آهي. منهنجي بغاوت انهن ڪوڙهين رسمن ۽ سُري ڪاڌل نظام جي خلاف آهي. جيڪي عورت کي حيوانن جيان هلائڻ چاهن ٿا.

مان عورت جي زبان ۽ ذاتي اختيار لاءِ جدوجهد ڪنديس. ڇو تہ منهنجي اڳيان هاڻي عورت جا اجتماعي مفاد آهن. باقي فراريت ڪرڻ بزدلي آهي. هن سماج ۾ رهي ڪري ئي سماج کي متاثٿو پوندو. جنهن لاءِ عورت کي ئي قرباني ڏيڻي پوندي.“

صابر جميل جي ڳالهين مان ڇڻ بور ٿي رهيو هو. سندس همت ۽ ڏاهپ ڀرين ڳالهين ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ ٿي ڏنائين. لڳي پيو ڇڻ بيزار ٿي چڪو آهي. شايد ان ڪري جو اهي ڳالهيون سندس مقصد ۽ مطلب جو ازالو ڪونہ پيون ڪن.

جميل, صابر کان موڪلائي حسرتن ۽ ارمانن جا انبار کڻي گهر اچي ٿي. صابر جي در تي شاهد اچي گهنٽي وڄائي ٿو. صابر دروازو کولي شاهد کي اوطاق ۾ ويهاري ٿو.

شاهد, صابر کي چيو ”صابر ڪر خبر تنهنجي پَريءَ جو مسئلو ڪٿي پهتو.“

صابر ٺڏو ساه کڻندي چيو ”ڇڏ شاهد ڦٽن تي لوڻ نہ ٻرڪ.“

”ڇو ڇو ڇا ٿي ويو. جدائي ٿي وئي ڇا؟“ شاهد چيو.

”نہ نہ جدائي تہ ڪونہ پر ...“ صابر چيو.

”جدائي به ڪونه ٿي ته پوءِ آخر ڪهڙي مصيبت پيدا ٿي.“ شاهد چيو

”بس شاهد ڳالهه نه پڇ، اسان جون سموريون حسرتون، سموريون ڪوششون سمورا اڇلايل پٿا رائيگان ۽ ناڪام ٿي ويا.“ صابر چيو.

”ڪيئن ناڪام ٿئين؟“ شاهد پڇيو.

”اهو ائين ته جميله جي مائٽن شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو.“ صابر چيو.

”يار پوءِ گهٻرائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. جميله ته توسان نهيل آهي نه، ته پوءِ ڪٽينس ڇو نه ٿو؟“ شاهد چيو.

”مون اها به ڪوشش ڪئي هئي ليڪن ان ۾ به ناڪام ويس. جميله ان کان به جواب ڏئي ڇڏيو.“ صابر چيو.

شاهد چيو ”ته پوءِ ٻيو پٿو اڇلاءِ نه!“

”ڪوشش ته اجا به جاري رکبي، پر لڳي ٿو ته ڪم ڪونه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هوءَ هاڻي انقلابڻ ٿي چڪي آهي. عورت جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ هلائڻ لاءِ ڪوششون پئي ڪري.“ صابر نااميديءَ واري انداز ۾ چيو.

”تنهنجي معنيٰ ته تنهنجي جميله هاڻي مردن کان حساب ڪتاب چڪتو ڪري، مردن جو احتساب ڪندي ۽ وري تون به ته ان محبت جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺي سچائيءَ جو ثبوت ڏيندين.“ شاهد چيو.

”شاهد، عورتن هميشه لفظن جو سهارو وٺي دل کي آٿت پئي ڏني آهي. عورتن به ڪڏهن انقلاب آندو. اهو ناممڪن آهي. انهن کي سدائين الفاظن جي ڄار ۾ ڦاسايو ويندو آهي. مان ان جي تحريڪ ۾ حصو وٺان سو ته ناممڪن آهي. ڪو ڪيترو به چريو ڪريو هجي، پر پنهنجي جهڳي تي ڪڏهن به ٽانڊو ڪونه رکندو.“ صابر چيو.

”تنهنجي معنيٰ ته مڙس ماڻهو آهين نه.“ شاهد چيو.

”تو ڇا سمجهيو ته باقي ياڙيا آهيون جو هڪ عورت اسان کي گمراهه ڪري سگهندي.“ صابر چيو.

جميله ٻئي ڏينهن تي صبح جو سوير گهران نڪري ڊيوٽيءَ تي وڃي رهي هئي. دل ۾ هڪ طرف پيار جا اڻپورا جذبا، ٻئي طرف ظالم سماج جون اڏيل ڪوڙڪيون. انهن تي سوچيندي پئي آئي ته انهن ناسورن مان جان ڪيئن ڇڏائجي، جيڪي وڪ وڪ تي شڪاري بگهڙ بڻيا تاڪيون بيٺا آهن. جيڪي عورت کي ٻڪري سمجهي نشانو ٿا بڻائن. قدم قدم تي ڊيبون ۽ ڄار وڇايا پيا آهن. اسين ضرور هڪ ڏينهن پنهنجي زندگيءَ جون پاڻ مالڪياڻيون ٿينديونسين. حوصلي، همت ۽ عزم جي ضرورت آهي. انقلاب ضرور ايندو. فطري تبديلي اڻ ٽر ۽ اٽل آهي، سا ضرور ايندي. هڪ ڏينهن هي

اونداهون نظام ضرور ڀڃندو. هڪ ڏينهن ضرور فطرت جي سچائيءَ جي سوڀ ٿيندي. اڄ مان هڪ آهيان ته ڇا ٿي پيو. سڀاڻي سوين هزارين جميلائون پيدا ٿي پونديون. تاريخ جو سفر ٻڌائي ٿو ته هر بگڙيل ۽ ظالم سماج ۾ ڀريائين چند ماڻهو ئي پيدا ٿيندا آهن. جيڪي پنهنجي فڪر ۽ فلسفي، ذات ۽ ڏاهپ سان ان سماج جون تقديرون مٽائي ڇڏيندا آهن. مون سان ته بابا جي رهبري به شامل آهي. مان اڪيلي ڇو آهيان. نه هرگز نه! مان اڪيلي نه آهيان. مونکي پنهنجي مقصد کان ڪير به روڪي نٿو سگهي.“

جميله انهن خيالن ۽ تصورن ۾ گم ٿي چڪي هئي. سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏي چڪي هئي. ڪيس رستي تي گاڏين جي رش جي ڪابه ڪل ڪونه پئي. ڄڻ هوءَ اڪيلي ڪنهن ويرانيءَ ۾ هلي رهي هئي.

اوچتو ئي هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو. جميله مٿي اُڏي وئي، روڊ جي هُن پاسي تي وڃي ڪِري، سندس جسم ڦٿڪي رهيو هو. هن کي تيز رفتار ڪار جو ٽڪر لڳو هو. جيمله رت ۾ ٻڏي وئي. ڪار وارو يڪدم ڪار روڪي لهي آيو. سڄي بازار جا ماڻهو مڙي آيا. سيني هن کي سڃاڻ ورتو هيءَ ته جميله آهي. ماڻهن کان دانهن ڪري وئي. اڙي هان. جميله. اڙي هي ڇا ٿي ويو. جميله هر مرد جو موضوع بڻجي چڪي هئي. هن جي بهادري ۽ حليمت کان ماڻهو ڏاڍا متاثر ٿيا هئا. جميله هاڻي ڄڻ سيني جي پنهنجي هئي، هر ماڻهوءَ کي پنهنجي نياڻيءَ جيان صدمو رسيو.

فوري طور تي سمورو شهر سوڳ ۾ بند ٿي ويو. يڪدم ڪيس ڪار ۾ کڻي اسپتال آيا، اسپتال مان ترت علاج ڪانپوءِ ڊاڪٽرن چيو ته،”جميله جي بچڻ جي اميد تمام گهٽ آهي. تنهنڪري ڪيس مالڪن تائين پهچايو وڃي. جميله کي گهر پهچايو ويو. گهر ۾ جميله کي اڌ مئل حالت ۾ ڏي گهر ۾ پاڙي ۾ ماتم مچي ويو. سندس ماءُ، پيءُ، ڀينرن ۽ ڀائرن کي ڏندڻ پوڻ لڳا. بيهوشِءَ جا دورا پوڻ لڳا. سوين ماڻهن جو ميڙ هو. هنن کي دوائون سنگهائي هوش ۾ ٿي آندائون. جميله رڪي رڪي پاسو ٿي ورايو ته ڪيس چيخون نڪري ٿي ويون. سندس زبان مان ”عورت جي آزادي، عورت جي آزادي“، ”بابا عورت جي آزادي، امان عورت جي آزادي، صابر عورت جي آزادي“ وارا الفاظ نڪري رهيا هئا. اتي بيٺل سڄو هجوم حيران ٿي ويو ته مرٽينگ حالت ۾ هوءِ پنهنجي مقصد ۽ تحريڪ سان ڪيڏي سچي ۽ وفادار آهي. ماڻهو هنيانءُ ڦاڙي رڙيون ڪري روئي رهيا هئا. سڄي شهر ۾ غم جي ڪيفيت ڇانئجي ويئي.

جميله جو پيءُ ڪار ۾ چڙهي صابر جي گهر آيو. صابر به ان ڏينهن ڊيوٽيءَ تي ڪونه ويو هو. صابر جميله جي پيءُ کي ايندو ڏسي دل ۾ ڀڪڙ لڳو ته شايد رشتي جو فيصلو طئي ٿي ويو آهي. پر هن کي ڪهڙي خبر ته هو رشتي جي نه پر روح ۽ راڙي جي خبر کڻي آيو آهي. ڪار جو دروازو کولي جميله جو پيءُ اوڇنگاريون ڏئي روئڻ لڳو.

صابر حيران ٿيندي پڇيو ته،”سائين خير ته آهي، ڇا ڳالهه آهي.“

جميله جي پيءُ چيو ته، ”پٽ هي ڳالهين جو وقت ڪونهي. جميله اسان کان جدا ٿي رهي آهي. هل هڪوار هلي سندس منهن ڏس.“

اهو ٻُڌي صابر چڪرائجي ويو. ڪار ۾ ويٺا. ڪار ۾ جميله جي پيءُ سڄي حقيقت ڪري ٻڌايس. هن اهڙي اوچتي حادثي لاءِ ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو. سڌو جميله جي مٿان اچي بيٺا. جتي سوين ماڻهو غم ۾ ٻڏل بيٺا هئا. پرسان مٿن کان سندس بابا بيٺل هو ان کي ڏسي مرڪي ڏنائين، اما بيٺل هئي، ان ڏانهن ڏٺائين. سيني بيٺل ماڻهن کي نظرون ڦيرائي ڏٺائين، جڻ ڪين ڪو پيغام ڏئي رهي هئي. وري جو اکيون بند ڪيائين ته وري نه کوليائين. آخري هڏڪي آئي، دم پرواز ٿي ويو. جميله جدا ٿي وئي. مٿان بيٺل ماڻهن مان ڪيترائي بيهوش ٿي ڦ ّو ڪري پٽ تي ڪِري پيا. سموري هجوم ۾ ماتم برپا ٿي ويو. ڪنهن کي به پنهنجي وجود جي ڪَلَ ڪانه هئي. صابر رش جو فائدو وٺندي آهستي آهستي کسڪي ٻاهر نڪري ويو. وري سندس ڪنهن به رسم ۾ ڪونه آيو.

جميله جو پيءُ جميله جي مٿان بيهي اچي چوڻ لڳو ته ”پٽ جميله! تون هڪ جميله نه پر تحريڪ هئينءَ هڪ انقلاب هُئين. هڪ آدرش هُئينءَ، جدوجهد ۽ محبت جي علامت هئينءَ. تو پنهنجي جان جي قرباني پيش ڪري جنهن مشن جو آغاز ڪيو آهي، اسين تنهنجي لاش جو قسم کڻي اهو واعدو ٿا ڪريون ته اسين تنهنجي مشن کي ضرور ڪامياب ڪنداسين ته جيئن تنهنجي روح کي راحت اچي سگهي.“

پياري جميله، مون وٽ تنهنجا ڏاهپ ۽ ڏات، همت ۽ حوصلن ڀريا لکيل خط دستاويز جي شڪل ۾ موجود آهن. اهي خط تنهنجي تحريڪ ۾ ضرور جوش ۽ حوصلو پيدا ڪندا.

پياري، تون ضرور وڃي پنهنجي رَبَ کي پهتينءَ، مگر تو جا ڇٽنگ دکائي آهي، ان کي ڪڏهن به وسامڻ ڪونه ڏينداسين.

مان واعدو ٿو ڪريان ته تنهنجي آخري پَلن واري وصيت کي مرندي گهڙيءَ تائين نڀائيندو رهندس. تنهنجي روح کي قرار ڏيندو رهندس.

**

# ” چلڊرين ڊي “

هر سال عالمي سطح تي ٻارن جو عالمي ڏينهن وڏي پئماني تي ملهايو ويندو آهي، وڏا وڏا پروگرام ترتيب ڏنا ويندا آهن. وڏيون وڏيون ريليون ڪڍيون ويندڀون آهن. وڏا وڏا جلسا ڪيا ويندا آهن. جن ۾ ٻارن جي حقن ۽ اهميت کي اجاگر ڪيو ويندو آهي. ٻارن جي صحت، تعليم، تربيت، سازگار ماحول ۽ نشونما لاءِ اثرائتو ۽ جاندار تجويزون ۽ سفارشون پيش ڪيون ويندڀون آهن.

شهر جي تاريخي هال ۾ ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هڪ شاندار پروگرام ترتيب ڏنو ويندو آهي. وڏن وڏن اديبن، دانشورن، سياستدانن، صحافين، سماج سڌارڪن، تاريخدانن ۽ محققن کي ان شاندار پروگرام ۾ شاندار طريقي سان شاندار ڪوٺ ڏني وئي هئي.

سمورو تاريخي هال تاريخي موقعي تي تاريخ ساز ماڻهن سان ان تاريخ تي سٿيو پيو هو. ٽِرَ ڇٽڻ جي جاءِ بہ ڪونہ هئي. آجيان ڪندڙ هال جي مين گيٽ تي بيٺا هئا. جيڪي آيل مهمانن جي آجيان ڪندا پئي ويا. هال ۾ انائونسمينٽ ڪئي ٿي وئي تہ فلاڻو يا فلاڻو ڏاهو دانشور، اديب، سياستدان، صحافي، فلسفي يا تاريخدان هال ۾ تشريف فرما ٿيو آهي.

ايتري ۾ سڄي هال ۾ هلچل مچي وئي، وڏيءَ گاڏيءَ ۾ اڇن ڪارن وارن وارو پورو قداور ڪلين شيو وارو جمال صاحب گيٽ تي پهتو تہ استقباليہ وارن ڪيس گيٽ تي گلن جا هار پارائي هال ۾ وٺي آيا. هال ۾ انائونسمينٽ ٿي تہ معزز خواتين و حضرات اوهان جي انتظار جون گهڙيون ختم ٿي چڪيون، جناب جمال صاحب جن هال ۾ پهچي چڪا آهن. سڄي حال ۾ تاڙين جي گونج ٿي وئي.

اسٽيج جي پٺئين پاسي کان ۽ اسٽيج جي سامهون هال جي ديوار تي ٻارڙن جون تمام وڏيون وڏيون تصويرون لڳل هيون. جن ۾ سماج ۾ ٻارن سان ٿيندڙ ظلمن، ناانصافين، تشدد وارين ڪارواين، معاشي حالتن ۽ ڪيفيت جا وار ڪانداريندڙ عڪس پريل هئا.

هرهڪ مقرر پنهنجي پنهنجي مخصوص انداز ۽ اسٽائيل سان ٻارن جي نفسيات، ٻارن جي روين، رجحانن، ذهانت، ٻارن جي عادتن، جبلتن، ٻارن ڏانهن سماجي تصورن ۽ روايتي تشدد بابت پنهنجي ڏاهپ ۽ ڄاڻ جا جوهر ڏيکاريندو لهندو ٿي ويو.

آخر ۾ جمال صاحب کي اسٽيج تي ڪوٺايو ويو. تاڙين جي گونج ۾ جمال صاحب مائيڪ تي آيو. مهمانِ خاص هٿ ٻڌي مخصوص انداز ۽ اسٽائيل سان تاڙين جو جواب ڏنو. هال جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين نظر ڦيرائي هال ۾ ويٺل حاضرين جو جائزو ورتائين.

معزز خواتين و حضرات اسلام عليڪم.

دوستو، بزرگو ساٿيو ۽ نوجوانو!! توهان کي خبر آهي تہ اڄ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو آهي، انهن متعلق ويچار ونڊڻ لاءِ اڄ هتي گڏ ٿيا آهيون. انهيءَ نسبت سان اسان جي اديبن، دانشورن، ڏاهن،

صحافين، شاعرن، سماج سڌارڪن، ماهرن، تاريخدانن، فلسفين، نهايت عالمانه انداز ۾ پنهنجا وزندار رايا، جاندار دليل ۽ تجويزون پيش ڪيون آهن. جنهن لاءِ مان ڪين ڀرپور خراج تحسين پيش ڪريان ٿو.

دوستو! اڄ جا ٻار سڀاڻي جا حاڪم آهن، اڄ جا ٻار سڀاڻي جا وارث آهن. اڄ جا ٻار سڀاڻي جا سياستدان آهن، سائنسدان آهن، دانشور آهن، مدبر ۽ مفڪر آهن، اڄ جا ٻار سڀاڻي جا اديب، عالم ۽ استاد آهن. اڄ جا ٻار سڀاڻي جا فنڪار ۽ ڪلاڪار آهن. اڄ جا ٻار سڀاڻي جا مصور، صحافي ۽ سماج سڌارڪ آهن. اڄ جا ٻار سڀاڻي جا منصف ۽ منتظم آهن.

ليڪن افسوس جو ٻارن جي ذهني نشونما کي تباهه ۽ برباد ڪيو پيو وڃي. انهن کي ڄاڻي واڻي ذهني ۽ جسماني طور تي مفلوج ۽ ناڪاره بڻائي پنهنجي اشارن تي هلايو ۽ نچايو ٿو وڃي. غريب کان امير تائين. سرمائيدار کان جاگيردار تائين، ٻارن تي تشدد ڪيو ٿو وڃي. وڏن جي مقابلي ۾ ٻارن کان چئوڻو ڪم ورتو پيو وڃي. انهن کي ڪم جي مقابلي ۾ ايترو ڏنو پيو وڃي جو فقط هڪ ڏينهن جي ماني کائي سگهن. فقط جِي سگهن ۽ انهن لاءِ ڪمائيندا رهن.

دوستو! زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ٻارن کي استعمال ڪيو ٿو وڃي. انهن کان جبري پورهيو ڪرايو پيو وڃي. انهن جي معصوم ذهنن کي اولڙ گاهه جيان لتاڙيو ٿو وڃي. اهي ٻار اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جي لاپرواهي ۽ غربت سبب علاج نه ٿيڻ ڪري موت جو شڪار بڻجي ٿا وڃن. انهن جي ڪوبه مدد ڪرڻ وارو ڪونهي. اهي ٻار اسڪولن ۾ وڃڻ بجاءِ امير ماڻهن جون نوڪريون ڪندي، انهن جي تابعداري ڪندي محرومي ۽ مفلسي واري زندگي گذارڻ تي پاڻ کي هيرائي پنهنجي سوچ جو انداز ئي بدلائي ڇڏيندا آهن.

اهي ٻار جڏهن رد عمل واري حالت ۾ اچن ٿا تڏهن ڏاڙيل ۽ ڌورو بڻجي پنهنجي زندگي زهر بڻائي ٿا ڇڏين، يا وري فراريت اختيار ڪري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي مسلسل عتاب جو نشانو بڻايو وڃي ٿو ته ٻار فقط مذمت ڪري سگهي ٿو ۽ هميشه منفي رويو رکي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي اتساهيو وڃي ٿو ته ان ۾ اعتماد، همت ۽ جرئت جا جذبا پيدا ٿين ٿا.

دوستو! اڄڪلهه پوري دنيا ۾ ٻارن تي جبر ٿي رهيو آهي. اسان کي ان عالمي جبر ۽ ظلم خلاف گڏيل تحريڪ هلائڻ گهرجي. جتي جتي به ظلم ٿيندو هجي ته ان جي نشاندهي ڪري ان جو خاتمو ڪرايو وڃي. ان لاءِ اسان کي مختلف ڪاميٽيون ناهي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ان آواز کي عام ماڻهن تائين پهچائي، انهن کي انهن اثرن ۽ نتيجن کان آگاهه ڪيو وڃي. عوام کي اهو ٻڌايو وڃي ته معاشري ۽ تهذيب ۾ قومن جي وقار ۽ ڪمال ۾ ٻارن جي اهميت ڪيتري ۽ ڪهڙي آهي. انهن کان ڇا ڪرائڻ گهرجي ۽ ڪرايو ڇا پيو وڃي.

سرڪار تي پڻ اهو دٻاءُ وڌو وڃي ته ٻارن جي تعليم، تربيت ۽ صحت لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۾ خاص

ادارا قائم ڪيا وڃن. اسين سرڪار کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون تہ جتي جتي ۽ جيڪي جيڪي فرد، ادارا ۽ تنظيمون ٻارن کان ناجائز طريقن سان غير اخلاقي، غير قانوني ۽ غير انساني مقصدن لاءِ استعمال ڪري ڪارو ناڻو ڪمائن ٿا انهن خلاف سخت قانوني قدم کنيو وڃي. ۽ انهن ادارن تي پابندي لڳائي وڃي.

اڄو تہ اڄ گڏجي اهو عهد ڪريون تہ اسين انفرادي توڙي اجتماعي طور تي ٻارن سان ٿيندڙ ذهني، جسماني ۽ اخلاقي تشدد ۽ جبر خلاف جدوجهد ڪري ـ ظلم جا زنجير ٽوڙي انهن کي مستقبل جا عظيم انسان بنائڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ جيئن ٻار آزاديءَ ۽ بي خوفيءَ سان پنهنجي خداداد ذهني صلاحيتن کي ملڪ ۽ قوم جي ترقي، خوشحالي ۽ بلند وقار لاءِ ڪتب آڻي سگهن.

دوستو! هي هڪ عالمي مسئلو آهي، هڪ دانشور ۽ فلسفيءَ جو ڪم آهي هڪ نظام کي تبديل ڪرڻ ۽ هڪ نئين ۽ بهتر نظام کي نافذ ڪرڻ لاءِ اجتماعي سوچ کي تبديل ڪري نئين سوچ کي تخليق ۽ تعمير ڪرڻ.

اڄو تہ گڏجي هڪ نئين سوچ کي جنم ڏيون. اها سوچ جيڪا ذميوارين کي محسوس ڪري، جيڪا حقيقت ۽ اصليت کي اجاگر ڪري. اها سوچ جيڪا هٺ ٺوڪين ريتن رسمن ۽ رواجن کان مٿانهين هجي.

اڄو تہ اڄ واعدو ڪريون تہ ڪنهن بہ صورت ۾ ٻارن تي ظلم برداشت ڪونہ ڪنداسين. پوءِ اهو ظلم ڪنهن جي طرفان بہ ٿيندو هجي. ٻارن کي پنهنجون صلاحيتون اپارڻ لاءِ انهن کي ماحول مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ ڀرپور عملي ڪوششون ڪنداسين. ٻارن کي بچايو. ٻار هن ڌرتيءَ جي سونهن آهن. انهيءَ سونهن کي مختلف طريقن سان اجاڙيو پيو وڃي. ٻارن کي شروع کان وٺي اشارن تي هلائڻ سيکاريو ٿو وڃي. اڄو تہ سڀ گڏجي انهن غير فطري ۽ غير انساني عملن خلاف جدوجهد ڪريون.

جمال صاحب جي جوشيلي، اثرانگيز ۽ پرڪيف تقرير سان سمورو هال نعرن ۽ تاڙين سان گونجي رهيو هو.

جمال صاحب پنهنجي تقرير پوري ڪري پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ايتري ۾ هڪ ٻڍڙي عورت هال ۾ داخل ٿئي ٿي. اسٽيج سيڪريٽري سختيءَ واري انداز ۾ پڇي ٿو: ”ڪُراڙي تون ڇو اندر آئي آهين؟“

”ابا، مون کي انهن صاحبن سان تہ ملاءِ، ڪجھ عرضڙو ڪرڻوا ٿم.“ ڪراڙيءَ چيو.

”ڪهڙو ڪم اٿئي؟“ سيڪريٽري چيو.

”ابا ضررو ڪا مجبوري هوندي، ٻيو وري اسان غريبن جو ڪهڙو ڪم هوندو.“ ٻڍڙيءَ چيو.

اسٽيج تي ويٺلن مان ڪنهن چيو تہ اها پوڙهي ڇو آئي آهي؟

سيڪريٽري چيو "سائين اها توهان سان ملڻ ٿي چاهي."

"هيڏانهن موڪلينس." اسٽيج تان آواز آيو.

ڪراڙيءَ کي اسٽيج تي پهچايو ويو.

"ڪراڙي ڇا ڳالهه آهي بابا؟" هڪ وينل ڏاهي چيو.

ڪراڙيءَ پنهنجو مسئلو ٻڌائيندي چيو "ابا, خدا جو پردو ٿئيوَ-منهنجو ننڍڙو ٻچڙو مهيني کن کان اسپتال ۾ پيو آهي, مسڪين ماڻهو آهيون. گهر جا ٿپڙ به کپائي ٻچي جي سِرَ تي لاتا آهن. هاڻي ته ابا ڪابه ڪاٿ (وسعت) ڪونهي جو هيڏو ارو مهانگو علاج ڪرائي سگهون. (ٻيڙيءَ جي اکين ۾ پاڻي تري رهيو هو, ڳالهائڻ ۾ نڙي خشڪ ۽ آواز گگهو ٿي رهيو هوس ابا ڊاڪٽر چون ٿا ته اڃا توهان کي مهينو کن رهڻو پوندو. رت جي به ضرورت آهي. دوائن لاءِ به ڏوڪڙ کپن. توهان صاحبن ڏانهن الله جو نالو وٺي آئي آهيان. ٻچڙي جي سِرَ لاءِ جيڪا مدد پڄي سگهيوَ خدا ڪارڻ مون مسڪين سان ڪيو."

اسٽيج تي وينل هڪ چيو "بابا ڪنهن ڪنهن جا انفرادي ڪم ڪندا وتنداسين. تون هڪڙي ته ناهين, اسان مٿان اها ذميواري ڪونهي ته ٻارن جا علاج به اسين ڪرايون. مانيون به اسين ڪارايون, ڪپڙا به اسين وٺي ڏيون, رت به اسين ڏيون. ماڻهن جو ته مٿو خراب ٿيو آ."

جمال صاحب خار مان سيڪريٽريءَ کي چيو ته "اڙي بابا هن مائيءَ کي ته هيٺ لاهي وڃ, گيٽ کان ٻاهر ڪيڍي ڇڏي اچينس, اسان جي سموري فلاحي پروگرام کي خراب ڪرڻ آئي آهي."

"هل بابا هل, اسان پنهنجا گهر کپائي, نوڪريون نيلام ڪري وتون ٿا ماڻهن جا علاج ڪرائيندا. پوءِ اسين پنهنجا ٻار وري ڪنهن يتيم خاني يا ايڌي سينٽرن ۾ ڇڏي اچئون ڇا!؟"

سيڪريٽري مائيءَ کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪيڍي ٿو اچي.

ايتري ۾ هڪ ٻيو بزرگ ماڻهو اندر داخل ٿئي ٿو. اسٽيج جي سامهون اچي هٿ ٻڌي چوي ٿو "صاحب بابا, منهنجو هڪڙو پٽ آهي. بس هڪ ئي الله رکيو پٽ اٿم. اسان به اچي پيرسن ٿيا آهيون. خدا ڪانسواءِ ٻيو ڪو آٿت به ڪونهي. گهڻو اڳ سيٺ يعقوب خان وٽ قرض ۾ پيو لوڙيندو هو. نه قرض لهي نه جان ڇٽي. نيٺ لاچار ٿي پوتار جانڻ خان کان به هزار روپيه وٺي سيٺ يعقوب خان مان جان ڇڏائيسين. هاڻي ته ابا ڇڻ ڪڏ مان نڪري, کوهه ۾ اچي ڪِريا آهيون. ٻن سالن کان وٺي ڇورو رڳو پيٽ تي ٿو جانڻ خان جي باغ تي لوڙي, ڪڏهن ڪجهه ٿو پوڪائي ته ڪڏهن ڪجهه , نه پگهار نه پيسو. ڪڏهن ڪڏهن کي پنج ڏئيس ته واه نه ته بس. ڇورو به مفت ۾ پيو ٿو رت ساڙي ته قرض به مٿان ساڳيو بيٺو آهي. صاحب, اسان جي ته زندگي ئي زهر بڻجي وئي آهي. غريب ماڻهو آهيون نه به هزار ٿا ٿين نه وري ڇوڪر جي جان ٿي ڇٽي جو ٻي ڪا محنت مزوري ڪري سکي زندگي گذاري. صاحب, خدا ڪارڻ اسان پيسن جي ڪجهه مدد ڪيو ته ڇوڪر جي جان ڇڏايون."

جمال صاحب چيو "بابا اسين پاڻ مزور ماڻهو آهيون. اسان به جڏهن محنت ٿا ڪريون تڏهن

وجي ٿا ڪي ٻہ چار رپيا ملن. جن سان پاڻ ڪي ۽ پنهنجي ٻچن ڪي پالي ٿا سگهون. اسان ڪي حاتم سخي تہ ڪونہ آهيون. جو وتئون سخاوتون ڪندا. اسين ڪهڙن ڪيترن ماڻهن جون گهرجون پوريون ڪري سگهنداسين بابا. گهرجون سيڪو پنهنجي وس ۽ ضرورت آهرپاڻ پوريون ڪندو آهي.

هي نفسانفسيءَ جو دؤر آهي بابا هر ڪو پنهنجيءَ ۾ پورو لڳو پيو آهي. توهانکي ڪنهن چيو تہ پنهنجا ٻچا گروي رکي قرض ڪٽي ڳُتا ۽ ڪڪڙ ويڙهائيندا وتو. ڦڏن ۽ فسادن جا ڪم ڪندا وتو. نشان ڪندا وتو. پتا ڪيڏندا وتو. پوءِ وري چئو ٿا تہ بابا اسين غريب آهيون اسين مظلوم آهيون. اسان سان ناحق ٿي ويو آهي، اسان سان ظلم ٿي ويو آهي. هل بابا، محنت مزوري ڪري وجي پنهنجو قرض لاهيو.هٿ ٽنگڻ بہ ڪا سني ڳالھہ ڪونهي. وڃ بابا وڃ. "

جمال صاحب ويٺلن ڏانهن منهن ڪندي چيو "لڳي ٿو تہ هن عظيم فلاحي پروگرام کي ناڪام ڪرڻ ۽ ان جي اثر کي ضايع ڪرڻ ۽ ان جي اهميت کي ڏڪ رسائڻ لاءِ ڄاڻي ٻُجهي سازش ڪئي وئي آهي. انشاءَ الله اسين هر سازش جو مڙس ماڻهو ٿي مقابلو ڪنداسين. اسان کي حق جي راه تان ڪابہ طاقت هٽائي نٿي سگهي. "

هڪ ويٺل چيو"ها سائين، بلڪل اوهان صحيح سڃاتو آهي تہ اها هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي. "

"واھہ! ڇا تہ فلسفيانہ نظر آهي جمال صاحب جي. " انهيءَ کي چئبو آهي ادراڪ ۽ آگهي. دانشوري ۽ مدبري برابر دانشور ۽ مفڪر قومن جا ريدار ٿيندا آهن. " هڪ ويٺل ڏاهي چيو.

پروگرام پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. جمال صاحب جي ڊرائيور ڪار چالو ڪئي. جمال صاحب ڪار ۾ ويهڻ کان اڳ مين گيٽ وٽ پاڻ سان گڏ آيل دوستن ۽ مداحن کي هٿ لوڏي لوڏي الوداع ڪري اچي ڪار ۾ وينو. ڪار روڊ تي تيزرفتاريءَ سان ڊوڙندي رهي. شهر تمام گهڻو پوئتي ڇڏي چڪي هئي. هاڻي فقط اڪيلو روڊ هو. روڊ جي پاسن کان ٿوريءَ ٿوريءَ وٿيءَ سان نِمن، ٻيدن ۽ سِرنهہ جا وڻ بيٺل هئا. جيڪي پري کان ائين ٿي لڳا ڄڻ هڪ ٻئي سان گڏ زنجير ٺاهيو بيٺا هئا.

روڊ تي سامهون هڪ پيرسن مرد ڪار کي هٿ ڏئي روڪڻ لاءِ چيو. ڊرائيور مالڪ جي اجازت ڪانسواءِ ۽ ڪنهن بہ امڪاني صورتحال تي سوچڻ ڪانسواءِ تہ متان ڪو جوکم جو ڪم هجي يا مالڪ ناراض ٿي پوي، بريڪ ڏئي ڪار کي روڪي ڇڏيو. ڪار رڪجڻ سان بزرگ هٿ ٻڌي چيو تہ: "صاحب اسين پنهنجو ڏڳ وٺيون پئي آياسين، اوچتو ئي ڪو ظالم ڪار وارو آيو جيڪو منهنجي ننڍڙي کي ڏڪ هنيون پڳو هليو ويو. هتي هاڻي اسان جو ڪوبہ اوهي واهي ڪونهي. ڇوڪرو سخت ڏڪي ٿي پيو آهي سامهون روڊ جي پر ۾ زخمي ڇوڪر ليٽيو پيو هو. جنهن رکي رکي سور جي شدت کان دانهون پئي ڪيون. خدا واسطي اسان کي ڪٽي هلي ڪنهن اسپتال ۾ وجهو. انسان جو ٻچڙو آهي، صاحب توهان کي ڏاڍيون دعائون ڪنداسين. "

ڊرائيور جمال صاحب ڏانهن نهاريو. جمال صاحب چيو "هل هل، بابا وتئون تا پراوا مسئلا پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندا."

ڊرائيور چيو "سائين، ويچارا مسڪين ماڻهون آهن. انهن جي وقت تي خدا ڪارڻ مدد ڪئي سين تہ صاحب اسان ڪي ڪهڙو هرج پوندو. الله راضي ٿي پوندو. آخر هي بہ تہ خدا جا بندا آهن. حڪم ڪيو تہ هنن کي ڪنهن اسپتال پهچايون."

"اڙي بابا، مالڪ مان آهيان يا تون." جمال صاحب چيو.

"سائين، مالڪ تہ برابر توهان آهيو..... پر ....." ڊرائيور چيو.

"پر جا سَڪا تہ پوءِ هل .... هليو آهي اسان کي عقل سيکارڻ." جمال صاحب ڪاوڙ ۾ چيو.

ڊرائيور کيسي مان ويهہ روپيہ ڪڍي بزرگ کي ڏنا ۽ چيو تہ بابا اسان کي تمام جلدي آهي. اوهان ڪو بيو بندوبست ڪريو.

ڪار اسٽارٽ ٿي، ڊرائيور جي ذهن تي هٿوڙا لڳندا رهيا. کيس انساني احساس ڏنگيندو رهيو. هُو سوچن ئي سوچن ۾ گم هو. اوچتو ئي اوچتو هڪ ٺڪاءُ ٿيو. گاڏيءَ هڪ ڇوڪر کي ٽڪر هڻي ڪيرائي وڌو جيڪو سائي پاڄيءَ جو ٻاچڪو مٿي تي کنيو شهر ڏانهن ٿي ويو. ڪر ٻيهي وئي. جمال صاحب غصي مان چيو "اڙي انڌو آهين ڇا. سنئين سڌي ۽ صاف رستي تي بہ ايڪسيڊنٽ ڪندو ٿو وتين. اڄ مڙئي تنهنجو دماغ ڦريل آهي."

ڊرائيور چيو "سائين، مان تہ انڌو ناهيان پر ......."

"پر جا پُٽَ، تون انڌو ناهين، باقي مان انڌو آهيان." جمال صاحب چيو.

ڊرائيور ڏکويل ۽ جذباتي انداز ۾ چيو "نہ سرڪار، ائين تہ نہ چئو. اڄ الائي ڇو منهنجون سوچون انڌيون ٿي پيون آهن. جيڪي ڪجهہ بہ ڏسي نٿيون سگهن." جمال صاحب ڇوڪري وٽ لهي آيو. ڏنائين تہ ڇوڪر کي هلڪا ڦلڪا ڌڪ لڳا هئا. البت روڊ تي رهڙجڻ سبب ٻانهن ۽ ڄنگهن مان رت وهي رهيو هوس.

جمال صاحب چيو "بابا خير تہ آهي نہ! ڊرائيور آهي صفا انڌو. مون بہ بابا گهڻ ڪونہ ڪئي ٿمانس. ضمير وارو هوندو تہ يا عمر وري اهڙي غلطي ۽ غفلت نہ ڪندو. گهٻراءِ نہ پُٽ، اسين توسان گڏ آهيون."

ڇوڪر چيو "ها سائين خير آهي، روڊ جون ڪجهہ رهڙون آيون اٿم. پر منهنجي پاڄي الائي ڪيڏانهن وئي. وڏيري جاڻڻ خان جي پاڄي هئي، مارڪيٽ کنيو پئي ويس. پوتار نہ ڪاوڙجي پوي. پاڄيءَ جي رقم بہ پرائيندو ۽ بيعزتو بہ ڪندو.

"بابا تون ڳڻتي نہ ڪر توکي پاڄي بہ هٿ ڪري ٿا ڏيون. پر توکي جان ڪان وڌيڪ پاڄيءَ جي ڳڻتي ڇو لڳي آهي." جمال صاحب چيو.

"سائين، جان تہ پنهنجي آهي، پر پاڄي تہ پوتار جاڻڻ خان جي آهي نہ. اهو تہ مونکي ڪونہ

ڇڏيندو.“ ڇوڪر ڇيو.

”اڙي خدن جلدي ڪر، اها پاڇي ته ميڙي ٻاچڪي ۾ وجهه.“ جمال ڇيو

ڊرائيور خدن پاڇيءَ کي ميڙي چونڊي چنڊي ڦوڪي صاف ڪري ٻاچڪي ۾ وجهي آڻي ڇوڪر جي اڳيان ٻاچڪو رکيو. جمال صاحب پنجاه جو نوٽ کيسي مان ڪڍي ڇوڪر کي ڏئي ڇوڙ لڳو ”اچي پٽ هي وٺ اسان کي تمام جلدي آهي نه ته توي شهر ڏي ڪٽي هلو نه . چڱو هاڻي الله توکي خوش ڪندو، اسين هاڻي هلون ٿا.“

جمال صاحب ڪار ۾ ويٺو ڪار جو دروازو زور سان بند ٿيو. ڪار تيزيءَ سان روڊ تي پنهنجي منزل ڏانهن ڊوڙندي رهي. جمال صاحب جيئن ئي گهر پهتو ته بيگم صاحب کيس ٻڌايو ته. ڇورو گمون، جيڪو سندن ٻار به کيڏائندو هو ۽ گهر جوڪم ڪار به ڪندو هو، سو پيچي ويو آهي، هاڻي ڪنهن ٻئي ڇوڪر جو ٻلو ڪري.

”ڇتن جو پيٽ پربو آهي ته پوءِ وتندا آهن دڙيون ٽپندا. سياڻن سچ چيو آهي ته ڇَٽُ ۾ ڦٽ ٻڌو چڱو آهي. جائي چيو اٿن، ڇٽ کي ڏي پيار ته ڇُتيءَ سوڏو غلم تي. انهن جي ڳنَ مَهٽ ٿيندي رهي ته پوءِ اهي سڏا رهندا. چڱو سياڻي ڪونه ڪو ٻلو ڪري وٺنداسين.“ جمال صاحب چيو.

صبح ٿيندي ئي جمال صاحب پنهنجي بنگلي جي نوڪر کي چيو. ته ”اڙي پنهون، وڃ، هدايت الله کي ته وٺي اچ.“

”حاضر سائين“ پنهونءَ چيو.

پنهون، هدايت الله کي سڏ ڪري بنگلي تي وٺي آيو جتي جمال صاحب چانهه جو ڪوپ پي رهيو هو. هدايت الله نوڙي اچي جمال صاحب کي هٿ ڏئي ٿو. جمال صاحب به ٿورو هٿ ڊگهيري، هدايت الله کي ڏئي ٿو.

جمال صاحب چيو”هدايت الله خوش آهين نه بابا.“

”ها سائين، اوهان جون دعائون آهن.“ هدايت الله چيو

”وقت ڪيئن پيو گذري.“ جمال صاحب چيو

”سائين خير جو وقت پيو گذري. مالڪ جا لک قرب آهن. ڏينهن جو پورهيو پال ڪري رات جو آرام جي ننڊ ٿا ڪريون. بس الله جا لک احسان آهن.“ هدايت الله چيو

”ها بابا سچ ٿو چوين، ماڻهو آرام جي ننڊ ڪري زهن کي سڪون هجي. روح کي قرار هجي ته اهڙي ٻي ڪا نعمت آهي ئي ڪونه.“ جمال صاحب چيو.

”هدايت الله، مون توکي ان ڪري گهرايو ته اسان وٽ هڪڙو ڇوڪرو هوندو هو سو پيچي ويو آهي، توهان وٽ ڪو ڇوڪرو آهي، اهو اسان کي ڏيو توکي مهيني سر مهيني پگهار به ملندي. ڇوڪر کي به ٻچن وانگر سڪيو رکنداسين. لٽو ڪپڙو کاڌو پيتو به اسان تي. ڪم به ڪو گهڻو ڪونهيس. رڳو منهنجي ننڍڙي ڇوڪر کي کيڏائيندو ۽ ٿورو گهڻو گهر جو ڪم ڪار ڪندو يا بازار

مان وچي سودو وغيره وٺي ايندو.“ جمال صاحب چيو.

”توهان سچ ٿا چئو. توهان کان وڏيڪ ڇوڪرو مِنو کونہ کيون ها. پر ڇوڪرو اسڪول ۾ پڙهندو آهي. هوشيار بہ چڱو آهي. اسان تہ کونہ پڙهياسين هاڻي وينا ٿا کندا کيون. خدا ڪري شل ڇوڪرو پڙهي پوي. الله ڏکن پنيان سک نصيب ڪري.“ هدايت الله چيو.

”تنهنجي معنيٰ تہ ڇوڪري کي آفيسر ڪندين.“ جمال صاحب چيو.

”اها تہ قسمت جي ڳالهہ آهي سائين، پر پوءِ بہ علم علم آهي، چار اکر هوندس تہ ڪنهن جو موٿاج (محتاج) ڪونہ ٿيندو.“ هدايت الله چيو.

”اڙي بابا اسان بہ علم ۾ اچو مٿو ڪيو آهي سيڪجهہ سمجهانٿو. اهو تہ پاڻ لاءِ بہ آزار ٿو ڪرين ۽ ڇوڪري کي بہ ڪم ڪار کان ٿو وڃائين. هدايت الله، اسين تعليم جا دشمن ڪونہ آهيون، اسين چاهيون ٿا تہ قوم جو هر فرد تعليم يافتہ ٿئي. پر اڄڪلهہ توکي خبر آهي تہ ڇوڪرا وڏيون وڏيون ڊگريون پاس ڪري ڳچيءَ ۾ وجهيون گهمائيندا ٿا وتن تہ ڪٿي بہ نوڪري ڪونہ ٿي ملي. ايتريقدر جو بي.اي ۽ ايم.اي پاس وارا پٽيوالي ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهن. پر اها بہ ملي ڪونہ ٿي. هڪ طرف نوڪري ڪونہ ٿي ملي تہ ٻئي طرف هو پورهئي ڪرڻ کان بہ عاري، ڪاهل ۽ روڳي ٿيو بڻجي. هاڻي هُو نہ هيڏانهن جا رهيا ۽ نہ هوڏانهن جا. نہ فقط ايترو پر هدايت الله اڄڪلهہ جا پڙهيا تہ ادب ۽ اخلاق جون بہ مذاقون ٿا اڏائن. وڏن کي جاهل ۽ بيوقوف ٿا سمجهن. وڏن جي ڪابہ فرمانبرداري ڪونہ ٿا ڪن. هدايت الله، پوءِ اهڙي علم کان تہ بهتر آهي تہ انهن کي ڪنهن ٻئي ڪم ڪار ۾ لڳائي ڇڏجي جو پاڻ بہ خوش تہ مائٽ بہ خوش. گهٽ ۾ گهٽ ادب اخلاق کان تہ ڪونہ نڪرندا. پورهئي تي هَڏَ هريل هوندن تہ ڪنهن جا محتاج ڪونہ ٿيندا. ڪيئن سچ آهي نہ هدايت الله.“ جمال صاحب چيو.

ها سائين، توهان بلڪل سچ ٿا چئو. پر مان هٿ ٻڌي اوهان کي عرض ٿو ڪيان تہ مون کي معاف ڪيو. منهنجو شوق آهي تہ مان ڇوڪرو پڙهايان، الله ڪندو تہ ويل ڪونہ وڃائيندو. ڪم ڪارجو بہ برجستو ۽ ڦڙت آهي، باقي ڪريم بخش جا ٻہ ڇوڪرا آهن، پڙهندا بہ ڪونهن ۽ آهن بہ صفا واندا ان کي گهرائي چئو توهان جي رڳو ڇوڙڻ جي دير آهي.“ هدايت الله چيو.

”چڱو ادا تون ڀلي وڃي ڇوڪري کي آفيسر ڪر، مان ڪريم بخش کي چوان يا نہ چوان. اهو منهنجو ڪم آهي. چڱو هاڻي تون ڀلي وڃ.“ جمال صاحب چيو.

هدايت الله بنگلي مان واپس موٽي اچي گهر وارن کي جمال صاحب سان ڪيل ڳالهہ جو احوال ٻڌائي ٿو.

جمال صاحب وري ٻئي ڏينهن ٻارن جي حقن لاءِ ٿيندڙ پروگرام ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو.

# ”برسات“

مينهن به اڄ اوهيرا ڪري لهي پيو. ڪنوڻ ۽ گجگوڙ به لايون ٻاريون بيٺا هئا. ٻيو وري هوا به تيز جو جاتي سو تاتي. گهرن ۾ ٻار ۽ مايون الله الله جو ذڪر ڪنديون، هن مصيبت کي ٽارڻ لاءِ ٻاڏائي رهيا هئا. تيز هوا جي آڌار تي مينهن جي ڇاٽ جو پاڻي درن ۽ درين مان جيڪي ڪليل هئا اندر ڪاهي پئي پيو. وراندي کان به اندر ڪوٺين جون ڇانئيون ٽپي هليو پئي آيو.

اسان جي پاڙي ۾ سامهون اوبر طرف دلاور جو گهر هو. ڪڪائون گهر هوس. ڇڻ ٿهيل ساٻه ڪڻ ايامن جي. جنهن جون هاريون به گم ٿي ويون هيون. مينهن جو لٿو ته دلاور جي گهر ۾ ڪيهاڻ پئجي ويو. ڇڻ جُهري پئي. چئني پاسن کان وهڻ لڳي. مال جو مَنهُن به پٽ تي ڪِري پيو. سو مال کي به آٽي ماٺهن واريءَ ڇن ۾ بيهاريائون. آخرڪار هنن جو رزق هو. گذر معاش جو ذريعو هو. هونئن به ٻاڳين کي پنهنجو رزق (چوپايو مال) اولاد جيترو پيارو لڳندو آهي. هاڻي ماٺهو ۽ مال گڏجي ويا. برسات ۽ هوا جي زور تي ٻاهريون پناهه وارو لوڙهو به اُڏي چڪو هو.

دلاور چيو. ”اهو ويچارو برڪت سچ چوندو آهي ته اتر جي هوا لڳي ۽ آسمان ۾ ڇهنبن سان پاسرين وانگر خوفناڪ ڪڪر ٿين ته پڪ سمجهو ته خير ناهي.“ سو ويچاري جي ڳالهه بروبر صحيح آهي. ڪالهه کان وٺي اهي ساز پئي وڳا. پر اسان جو اوڏهون اير پير ئي ڪونه هو پڙهيو لکيو ڇوڪرو آ. ڪتابن جا ڍير پڙهيا ٿئين. تجربو به ڏاڍو اٿس. جيئن چوندو آهي تيئن سچ نڪرندو آهي. پهرين ته اسين به ان تان کِلون ۽ چٿرون ڪندا هئاسين ته چار ڪتابڙا پڙهي مٿو ڦري ويو اٿس. پر پوءِ خبر پئي ته نه ٻيلي ڇوڪرو عقل وارو آهي. ننڍڙيءَ وهيءَ ۾ واهه جو علم هٿ ڪيو اٿس.

اڻ منداڻتو مينهن پيو. هٿن تي ڦِرڪو ڦِري ويو. اوچتو ئي اوچتو موسم تمام ٿڌي ٿي وئي. دلاور جي ننڍڙي پٽ جنهن جي عمر ڪا ٽن يا چئن سالن کان مٿي ڪونه هئي، کي بخار ٿي پيو. گهر ۾ گوڏي جيڏو مينهن جو پاڻي، مٿان ڪارا ڪڪرا اڃا به ڪارونڀار ڪيو وسڻ جا ويس ڍڪيا بيٺا هئا. جيڪي جهانگيٽڙن جا جيءَ جهوري رهيا هئا. جهوپا جُهري پيا هئا.

دلاور جي زال دلاور کي چيو. ”اڙي ٻڌين ٿو ڇوڪر کي ڏاڍو بخار ٿي پيو آهي. صفا مَچ پيا ٻرنس. شهر ڏي وڃي ڪنهن ڏاڪدر کي ته ڏس، مالڪ سائين تون ٻاجهه ڪر! هيئان مٿان اسان مسڪينن لاءِ قيامت لڳي پئي آهي. ڏاڪدر نه هجي ته دڪانن تي به دوائون رکندا آهن. اتان ئي وڃي ڪي ٽڪيون وٺي اچ.“

دلاور ٻُڌتين ۽ فڪر جي مينهن ۾ ٻڏو پيو هو. ڪا ڳالهه ئي سمجهه ۾ نٿي آيس ته هُو هيئنئر آخرڪار ڇا ڪري.

دلاور جي زال وري چيو ته. ”اڙي ٻڌين ڪونه ٿو! ڇوڪري جي حالت وڃي ٿي خراب ٿيندي ۽

تون اجا بہ اتي ئي بي فڪر و لڳو بيٺو آهين. ٻچڙي تي ڪو قياس ئي ڪونہ ٿو اچئي."

"تنهنجو ٿيو آهي مٿو خراب. هن مهل ڪهڙو ڊاڪٽر هوندو جو ههڙي برسات ۾ اسان غريبن سان ايندو. آهيان بہ ڳوٺ جو چڱو مڙس يا آفيسر صاحب، جو بس منهنجو وجھڻ ۾ هن جو ٿيلهو کڻڻ. غريب نہ جمي نہ مري. بس ڪري خدا کي ياد ڪر. جُهڙي ڦُڙي لهي تہ وجي ٿو ڪٿان پَٽَ سَٽَ ڪري ڪجھ ٽڪيون وٺي اچان. اسان کي لڳي پئي آهي پنهنجي، سچا ويا آهيون پڄي، هن کي وري هن مهل ٽڪيون آٽي ڏي. هُون ....! خدا کي ياد ڪر. الله ڪندو رحم ٿي ويندو."

"ٻاهر وڃڻ ۾ ٻرو ٿو وٺئي تہ هوا تي لوڙهو سڄو ڪِري پيو آهي، انکي تہ پلا ٻيانو ڪٽي هٽي تہ ڇڏ."

"مان ٿو چوانءِ تہ ڪري ويھ بس، تہ لٺ ڪٽي مٿو نہ ڦاڙهي وجهانءِ. وڃين ٿي چيڙائيندي. اسان هڪ پنهنجي پاٽيءَ ۾ ناهيون، ٻيو وري رَن وجي ٿي حڪم هلائيندي." دلاور خان ڪاوڙ مان چيو.

"وڃي ڪڏ ۾ پئہ مُئا، منهنجو ڇا وڃئي." زال چيو.

ايتري ۾ در تي سڏ ٿيو. "وري ڪنهن کي هن مهل. بلا ڪاڏو" دلاور چيو. دلاور پاٽي جهاڳيندو جهاڳيندو آهستي آهستي ۽ پٽڪندو در تي ويو.

وڏيري خان محمد جو نوڪر هو منهن ۾ گهنڊ وجهندي رعبدار لهجي ۾ نوڪر چيو. "پوتار موڪليو آ. مينهن تي ڪوٺ جو ٽڪرو ڪِري پيو آهي، ان کي لوڙهو هٽائڻو اٿس. هاٽي جو هاٽي کهاڙي ۽ ٻيانو ڪٽي هل. مان ٻين کي بہ ٻڌائي ٿو اچان. پر جلدي ڪر دير نہ ڪر." دلاور نرم لهجي ۾ نوڪر کي چيو. "ادا ٿورو آهستي تہ ڳالهاءِ."

"ڇا جو ڙي آهستي ڳالهايان، توکان ڊڄان ٿو ڇا؟" نوڪر چيو.

"بابا مان سمجهان ٿو تون پوتار جو نوڪر آهين. پر ڪنهن جي گهر جي در تي بيٺو آهين، ڪجھ تہ چار ديواريءَ جو خيال ڪر ادا. هاٽي هيءَ بہ ڪا مهل آهي لوڙهن هٽڻ جي. منهنجو ڇوڪرو بيمار پيو آهي، ان لاءِ بہ ڪنهن ڊاڪٽر ڏي ڪونہ ٿو وڃان." دلاور چيو.

نوڪر چيو. "هُون .......! تنهنجي معنيٰ اها ٿي تہ تون پوتار کي جواب ڏيڻ ٿو چاهين. ٺيڪ آهي، مان وڃي ٿو وڏيري کي ٻڌايان، پاڻ ئي توکي ان جواب جي سيڪٽ ملي ويندي. ڇتن جو مٿو تہ خراب ٿيو آ، اميرن کي ٿا جواب ڏين. ٺيڪ آ ٺيڪ! تون پلي نہ هل. پوتار پاڻهي توکي سڏو ڪري وٺندو."

"نہ بابا نہ، مان ڪاٿي ٿو ائين چوان. اجايو ناراض نہ ٿيءُ بابا. مان تہ مڙئي ائين ڳالھ ڪئي. او ابا اتي بيھ تہ سهي نہ. منهنجي ڳالھ تہ ٻڌ نہ! مان هلان ٿو نہ. بس مان گهران وڃي کهاڙي ۽ ٻيانو ڪٽي اچان." دلاور ليلائيندي نوڪر کي چيو.

"ڪوڙا ڪنهن نہ جاءِ جا. وڃ جلدي ڪٽي اچ." نوڪر چيو.

”حاضر ادا، مان هاڻي ئي ٿو وڃان، پر ڇوڪري........“

”ڇا مطلب؟“ نوڪر ڇيو.

”مطلب ته جي ٿوري ويسند ڏيوم ته ڇوڪري کي دوا وٺي ڏيون هلان. دلاور چيو نه نه. ناهي ضرور هُتي ڪوٺ ڪِريو پيو آ. توکي وري لڳي آهي ڇوڪري جي. پوءِ ڪٿي اچي لقمان حڪيم کان علاج ڪرائجانس. اڳيِ هيڏي هل.“ نوڪر ڇيو.

دلاور حسرتن، ارمان، محرومين،نفرتن ۽ انتقامي جذبن جا هٿوڙا ذهن تي وسائيندو گهر آيو.

”در تي ڪير هو سَڏَ وارو؟“ زال پڇيو.

”ڪير سان تنهنجو ڪم؟ ڪير به هو تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟، ڪري ويهه بس ته ڪيانءِ نه هڪ ڏڪ ۾ پورو.“ دلاور جذبات مان ڇيو.

”هُون! ڏاڍن سان پڄي سگهو ڪونه. هيڻن تي ائين ٿا اچو جيئن هيناهينءَ تي پاٽي، اهڙو جوش ٿو اچيوَ ته ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ ظلم سان پاند اٽڪايو ته دنيا واهوا ڪريوَ. باقي ڪمزورن جي مارڻ مان مڙس ماڻهو ڪونه ٿيندؤ.“ دلاور جي زال چيو.

دلاور اهو سڀ ڪجهه ٻڌندو رهيو زال کي ڪابه ورندي ڪونه ڏنائين.

دلاور ڪهاڙي ۽ ٻيانو ڪٽي ٻاهر نڪري ٿو وڃي. لوڙهي لاءِ ڍنگهر ڪپڻ جهنگ ۾ وڃن ٿا. دلاور خيالن جي ٽڪراءَ ۾ گم هو. ڍنگهر ڪپڻ بجاءِ ڪهاڙي سندس ڄنگهه ۾ لڳي وئي. سڄو رتوواه ٿي ويو. منڊڪائيندو منڊڪائيندو اوطاق تي آيو.

دلاور کي ان حالت ۾ ڏسندي وڏيري چيو. ”اڙي دلاور توکي وري ڇا ٿيو؟ ڪِن ڪيو اٿئي لوڙهي هٽڻ کان مَڪَرُ.“

”نه سائين. ڍنگهر وڍيندي ڄنگهه ۾ وڃي ڪهاڙي لڳي آهي.“

نوڪر جو اتي اکيون خراب ڪيو منهن ۾ گهنڊ وجهيو بيٺو هو تنهن چيو. ”ڪاٿي سائين، هن جو اٿندي ئي نياڳ ۾ منهن هو. گهران ئي ڪروڌ ڪري آيو هو. نيت آڏو آئي اٿس.“

وڏيري چيو. ”پوءِ ته جهڙي نيت تهڙي مراد.“

دلاور چيو. ”برابر سچ ٿا چئو. هاڻي برابر ائين ئي ٿيندو ’نيت ۽ مراد جو جهيڙو‘.“

ائين چئي دلاور سموري منظر کي گهوري ڏٺو ۽ پوءِ اوطاق مان ٻاهر نڪري آيو. جڻ ته ڪهاڙي هن کي ڄنگهه ۾ نه پر دل ۾ لڳي هئي.

❋❋

# بابا خرچي ڏي

اجن منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو. منهنجو دوست هو ڏاڍو سنجيده، شريفزادو، ايماندار ۽ محنتي ماڻهو. ڳوٺ جي وڏيري جي ڪڙمت ڪندو هو. ٻارڻ ٻنئي ٽيندي هئي ته ساجن پنهنجو بوچڻ چنبڙي گهر ايندو هو. چو ته سمورو آنُ وڏيرو قرض ۾ ڪٽائي ويندو هوس. اجا به هن تي قرض باقي رهندو هو. عيد جي ڏينهن به ساجن جي گهر ۾ سڪٽڻ ٻارن ڪانسواءِ ڪي ڪين هو. چڱو لٽو ڪپڙو ٻارن کي ڏيڻ ته وڏي ڳالهه هئي پر چڙو ڪجهه چاڙهي ڪائڻ لاءِ به ڪونه هو. ساجن کي سندس زال چيو ته، ”ميان اڄ عيد آهي، ٻچا بک تي آهن. ڀوئي ٿو ڪو خيال؟“ ساجن چيو ته، ”پوءِ مان ڇا ڪريان. مون وٽ ڇاهي جو ڪين ڏيان. بس! الله اسانکي پيدا ئي ان ڪري ڪيو ته ڪمايون اسان ۽ عيدون ٻيا ڪن، لوچون اسان پر عيش ٻيا ڪن.“ جوڻس چيو ته ”ميان هي ڳالهين ۾ ڏوراپن جو وقت ناهي. وڃ وڏيري ڏي ۽ وڃي حال ڪرينس، هو ضرور توکي ڪجهه نه ڪجهه به ڏوڪڙ ڏيندو. اڄ به نه ڏيندو ته پوءِ وري کهڙي قيامت چڏائيندو. لوڙيون ته سدائين انهن لاءِ ٿا. وڃ! اٿي! وڃ! گوشت ڪٽي نه ٿيو ته منو ختمو ئي ڪٽي ڏئي ايندا سين لوڪ جهڙا ته ٿيندا سين. ٻارن ڪپڙا نه پاتا ته خير آهي، خرچ ڏئي جان چڏائيندا سين، اٿي وڃ!“

هوڏانهن ساجن جو ننڍڙو پٽ جيڪو ڇهن سالن جو مس ٿئي ها! ٻاهران ڊوڙندو آيو. ”بابا! بابا! ٻاهر ٻارن ڏاڍا پيلا پيلا ڪپڙا پاتا هن، مونکي به وٺي ڏيندين؟ بابا فيروز جي پٽ به پيلا ڪپڙا پاتا هن. دلاور جي پٽ کي ته بوسڪيءَ جا ڪپڙا پاتل هئا. بابا! مونکي به اهڙا ڪپڙا وٺي ڏي. بابا! ٻارن کي کوڙ رپيا هن، خرچي ملي ٿن نه! بابا! مونکي به خرچي ڏي نه! بابا او بابا! ڳالهائين چونه ٿو. مونکي به خرچي ڏي نه! ـ امان! تون بابا کي چؤ ته خرچي ڏئي. وري اڳتي ڊڪندو وڃي پنهنجي ننڍڙي پيڻ جا بانبڙا پائي رهي هئي. ان کي وڃي ڪنيائين ۽ کيس ڪڏائيندو چميون ڏيندو، پيءُ وٽ ڪٽي آيو. بابا! هيءَ به خرچي وٺڻ آئي ٿئي. هن کي به خرچ ڏي نه!“

ساجن، حسرتن ۽ ارمانن جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويو هو ڪيئي جذبا ۽ امنگ سندس ذهن تي تري آيا هئا. سندس اکين مر سنڌو چوليون هٽي اٿلي پيو هو. ساجن، وڏيري جي اوطاق تي وڃي ٿو اوطاق تي ماڻهن جي رَشِ لڳي پئي هئي. وڏيرو وڏيءَ کٽ تي وينو هو. هڪ پاسي ڪان ڪتا ٻڌل هئا جن جا ڇهڪار پئي ٿيا. شايد اهي ڪتا رِڇَ جا ويڙها هئا، چو ته عيد ڪان ٻئي ڏينهن تي کيس رڇ جي ٻَڇَ ڪرائڻي هئي. ٻئي پاسي مانيءَ جون ديڳيون چڙهيل هيون، ٽئين پاسي چيلا ۽ ڪڪڙ پئي ڳُنا. اجان ساجن، وڏيري کي پنهنجو حال ئي نه ٻڌايو هو ته وڏيري جو نينگر گهر ڪان ٻاهر نڪري آيو، صاف ۽ ڳاڙها نوٽ هٿن ۾ هئس. زمين تي دڙها هڻندو پئي آيو. وڏيري ساجن کي چيو ته ساجن، نينگر کي ڪلهي تي ڪٽي وڃ ۽ وڃي هٽ تان شئي وٺي ڏينس. پر خبردار! پيسن جو خيال ڪجانءِ. ساجن

جي دل ۽ دماغ تي هٿوڙا لڳي رهيا هئا. هن ٿورو اڳتي وڃي نينگر کي زور سان ڪٽي پٽ تي لاٿو ۽ پنڌ ڪرائيندو وڃي لالوءَ جي دڪان تان شيءِ وٺي ڏنائين. ان وقت ساجن جي دڪان ۾ سندس پٽ جا آواز ٻُري رهيا هئا. "بابا! خرچي ڏي نـ! بابا هيءَ بـ خرچي وٺڻ آئي ٽئي، هن کي بـ خرچي ڏي نـ!...."

ساجن، هٻڪندي هٻڪندي، وڏيري کي چيو تـ "سائين اڄ عيد آهي. گهر ۾ ڪجهه ڪونهي. ٻار ٻچا سڀ بک تي آهن. مهرباني ڪري ڪجهه اڌارا پئسا ڏيوم تـ وڃي ٻچڙن کي عيد ڪرايان!"

وڏيري خار مان چيو تـ،"بيوقوفن ۾ ڇٽن مان اڇي ڦاٽا آهيون. اڄ عيد جي پلاري ڏينهن تي بـ ڪونـ ٿا ڇڏن. اڳئي قرض بينا ٿن وري آيا هن قرض وٺڻ."

ساجن چيو:"سائين سڄي عمر اوهان لاءِ ٿا ڪمايون، نانگن جا ڏنگ اسان ٿا جهليون، پاڻيءَ جي وارن تي سِرن جو رَتُ اسان ٿا وهايون. مسڪين آهيون، اوهان جو قرض ڪائي تـ ڪونـ ويندا سين. فصل جو اَن تـ اُئين اوهان جي حوالي هوندو آ، مهرباني ڪيو پئسا ڏيو تـ وڃي عيد جو سنؤڻ پورو ڪيون."

وڏيري چيو "گستاخ، ڪمينا، بي شرم توکي شرم نٿو اچي. اسان جي اڳيان ايڏي وڏي بداخلاقي پيو ڪرين. سڄي عمر اسان جي ٽڪرن تي پلجي وڏا ٿيئو. توهان جا ابا ڏاڏا اسان جي در تي نوڪريون ڪري مري ويا. تون وري ايڏو معتبر ٿي ويو آن جو اڄ اسان اميرن جي سامهون ٿو ٿئين. وڃ! منهنجي اکين اڳيان ٽري وڃ."

"نـ سائين نـ! مان مسڪين ڪڙمي ماڻهو اوهان جو گستاخ ڪيئن ٿيندس. پر اوهان تـ اسان جي رت ۾ پگهر جي ڪمائي پيا کائو. اوهان جون محلاتون اسان جي خون سان ٺهيل آهن. اڄ اسان جو ايترو حق بـ ڪونهي جو عيد جي ڏينهن بـ پيٽ پري کائي سگهون. ڇڱو لتو پائي سگهون."

"ڇڱي لتي جا پُٽَ چوانءِ ٿو، زبان بند ڪر! تـ ڪرايانءِ نـ بَسَ!" وڏيرو ڪاوڙ ۾ گجندو، راڪاس وانگر رنڀندو، چوهہ ڇنڊيندو. ڪتن جي مٿان اچي ٿو. ڪتن جي ٿانون ۾ ايري ڇهين جا رڌل چانور کير ۾ پيا هئا. وڏيرو اهي ڏسي باهہ ٿي ويو ۽ سامهون نوڪرن کي سڏ ڪندي چيائين تـ: "اڙي نبو اڙي گلو. توهان کي شرم نٿو اچي بي ايمانو نمڪ حرامو جو توهان منهنجا ڪتا بک ماريا آهن، توهانکي خبر ناهي تـ منهنجا ڪتا ڇهين ايريءَ جا چانور ناهن کائيندا. اهي سڳداسي چانورن ۽ کير تي پلجي وڏا ٿيا هِنِ. وس ٿو پڇي تـ جيڪر اهي چانور توهان کي کارائي ڇڏيان. اڙي ساجن! وڃ! هوڏانهن سڳداسي چانور ڪٽي اچي ڪتن کي ڏي" ساجن بورچيءَ ڏي وڃي ٿو. بورچي ڪيس اسٽيل جي ڊيش ۾ ڪتن لاءِ خوشبودار سڳداسي چانور ڏئي ٿو ۽ چويس ٿو "خيال ڪجانءِ مٿان واٽ تي انهن مان چانور کائي ڇڏين." ساجن چيو "ڪتن جو کاڌو ڪتا ئي کائيندا، مان ڪونـ کائيندس."

ساجن اڳتي اچي ٿو جتي وڏيرو ۽ ان جا ڪوڙ سارا چيلا ويٺا هئا. چانورن سان ڀريل ڊيش اچي

وڏيري جي سامهون زور سان غصي مان آڏو رکيو ۽ چيو تہ، ”وڏيرا ڪڻ پنهنجي ڪتن جا سڳداسي چانور، تون پاڻ وڃي ڪارائين. ائين چئي ساجن تڪڙا تڪڙا قدم وڌائيندو اوطاق مان ٻاهر نڪري آيو. ساجن، هاڻي ساڳيو ساجن نہ هو بلڪ سندس اکين ۾ باهہ جا شعلا هئا. اندر ۾ محرومي ۽ انتقامي جذبي جي باهہ ڀڙڪي رهي هئي. سندس رت ٽهڪڻ لڳو هو.

ساجن جيئن ئي گهر جو در اندر ٽپيو تہ سندس پٽ ڊوڙندو آيو ”بابا! بابا! خرچي ڏي، هو جيئن ئي انگل ۾ آٽا ڪندو ساجن کي ويجهو آيو تہ ساجن پڙ ڪري ڪٽي لوئندڙيءَ واري چپاٽ هنيس. ائين لاڳيتيون ٻہ-ٽي چپاٽون هٽي ڪڍيائينس. پٽهنس کي هنڌائتو ڌڪ لڳي ويو. معصوم بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيو. هن جي وات مان رت وهڻ لڳو. ماڻس ٻچي جي اها حالت ڏسي چرين وانگر هوش حواس وڃائي ساجن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي، بيهوش پٽ جي مٿان ڪِري پئي. ساجن، ڪاوڙ ۾ نڪاءُ ڪري مغز وارو ڏنبو ڪڍيائينس. مٿي ۾ ڦاڙ پئجي ويس ۽ رتورت ٿي، هوءَ بہ ڪِري پئي. منهنجي زال جا روايتي ۽ رسمي پابندين کان آجي هئي، ڊوڙندي مٿي اگهاڙي ساجن جي گهر آئي ۽ اچي ساجن جي زال کي گوڏي تي سمهاري، پاڻي پياري هوش ۾ آنڌائين. اک پٽڻ سان پڇيائين، ”منهنجو ٻچوا“ ائين چئي وري بيهوش ٿي پئي . ٻچو جيڪو ڪجهہ وکن تي ٿلهي جي پاڙ ۾ بيهوش پيو هو. منهنجيءَ زال جي نظر ان تي اجان نہ پئي هئي. جڏهن نظر ان معصوم تي پئي تہ جان مان سسراٽيون نڪري ويس. ”ادا ساجن! هي ڪهڙو ڪيس ڪيئي. توکي اڄ وڏي سندي ڏينهن چا ٿي ويو. ادا ساجن، اڄ چو ايڏو ظالم بڻجي ويو آهين. ڊُڪُ، وڃي ڊاڪٽر کي وٺي اچ.“

”ساجن ڊوڙندو ڊوڙندو ڊاڪٽر ڏانهن ويو ۽ چيائينس تہ ڊاڪٽر صاحب منهنجي معصوم پٽ کي الائي چا ٿي ويو آهي، بيهوش آهي، مهرباني ڪري هلي ڏسوس. هڪڙو پٽ آهي، هن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ اکين جو آٿت ڪونهي. ڊاڪٽر صاحب جلدي ڪيو.“

ڊاڪٽر چيو ”ڇٽ جا پٽ مٿو تہ ڪونہ ڦِريو اٿئي. اسپتال ۾ هيترا ماڻهو وينا آهن، انهن کي ڇڏي هلي تنهنجي ڇوري کي ڏسان. اهو وري ڪو آسمان مان لهي آيو آهي ڇا؟“

”سائين، پر حالت تمام نازڪ اٿس. تڏهن ٿو تڪڙ ڪيانوَ.“

”ڇڱو! وڃ، وڃي ٽيڪسي يا ٽانگو ڪرائي اچ.“

”سائين! مون مسڪين وٽ تہ ايترا ڏوڪڙ ڪونهن جو ڪا سواري ڪرائي سگهان.“

”پنڌ تہ تمام ٿورو آهي، مهرباني ڪري پنڌ هلندؤ تہ مون تي احسان ٿيندو.“

”نہ! بابا نہ! مان ايترو واندو ناهيان جو پنڌ هلان. هڪ حال هيڏو ٻيو وري ڪن تڪڙ- ڊاڪٽر جڻ هنن جي ڪڙئي تي وينا آهن.“

نہ بابا! نہ! مون کان نہ پڇي. بيوقوفن مان اچي ڦاٿا آهيون.“

ساجن ارمانن ۽ حسرتن جي هجوم ۾ غوطا کائيندو، شهر مان ٽانگو ڪرائي آيو. ڊاڪٽر کي

ساڻ ڪري گهر آيو. ٽانگي وارو ٻاهر ويٺو رهيو.

ساجن جو گهر هاڻي، صبح وارو گهر ڪونه هو. هاڻي سندس پٽ جا پيءُ سان انگل ۽ آروچائيون، پيار واريون حجتون ڪونه هيون. هاڻي ڪنهن پٽ خرچي ڪونه پئي گهري. هڪ کَٽَ تي سندس زال بيهوشيءَ واري حالت ۾ ستل هئي.

هن جي زال معصوم ٻار کي کڻي کٽ تي سمهاري مٿان اجرڪ وجهي ڇڏيو هو. ساجن جو معصوم پٽ، هن ڪاري سماج جي هٿ ٺوڪين طبقاتي روايتن ۽ قانونن جي تيرن جو ٻَڪُ بڻجي ابدي ننڊ سمهي چڪو هو. معصوم مري چڪو هو. هن جي مرڪندڙ ۽ نوراني چهري ۾ هڪ پيغام هو. هڪ اعلان هو.

ساجن لاءِ ڌرتي ٽامو ۽ آسمان ڳاڙهو بڻجي چڪو هو. سندس ذهن تي باهه جا آبشار لهي رهيا هئا. هن جي اکين ۾ ڳوڙهن بجاءِ باهه جا اُلا نڪرڻ لڳا. ڊاڪٽر چيو. ساجن، نهايت افسوس آهي جو ڇوڪرو ته وڃي خدا سان مليو. باقي مائي الله ڪندو ٺيڪ ٿي ويندي. ساجن جي زال کي هڪ شيشي سنگهائي هوش ۾ آندائين ۽ ڪجهه چمچي سان دوا پيياريائينس.

ڊاڪٽر چيو "ساجن زندگي ۽ موت ته خدا جي هٿ ۾ آهي. باقي منهنجي في هڪ سئو روپيه!" ساجن چيو في ..... في ته ...... " ايتري ۾ هن جي زال ڊوڙي اچي ڊاڪٽر کي هڪ سئو روپيه في ڏيندي چيو "اچي وٺ هڪ سئو روپيه في. انسانيت جا دلالو!"

ٻئي ٻاهر نڪري آيا. ٽانگي واري چيو "ساجن خير ته آهي، ڇا ٿيو؟"

ساجن چيو"ڇوڪرو مري ويو. زال بيهوش آهي. پر تنهنجا پئسا گهٽا ٿيا."

ٽانگي واري چيو "ساجن توکان ٽانگي واري پيسا ورتا؟"

"ها! هن هڪ سئو روپيه في معصوم جي لاش تي بيهي وصول ڪئي."

"ته پوءِ ساجن مان ڊاڪٽر ناهيان. مان هڪ تو جهڙو مظلوم ۽ مسڪين ٽانگي وارو آهيان. مون کي هاڻي ڪجهه به نه گهرجي." ائين چئي گهوڙي کي زور سان لڪڻ هڻي ٽانگي کي تيز ڪندو ڊاڪٽر کي اتيئي ڇڏي هليو ويو. ڊاڪٽر تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو دل ئي دل ۾ جلندو، پڇرندو اسپتال ڏانهن روانو ٿيو. ساجن کي ٻچي جو ڏک کائي گهاوَ ڪري ويو. سندس اکين مان باهه جون ڏياٽيون ٻاريندو، کِليءَ مان ڪهاڙي کڻي کلهي تي رکي گهر مان نڪري ويو......... ........ .

**

# ڊرامو

## پاڇولا

## ڊرامو

# ”پاڇولا“

### (سين نمبر:1)

جانوءَ خيرو بہ نامي گرامي چور آهن. هو ڪنهن پري واري ڳوٺ مان ڍانڍن جو جوڙو چوري ڪري اچن ٿا. جانو تمام هوشيار ۽ چالاڪ چور آهي.

جانو خيروءَ کي، ”خيرو! هتان کان ٿوري پنڌ تي هڪ بيگانو ڳوٺ آهي، جتي وڏيرن جي ٻن ڍرين ۾ ويڙهاند لڳل آهي، اتي هلي ٿا پير وڃايون ۽ پوءِ اتان روڊ تي پهتاسون تہ بس پيرو ئي ختم! اتان درياءَ بہ ويجهو ٿو لڳي پتڻ تپي سڌا پار! پوءِ ڏس وينو وڏيرن جو مزو تہ ڪيئن ٿا پنهنجا لاهہ ڪڍن.“

خيرو ”واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي جانو!“

چور سڌا ان ڳوٺ کان اچي روڊ تي چڙهي درياءَ جي طرف وڃن ٿا.

### (سين نمبر:2)

رات آڌي سياري جي ٺڙڪائيندڙ ۽ ڦرڪائيندڙ موسم آهي. ٻيڙيون پتڻ جي هُن پار بيٺيون آهن. سياري جي لهرن سان گڏجي جان ۾ سيسراٽيون پيدا ڪري جسم کي ڄڻ چيري رهيو هيون. اهڙي ڪيفيت ۾ ميربحر جي ابهم پٽ کي پيٽ ۾ سور پوي ٿو. ننڍڙو سور جي شدت کان بيحال ۽ ساٽو تي چڪو هو. هاڻي هن ۾ روئڻ جي وسعت بہ نہ رهي هئي.

ميربحر جي زال چيو ”ميان پار وڃي نئين ڳوٺ مان ڪنهن طبيب کي وٺي اچ تہ ٻچڙي کي ڏسي يا ڪا دوا ڦڪي ڏئي، مَن الله ڪا شفا ڪري.“

”هن آويليءَ مهل گهر ۾ بہ ڪا دوا سُتي ڪونهي جو ڪٽي ٻچڙي کي کارايان! هاءِ، هاءِ منهنجا رب! منهنجي ٻچڙي تي رحم ڪر. منهنجا ٻچا شل منهنجا ڏينهن بہ الله توکي ڏئي!“

ولڻ ميربحر چيو ”ڳلَ تہ ڪانہ ٿڙي اٿئي ڪِن پئي آهين منهنجي پويان. هن مهل ههڙي پاري ۾ آڌيءَ رات جو آءُ پار ڪيئن ويندس ۽ وري هن مهل جو مون غريب سان ايندو بہ ڪهڙو طبيب! صبر ڪر! الله تي رک، الله رحم ڪندو! اول خير تہ صبح جو سوير ئي ڪنهن حڪيم ڏي هلبو.

ميربحر جي زال ڳڇيءَ ۾ ڪپڙو وجهي الله تعاليٰ کي پڪارڻ شروع ڪري ٿي. اي الله! تون رحيم ۽ ڪريم آهين، تون ستار ۽ غفار آهين. يا الله منهنجي ٻچي کي ويهي وجهي هن تار مان

تارينس!، يا الله اسان مسڪين ماڻهن جو توکان سواءِ ڪوبہ حيلو وسيلو ۽ مددگار ڪونهي. تون راحمين آهين، منهنجي ابهم ۽ معصوم ٻچي تي رحم ڪر.“

## (سين نمبر:3)

ايتري ۾ چور درياءَ جي ڪپ تي پهچي وڃن ٿا. چورن مان هڪ سڏ ڪري چوي ٿو ”اڙي ٻيڙيءَ وارا، ٻيڙي هيڏانهن ڪاهي اچ.“

ولڻ ميربحر چيو”ادا ڪهڙا آهيو؟ هن مهل آويلي ٻيڙي آءُ ڪونہ آڻيندس.“

چورن چيو ”اڙي ڪميڻا! توکي خبرناهي تہ اسين ڪير آهيون؟“

ولڻ چيو”الائي مونکي ڪهڙي خبر تہ اوهان ڪير آهيو؟“

چورن چيو ”ڪير جا پٽ! تہ پوءِ ٻڌي ڇڏ تہ مان وڏير بهرام خان جو ڪمدار آهيان، صبحاڻي پوتار جو پار شڪار رکيل آهي، مهمان اچڻا اٿس ۽ تون وري ٻيڙي نہ آڻيندين. پلي تون ٻيڙي نہ آڻ صبحاڻي تنهنجو ۽ اسان جون خبرون پاڻهي پونديون.“

ولڻ ويچارو انهيءَ ارمان ۾ غوطا کائي چوڻ لڳو ”يا الله! هيڏانهن ٻچڙو ٿو وڃي هوڏانهن وڏيري جا ماڻهو بيٺا آهن.“

”يا الله هي ٻچڙو تنهنجي حوالي ڪيون ٿو وڃان، تنهنجي پناهہ ۾ رکيون ٿا وڃان! يا الله پنهنجو ٻچڙو تہ سهائي سگهان ٿو. پر جي وڏيرو ڏمرجي پيوتہ خبر ناهي الائي مون مسڪين سان ڪهڙي قيامت ڪندو ۽ مون مهاڻي ۾ پوتار جي سَٽ سهڻ جي وسعت ئي ڪونهي.“

مهاڻي جي ڇا مجال آهي جو وڏيري جي ڪمدار کي جواب ڏئي.

يا الله! تنهنجو آسرو!

ولڻ ٻت کي رلهي ويڙهي، ٻيڙيءَ جو سِڙهہ ڇوڙي ونجهہ هلائڻ شروع ڪري ٿو.

هوڏانهن پسمنظر ۾ شاهہ صاحب جا بيت ان منظر جي منظرنگاري ۽ ترجماني ڪندي خاموش رات جي سانت کي چيري، هوا ۽ درياءَ جي لهرن مان پڙاڏا ڪري فضا ۾ گونجڻ لڳن ٿا.

1. ڪانارئا ڪِڙڪن، جنين لوهہ لڱن ۾،
محبت جي ميدان ۾، پيا لال لڇن،
پاڻهي ٻڌن پٽيون، پاڻهي ڇڪيا ڪن،
وٺان وادِوئڙن، رهي اڄڪي راتڙي.

2. ڪاهي وڃ تراز کي، منهنجا موج ملاح،

دانهون ڪن درياءَ جون، اونهي جا آگاهہ،
سونهن جي صلاح، وٺ تہ ويرَ لنگهي وڃان.

3۔ لهرن لوڏيا ڪينڪي، ثابت لنگهيا سير،
وڃي پهتا پار ڪي، نرتئون منجهان نير،
ماءِ پهتا مير، پار لنگهائيون ٻاجهہ سين!

ولڻ ٻيڙيءَ کي ڪنڌيءَ سان لڳائي جانوءَ وارن کي چيو "سائين اسلام عليڪم. هن مهل آويلو ڪيئن تڪليف ڪئي اٿوَ؟"

جانوءَ چيو"هن مهل جا پٽ! اسين تنهنجا نوڪر آهيون جو ههڙي پاري ۾ وينا تو نواب جو انتظار ڪيون."

ولڻ ٿڏ ۾ ٿڙڪندي چيو"سائين معاف ڪجو جو منهنجو ننڍڙو ڇوڪرو چاڪ نہ هئو. ڏاڍو پيٽ ۾ سور پيو هوس! بس اوهان جو سڏ ٿيو تہ ڇوري کي تہ ائين ڦٿڪندو رکي آيس. پر سائين پوتار سان ڳالهہ نہ ڪجو!"

"چڱو هاڻي جلدي ڪر! ڏاندن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهہ ۽ وڏيڪ بڪواس نہ ڪر!" چورن چيو.

"ولڻ چيو"پر اِهو سائين ماکي ٿوري ويسند ڏيندؤ تہ هن پر واري ڳوٺ مان ڪنهن طبيب کي وٺي ڇوري کي ڏيکاريان، پر سائين پوتار سان ڳالهہ نہ ڪجو!"

جانو چيو "چڱو وڃ پر جي جلدي نہ موٽئين تہ پوءِ جيئن سمجهين ٿو ڪيئن؟"

ولڻ چيو"بس سائين هيئن آيس ۽ هيئن موٽيس!" ولڻ پـر واري ڳوٺ ۾ وڃي خان محمد طبيب جي در تي سڏ ٿو ڪري. ڊاڪٽر ٻاهر نڪري ٿو اچي.

ڊاڪٽر چيو"ڪير آهين؟ ڇو آيو آهين، هن مهل؟"

ولڻ چيو"سائين مان آهيان ولڻ ميربحر درياءَ وارو."

ڊاڪٽر،"تہ پوءِ ڪم ٻڌاءِ ڇا ڳالهہ آ؟"

ولڻ چيو"سائين منهنجي ننڍڙي ڇوڪري کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو آهي، اهڙو جو صفا ڦٿڪي ٿو پيو. مهرباني ڪري معصوم کي هلي ڏسو آءٌ ٻيڙي ڪاهي آيو آهيان."

ڊاڪٽر،"چٽن ۽ جاهلن ماڻهن مان اچي ڦاسي ويا آهيون. بيوقوف ماڻهو نہ ڏسن وقت نہ ڏسن مهل، هاڻي هي بہ ڪو وقت آ هلڻ جو جڻ تہ ڏينهن ٿيندو ئي نہ! هينئر بابا مان ڪونہ هلندس، باقي صبحاڻي ڏٺو ويندو!"

ولڻ چيو"سائين ڊاڪٽر صاحب! اسان بہ سڄي عمر اوهانجي خدمت ڪئي آهي. آڌيءَ مانجهيءَ اوهانکي سڏ ۾ سڏ ڏيو بيٺا آهيون، هيءَ مهل آهي، مڙس مهلون ڪندا آهن. اوهانجي هلڻ سان جيڪڏهن منهنجي معصوم ٻچڙي جي حياتي بچي پوندي تہ اوهان کي ڏاڍيون دعائون

ڪنداسين ۽ الله بہ اوهان تي راضي ٿي پوندو.“

ڊاڪٽر چيو”ڇا هيءَ مهل آهي مهل ڪرڻ جي؟ ٻي ڪا مهل ئي ڪونهي. اسان اهڙيون مهلون ڪونہ ڪنداسين. اسان کي ههڙي پاري ۾ ڪو مرڻو آهي ڇا؟“

”باقي جي اوهان خدمت ٿا ڪريو تہ ڇا اسان وري ڪي چور آهيان ڇا؟ اسين اوهان کان بهتر خدمت ٿا ڪريون.“

ولڻ ليلائيندي چيو”پر سائين خدا جي واسطي ائين نہ ڪر، پنهنجي ٻچڙن جي واسطي ائين نہ ڪر. پنهنجي ٻچڙن جي محابي منهنجي ٻچي تي قياس ڪر!“

ڊاڪٽر چيو”پر بابا هڪ دفعو چيم نہ تہ هاڻي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. ڇڱو ڀلا ٻڌاءِ پيسا گهڻا آندا اٿئي؟“

ولڻ چيو”سائين پيسا تہ هتي مون ڪونہ آندا آهن. باقي پتڻ تي الله ڪندو تہ اوڌر سوڌر وٺي بہ اوهانجو پوراؤ ڪنداسين.“

ڊاڪٽر منهن ۾ گهنڊ وجهندي چيو”هُون. هڪ آويلي مهل ٻيو پئسا بہ ڪونہ آندا اٿم. باقي هليو آهي ڊاڪٽر کي وٺڻ. وڃ وڃ بابا هينئر مون کان هليو ڪونہ پڄندو.“

ولڻ ويچارو نااميد ۽ مايوس ٿي درياءَ ڏانهن موٽي اچي ٿو. ايتري ۾ هڪ وڏيري جو نوڪر ڊاڪٽر جي در تي اچي سڏ ٿو ڪري، ڊاڪٽر نڪري ٿو اچي.

نوڪر چيو”ڊاڪٽر صاحب! مان وڏيري شير خان جو نوڪر آهيان. پوٽار کي مٿي ۾ سور پيو آهي، مونکي اوهان ڏانهن موڪليو اٿس. اوهان کي هاڻي جو هاڻي مون سان گڏ هلڻو پوندو.“

ڊاڪٽر چيو ”حاضر بابا، آءٌ هلان ٿو پر ٻتي منٽ ترس تہ آءٌ سنبري وٺان.“

نوڪر چيو”ترسڻ ٻرسڻ جي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي ڊاڪٽر صاحب! پوٽار کي تڪليف تمام گهڻي گهڻي آهي. هلڻو اٿئي تہ هاڻي جو هاڻي مون سان گڏيو هل نہ تہ مان وڃي ٿو پوٽار کي چوان تہ ڊاڪٽر نٿو اچي.“

ڊاڪٽر چيو”نہ نہ يار ائين نہ ڪر!، مان هاڻي ٿو هلان .......“

## (سين نمبر_4)

هوڏانهن ولڻ جي زال هڪ طرف پٽ جي پريشاني ۽ ٻئي طرف مڙس جي اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ ڪنهن مهل ٻيڙيءَ جي ڪنارن تي ٻيهي پنهنجي وَرَ جون واٽون تڪي رهي هئي.

پس منظر ۾ شاهہ سائينءَ جا بيت:

1_ اوري هئا تہ آئيا، جيڪس ويا پري،
ساٿي سڏ ڪري، ماڳ نهاري موٽيا!

2۔ جان وڻجارو ڪانڌ، تان مون هڏ ۾ لائون لڌيون،
پرڏيهه مٿي سانگ، ائئي پَهَر جنهنجو!

ولڻ درياءَ تي اچي ڏاندن ۽ چورن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي پار ڪٽي ٿوا چي.

اڌ درياءَ ۾ پهچن ٿا تہ جانو ولڻ کي چيوتہ، ”ولڻ ڳالهہ ٻڌ! ۽ ڪن کولي ٻڌ! اسين ڪنهن بہ وڏيري جا ڪمدار ٻمدار ڪونہ آهيون، ائين چئي بندوق جي نالي سڌ ڪندي چيو تہ اسين اهي آهيون .... اهي ...... مان سمجهانئو تہ هاڻي پڪ سان تون سمجهي ويو هوندين تہ اسين ڪير آهيون. پر خبردار! جيڪڏهن ڪنهن سان بہ ڳالهہ ڪئي اٿئي تہ هتان ڪي همراه ڏاندن سان لنگهيا تہ پوءِ توڏي خير نہ هوندو. سمجهيئي!!!“

ولڻ چيو ”نہ سائين منهنجو ڇا وڃي هي درياءَ بادشاه آ۔ هڪڙا ايندا پيا، ٻيا ويندا پيا اسان مظلوم مهاڻن جو ڪهڙو ڪم جو وتون پر اوا ڦاها پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندا.“

”چڱو! اچي هي وٺ پنجاهہ روپيہ! پنهنجي ننڍڙي جي دوا سُتي ڪرائجانءِ.“ جانوءَ چيو.

ولڻ،”نہ سائين! اِهي پنجاه روپيہ الله اوهان کي بخشي ڏئي، اوهان کان پنجاهہ روپيہ وٺي پنهنجيءَ مظلوميت کي داغدار نہ ڪندس سائين! سائين اهي پئسا هن وقت منهنجي ڪنهن ڪم جا ناهن جيڪڏهن اهي پئسا ٿورو اڳ هجن ها تہ ڊاڪٽر کي ڏئي ٻچي لاءِ دوا درمان وٺا ها! ليڪن هاڻي هي پئسا ماکي هرگز نہ کپن. هرگز نہ کپن ......“ ائين چئي ولڻ ميربحر پئسا واپس ڪري ٿو.

هاڻي ڪنار ڪنار سان لڳي آهي، چور ڏاند لاهي پنهنجي دڳ سان هليا وڃن ٿا.

ولڻ پنهنجي زال کي،”پلو ٽيئي هُن پار ويس وڏيري جا ماڻهو ڪڻڻ سوچيم تہ سانگي سان ڊاڪٽر کي بہ وٺيون وڃان در تي وڃي سڏ ڪيو مانس ٻاهر نڪري آيو. پلو ٽيئي! ڏاڍيون منٿون ڪيون مانس تہ هلي ڇوڪري کي ڏسي پر پلو ٽيئي! نامراد اهڙي تہ ڌِڄِي هٽي بينو جو اصلي ڪا ڳالهہ ئي نہ مڃي. ڏاڍا قسم وڏا مانس تہ بہ مجال جو ڪٽي ڪا سيسراٽي ٽئيس! آخر پنهنجي ٻچن جو واسطو ڏنومانس تہ بہ ڪو پنجهر ئي نہ پُريو. پلو ٽيئي! مان سمجهان ٿو تہ نامراد کي الله ڪو ٻچو ئي ڪونہ ڏنو هو. نيٺ جڏهن تمام گهڻو ستايومانس تہ پوءِ چيائين تہ پئسا گهڻا آندا اٿئي! مون چيومانس تہ سائين هتي تہ مون پئسا ڪونہ آندا آهن، باقي پتڻ تي الله ڪندو تہ گنج ٿي پوندا. منهنجو ائين چوڻ پوءِ تہ پلو ٽيئي صفا چڙي پيو ۽ پوءِ نيٺ نپٽ جواب ڏئي ڇڏيائين ...... پلا ٻڌاءِ! ننڍڙو هاڻي ڪيئن آهي؟“

ولڻ جي زال چيو ”رب جا لک لائق ٻچڙو خوش آهي.“

ولڻ چيو، ”ڪيئن پلا، تڪليف تہ ڏاڍي هيس.“

ولڻ جي زال چيو ”لک شابسون آهن ٻچڙي نوران کي جوان جماڻ تي ڪري هن جون مهلون ڪرڻ. اسان جون دانهون ٻڌي ۽ پنهنجي ٻيڙيءَ تان آويلي مهل پڄندي آئي ٿئي مون وٽ. اڇي پڇيائين تہ چو امان خير تہ آهي هيڏي مهل دانهون پئي ڪرين. مون ڪيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ان مهل ئي ٿئي وڃي ماڪيءَ ۾ نهيل چاٿو ۽ تيل ڪٽي آئي ٿئي. ننيڙي کي چاٿو اچي ڪارايائين ۽ تيل اچي هنيائين. ٻن منٽن ۾ ئي ننيڙي کي فرحت اچي وئي ۽ الله جي فضل سان نيڪ ٿي ويو.“

ولڻ،”سچ ٿي چوين! ڇوڪر بروبر جهڙي آهي صورت جي موچاري تهري اٿس حليمت ۽ حياءُ.“

## (سين نمبر_5)

رات جو بلاول جي گهران ڏاندن جو جوڙو چوري ٿي وڃي ٿو. صبح جو سوير بلاول، ولي محمد پيريءَ کي وٺي پير کڻائي پيري ۽ بلاول وارا جهنگ مان پيرا کڻندا سڌا اچي بيگاني ڳوٺ ۾ روڊ تي پهچائن ٿا ۽ پوءِ اڳتي پيرو ڪونہ ٿو لڳي چو تہ اڳتي روڊ آهي.

بلاول، پيريءَ کي،”ادا ولي محمد اچئي ٿي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾!!“

”نہ يار ڳالهہ تہ ڪا في الحال سمجهہ ۾ نٿي اچي، الله تي رک ياڻو! الله مڙئي چڱي ڪندو! هاڻي هلي ٿا وڏيري ساڄن خان سان ملئون. هلي ٿا سڄي حقيقت ان کي ٻڌايون. آخر ڳوٺ جو امير آهي. اهو ضرور تو جهڙي شريف ۽ باعزت ماڻهوءَ سان انصاف ڪندو.“ ولي محمد پيريءَ چيو.

بلاول چيو”ولي محمد، پوتار سان تہ ضرور ملي ساڻس صلاح مشورو ڪرڻو پوندو.....!“

صبح جو سوير بلاول ۽ ولي محمد وڏيري ساڄن خان جي اوطاق تي اچن ٿا.

وڏيري ساڄن خان چيو ”اچو! بلاول خان اڄ ڪيئن پلجي پيو آهين؟ هونئن تہ اوطاق جو در بہ ڪونہ ڏسندو آن! ڪم ٿو پوي تہ وڏيرا ٿا ياد اچن نہ تہ چڱا مڙس ڪنهن کي ياد بہ ڪونهن. بلاول خان تنهنجو ڇوڪرو ڇا ڪندو آ؟“

بلاول چيو”سائين! منهنجي ڇوڪري بہ هاڻي چون ٿا تہ ڪو ميٽرڪ پاس ڪئي آ.“

وڏيرو ساڄن خان،”تہ پوءِ ائين چئجانءِ تہ حق تي اوطاق جو در ئي ڇڏي ويو آهين. چڱو بابا! پئجانءِ ڏءُ! اهو ڇورو نہ اجان ڪجهہ اڳيرو هليو تہ پوءِ عزت لاهڻ ۾ بہ دير نہ ڪندئي. تنهن لاءِ چڱو پڄئي تہ ساجهر ئي هٽينس ڪنهن پوک راهہ جي ڪم ڪار ۾! مان بابا چڱائي ٿو چوانءِ نہ تہ اڳتي هلي اجايو ڪندا ڪيڻا پوندئي. پر جائي!! حال احوال وٺڻ وسري ويا. ها ڪيو خبر! خير تہ آهي!“

بلاول چيو”ها! سائين! ٻيو تہ سڀ الله تعاليٰ جو فضل آهي. الله ڪيون پنهنجن ٻچڙن سان ويٺا آهيون. نہ ڪنهن کي ڏيون نہ ڏکايون! باقي جي ڇوري کي پڙهايو اٿم تہ چڱو ڪم ڪيو اٿم. پوتار اوهان تہ امير ماڻهو آهيو. اوهان پنهنجي اولاد کي نہ پڙهائيندؤ تہ اوهانجي سَري ويندي. باقي اسان غريب تہ روزگار لاءِ پنهنجي اولاد کي ضرور پڙهائينداسين. ان ۾ اوهانکي تہ پوتار ڪا تڪليف

ڪونہ ٿي اچي.“

وڏيري چيو”بابا مان توڪان چوري جو ڪونہ ٿو پڇان! ان ڪي ڪٽي تون ڪيلڪٽر صاحب ڪجاڻ وجي ڪڏ ۾ پئو! پر ڳالهہ تہ ٿيو ڇا آهي؟“

بلاول چيو ”پوتار! ٿيو اهو آهي تہ رات چور منهنجا ڏاند ڪاهي ويا آهن.“

وڏيري حيرت ۽ افسوس مان چيو.

”چورَ تنهنجا ڏاند ڪاهي ويا هِن!“

بلاول,”ها سائين مون مسڪين جا ڏاند ڪاهي ويا.“

وڏيري ساجن خان چيو”تہ پوءِ پلا ڪو پيرو ڪرو ڪيڏانهن ويو؟“

بلاول چيو”الائي سائين پيرن جي خبر تہ پيريءَ ڪان پڇو. باقي پيرو وڃائجي تہ وڏيري دلاور خان ۽ وڏيري يار محمد جي بيگاني ڳوٺ ۾ ويا هِن!! باقي سڄاٽپ جي سُڌ تہ پيريءَ ڪي آهي الائي نہ!“

وڏيرو ولي محمد پيريءَ ڪي,”ها ولي محمد! ڪر خبر! پير ڪٿي پهتا. ڪي سڄاٽپ ۾ بہ آيا ..... يا ......“

ولي محمد پيري,”پوتار! اوهان سان ڪجهہ خلاصو ڳالهائڻو اٿم! پوءِ وڏيرو ساجن خان ۽ ولي محمد پيري هڪ خلاصي ڪمري ۾ هليا وڃن ٿا.“

ولي محمد چيو”سائين! جيڪڏهن مونکان سچ ٿا پڇو تہ پير اڄ بہ ۽ صبحاڻي بہ جانوءَ ۽ خيروءَ جا آهن. باقي سائين ڪري غريب سان ظلم ويا هن. هن غريب جي در تي هيو ئي هڪڙو ڏاندن جو جوڙو سوبہ ڪاهي ويس! هاڻي پوتار مرضيءَ جا مالڪ آهيو. جيڪڏهن غريب سان مدد ڪندؤ تہ اوهان ڪي ڏاڍيون دعائون ڪندو!!“

جانوءَ ۽ خيروءَ جو نالو ٻڌي وڏيري جي منهن جا تاثرات متجڻ لڳا ۽ سڄو ڳاڙهو لال ٿي چوڻ لڳو, ”تنهنجي معنيٰ تہ جانوءَ وارا چور آهن!!“

ها وڏيرا صاحب اِهي ئي چور آهن.“ ولي محمد چيو.

”تہ پوءِ! ٻڌي ڇڏ ولي محمد! اِها ڳالهہ اتي ئي ختم ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ ڪي وائڪو ڪيئي تہ پوءِ تنهنجي لاءِ بہ ڪجهہ سوچبو! باقي جي بلاول وارا توڪان پڇن تہ چئجانءِ تہ پير مونکي سمجهہ ۾ نٿا اچن. وڏيڪ آءٌ پاڻهي انهن سان ڳالهايان ٿو.“ وڏيري ساجن خان چيو.

(پوءِ ٻاهر نڪري اچن ٿا, جتي بلاول وارا سندن انتظار ۾ ويٺا آهن.)

وڏيري ساجن خان چيو”بلاول خان! مونکي تنهنجي چوريءَ ۽ غريبي حال جو تمام گهڻو احساس آهي. توسان منهنجو هر ممڪن ساٿ ۽ تعاون آهي. چوريءَ جي معاملي ۾ آءٌ تنهنجي سچيءَ نيت سان همدردي ۽ مدد ڪندس. تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. چوري منهنجي ڳوٺ مان ٿي آ,

اهو منهنجي عزت جو سوال بہ آهي. انشاءَ الله آسمان مان بہ تنهنجا ڏاند پيدا ڪنداسين! باقي ٽيندو ائين تہ فرياد ڪرائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. ڇو تہ جنهن ڳوٺ ۾ پير ويا آهن. سي بہ ڏاڍا ۽ زور وارا زميندار آهن. اهي بہ ڪي ڳالهين سان تہ ڏاند ڪونہ ڏيندا. تنهنڪري منهنجي صلاح وٺين تہ وڃي فرياد داخل ڪرائي اچ. باقي پوئواري آءٌ پاڻهي ڪندس!"

بلاول چيو"ٺيڪ آهي سائين! جيئن اوهان جي مرضي."

هاڻي وڏيري ساجن کان موڪلائي ٻاهر نڪرن ٿا.

بلاول پيريءَ کي,"ولي محمد پوٽار سان خلاصو ڇا ڳالهايئي؟"

ولي محمد چيو"پوٽار سان حق ۽ سچ ڳالهايم."

بلاول چيو, "تہ پوءِ اهو حق ۽ سچ مون کي ڇونہ ٿو ٻڌائين."

ولي محمد چيو"نہ! وقت ايندو تہ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس في الحال وقت ڪونهي بلاول."

هاڻي بلاول ٿاڻي تي وڃي فرياد داخل ڪرائي ٿو ۽ رپورٽ ۾ لکرائي ٿو "پوئين رات جو وقت هو. مونکي ننڊ مان سجاڳي ٿي. گهر جي سنيال ڪيم تہ ڏسان تہ ڏاندن جو جوڙو آهي ئي ڪونہ! گهر وارن ۽ پاڙي وارن کي اٿاريم ۽ انهن سان چوريءَ جي ڳالهہ ڪيم. پنهنجي ڳوٺ واري ولي محمد پيريءَ کي وٺي وڃي پير کنياسين جيڪي هلندي هلندي بيگاني ڳوٺ ۾ اچي گم ٿي ويا. اڳتي ٻاهر پيرو ڪونہ نڪتو جنهن مان امڪان آهي تہ ڏاند ۽ چور ان ڳوٺ کان ٻاهر ناهن."

## (سين نمبر_6)

فرياد داخل ڪري پوليس جو صوبيدار ۽ ڪجهہ سپاهي ساڻ ڪري سڌو بيگاني ڳوٺ ۾ اچن ٿا. جتي وڏيرو يار محمد ۽ وڏيرو دلاور خان رهن ٿا. صوبيدار پهريائين وڏيري يار محمد خان جي اوطاق تي اچي ٿو.

صوبيدار وڏيري يار محمد کي,"يار محمد خان, وڏيري ساجن خان جي ڳوٺ مان رات بلاول جا ڏاندا چوري ٿي اوهانجي ڳوٺ ۾ پيرا گم ٿي ويا آهن. اسانکي اوهان جي مدد ۽ تعاون جي ضرورت آهي."

وڏيرو يار محمد,"حاضر سائين! حڪم ڪريو اوهان سان هر ممڪن جائز مدد ۽ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

صوبيدار چيو"تہ پوءِ اسانکي جاچ لاءِ ماڻهو کپن! اوهان دلجاءِ ڪريو ڪنهن بہ قسم جي نا انصافي ۽ بيواجبي هرگز نہ ٿيندي. اسان کي صرف اچا ۽ ڪارا پڌرا ڪرڻا آهن."

وڏيري يار محمد صوبيدار کي انن ماڻهن جي لسٽ ڏيندي چيو تہ, "صوبيدار صاحب, هي آهن ماڻهو باقي وڻا اوهان کي پاڻ پوندا."

صوبيدار لسٽ کڻي وڏيري دلاور خان جي اوطاق تي اچي ٿو.

صوبيدار ”دلاور خان! اڄ رات ساجن خان جي ڳوٺ مان بلاول جا ڏاند چوري ٿي اوهان جي ڳوٺ ۾ پيرا گم ٿي ويا آهن. اسانکي اوهان جي تعاون جي سخت ضرورت آهي.“

وڏيري دلاور خان چيو ”صوبيدار صاحب، هر انصاف واريءَ ڳالهه ۾ هر ممڪن ۽ ڀرپور تعاون ڪنداسين، حڪم ڪريو اوهان کي ڪهڙو تعاون گهرجي.“

صوبيدار چيو ”دلاور خان، جيڪڏهن اوهان انصاف ٿا چاهيو ته پوءِ اوهان کي جاچ لاءِ پنهنجا ماڻهو ڏيڻا پوندا!“

دلاور خان چيو ”سواءِ ڪنهن ثبوت ۽ سچاڻ جي محض پيرن وڃائڻ تي اسان پنهنجا بيگناهه ماڻهو ڪونه مارائينداسين. صوبيدار صاحب! چورن کي سوين اٽڪلون ۽ چالبازيون هونديون آهن. جن مان هيءَ به هڪ چوراڻي چال ۽ سازش ٿي سگهي ٿي.“

”صوبيدار صاحب ماڻهن کي عام خبر آهي ته هتي ٻن زميندارن جي پاڙ ۾ مخالفت آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته چورن اسانجي مخالفت مان ناجائز فائدو وٺي اسان جي ڳوٺ مان پيرو وڃائي پوءِ ڪنهن ٻئي طرف هليا ويا هجن. صوبيدار صاحب! انصاف ۽ قانون ۾ جيڪڏهن اسانجا ماڻهو چور ثابت ٿين ٿا ته مان اهڙن بدمعاشن جي گهرن کي باهيون ڏياري کين هتان لڏائي ڇڏيان.“

وڏيري پڇيو ”ڇا ڀلا پيريءَ پير سڃاتا آهن؟“

صوبيدار چيو ”نه!“

وڏيرو ”ڀلا مالڪ جي سڃاڻپ آهي؟“

صوبيدار ”نه !“

وڏيرو ”ڀلا مالڪ جي اسانجي ڳوٺ وارن سان دشمني آهي؟“

صوبيدار ”نه!“

وڏيرو ”ته پوءِ صوبيدار صاحب! ڪهڙي ثبوت جي بنياد تي اسان کان ماڻهو وٺندؤ!“

صوبيدار ”دلاور خان اسانکي هر حال ۾ هي ماڻهو گهرجن.“

دلاور خان لسٽ ڏسي حيران ٿي ويو ۽ چيو ”صوبيدار صاحب! هي ته سڀ اسان جا پورهيت ۽ شريف ماڻهو آهن، اوهانکي هي لسٽ ڪنهن ڏني آهي.“

صوبيدار چيو ”دلاور خان مونکي خبر آهي ته هن ڳوٺ ۾ اوهانجون ٻه طاقتور پارٽيون آهن. اها لسٽ اسان کي وڏيري يار محمد ڏني آهي. باقي شريف ۽ بدمعاش ڪنهن جي نرڙ تي ته لکيل ڪونه هوندو آهي ۽ اهو سڀڪجهه جاچ ڪرڻ مان معلوم ٿيندو. ته شريف ڪير آهي ۽ بدمعاش ڪير آهي. باقي جيتريقدر پارٽيبازي جو سوال آهي، ته جيڪڏهن وڏيري يار محمد اوهانجا شريف ماڻهو ڏنا آهن ته اوهان کڻي ان جي بدمعاش ماڻهن جا نالا لکرايو.

وڏيرو دلار خان مٿي کي هٿ ڏيئي ارمان ۾ ويهي رهي ٿو ۽ پوءِ هو به صوبيدار صاحب کي اوترن ماڻهن جي لسٽ ڏئي ٿو جيترا ماڻهو وڏيري يار محمد ڏنا هئا.

صوبيدار پوليس جي گاڏي بيگناهه ڳوناڻن جي جوابدارن سان پري ٽاٽي تي پهچي ٿو. ماڻهو ڪي واپاري ڪي دڪاندار، ڪي هاري ڪي مزور ۽ دائما مريض ۽ مرٽينگ حالت ۾ آهن ۽ ڪي ماڻهو ٻاهر ويل آهن ته انهن جي ماٽن کي جهلي وڃي ٿو.

هوڏانهن سڄي ڳوٺ ۾ مايوسيءَ جي لهر ڇانئجي وڃي ٿي. ڳوٺ جا ستايل ماڻهو هڪ اوطاق ۾ا ڇي گڏ ٿين ٿا.

هڪ ڳوناڻو هڪ ٻئي ڳوناڻي کي، ”ادا بادل، ٻيلي بيگناه راج مري ويا.“ علي مراد چيو.

”ادا علي مراد! وري ڪهڙا بيگناهه راج مري ويا.“ بادل چيو.

علي مراد چيو”اها خبر ڪانه پيئي ڇا ته ڪاڏهون جي جنب ۽ ڪاڏهون جي جهار چوري ٿئي وڏيري ساجن خان جي ڳوٺ مان ته سڄن پيا اسان جا ڳوٺ!!“

بادل چيو”ادا اِهي مڙئي آهن پنهنجي پوتارن جون پلايون. نه ته پڇا ڳاڇا ٿيندي آ. بدمعاش ۽ شريف جو فرق ٿيندو آهي، ٻلا جيڪي بيگناهه ماڻهو وٺي ويا آهن انهن ويچارن ته ڪڏهن ماڪوڙي تي لت به ڪونه ڏني آ. پر ڇا ڪجي ادا علي مراد! چوندا آهن ته ’وڙهن سانهه لتاڙجن ٻوڙا‘ بس پوتار ته پنهنجا پاڙ ٿا پاڙن باقي مرن ٿا وچ تي راج! هو ته ڏس ويچارو خيرو جيڪو ڇهن مهينن کان وٺي کٽ تي بيمار پيو آ، ٽي.بيءَ جو مريض سو ان کي به وٺي ويا هِن.

اتي هڪ نوجوان وچ ۾ ڳالهائيندي چيو”چاچا! جنهن ڳوٺ ۾ ماڻهن کي عزت ۽ امن نٿو ملي ته پوءِ ان کان بهتر آهي ته ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ لڏي هلجي جتي امن ۽ سلامتي عزت ۽ آبروءَ سان زندگي گذاري سگهجي. باقي ظلم آخرڪار ڪيستائين سهندا رهنداسين. چاچا! هن ڌرتيءَ تي غريبن کي به ته سک سان رهڻ جو هڪجيترو حق آهي.“

هڪ ٻئي ڳوناڻي چيو”ابا مان سمجهان ٿو ته تون سچ ٿو چوين! توهان جي نئين رتويت آ. نئون جوش آ. پر بابا توهان ان ڳالهه کي نه سمجهي سگهندؤ. هي اسانجي ڳوٺ جا امير آهن. ابن ڏاڏن کئون وٺي ائين پيو ٿو وقت گذري. جبل سان مٿو هڻبو ته ابا مٿو پنهنجو ڦاٽندو. باقي جبل کي ته ڪجهه ئي ڪونه ٿيندو. سو ابا اِهي خيال ئي دل مان ڪيي ڇڏيو.“

علي مراد چيو”ادا چور ته، جاڏهون جا هئا اوڏهِن هليا ويا. پر ادا! اندر ٿو سڙي ته پَرَ بيگناهه راج مري ويا!“

”ٻائو! وڏيرن جي نه اِها روش رهي ته پوءِ سائين راج به الله جي خلق آهن. حق حلال جو پورهيو ٿا ڪَنِ، انهن کي به پنهنجي عزت ۽ حفاظت کپي. جي ائين ٿيو ته ٻائو ته پوءِ وڏيرن جون اوطاقون به هڪ ڏينهن خالي ڏسندين ادا بادل!“

بادل چيو "ادا علي مراد اهو بروبر (برابر) سچ ٿو چوين، پر ادا ڏاڍن مڙسن کي سچ ڪير چئي، "ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٿا، جيڪو ڏاڍو سو گابو."

پر ڏک ضرور ٿئي ٿو تہ يَرَ بيگناهہ راڄ مري ويا! اِها ٻيلي سٺي ڳالهہ ناهي!"

علي مراد چيو"ادا بادل ياد رکي ڇڏ تہ جڏهن اسان ۾ سچ چوڻ جي همٿ ٿي تہ پوءِ وڏيرا ڪنهن تي بہ ظلم نہ ڪندا ۽ الله ڪندو تہ بيگناهہ راڄ نہ مرندا!"

## (سين نمبر:7)

يوسف جيڪو دلاور خان جي ڳوٺ جو آهي، سو ميلي تي سنبريو درياءَ پار وڃي ٿو. ٻنين مان لنگهندي هن جي نظر هَرَ ۾ وهندڙ ڏاندن جي هڪ جوڙي تي پئجي وئي. هن سوچيو تہ شايد اِهي ڏاند بلاول وارا آهن. يوسف ڏاندن ڏانهن وڏي وڃي ٿو.

"اسلام عليڪم." يوسف چيو

"وعليڪم سلام." هاريءَ چيو

ڪير جوان آن ادا؟" هاري پڇيو.

"ادا منهنجو نالو يوسف آهي، مان وڏيري دلاور خان جي ڳوٺ ۾ وينو آهيان." يوسف چيو.

"هتي ڪيئن اچڻ ٿيو آ؟" هاريءَ چيو

بس يَرَ ويس پئي ميلي تي، پر اسان بہ آهيون رزق جا شوقين ماڻهو. پٽارن کي جو ڏٺم پلو وهندي تہ دل سٽ ڏني تہ پٽارن جون ٻتي اوڙون ڏسندو وڃان. اسان وٽ بہ اهڙا جوڙا ڏسندين جو وڃي ٿيا خير!" يوسف چيو.

"ادا پلي آئين! جيءُ آئين. ادا رزق تہ اسانجي ۽ زمين جي سونهن آهي، جي رزق ڏٻرو ۽ هيڻو هوندو تہ اسان بہ ڪمزور ۽ هيڻا هونداسين. جي اسان بي همت ۽ هيڻا ٿياسين تہ وري زمين ڪيئن آباد ٿيندي."هاريءَ چيو.

"ادا تنهنجو نالو ڇا آهي؟" يوسف پڇيو.

"ادا منهنجو نالو ڳھٽو آهي." هاري چيو.

"ڳهٽا خان! هي جوڙو پلا پنهنجي گهر جو اٿئي يا ڪٿان خريد ڪيو اٿئي؟" يوسف پڇيو.

"ادا اسانجي ڳوٺ ۾ آهي هڪ وڏو مال جو واپاري محراب خان ان کان ٽين هزارين روڪين ورتو اٿم. رکت پکت صفا نہ ۽ ڏينهن بہ ڪي ٻتي ٿيندا." ڳھٽي چيو.

"اهو محراب ڪير آ؟" يوسف پڇيو.

"ادا اِهو تمام شريف ۽ نيڪ ماڻهو آ. مال جو واپار ڪندو آ. پري پري جا ماڻهو هن وٽ ايندا هِنِ ۽ پاڻ ٻيو ڪو ڪم ڪري ئي ڪونہ." ڳھٽي چيو.

”چڱو ڀڳڻا الله توکي رزق بخشي ڏئي، چڱو هاڻي موڪلائي. الله واهي.“ يوسف چيو.

يوسف ڳوٺ اچي وڏيري دلاور خان کي سموري ڳالهه ٻڌائي ته ته ”سائين بلاول جا چوري ٿيل ڏاند سجاڻي هتيڪا ڪري آيو آهيان، هاڻي جيڪا پوتار جي مرضي!“ يوسف چيو.

”يوسف! ڏاڍي خوشخبري ٻڌائي ڇڏيئه. چڱو هاڻي هيئن ڪر! بلاول کي وڃي ڳوٺئون وٺي اچ! پر هن سان ٻيو ڪجهه به نه ڳالهائجانءِ! صرف منهنجي نالي چوپس ته دلاور خان کي توسان ضروري ڳالهائڻو آهي.“ دلاور خان چيو.

يوسف وڃي ٿوءِ وڃي بلاول کي وٺي ٿو اچي.

دلاور خان چيو”بلاول مبارڪ اٿئي! تنهنجي ڏاندن جو پتو ته پئجي ويو ۽ اِهي پلايون پانءِ يوسف ڏانهن.“ هو ته ويو پئي ميلي تي پر قدرت جڻ بهانو بنائي موڪليس ته تنهنجي ڪم لاءِ انشاءَ الله حق حق ٿيندو ۽ اچا ڪارا هاڻي هاڻ پڌرا ٿيندا!

هاڻي هيئن ڪريو جو يوسف سان گڏجي پوليس پارٽي ساڻ ڪري صبح سوير سان ان جاءِ تي پهچو جتي تنهنجا ڏاند هر وهي رهيا آهن ۽ ها! آءٌ به ٿو پوليس ڏي اوهان سان گڏيو هلان! پر ياد رک بلاول، اها خبر ڪنهن به قيمت تي ساجن خان ۽ ان جي ماڻهن کي هرگز پوڻ نه گهرجي.“

بلاول چيو”نه سائين! ائين هرگز نه ٿيندو.“

وڏيرو دلاور خان، بلاول ۽ يوسف کي وٺي ٿاڻي تي وڃي ٿوءِ کين پوليس گڏي ڏئي ٿو.

## (سين نمبر:8)

يوسف ۽ بلاول سان گڏ پوليس پارٽي ان جاءِ تي پهچي ٿي جتي ڀڳڻو هَرُ ڪاهي رهيو هو.

”اسلام عليڪم.“ صوبيدار چيو.

”وعليڪم اسلام.“ هاري چيو.

”بابا تنهنجو نالو ڇا آهي؟ صوبيدار پڇيو.

”سائين منهنجو نالو ڀڳڻو آهي.“ هاريءَ چيو.

”ڀڳڻا خان هي ڏاند ڪنهن جا اٿئي؟“ صوبيدار چيو.

”سائين اِهي ڏاند مون محراب خان کان ٽين هزارين روڪين ورتا آهن.“ هاري چيو.

”اهو محراب خان ڪير آهي، ۽ ڇا ڪندو آهي؟“ صوبيدار چيو.

”سائين اهو اسان جي ڳوٺ جو تمام شريف ماڻهو آ ۽ مال جو واپار ڪندو آ.“ ڀڳڻي چيو.

”چڱو بابا تون هاڻي هيئن ڪر جو ڏاندن کي ڇوڙ ۽ اسانکي هلي محراب شريف ماڻهوءَ جي اوطاق ڏيکار.“ صوبيدار چيو.

”سائين مان پلا ڏاندن کي گهر ڇڏي اچان.“ ڀڳڻي چيو.

”نہ بابا نہ! ڏاند درا صل چوريءَ جا آهن. ڏاندن جو اصل مالڪ اسان سان گڏ آهي. ڏاندن ڪي پاڻ سان گڏ ڪاهيون هل.“ صوبيدار چيو.

”صوبيدار ڳهٽي کي ساڻ ڪري محراب خان جي اوطاق ڏانهن اچن ٿا تہ ان وقت محراب خان جي اوطاق چورن سان پيري پئي آهي. پوليس کي پري کان ايندو ڏسي سڀ ماڻهو ٽڙي پکڙي نڪري وڃن ٿا. باقي صرف محراب خان اوطاق ۾ آهي.

”محراب خان، ڳهٽي کي هي ڏاند تو ڏنا آهن؟“ صوبيدار پڇيو.

”سائين! مان .... مان .... محراب هبڪڻ لڳو. مان! مان جا سڪا جلدي ٻڌاءِ تہ ڳهٽي کي ڏاند ڪنهن ڏنا آهن؟“ صوبيدار رعب مان چيو.

”ها سائين، مون ڏنا آهن.“ محراب چيو.

”ڪيترن پئسن ۾ ڏنا اٿئي؟“ صوبيدار پڇيو.

”سائين ٽن هزارن ۾.“ محراب چيو.

”چڱو هاڻي جو هاڻي ۽ هن گهڙيءَ ٽي هزار روپيہ ڳٽي غريب کي ڏئي ڇڏ. باقي وڏيڪ ڳالهيون ٿاڻي تي ڪبيون.“ صوبيدار چيو.

محراب ڇوڪري کي گهر موڪلي ٽي هزار گهرائي، ڳهٽي کي ڏئي ٿو.

”محراب خان! تون تمام شريف ماڻهو ٿو ڏيکارجين پلا انهيءَ حق حلال جي ڌنڌي ڪندي گهڻو وقت ٿيو اٿئي؟“ صوبيدار پڇيو.

”سائين بس! مال جو واپار وڙو ڪري روزي ڪمائيندو آهيان.“ محراب چيو.

”محراب خان! روزي تہ ڏاڍي سٺي ڪمائين پر اهي ڏاند توکي ڪنهن ڏنا؟“ صوبيدار چيو.

”سائين اهي ڏاند مونکي پنهنجا گهرو ڏاند آهن.“ محراب چيو.

”پنهنجا ۽ گهروءَ جا پٽ! سچي ڪر تہ توکي ڏاند ڪنهن ڏنا پاٽاريدار!“ صوبيدار رعب مان چيو.

”سائين جي سچي ٿا پڇو تہ اِهي ڏاند مون کي جانوءَ ۽ خيروءَ ڏنا آهن.“ محراب چيو.

”جانو ۽ خيرو ڪير آهن ۽ ڪٿي رهندا آهن.“ صوبيدار پڇيو.

”سائين اُهي وڏيري ساجن خان جا ماڻهو آهن ۽ سندس ڳوٺ ۾ ئي رهندا آهن.“ محراب چيو.

چڱو! محراب خان تون مون سان گڏ هَلُ ۽ يوسف تون ۽ ڳهٽو اوهان ڏاندن کي ڪاهيون سڌا دلاور خان جي اوطاق تي اچو. صوبيدار چيو.

”هاڻي سڀ ڏريون دلاور خان جي اوطاق تي پهچن ٿيون.“

صوبيدار وڏيري دلاور خان کي مخاطب ٿيندي چيو. ”دلاور خان اوهانجي وڏي وڏي مهرباني جو اوهان حق ۽ انصاف واري نيڪ ڪم ۾ انساني همدردي ۽ ڀرپور تعاون بيمثال ثبوت ڏنو آهي. دوار

خان! جيڪڏهن اوهان وانگر هر زميندار اهڙو ڪردار ادا ڪري ته شايد تمام ٿوري وقت ۾ هن معاشري مان سماجي برائين ۽ غيراخلاقي ڏوهن جي هميشه هميشه لاءِ پاڙ پٽجي وڃي.“

”نه صوبيدار صاحب! احسان ۽ ٿوري جي ته ڪا ڳالهه ڪونهي اهو ته اسان سڀني جو گڏيل اخلاقي ۽ انساني فرض آهي. هڪ طرف بلاول غريب سان ظلم ٿيو ته ٻئي طرف بدمعاشن جي آهل تي اسان جي ڳوٺ جا شريف ۽ بيگناهه ماڻهو جيلن ۾ پئجي ويا ته اهڙي قسم جي نا انصافي ڪو به باشعور ۽ پرامن ماڻهو برداشت نه ڪري سگهندو.“

”صوبيدار صاحب، ان لاءِ ضروري آهي ته گڏيل ڪوشش سان اصل حقيقت ڪي سامهون آڻجي. صوبيدار صاحب، منهنجي سمجهه ۾ ان سموريءَ سازش ۾ وڏيري ساجن خان جو لڪل هٿ نظر اچي ٿو. ڇو ته مذڪوره چورن جو ساجن خان سان گهرو تعلق آهي.“ دلاور خان چيو.

صوبيدار چيو ”دلاور خان! اوهان يقين ڪريو. انشاءَ الله سچ ۽ ڪوڙ تمام جلد پڌرو ٿي پوندو. صبحاڻي نائين وڳي اوهان يوسف ۽ فرياديءَ سان گڏ ٿاڻي تي ايندا. اتي ساجن خان کي آءٌ پاڻهي گهرائي وٺندس.“

ائين چئي صوبيدار محراب ۽ ڳهٽي کي ڏاندن سميت ٿاڻي تي وٺي ويجي ٿو. شام جو صوبيدار هڪ جمعدار کي ساجن خان ڏانهن موڪلي ٿو. جمعدار وڏيري ساجن خان جي اوطاق تي پهچي ٿو.

جمعدار چيو”ساجن خان! مونکي صوبيدار صاحب موڪليو آهي ته فريادي بلاول جي ڏاندن متعلق ڪجهه ڳالهائڻو آهي. ان لاءِ سڀاڻي نائين وڳي هر حالت ۾ ٿاڻي تي ايندا.“

”انشاءَ الله ضرور اچبو.“ ساجن خان چيو.

## (سين نمبر:9)

ٻئي ڏينهن صبح جو ٻئي ڌريون ٿاڻي تي پهچن ٿيون.

صوبيدار وڏيري ساجن خان کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو”ساجن خان مبارڪ هجئي! اوهانجي ماڻهو بلاول جا ڏاند ملي ويا آهن.“

”سائين خير مبارڪ! اوهانکي مبارڪون هجن اهو اوهانجي محنت ۽ فرض شناسيءَ جو نتيجو آهي.“ ساجن خان چيو.

صوبيدار چيو ”ليڪن ساجن خان چوندا آهن ته ’سي ئي ويري سي ئي واهرو.‘ ڏاند ته ملي ويا باقي چورن کي وٺڻو آهي.“

ساجن خان چيو”سائين جتي چوري ملي آ، ته ضرور چور به ملي ويندا.“

صوبيدار چيو”جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته پوءِ ساجن خان ياد رکي ڇڏ ته چور تنهنجا جانو ۽ خيرو آهن ۽ توکي ڏيڻا پوندا.“

ساجن خان چيو”صوبيدار صاحب! اها سموري سازش دلاور خان وارن جي گهڙيل آهي ڇو تہ چورن جا پيرا انهن جي ڳوٺ ۾ گم ٿيا هئا. هاڻي هو پنهنجي ڳچيءَ مان فلم ڪيڍي ساجن خان جي گهر تي ٽانڊو رکڻ ٿا چاهن.

صوبيدار صاحب! فريادي خود منهنجي ڳوٺ جو پيارو ماڻهو آ, مون خود ان کان فرياد ڪرائي آ, ان جي معنيٰ اِها آهي تہ چوري بہ ان جي مون ڪرائي آهي. اهو سمورو ڪوڙو الزام ۽ بهتان آهي, صوبيدار صاحب!“

صوبيدار چيو”ساجن خان ياد رکي ڇڏ اِها سموري جاچ مون بذات خود ڪئي آهي. ڏاند مون ورتا آهن. شاهد موجود آهن, آءٌ هينئر ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ ان سموري سازش ۾ دلاور خان جو نہ پر ساجن خان جو لڪل هٿ هو. جيڪو هاڻي پڌرو ڪرڻو آهي.“

ساجن خان چيو”تہ پوءِ ٺيڪ آهي, صوبيدار صاحب پيريءَ پير ڏنا هئا جيڪڏهن اهو چوي تہ جانوءِ خيروءَ جا پير آهن تہ پوءِ ساجن خان جا ماڻهو مجرم آهن.“

دلاور خان وچ ۾ ڳالهائيندي چيو”اسان کي اهو شرط بہ قبول آهي. حالانڪ پيري بہ ساجن خان جي ڳوٺ جو آهي, پر اسين انصاف جي هر تقاضا کي پورو ڪنداسين.“

صوبيدار سپاهيءَ کي موڪلي ولي محمد پيريءَ ي گهرائي ورتي ٿو.

صوبيدار پڇيو”ولي محمد اوهان جي ڳوٺ مان بلاول جا ڏاند چوري ٿيا هئا, تون پيرن سان ويو هئين؟“

ولي محمد پيري,”هائو سائين.“

صوبيدار چيو”ولي محمد! اسين توکان حق ۽ انصاف جي تقاضا ۽ اميد ٿا ڪريون تہ ڇا تون اهي پير سڃاڻين تہ ڪنهن جا هئا؟“

ولي محمد پيريءَ چيو”صوبيدار صاحب ان کان اڳ تہ مان اوهان کي سربستي حقيقت ٻڌايان, مونکي پنهنجي جان ۽ مال جي ضمانت ملڻ کپي.“

صوبيدار چيو”بلڪل ٺيڪ آهي ولي محمد! تنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت ڪئي ويندي ۽ اهڙي ضمانت لکت ۾ ورتي ويندي.“

دلاور خان وچ ۾ ڳالهائيندي چيو”صوبيدار صاحب, ولي محمد جي ڳالهہ مان ثابت آهي تہ هي ويچارا ظلم ۽ ڏاڍ جا ماريل ۽ ساجن خان جا ستايل ماڻهو آهن, مان واعدو ٿو ڪريان تہ مظلومن جو ساٿ ڏيڻ منهنجو انساني ۽ اخلاقي فرض آهي. ولي محمد ۽ بلاول وارا جيڪڏهن منهنجي ڳوٺ لڏي اچن تہ سندن هر ممڪن اجهي ۽ روزگار جي معاملي ۾ دل کولي مدد ڪندس.“

صوبيدار ولي محمد کي چيو”ولي محمد هاڻي ڳالهہ ڪر تہ پيرن جو ڇا ٿيو؟“

ولي محمد چيو”صوبيدار صاحب! حقيقت اِها آهي تہ بلاول جا ڏاند چوري ٿيا مون پير ڏنا, آءٌ

قسم تي چوانئو تہ پيپر جانوءَ ۽ خيروءَ جا هٿا، ۽ ڏاندن جا حقيقي چور جانو ۽ خيرو آهن. صوبيدار صاحب، مون ان وقت ئي اها ڳالهہ وڏيري ساجن خان کي ٻڌائي ڇڏي هئي.“

ولي محمد پيريءَ جي جذباتي بيان ڪانپوءِ ٿاڻي تي سناٽو ڇانئجي ويجي ٿو.

صوبيدار ساجن خان کي مخاطب ٿيندي چيو”ساجن خان! تنهنجي سازش جو پردو تہ لهي چڪو. تون تہ هڪ تير سان ٻہ شڪارڪرڻ پئي چاهيا، هڪ طرف هڪ مظلوم ۽ مسڪين سان ظلم ڪري ان جي چوري ڪرائيي ۽ ٻئي طرف دلاور خان جن جي ڳوٺ ۾ جهيڙو وجهي انهن ۾ ويڙهاند ڪرائي بيگناهہ ماڻهو پئي مارايئي.

ياد رک ساجن خان! جانو ۽ خيرو هاڻي جو هاڻي ملڻ کپن نہ تہ ٻي صورت ۾......... سمجهيئي !!
.......... .“

ساجن خان چيو”حاضر سائين! صبح جو اٺين وڳي جانو ۽ خيرو هر حالت ۾ اوهان وٽ پيش ڪندس.“

ٻئي ڏينهن صبح جو اٺين وڳي ساجن خان جانوءَ ۽ خيروءَ کي پوليس حوالي ڪري ٿو.

## (سين نمبر:10)

اصلي چورن جي پيش ٿيڻ ڪانپوءِ بيگناهہ ماڻهو جيل کان ٻاهر نڪرن ٿا. هوڏانهن ولي محمد ۽ بلاول ڳوٺ مان لڏو ڪٽي وڏيري دلاور خان جي ڳوٺ اچن ٿا.“

O

# شاعري

# بيت

**

سُکن ڪارڻ سُک ويو، سورن ڪيو سجاڳ،
هِي ٿا جهورن جِيءَ کي، ماڻهن ليکي ڀاڳ،
سورن جو سُهاڳ، ماڻ تہ موچارو ٿئين.

**

اهڙي ملي ڪانہ ڪا، جيئن سورن جي سوغات،
سکن سنگ نہ نِسريا، ڏکن ڏني ڏات،
منهنجي ملاقات، صبح سان ٿي سورَ سان.

**

ڪيئي آس اُمنگ، مرجهايا تو سُکَ،
پنهنجي اُجَ اُجهائڻ خاطر، خوب نچايا ننگ،
پوکَ پراوا سَنگَ، تن تي ٻٽئين آڪِرو.

**

سک مڙيوئي سُورُ، سُورَ سوايا سک کان،
آهون، آسون عام جون، دليون ڇڪنا چُور،
جنين سور سرير، سي ڪيئن ساٿي سک جا.

**

سورن ساٿ ڏنو، جان جان اک کُلي،
ڇُڪي ڏنائون چاهہ جي، هٿن ساڻ هلي،
مونکي ڏات ملي، ڏکويل جي ڏيل مان.

**

سکن خاطر سڏڙيا، ماڻهن کائين ماسُ،
هَولُ ڪري هيڪاند لاءِ، ٻڻئين خون پياسُ،
ڪيئي ڪونہ قياس، ڏکايل جي ڏيل جو.

**

سوئي اُپائي، سوئي بکيو سوئي بڻيو محتاج،
ريج ڪري پيورت سان، ڏک تنهين کي ڏاج،
پورهيت انگ نہ اڳڙي، ڏسو ايءُ سماج!
ٿئي رد رواج، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

**

مِڙي سپ ڏين، سک سموري لوڪ جا،
گهوري سپ چڙجن، سورَ برابر هيڪڙي.

**

ماڳ موٽائج مارئي، ساعت هِتِ نہ سَران،
هيڻو حال هِجي ٿيو، جهوريءَ منجهہ جُهران،
مران پل تہ مران، ڏسان هيڪر ڏيهہ کي.

**

ڏسان هيڪر ڏيهہ کي، آهي اِيءَ اُڪيرَ،
مِٺي ملڪ ملير جي، مارون پسان مِيرَ،
آهي سڪ سرير، سرهي ٿيان سَٿَ ۾.

**

سرهي ٿيان سَٿَ ۾، سرتيون پسان شال،
سارينديِ سنگهاريون، هيڻا ٿيا حال،
ڪوٺن اندر ڪالُ، ٻاهر باغ بهاريا.

**

ٻاهر باغ بهاريا، چوٽيا چندن وڻ،
سرنهہ سنگ ڦلاريا، ساول ڪئي سانوڻ،
ڪنڊيون، ڪاپاريون، ٻوليون ڏنارن ڪي ڏڻ،
سچا سانگي سچ جا، ڪائن ڪير مڪڻ،
هيري ڦيري حرفتون، ڄاڻن ڪونہ رڪڻ،
لک ڪروڙين ڳڻ، ساريو ساريان ڪيترا.

**

مِڙيِ سپ ڏين، سور سموري لوڪ جا،
چُمي چاهہ منجهان، اکين تي رکجن،
سدا خوش رهن، مارو ملڪ ملير ۾.

**

جُهوپا ۽ جهانگي، منَهَن ۽ مارون،
ڪڏهن وسرن ڪينڪي، سرتيون سنگهاريون،
ڪريان پٽي ڪارون، ڪري مُنهن ملير ڏي.

**

ڪريان منهن ملير ڏي،ٿڏڙي لڳيم هِيرَ،
هوريءَ هاڻي هنيانءَ ڪي، ساعت ٺئي ڪا سڌير،
واهر ٿينديم وِيرَ، ورنديس ويڙهيچن ڏي.

**

ورنديس ويڙهيچن ڏي، جتِ لُلر ۽ لاڻِي،
راڻيون تنهنجي ريت ۾، آءُ اصلئون اياڻي،
هَوڏَ ڇڏ هاڻي، ماڳ موٽائج مارئي.

**

راتو ڏينهان رڻ ۾، ساڻيھ لَئہ سارون،
هينئڙو تنگ پروڻ ٽيوڦُٽي ۽ ڦارون،
ڪڏهن پوندن ڪَنَ تي، ضعيفان زاريون،
موٽي پون من ڪي، سرتيون سنگهاريون،
ماري نيٺ تہ مرندا، جن مڪر سان ماريون،
دلبو ڏيئي دوڙ سان، ڪاٽيون قطارون،
ڪونجون ڪاناريون، سارِن تہ بہ ساڻيھ ڪي.

**

ڪٽي آئين ڪوھ تان، منهنجو ملڪ ملير،
جهوريءَ منجھ جهجي هِنيون، سِڪي پيو سرير،
ڏوٽي ڏٺ پياڪ هِن، مارون منهنجا مير،
پاٽي پاڪ پلر جو اسان لئہ اڪسير،
للر، لاڻي، لنب ۽ ڊامڻ، ڊِپ ڊِپور،
ڪڏهن لهندم ڪينڪي، سنگهارن جو سُورُ،
ڄاڻن ڦند نہ ڦير، سانگي سدا سچ تي.

**

راتيو ڏينهان روح ۾، پنهوارن پچار،
ڦيدياڻي هِتِ ڪوٽ ۾، هُتِ سرها سنگهار،

آۓ اڪيلي بند ۾، ڏنارن ڪان ڏار،
تيسين موت نہ مار، جيسين پسان جُوءِ ڪي.

**

هر هر هنيانءَ هُري پئي، جهانگين جي جهونگار،
قسمت آندي ڪوٽ ۾، باندي بي اختيار،
ڪڪن منجهہ قرار، تنهنجا ڪوٽ ٿماريا.

**

ولر ڪان جيئن ڪونج، وڇڙي ٿئي ڏار،
روڄ راماٽا رڻ ۾، نڪا پُڇهي هونگ،
مَنَ ۾ سدا مونجهہ، ولر ۽ وطن جي.

**

رُڃ سُڃهي ٿي روهہ، ٻيو ڏونگر جو ڏهڪاءُ،
ڏيرن ڪونهي ڏوهہ، انگ پڙي ٿو انگ سان.

**

مَ جهليو مائي، ڇڏيو ڪاهيان ڪيچ ڏي،
گهرن وينئي وَرَ ملڻ، آهي اجائي،
سائي سجائي، ڏونگر جنهن ڏوريو.

**

حاصل ڪارڻ هوت، لوچيان ۽ لُڇان،
جيسين ساهہ سرير ۾، تيسين پير پڇان،
جي ٿي ڪجهہ ڪُڇان، ٿينديس ڪيچي ڪيچ جي.

**

ارڏا تنهنجي اوٺ، ٻُٽي ٻانيان ٻِٽِ،
مران، هلان هوت ڏي، چڙهي ويندیس چوٺ،
ڪيري سيئي ڪوٺ، ڪانڏ موٺائيندیس ڪيچ کان.

**

اڄان آريءَ ڄام سان، هيس نينهن نڪور،
سسئيءَ لاءِ سور جي، مند نہ هئي مُور،
ريهون ڪري رُڃَ ۾، وڃي پئي وهلور،
قسمت ڪيُسِ ڪلوُر، نہ تہ پٽرن پنڌ ڪير ڪري.

**

نڪا سهيلي سور جي، نڪي ڪنهن ڳمڪاءُ،
ٻاروچاڻي ٻاڻ جي، گهائي وڌيس گهاءَ،
سر تين سندي سٽ ۾، سسئيءَ ناهي ساءُ،
آرِي اوري آءُ، سرهي ٿيان سٽ ۾.

**

قسمت ايئن ڪياس، ساٿ رهيومِ نہ سَٿُ،
وهي پيو وجود مان، ريلا ڪيو رَتُ،
لهوءَ ۾ لِٽُ پِٽُ، تہ ٻہ ٻولي ٻاروچل جي.

**

منهنجو پيچ پنهوءَ سان اصل ٿئي اَڄَ تر،
ڏاڍا تنهجو ڏر، مونتي مورنہ ٿيڻو.

**

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو سيني منجهه سَرو،
اوهين سپ سهاڳڻيون، متان مفت مَرو،
جهوريءَ منجهه جُهريو هِنيون منهنجو هوت لئهه.

**

ڪانڌ بنا ڪيئن ڪنڌ، ڪڍي گهمان خلق ۾،
اتي پيڙم پنڌ، جِتِ هلڻ هاري ناهه ڪا.

**

جيئن پَلو منجهه سِيرَ، تيئن عاشق اوپارا،
دهشت پسي درياهه، لڙهيا نه لهورا،
مَڇَ تنين ماريا، جن خوف نه آندو خيال ۾.

**

فڪر جا ڦريا، هٿ جي جوڙن جوڙ
اهڙا ڪُوڙا ڪُوڙَ سامهان ايندا سُڄَ ۾.

**

سامهان ايندا سفر ۾، چلڪي تي چلڪا،
طلسم، ڍارا ڍوهه جا، تن کي ڪندا چا،
جنين سان هوندا، سونهان انهيءَ ساٿ ۾.

**

جان جان هلين هوت ڏي، سونهون ڪڄ ساڻ،
رلين متان رج ۾، پاڻ وڃائي پاڻ،
جن جي ڄاڻ سڃاڻ، ڪنڌيءَ ڪندئي ڪارڻي.

**

ڏنا جيجل ٻيرِ، ڳاڙها ڳاڙها ٻيرَ،
ڇاپـَڙَ هٽندين هڪ کي، ڇَٽي پوندا ڍيرَ،
هڪ هڪ کري ويرُ، وٺندئي پنهنجي ماءُ جو.

**

سُبَتي هلي سيکو اُبتي هلي کو،
جنهين ۾ جوکو ساجن انهيءَ سَيرَ ۾.

**

سوين وٺن سبتي، جوڳين اُبتي واٽ،
جِتِ اونداهي ٻاٽ، اتي اڏنِ پکڙا.

**

هُو ٿا پڙهن سبتا، هِي ابتا انگ پڙهن،
توڙي رسم رواج سڀ، چڙهيا چوٽ وڃن،
کھڙي سُڌِ انهن، ابتي انگ اچار جي.

**

جيئن پاڻيءَ متي ليڪ، تيئن ٿا ڳالهيون ڪن،
سڌڙيا جي سُکن، ڏک تنين کي ڏاج ۾.

**

نيٺ تہ ڦٽندي باک، نيٺ تہ کٽندي رات،
ڊُرکي پوندو ڊنگ، جرکي پوندي ذات،
ٿيندي ملاقات، صبح ساڻ ”سرور“ چئي.

**

نڪي اڳ آئندا، نڪي ماضيءَ منجهه مگن،
ڀيئي ماڻيا تن، جن ڪيو هٿيڪو ”حال“ کي.

**

هُو جي مارائي لک ٿو،
هِن ڪان مري پيو هڪ،
هُن کي چون ٿا ليڊر،
هِي راهزن ٿو سڏجي.

## واقعاتي بيت

رُني ساري رات، نِمُ نيسارا ڪري،
ويڙهو ٿي ويران ويو ملاحاڻي ذات،
لاٿ نہ ٻُجهي لات، جهوريءَ منجهه جهجي پئي.

**

نڪي وڳ وٿاڻ ۾، نہ ڪا لُڏي لاٿ،
جهڳا ڇڏي جام، مانجهي ماڳ مَٿي ويا.

**

هُو جي ڏائڻ ڏيهه جا، سچڻ سڏائن،
ڪڏهن ڪو هنج ٿيو، منجهان ذات ڪنگن؟
ٻولي ٻاٻاڻي ڪري، ٿا محب مارائن،
سي ڪيئن سيڻ ٿين، دغا جن جي دل ۾.

**

دغا جن جي دل ۾، سي ڪيئن ٿين سيڻ،
ويڙهيچن جا ويڻ، آءُ نہ سهنديس سپرين.

**

تنهنجي هيڏي هامَ، ڄڻ واريءَ تي ليڪا،
پيالو پيانيم پنهنجو، ڪل لڌيم ڪانہ،
زهر ڀريل جام، پياري وئين ڪُپتيا.

**

واريءَ تي ليڪا، وچن ويڙهيچن سين،
پنهوارن پر ڪيا، قول تنهنجا ڪانئرا.

# وايون

مُنهن تان مُرڪ نہ کَسِ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.
آڪاش منڊل ۾ ساڳي منڊلي،
ڌرتيءَ ناهي رَسُ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.
جُوءِ جي خاطر جوڳ ڪمائن،
جوڳين ڪي آ جَسُ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.
ويچ ويچارا دانهِن ويٺا،
ڪو نہ وٺي تو ڏَسُ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.
سانت ڪي ڇيري ساز وڄاءِ،
چنگ ڇوري تہ ڏِسُ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.
پوک بہ پنهنجي، پورهيو بہ پنهنجو،
پنهنجو ناهي وَسُ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.
ڪائي راهہ مقرر ناهي،
هر راهيءَ پنهنجو گسُ،
ڏيل اڳيئي آهي ڏکايل.

**

آيو عشق عجب رنگ لائي ويو، تڙپائي ويو،
مَنَ محبت جا تہ مچائي ويو، تڙپائي ويو.

جڏهن چارڻ چنگ کي چوريو آ،
سِرُ ساز تي عاشق گهوريو آ،
ڪيئن تند تي ڪنڌ کي ڪوريو آ،
مٿان نيزي نينهن نيائي ويو.
تڙپائي ويو.

جَهلَ ڪين جهليو صفا آهي اَجَهلُ،
تَپي پوندو اُتي جِتي مَچُ آ مَتَلُ،
پلا ڪيئن هَتي جنهن کي سوز لڳل،
مري محفل کي مُرڪائي ويو،
تڙپائي ويو.

جيڪي عشق ڪان اڱ آباد هئا،
لڳو برهہ تہ تي برباد ويا،
ڪي قَيس تہ ڪي فرهاد ٿيا،
ڪيئي ڪونڌر خان کپائي ويو.
تڙپائي ويو.

**

ٿاڪ ٿڻي ۽ پنڌ پري ٻيو جهولي جان ٻه جهولي آ،
جت لُڪَ لڳي ۽ اُبَ اٿي ته به ٻڻڪ نه ڀڄڻ ٻولي آ.

سرتيون مون سين ساڻ نه هلجو پنڌ ڏکيرو ڏونگر جو
ڪيئن قضا ٿي ڪوهه ڪرائي، روهن ۾ جنهن رولي آ.

جانب ڪارڻ جُوءِ چڙهي اڄ جهنگ جبل سڀ جهاڳينديس،
سِرُ ويو ته به سرهي ٿينديس، ٻاروچل سان ٻولي آ.

منزل مقصد ماڻڻ نيٺ ته پهتي ماڳ وڃي،
ڏيرن جنهن سان ڏاڍ ڪري ڏک ڏولاون ۾ ڏولي آ.
ته به ٻڻڪ نه ڀڄڻ ٻولي آ.

**

مارن ناهه ميار الا!
قسمت آندي آهيان.
ٿورا مونتي ٿر وارن جا،
لائق لک هزار الا،
قسمت آندي آهيان.
ڪوٺن ڪيئن قراري ٿينديس،
سُجَ پانيان سنسار الا،
قسمت آندي آهيان.
هر هر منهنجي هنياءَ هُري ٿي،
جهانگين جي جهونگار الا،
قسمت آندي آهيان.
موڪل ڏي مون مارن ڏي تون،
لاهه عمر آزار الا،
قسمت آندي آهيان.
سانگين سانگ سنباهيا هوندا،
ويندا اتر پار الا،
قسمت آندي آهيان.
ڇن ڇپر ڇئونرا پانيان،
محلن کان موچار الا،
قسمت آندي آهيان.
هينئڙو تنگ پروڻ ٿيو آ،
سارينديس سنگهار الا،
قسمت آندي آهيان.

**

سوز سمورو آ سور،
دل تي ڇِڪنا ڇُور،
نيڻن مان پيو نيرُ وَهي.

ڪاڪ محل مان ڪير بچيو آ،
موتيو ڪوبہ نہ مُور،
نيڻن مان پيو نيرُ وَهي.

ڪيڏا ڪونڌر ڪاڪ کھايا،
آهي ڪجھہ تہ ضرور،
نيڻن مان پيو نيرُ وَهي.

سج لَڪين جنهن ويل لَڙي ٿو،
تيئن تيئن تنهنجو پُور،
نيڻن مان پيو نيرُ وَهي.

**

جاڳ اٿي تون جوڌا جُنگ،
تار کي جوڙي ساز وڄاءِ.

اڌمن ۽ احساسن ۾،
ڌات هٽي تي ڌنگ،
تار کي جوڙي ساز وڄاءِ.

جهر جهنگ ۾ پڙلاءِ ٿي ويندو،
جڏهن وڄندو چنگ،
تار کي جوڙي ساز وڄاءِ.

سانت کي چيري رات کي ڪيڀو،
ڍرڪي پوندو ڍنگ،
تار کي جوڙي ساز وڄاءِ.

موتي ايندا ماڳ تي هنجڙا،
رهندو ڪونہ ڪو ڪنگ،
تار کي جوڙي ساز وڄاءِ.

سڏڪا سڏڪا، آهون دانهون،
نيٺ لائيندي يون رنگ،
تار کي جوڙي ساز وڄاءِ.

# ڪافي

# ”فــريــاد“

فرياد ڪجي ڏس ڪنهن کي ڀلا،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،
جت پيار جي عيوض ملي سزا،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،

پهچي تہ ڀلا ڪئين پهچي صدا،
پيغام کڻي نٿي بادِ صبا،
خاموش اسان لئہ آهي فضا،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،

دانهن دل جي ڪنهن کي ڪونہ ڏبي،
توهين محبت ٿي پوندي،
بس دل جي خبر هڪ دل کي آ،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،

اسين ڪاڻ تہ ڪنهن جي ڪونہ ڪڍون،
پر ڪاڻ جي خاطر ڪاڻ ڪڍون،
تہ بہ دنيا اسان کان آهِ خفا،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،

تنهنجي سِرَ جو قسم تنهنجي پوڄا ڪيم،
هر روز پئي توکي سجدا ڪيم،
ناراض تڏهن ٿيو آهي خدا،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،

پيار پلجي ”سرور“ پَلي چڙيان،
جَهلَ جهلجي پوي جي جهلي چڙيان،
اِهو عشق تہ اڄ جَهلُ آهي صفا،
نہ ڪو توکي ٻُڌي نہ ڪو مونکي ٻُڌي،

# غزل

گردش ۾ سڀني ستارن لٽيو آ،
طلسم جي ڏارن ۽ ڦارن لٽيو آ.

رکي آسَ دل ۾ بهارن جي آيس،
مگر بيوفا ٿي بهارن لٽيو آ.

مقدر کان ڪائي شڪايت نہ آهي،
اميدن جي مونکي سهارن لٽيو آ.

سِيرُن ڪُنَن کان بہ آيس چڙهي پر،
ڪنارن تي پهتس ڪنارن لٽيو آ.

ترهي تي پنهنجي وجي پار پڄبو
اوهان جي ڏُنگين ۽ ڪتارين لٽيو آ.

مرجهائي مکڙيون نہ مالهي رنجايو
گل کي تہ گل جي ئي خارن لٽيو آ.

جفا تي نہ سگهندي، وفا ٿئي نہ جيسين،
اسان کي اسان جي وفائن لٽيو آ.

ٺڏيءَ ڇانوَ جي آ رڳو طلب جن کي،
انهن کي اتر جي هوائن لٽيو آ.

پري پنڌ "سرور" سفر پيي اٽانگو
همسفر کي بہ ڪارين گهٽائن لٽيو آ.

تنهنجي در تي صنم سھڻا گھڻا سائل اچن ٿا پيا،
ڏين پيا دل جو نذرانو ٿيا گھائل وڃن ٿا پيا.

وڃڻ منهنجو بہ ٿيو هڪ ڏينهن مئخاني محبت ۾،
ڇيم دل کي پڇي وڃ، تون هِتي قاتل ڪُهن ٿا پيا!؟

پڇيو محفل منجهان هڪڙي، پيارا تون پتنگ آهين؟
چيم تنهن کي پتنگ ناهيان، پتنگ ڪيئي پچن ٿا پيا.

وڄي پيو چنگ چارڻ جو ڳنئي راڳن جا راڳئون،
ڏين پيا ساز تي سرڙو، ڪيئي ڪونڌر ڪُسن ٿا پيا.

دل ۾ آ تصوير تنهنجي، منهن لڪائي ڇا ڪندين!
مان تہ تنهنجي دل ۾ آهيان هٿ ڇڏائي ڇا ڪندين!

تنهنجي منهنجي پيار جو چوبول ٿي ويو جا بجا،
ڳالهہ هر جاءِ وئي هُلي، هڪ تون نٽائي ڇا ڪندين!

تير نظرن جا لڳا، گهائل ٿئي ٿيا آهيون،
ڪونہ ڇٽندا ڦَٿَ اِهي، حيلا هلائي ڇا ڪندين!

تون بہ هڪ، مان بہ هڪ ۽ دل بہ هڪ مونکي ڏنئي،
ٿئي ڪنهين سان ٻيءَ دل سان دل لڳائي ڇا ڪندين!

عشق جي آتش ڏسي گهبرائجي ويا سمنڊ پيي،
تون بہ ان ۾ هڪ ٻہ ڪاٺيءَ کي دکائي ڇا ڪندين!

آئي مُند موتي، مِنا تون وري آ،
اسان دل جي تو لاءِ کولي دري آ.

وجهي وات هرگز نہ ٻئي وڻ جي ٽارين،
چندن وَڻُ چڪي دل ٿي جنهن جي چري آ.

سوٻرن سڏيو آ، پڙاڏو ٿيو آ،
چارڻ چنگ چوريو وڳي بانسري آ.

سِيرُن کي چيري ٻہ ساهڙ سان ملبو،
گهڙو جي پڳو تہ ٻہ هٿن تي تري آ.

اوهان پِل بهارن جي خوشبوءِ ماڻيو،
اسان جي خزان جي ٻہ موسم ڦِري آ.

سونهن ڪيڏي سنگ پئي نِسري آ،
چاهت جي هٿ چٽنگ ڀري آ.

هٿ پرينءَ جا ايئن لڳا ڄڻ،
ٽڙ ۾ جيئن ڪا رات ٺري آ.

ذلف ڳلن تي ڪِري پيا ايئن،
چنڊ مٿان ڄڻ ڪا ڪڪري آ.

ڪير نہ ڪندو تنهنجي آجيان،
دل جي هر ڪنهن ڪولي دري آ.

سوز تنهنجي ۾ سانول سائين،
ڪهڙي دل آ جا نہ جُهري آ.

سِرَ جو سانگ بہ ڪونہ ڪو ڪن ٿا،
خلق ڏسو ير، ڪيڏي ڪري آ!

ڪيڏا ڪِيس ٿين پيا يارو،
پوءِ بہ ڪنهن جي ڪين سَري آ.

# واقعاتي غزل

هِي مجبور ماڻهو لڏيندا وڃن ٿا،
جهانگي جُوءِ پنهنجي ڇڏيندا وڃن ٿا.

پوتيءَ ۽ پڳ جي رهي ڪونه لَڄَ ڪا،
عُمرن جا آزار وڌندا وڃن ٿا.

رهيو ڪونه اهڙو لٽيو جو نه هوندو،
ٿيا مارن مان مارا لُٽيندا وڃن ٿا.

پنهنجن کي پنهنجا هڻن روز ڌاڙا،
ڌڻي ديس کان دور ٿيندا وڃن ٿا.

اکيون رت روئن، دل پريشان آهي،
اباڻا جو ڪکڙا پٽيندا وڃن ٿا.

وٿاڻن ۾ وڳ ۽ نه جهوڪن ۾ جهڻڪون،
مانجهي ماڳ پنهنجا مٽيندا وڃن ٿا.

مرڪون نه مُکَ تي رڳو لڙڪ لارون،
ڳوڙهن ساڻ جهوليون ڀريندا وڃن ٿا.

عمر جيئڻ جمبوءَ جيان وڏندي وئي،
مگر زندگي ٽِڪَ ڏئي بيهي رهي.

جيئرن مُردن سان محبت ڪئي سين،
رُسي وئي اسان کان تڏهن زندگي.

جيون ۾ جڏهين ڪو سنگ ٿو ڪِري،
تہ ساگر ۾ پيدا ٿئي لهر ٿي.

محبت جي لائق بس هڪ چيز آ،
ٿئي ٿو جڏهن صاف شيشو شعوري.

منزل جي وک وک تي مارِي مليا،
ڪٿي چار اڏيل ڪٿي ڪوڙِڪي.

جهروڪن مان جهاتي جو پائي ڏٺم،
تہ ويران دل جي لڳي هر ڪَلي.

گهڙي هئي اسان جي ٻڏل ٻانهن ۾،
مگر پاڻ کي هٿ نہ آئي گهڙي.

ڪوبہ نہ ڪنهن جي دل دهلائي،
جيون سارو سڏڪا آهي.

سانت، سناٽو گُهٽَ ۽ ٻُوسٽ،
ڪو تہ ڏسي ٻيَ اڪ وڏائي.

ويرانين ۾ تارون جوڙي،
ويٺو آ ڪو آس لڳائي.

راهہ ۾ رهزن لک لٽيرا،
رهبر ٻڻجي ڪو تہ بچائي.

جاڏهون ڪاڏهون گگهہ انڌارو،
آهي ڪو جو ديپ جلائي؟

جنهن سَيرَ سان ساجن اچي تنهن راهہ کي چمندا هلو.
هر گهٽيءَ ۾ هر ڳليءَ ۾ گل وڇائيندا هلو.

ڏينهن ڏاڍو آ تتل نازڪ بدن آ نازنين،
بادلو وارو ڪيو ڇانوَ ڪيو وسندا هلو.

چنڊ تارن کان تکو آ تاب دلبر جو تمام،
چوڏهيون چانڊوڪيون ۾ چيٽ سڀ نمندا هلو.

هُو تہ خود آهي سخي، تحفو ڏيون ڪهڙو ڏيون،
هُن کي آ دل جي ضرورت، بس دليون ڏيندا هلو.

حسن جي سرڪار جو مهراڻ آهي موج ۾،
پيار جا پياسا اچو ڪا اُڄَ اُجهائيندا هلو.

ٻوليون ڪيو لاتيون لنئو اڄ پرَ کولي پرواز جا،
مرحبا اي مرحبا جا گيت ڳائيندا هلو.

تنهنجي اکين ۾ اها لالاڻ آ،
ايئن لڳو ڄڻ شفق جي ڳاڙهاڻ آ.

چنڊ جو چهرو پيو هرڪو مڃي،
مون ڇيو ان ۾ تنهنجي چانڊاڻ آ.

رابيل تو ۾ سا سڳنڌ آئي ڪٿان!
جا صنم جي سونهن ۾ سرهاڻ آ.

سونهن جي سنگيت تي سُرَ ٿا سجن،
گيت، وائي ۽ غزل تو ڪاڻ آ.

پيار تہ ناهي هَٽَ جو سودو،
جنهن کي خريدي ماڻهو هرڪو.

پيار ڪري ٿا ڏين ڍنڍورا،
ڪانوَن جيان ڳِن ڪوڪو ڪوڪو.

عاشق ناهن لوٿا چٽبا،
پيار ڪري ڳِن ڊويو ڊويو.

هر ڪنهن وس جي ڳالهہ نہ آهي،
منزل ماڻي ڪوڪو ڪوڪو.

پيا رجي سرحد ڪابہ نہ آهي،
ريتن جا دنگ ڪين مڃي ٿو.

پيار جي دنيا پياري دنيا،
باقي دنيا ڏوڪو ڏوڪو.

سولو ايڏو پيار بہ ناهي،
جيئن ڏئي ٿو هوڪو هوڪو.

جيون ۾ جي جوت جلي ٿي،
تڏهن دل دل ساڻ ملي ٿي.

جنهن جنهن مڪڙيءَ ماڪَ پوي ٿي،
سا سا مڪڙي خوب ڪِل ٿي.

ننيڙي دل آ درد دنيا جو،
پوءِ بہ نہ ڪنهن سان سور سَلي ٿي.

اڏمو ڏئي ٿي آس اٿي پئي،
ڏکڻ جي ڪا هير گُهلي ٿي.

دل جو حاڪم پنهنجو آهي،
دنيا حاڪم ڪانہ هلي ٿي.

اميدن جون ٽٽل تارون،
ميڙي پاڻ کي آٿت ڏئي ٿي.

ڏاڍي ارڏي آهي يارو،
منٿ بہ ڪنهن جي ڪانہ مڃي ٿي.

مشڪل سان اهڙو ڪو هوندو بچيل،
چيو جنهن نہ هوندو ڪو تنهنجو غزل.

مٿان تار جي سِرُ تو گهوري ڇڏي،
ڏسو عشق ڪيڏو نہ آهي اَجهَلُ!

سُجهي ڪو نہ سينو ڪو اهڙو ڪٿي،
جنهن ۾ تير تنهنجو نہ هوندو لڳل.

ڪرين ڪِيسَ پوءِ پِي پيا دلبر چون،
اهڙي رمز تو ۾ ڪا آهي رکيل.

لڳي ڪين هن کي ڪا آلودگي،
جيڪو من ۾ موجود آ تاج محل.

اِهو سوزُ سُرندو وڃائي سو ڄاڻي،
اُها تار دل ۾ جي هوندي لڳل.

پيار پلجڻ جو نہ آ، پلبو نہ آ،
اڻ جهليو آهي صفا جهلبو نہ آ.

پل پيا دل جي اندر دوڏا دکن،
لوڪ سان ڪِلجي مگر روئبو نہ آ.

عشق جو چانگو چري آيو چندن،
سَوَ زنجيرن منجهہ پيي رڪبو نہ آ.

عشق ٿو چوٽيءَ چڙهي واڪا ڪري،
پيار جي هيبت پسي هٽبو نہ آ.

ڪورڪي سک ڪار، اي ناشاد دل!
نينهن جو ناتو رکي ڇنبو نہ آ.

---

ڏکي ڏونگر ۾ ڏري تي پئي،
کوھيارو کوھيارو ڪري تي پئي.

نہ وسندي نہ واھر، رڳو رُڄَ ريھون،
تتي تاڪَ واري ٻَري تي پئي.

پنھل پاسڙي ڪان وڃائي جو ويٺي،
انھيءَ مامري ۾ مري تي پئي.

لڳي جن کي لوري ڪنديون پنڌ سيئي،
جيڏيون جان منھنجي جُھري تي پئي.

سَري ڪين "سرور" سواءِ ھوت ھاڻي،
اوھان جي تہ سر تيون سَري تي پئي.

# گيت

لَهُہ ڪو سُڏِ سماءُ، آءُ او ساٿي آءُ.

سرنھُن ۾ قولار ٿيا ھِن،
ڪٽڪُن ۾ ڀي لاب پيا ھِن،
ڏاتن جو چَبڪاءُ، آءُ او ساٿي آءُ.

لُڏندي لَمندي ناؤُ ھلي ٿي،
ڪيڏي ڇوھي واءُ ڳُھلي ٿي،
طوفانن ۾ تاءُ، آءُ او ساٿي آءُ.

آڪاش ۾ ساڳي منڊلي مچي ٿي،
ھت روز نئين آفت ڪا اچي ٿي،
جِتِ ڀاءُ جو ناھي ڀاءُ، آءُ او ساٿي آءُ.

ڪڏهن نهڪر ڪڏهين ها،
سمجهه ۾ آئي ڳالهه نہ ڪا.

تو لاءِ ڪافيون بيت چيم،
غزل ۽ وايون گيت چيم،
سرگم سڪيس سرگم پا،
سمجهه ۾ آئي ڳالهه نہ ڪا.

ڪڏهن سڏي پيو چاتيءَ لائين،
ڪڏهن ڪهڻ لاءِ ڪاتي لائين،
قاتل تنهنجي ڪارِاها،
سمجهه ۾ آئي ڳالهه نہ ڪا.

اولو ٻڻجي اوٽ ڪرين ٿو
ليئو پائي موٽ ڪرين ٿو،
لِڪَ ڇَپَ چاجي سامهون آ،
سمجهه ۾ آئي ڳالهه نہ ڪا.

ڪجھ اکين کي سمجھاءِ پرين،
هيئن گُهورن سان تہ نہ گهاءِ پرين!

تنهنجي ديد ڪان ڪوبہ نہ بچي سگهيو،
ڪو ڦتجي ويو ڪو ڪپجي ويو،
ڪونڌر هيئن نہ ڪُهاءِ پرين،
ڪجھ اکين کي سمجھاءِ پرين!

تنهنجا ذلف ڳلن تي ڪِري پون،
جيئن چنڊ کي بادل ڍڪي ڇڏن،
تن واسينگن کي هٽاءِ پرين،
ڪجھ اکين کي سمجھاءِ پرين!

تنهنجو هلڻ ائين، جيئن مور ٽِلي،
تنهنجي مرڪ منا چڻ مکڙي ڪلي،
وري لالي ڪين لڳاءِ پرين،
ڪجھ اکين کي سمجھاءِ پرين!

تنهنجي ذلفن ۾ مان لِڪي وڃان،
ليئا پائي توکي ڏسي وٺان،
ائين لِڪَ ڇَپَ راند رَچاءِ پرين،
ڪجھ اکين کي سمجھاءِ پرين!

**

جند جان مون توتان واري آ،
تہ بہ تنهنجي سڄڻ بيزاري آ.

ٽيو جاني جدا وڏي ويتر سِڪَ،
دل روز ڪري پئي ڏڪ ڏڪ،
گهڙيال وڄي جيئن ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ،
هيءَ هجر اوهان جي ماري آ،
تہ بہ تنهنجي سڄڻ بيزاري آ.

تنهنجو لوڪ سڄي ۾ نام آهي،
توکي چاهي جو بدنام آهي،
اهو عشق سندو پيغام آهي،
مون هاريو تنهنجي ساري آ،
تہ بہ تنهنجي سڄڻ بيزاري آ.

دل شيشو سمجهي ٽوڙي ڇڏيئي،
ڏاڍيون آزيون ڪيم تہ بہ قياس نہ پِيُئي،
جيئن توکي وڻي، بس تيئن ڪَيُئي،
منهنجي توبه توبه زاري آ،
تہ بہ تنهنجي سڄڻ بيزاري آ.

**

پيار ڪان مون نڀايو مگر ٿي ويو،
درد جيڪو مليو در گذر ٿي ويو.

دل کي صدما هزارين، ڇڄي ٿي پئي،
پوءِ بہ جهلجي نٿي تيئن اڳي ٿي پئي،
دانهن ڪنهن کي ڏيان سُورُ ڪنهن سان سليان،
آهَہ جو پي اثـر بي اثـر ٿي ويو.
در گذر ٿي ويو.

تو سواءِ سُڃَ پانيان پيو سنسار ۾،
هوش ناهي رهيو ڪوبہ هوشيار ۾،
پريت جي پياس ۾ ڪيئي اڏما اٿيا،
ڪو ڪهاڻي بڻيو ڪو شعر ٿي ويو.
در گذر ٿي ويو.

تنهنجي ناتي سان منهنجي ائين جند جَڙي،
جيئن لوهر لپيٽي ڳڙي منجهہ ڳڙِي،
تنهنجي نالي سان منهنجي رهي زندگي،
تو بنا جڳ ۾ جيون زهر ٿي ويو.
در گذر ٿي ويو.

# ”خيرات“

تنهنجي حسن جي بس خيرات کپي،
ٻيو ڪجهہ نہ کپي ملاقات کپي!

سڀي لوڪ جا ماڻهو سمهي پون،
چنڊ تارا ڳڻيون لِڪي وڃن،
اڄ گڏجي خدا کان سوال گهرون،
جنهن جو ڏينهن نہ ٿئي سا رات کپي،
تنهنجي حسن جي بس خيرات کپي.

تون چوندو رهہ مان وڃان وڃان،
تنهنجي ٻانهن وٽي مان جهلي ڇڏيان،
آهي رات گهڻي پئي ويهہ اجان،
ائين وهڻ وڃڻ جي بات کپي،
تنهنجي حسن جي بس خيرات کپي.

اڄ تو سان هڪڙو سودو ڪيان،
تو کان لڙڪ وٺان توکي مرڪ ڏيان،
مان رئندو رهان تو اگهندو رهين،
هيئن ڳوڙهن جي برسات کپي،
ٻيو ڪجهہ نہ کپي ملاقات کپي،
تنهنجي حسن جي بس خيرات کپي.

# آزاد نظم

# ”برف جي هيٺان“

برف جي هيٺان دٻيل،
احساس ۽ جذبا،
تنهنجا منهنجا،
آواز ۽ آهون،
بس ڄمي چپ ٿي ويون،
۽ پوءِ بس!
هڪ قطبِ جنوبي ٿي ويو.
هُتي ڪائي گرمي نہ گونج آ،
نہ قاصد نہ ڪونج آ،
هِتي،
بس سناٽو ۽ سانت آ،
ڀاڪ اوندهہ ۾،
مان پنهنجو پاڻ ئي،
سوال آهيان جواب پيو،
هن خاموش ڪائنات ۾،
پنهنجو پاڻ سان ڳالهايان ٿو،
ڇو جو هتي ڪوئي ٻُڌي نٿو آواز ڪي،
سناٽو آ سانت آ.
هيڏانهن ڏس،
هن ڀُونءِ تي جي نفرتون،
دشمنيون ۽ دل جليون،
پوءِ ڏَسِ،
ڪير ٿو ٻُڌي پريم پريت جي ساز ڪي.
سانورا او بانورا،
اڇ تہ تون ۽ مان گڏجي،
جاڳي جاڳي جيون سارو،
لاٽ ڪي ٻاريون،

ديپ جلايون.
اڄ ڇو هن مئخاني ۾،
ساغر ڪاٻه صُراحي ڪانهي،
اڄ ته اي سانورا،
هن پريم نگر جي ڌرتيءَ تي،
ساغر آڻيون صراحي آڻيون،
۽ هتي هيڏانهن ڏِسُ،
جذبات جو هي وهڪرو،
جنهن ۾ سياڻپ ۽ سهپ گڏجي
تيز وهڪري ۾ هڪ ٿي، وَهي وڃن ٿيون.
لڙهي وڃن ٿيون.
۽ پوءِ،
پريم ۽ آشتيءَ جا ڪڪر،
هلڪا هلڪا ٻخار ٻڻجي، اڏامڻ لڳن ٿا.
اڄ ته تون ۽ مان گڏجي،
بوند وسايون.
۽ پوءِ جڏهن،
تون نه هوندين،
مان نه هوندس،
هيءَ ڌرتي هوندي
امن ۽ پيار جا ساوا ساوا گؤنچ ڦٽندا،
ڇٽ ته سائي چادر هوندي،
ننڍڙا ننڍڙا ٻالڪ هوندا،
جن جي هٿن ۾،
تنهنجا منهنجا پوڪيل ٻوٽا،
پريم پريت جا گل هوندا.
اِهو آسَ نِراسَ جو فلسفو،
ڇا آهي؟
ڪجھ به نه آهي.
جي تون ڪجھ اوري اچين،
۽ مان ڪجھ اڳتي اچان،

۽ پوءِ،
تون ۽ مان گڏجي،
ڪڪر بڻجي،
بوند وسايون برف مٿان،
انهن گهٽيل ۽ دٻيل جذبن کي،
هڪ نئون جنم ڏيون.

**

**

عيد جو ڏينهن،
لتا ليڙون، اکيون ڏرا،
ايئن لڳو ڄڻ،
نديءَ جو پاٽي سُڪي ويو آ.

**

اج هُو ڪاوڙ ۾،
ڳاڙهو ٿي ويو،
ڇو جو،
هُن جي بُوٽ تي،
آڱرين جو،
نشان نہ ٿيو.

**

ننڊ مان جاڳي پيس،
سپنا ٽٽا،
ڇا پئي ڏٺم هر طرف،
گهيريل هئا،
مسرتن جا سامان ها،
هر ڪو ڇڪي پيو پاڻ ڏي،

۽ ڳالهه پنهنجي پيو ڪري.
منهنجي من ۾ پيڙا هئي جا،
ڪنهن کي نہ ان جو خيال هو،
مان تہ انهن ۾ رانديڪو هوس،
هر ڪو مون سان کيڏيو پئي.
ڏاڍا سهڻا چهرا ها،
پر پوءِ بہ الائي، دل نہ لڳي پئي.
ڇڻ اوپرو هيس ڪنهن ويراني ۾،
اوچتو ڪا ڪوڪ ٻڌڻ ۾ آئي،
بانسريءَ جو مڌر آواز،
دل جي ڪنارن سان ٽڪرائجي،
موٽ ڪاڏي هئي.
شايد ڪنهن ياد ڪيو هو،
سڏ ٻڌڻ سان اک کلي پئي،
ڏٺم تہ سامهون بيٺو هو،
جيڪو منهنجو پنهنجو هو،
جنهن تار ٽٽل کي جوڙيو هو.

# ”روشني“

اوائلي پٿر جي دور کان،
انسان پئي ڪئي آ ارتقا،
تحقيق ۽ تجريد ۾،
طيءِ ڪيا هِن مرحلا،
بهتر کان بهتر جي تلاش،
پيادل کان اُٺَ جي سواريءَ تائين،
ان بعد موٽر، ريلون، جهاز تاهيائين،
آواز کان تيز رفتار،
راڪيٽ تائين،
”ناسا“ جي ”اپالو“ تائين،
انٽرنيٽ جي ايج تائين،
هُن پنهنجي رفتار وڌائي آهي،
ڇا ڇا نہ ڪيو آهي،
گهڻوئي ڪجهہ ڪيو آهي،
پر پوءِ بہ ڪجهہ نہ ڪيو آهي،
ڇو جو اُن رفتار سان،
هڪ ڪائنات بہ، تسخير نہ ٿي آهي،
هن هيڏي ساري پولار ۾،
الائي ڪيتريون ڪائناتون آهن،
خبر ناهي، اسان کان بہ اڳتي هجن.
اها رفتار ڍري آهي،
پنڌ تمام پري آهي،
هاڻي هن کي ڇڏڻ گهرجي،
نئين سوچ اڏڻ گهرجي،
روشنيءَ جي رفتار سان،
يارو، اسان کي هلڻ گهرجي.

**

## "ECG"

دل جي ڌڙڪن وڌي وئي،
ڊاڪٽر چيو شايد،
هارٽ اٽيڪ ٿيو اٿئي،
ECG ڪرايم،
ان ۾ تصوير، تنهنجي نظر آئي.

**

## "ڪرڙ جا گل"

ڪيڏا سهڻا ڪِرڙَ جا گُلَ،
ٽارين ۾ ٽي قطار لڳي چڙهي،
هارَ ۾ سوني جهانءِ جڙيل آ،
ڪيڏو وڏڦڙو وُنو آهي،
اوچيون جايون ڊهي پيون هِن،
وَهي پيون هِن،
پر هن مان هڪ ٻيي بوند نہ پئي آ.

# واقعاتي نظم

**

ڪنهن کي خبر هئي تہ هيئن بہ ٿيندو.
گهر لٽبا،
ويرانو ٿيندو،
لاشن جي قطار نڪتي،
ڌرتيءَ ماتم ڪيو،
آڪاش تي رُنو،
انسان جو وهيل رت ڏسي،
ڪن پَلَ ۾ صدين جي سنواريل زندگي،
هڪ ڪلاشنڪوف جي ٺڪاءَ سان،
ختم ٿي وئي!

# ” مِٽي “

سموري ڪائنات جون ڪششون،
ڇڪجي اچن ٿيون هن ڌانهن،
سونهن جا سڀ رنگ،
فطرت جون سموريون جبلتون،
سمايل آهن هِن ۾،
ڪيڏي نہ پُر ڪشش آهي!
محبت ڌانهن هرڪو ڇڪجي ويندو آ،
پر، محبتون ڇڪجي اچن ٿيون هن ڌانهن،
هيءَ منهنجي وطن جي مِٽي آ،
هيءَ منهنجي وطن جي مِٽي آ.

**

## ”زندگي“

جهر جهنگ ۾ ڳولي ڏٺم،
وئوڙي ڏٺم،
ڪيتن ڪرن ۽ ٻيلن ۾،
پهاڙ پربت وادين ۾،
ويرانين ۽ وسندين ۾،
زندگي جاچي ڏٺم،
معيار جي اخلاق جا تن ۾،
زندگي جاچي ڏٺم،
زندگيءَ جي لاءِ مون ڊوڙون ڪيون،
لُوهون ڏٺم، پڇندو رهيس،
پر اجا تائين پَرو ڪو ڪونه پيو،
انهن رشتن ۽ ناتن ۾،
انهن ريتن ۽ رسمن ۾،
شعوري طور تي آدم جي جوڙيون هيون،
تن ۾ ويهي ۽ وري پيهي ڏٺم،
زندگيءَ جو عڪس ڪو جڙيل نہ هو،
لوڪ وارا ٻَڪَ وجهيو،
پيا هيئن چون،

واه واه! هيءَ ئي تہ آهي زندگي!
مان چيو ميان،
جنهن ۾ نہ هئي ڪا نغمگي،
جنهن ۾ نہ هئي ڪا روشني،
ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۽ روپ ۾،
وڪ وڪ تي اڏيل،
پابندين جون ڪوڙڪيون،

رقص پئي انسان ڪيو ان جي مٿان،
سونَ جي ڏاڳن جيان،
پابندين جا طوق ڳچيءَ ۾ وجهي،
فخر مان تن ڳاٽ اوچو ٿي ڪيو،
مسجدون مندر ڏنم،
چرچ ۽ گرجا گهميس،
اطمينان جو فقدان هو.
تهذيب جي تاريخ کي جاچي ڏٺم،
انسانيت جي خون ۾،
ٻڏندي رهي، ترندي رهي،
ترندي رهي، ٻڏندي رهي،
آ وري انسان ان کي،

عظمتن جي پوش ۾ ويڙهي ڏٺيو،
خوف ۽ لالچ سندي،
ٻن پُڙن واريءَ چڪيءَ ۾،
هيءُ ويچارو عوام،
ڪنهن اڻ ڏٺي آسري تي،
پيڙبو ۽ پيسبو آهي رهيو،
ٻئي طرف حرص جي ڪوري اندر،
ٻرندو رهيو،
هَوَسَ جي پَٽَ کوهَہ ۾ پٽبو رهيو،
پوءِ جوڙيندو رهيو ڪيئي جواز،
هيءَ بہ هڪ هئي زندگي،
جنهن کي ڪيئي نانوَ ڏئي،
زندگيءَ جي روح کي رهڙيو ويو،
ڪنهن چيو پيار آهي زندگي،
سنسار ۽ اختيار آهي زندگي،
ڪنهن چيو زندگي آ انقلاب،

زندگي آ احتساب،
زندگي آ خيال خواب،
زندگي آ لاجواب،

ڪنهن جيو زندگي آهي عذاب،
زندگي آهي ڪتاب، زندگي آهي حساب،
ڪنهن جيو زندگي آهي عياش،
زندگي آ پيٽ ۾، ۽ پيٽ آهي زندگي.
زندگي آهي لباس،
زندگي آهي حجاب،
زندگي آهي نقاب،
زندگي آهي سراب،
زندگي آهي شباب،
زندگي آهي شراب،
ڪنهن جيو زندگي آهي معاش،
معاش آهي زندگي.
ڪنهن جيو آهي ڪنڊن جي سيج هيءَ،
ڪنهن جيو زندگي مکڙي گلاب،
مايوسين ۽ محرومين جي،
اونداهي چوواٽي تي،
بيهي زور سان دانهون ڪيم،
زندگي !
او زندگي !

او زندگي !
اوچتو ئي دور کان،
آواز ٿيو
هيڏانهن اچ،
اي پٽڪندڙ انسان تون،

هيڏانهن اچ،
هيڏانهن ڏِسُ،
روشنيءَ جي لاٽ اُڀري،
ڊوڙندو اوڏانهن ويس،
قبرستان هو قبرون هيون،
ڪي ڪير جيان ٿي چمڪيون،
ڪي مِٽيءَ جون جڻ ڍِڳيون،
زندگي سينگاريل.
پنهنجي آب و تاب سان،
اکين ۾ جڻ ڏات جون لاٽئون هيس،
ناز ۽ انداز سان،
قبرن وچ ۾ بيٺي هئي،
مونکي ڏسي،
سُرندي اچي،
مون وٽ رَسي،
۽ چيائين،
ڇا ٿو ڏِسين؟
هيڏانهن ڏِسُ،
مان ئي آهيان زندگي.
اچ تہ توکي زندگي ڏيکاريان،
ٻانهن کان مونکي جهلي،
قبر هرهڪ جي مٿان وٺندي وئي،
زندگيءَ جا روپ سمجهائيندي هلي،
زندگيءَ جا راز کوليندي هلي،
موت جو ادراڪ ئي آهي حقيقت زندگي،
هر قبر آ زندگيءَ جو اولڙو،
موت آهي زندگيءَ جو جڻ ڪتاب،
۽ مزارون جڻ ٻٽيون ان جا ورق،
ڪاش! ڪوئي ليئو پائي،

زندگي اُنَ ۾ ڏسي،
زندگي ڳولي لڌم.
زندگيءَ احسان ڪيو.
ملي مونکي قبرن، منجهان زندگي،
زندگيءَ احسان ڪيو،
زندگي ڳولي لڌم.

**

# ”مگر مان نہ هوندس“

ڏسي وٺ جو توکي ڏسڻو هجي،
لکي وٺ جو توکي لکڻو هجي،
وري ڪڏهن ڪنهن کي،
ڏسي ڪونہ سگهندين،
وري ڪڏهن ڪنهن تي،
لکي ڪونہ سگهندين.
وري ڪڏهن سوچي ۽ لوچي نہ سگهندين،
الوداع اي الوداع،
اي زندگاني الوداع.
ڪڏهن ڪيت ڌرتيءَ جا سينگار هوندا،
ڪڏهن جيٺ گهمندا،
ڪڏهن محل اڏبا،
مگر مان نہ هوندس.
اُتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي،
تصور ۾ امڪان سارا ڏسي وٺ،
وري ڪڏهن موٽي نہ ايندي زندگي.
هونديون محفلون ۽ ميلا تہ هوندا،
مگر مان نہ هوندس،
اُتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي،
درياهن ۾ ساڳي تہ هوندي رواني،
هونديون ساڳيون ٻيڙيون،

۽ ملاح ساڳيا،
ساڳي سِيرَ هوندي، مٿان ناوُ هلندي،
تيئن تيز هلندي،
جيئن واءُ گُهلندي،
هوندا ڪُنَ ساڳيا،
۽ ساڳيا ڪنارا،
مگر مان نہ هوندس،
اُتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي،
سمونڊن ۾ ساڳيا،
ڇولين جا سٽڪا،
هوندي هڪڙئي جي مٿان ليٽ پيٽ،
هِتي ڪيئي سياسي، سماجي نظام،
هِتي ڪيئي مٽيا معاشي نظام،
تغير ۽ تحرڪ نہ رڪندو ڪڏهن،
ڪٿي ڇا بہ ٿئي پر،
اهو سلسلو جاري ۽ ساري پيو رهندو،
نظريا، فڪر، خيال، فلسفا،
هڪڙا پيا ڊهندا، پيا ٺهندا بہ پيا،
مگر مان نہ هوندس،
اُتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي،
زماني سان ساڳي،
هوندي شڪوه شڪايت،
وفائن جي، جفائن جي،
ادائن جي، انائن جي،

ائين اڳ بہ ٿيو آ ۽ ٿيندو ئي رهندو،
ڪئي ”حال“ کان پئي، آ هر ڪنهن شڪايت،
ماضيءَ جي يادن ۾ خود کي وڃائي،
ائين ”حال“ کان هو فراريت ڪري ٿو
۽ ماضيءَ ۾ ڳولي ٿو پنهنجي پناهہ
مگر ايئن نہ آهي،
ترڻ هينئان سج کي لڪائي نہ سگهبو،
مگر مان نہ هوندس،
اُتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي،
ڪڏهن ڪجهہ نہ هوندو، رڳو رُڃَ هوندي،
ڪڏهن مال چرندو، چراگاهہ هوندا،
ڪڏهن ڪو ڊپارٽمينٽل اسٽور هوندو،
ماڻهن جي رَشِ ۽ گاڏين جون قطارون،
ڪڏهن روڊ شاهيءَ تي ٽريفڪ جي ڏوم،
مگر مان نہ هوندس،
اتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي،
ڪڏهن پيار جي هٿ پالوٽ ٿيندي،
ڪڏهن هارَ ٻانهون،
ڳچيءَ منجهہ هونديون،
ڪڏهن عشق سرِعام قتلام ٿيندو.
ڪڏهن ذلف ڪارا،
هوندا مُک تي وکريل،
ڪڏهن ڳاڙهيون ڏارون،
هونديون ڳلن تي،

مگر مان نہ هوندس،
اُتي منهنجي مِٽي،
مِٽيءَ منجهہ هوندي.
ڪٽڪن ۾ ساڳيا آنيو هوندا،
ٻيرين ۾ ٻيي ڏوٽا هوندا،
نينگر هينان ٻير ميڙيندا،
ٻُورُ انبن ۾ ساڳيو هوندو.
سنهڙين سنهڙين بوندن ۾،
ننڊڙا ٻالڪ ٻاهر نڪري،
ڊوڙون ڏيندا،
پاڻ ۾ٻجائي خوش پيا ٿيندا،
مگر مان نہ هوندس،
اُتي منهنجي مِٽي،
مٽيءَ منجهہ هوندي.

**

# ”فطري ڇڪَ“

محبت کان نفرت،
نفرت کان محبت،
جدا ڪين ٿي ٿئي.
اهي هڪٻئي کي ڌڪيندڀون رهن ٿيون،
اهي هڪٻئي کي ڇڪيندڀون رهن ٿيون.
ازل کان انهن جو رشتو اٽوٽ آهي،
اهي هڪٻئي کان ڇڄي ڪونہ سگهندا.
اهي هڪٻئي جا مخالف بہ آهن،
اهي هڪٻئي سان موافق بہ آهن.
انهيءَ ڇڪَ ڇِڪان ۾ جا شڪتي هجي ٿي،
انهيءَ ڏانهن انسان ڇڪجي وڃي ٿو.
حقيقت جو دستور آهي اٽل،
ڪو سمجهي نہ سمجهي، سروڪار ناهي.

**

برلن جي ديوار ٽٽي پئي،
سالن کان وڇڙيل جرمني،
هڪ ٿي وئي.
اڄ ته تون ۽ مان به هڪ ٿي وڃون،
ريتن جي ديوار کي ٽوڙي.

**

ڇَتي واري ڏيگهه ڪجي ڇو،
بس ڳالهه ڪجي ڪا مقصد واري،
اڄ انٽرنيٽ جو دور آ،
ڏگهين ڳالهين جو وقت ڪٿي آ.

**

ڪير ٿو توکي جهلي ڪاپي نه ڪر!
لاسٽ چوائيس تي،
ماسٽر بڻجي،
هيڏي وڏي ساگر ۾،
قوم جي ٻيڙي هلائجانءِ!!

**

جيڪي تو پاڙ پاليا هِن،
سي ئي هاڻي ڳل پيا ٿئي،
جان ڇڏاءِ ته،
مڙس ميجانءِ!

**

هُو تہ ڏِسُ،
هُو ڪاڙهي ۾ يا پاري ۾،
پاڻيءَ جي واري تي،
ڪماڙيون اُپيون ڪري ٿو.
رَتُ وَهائي ٿو.
جان جي بازي لڳائي ٿو
پاڻيءَ جي آواندي تي،
نانگن جا هُو ڏنگ جهلي ٿو.
ٻالڪ گهر ۾ ڦٿڪي ٿو
پوءِ بہ هُن کي پوک جي چنتا ستائي ٿي.
سونا سنگ اپائي ٿو
اَنَ ڪڻن تي ساهُہ ڏئي ٿو.
پوءِ بہ هُن جو ڏيل ڏڪايل،
انگ اگهاڙو، پيٽ ٻڪايل،
پوءِ بہ هُن ۾ سونهن پئي ٻَڪي،
سرهاڻ پئي اچي.
ماڻهو هُن لاءِ هيڻن چون ٿا،
هِن جي مقدر ۾ بس ائين ئي لکيل آ.
۽ هُتي هوڏانهن ڏِسُ،
عياشيون آسائشون،
نازڪ بدن.
ڏاتو ۽ ڪوڙر جن ڏٺا ئي ناهن،
لُڪون ۽ جهولا سَنا ئي ناهن،
هر وقت هو اي سيءَ منجهہ رهي ٿو
رت ۽ ست پورهيت جي تي، محل اڏي ٿو
پوءِ بہ هُن لاءِ هيڻن چون ٿا،
هِن جي قسمت ۾ ائين لکيل آ.
پنهنجي ڀاڳ مان کائي ٿو.
هي ڪهڙو سماج آ!؟
هي ڪهڙو رواج آ!!؟

**

ڪٽڪ جا آنيو
پير ٻہ ڳاڙها،
بهار جي جوڀن جي مند،
هڪ تون هجين،
ٻيو مان هجان
۽ بس.

